# بلوچستان ۾
# سنڌي ٻولي ۽ ادب جو اڀياس


محقق

**ڊاڪٽر داد محمد "خادم" بروهي**



**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي**

حيدرآباد، سنڌ

2012ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (177)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس


| | |
|---|---|
| محقق: | ڊاڪٽر داد محمد ’خادم‘ بروهي |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | 2012ع |
| ڪمپوزنگ: | حسين احمد ميمڻ ۽ محمد بخش ڀنگر |
| ٽائيٽل: | اسد الله ڀٽو |
| تعداد: | هڪ هزار |
| قيمت: | 400/_ روپيا |
| ناشر: | سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد سنڌ |

**Catalogue Reference**
Brohi, Dr. Dad Muhammad ‘Khadim’
Study of Sindhi Language and Literature in Balochistan
Sindhi Language
Sindhi Language Authority,Hyderabad
ISBN: 978-969-9098-37-6

Study of Sindhi Language and Literature in Balochistan

| | |
|---|---|
| by: | Dr. Dad Muhammad Khadim Brohi |
| Edition: | First |
| Year: | 2012 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | 400/- |
| Composed by: | Hussain Ahmed Memon & Muhammad Bux Bhangar |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | Pakeeza Printers, Hyderabad |

هيءُ ڪتاب، تاج جويو، سيڪريٽري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد کان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.

# ارپنا

سنڌي ٻوليءَ جي انهن همدردن ۽ ليکڪن جي نالي، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي جان کان وڌيڪ پيارو سمجهن ٿا.

**ڊاڪٽر داد محمد ’خادم‘ بروهي**

Contents


ارپنا ..... 3
ناشر پاران ..... 7
ٻه اکر ..... 8
بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس ..... 10
محاورن جي مختلف لفظن جي لڙهي: ..... 11
باب پهريون ..... 12
اڀياس هيٺ ايراضيءَ جو تعارف ..... 12
باب ٻيو ..... 24
سنڌ سان ناتا ..... 24
باب ٽيون ..... 61
سنڌي قومون ۽ سنڌن رسم و رواج ..... 61
باب چوٿون ..... 174
خطي ۾ مروج لوڪ صنفن جو لساني جائزو ..... 174
باب پنجون ..... 193
لوڪ ادب جو لساني جائزو ..... 193
ببليوگرافي ..... 214

# فهرست

## باب پهريون


اڀياس هيٺ ايراضيءَ جو تعارف: 15 _ 35

ٻوليون، ميدان، قومون، آثار قديمه، مهرڳڙهه، جهڏير جا دڙا، پيرڪ جو دمب، عجائبات، کهيري جي ماڙي، لوهي پجرو جبل مهر، لاهوت، نوح جي ڪشتي، ماءُ جو پيٽ، ڪپهه جا وڻ


## باب ٻيو


سنڌ سان ناتا: 36 _ 103

سياسي ناتا، فارسين جو دور، يوناني دور، راءِ گهراڻو برهمڻ آباد، عرب دور، سومرا دور، سمن جو دور، ڪلهوڙا دور، تالپور دور، انگريزن جو دور، واپاري ناتا، واپاري پيداوار ۽ مشهور شهر، ادبي ناتا، بلوچستان جي شاعرن ۽ ليکڪن جي سنڌ طرف اچ وڃ، عثمان احساني، فقير صاحبڏنو تنيو نانڪ يوسف، حاجي پريل خان، تاج محمد "تاجل" بروهي، شمس الدين "بلبل"، صوفي رکيل شاهه، مولوي قادر بخش گولو گل محمد "زيب" مگسي، نسيم تلوي، فيضل فقير، سيد چيزل شاهه، نور محمد پروانو عبدالعزيز جروار، رشيد احمد لاشاري، مولانا عبدالباقي درخاني، ملڪ محمد رمضان بلوچ، ارباب خان کوسو ڪرم شاهه، غوث بخش بروهي فراقي، قاضي عبدالڪريم "ذبيح" بروهي، محمد اسحاق الياس پرويز لياقت بروهي، سنڌ جي شاعرن ۽ ليکڪن جي بلوچستان طرف اچ وڃ، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڪبير شاهه، ڪاڪو پيرو مل آڏواڻي، الهچايو يار محمد سمون، رحيمداد مولائي شيدائي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، پهلوان فقير، فيض محمد بروهي، عبدالڪريم "تراب" بروهي، جوهر بروهي، حڪيم گلاب خان "مهجور"، احسن خاراني، عزيز الله "عزيز" بروهي، ثقافتي ناتا، رشتيداريون، راڳ رهاڻ، پوشاڪ، زيور، رانديون ۽ وندر، ناچ


## باب ٽيون


سنڌي قومون ۽ سندن رسم و رواج: 104 _ 284

سما، جدگال، سومرا، ڪلهوڙا، کهيري، سيد، اوڏ، ميد، پنهور، لانگاهه، چنا، قريشي، ڪهاوڙ ڀٽي، ابڙا، ٿهيم، منگي، ڀٽ، چاچڙ، شيخ، انڙ، ملڪ، ڪوريجا، سنگر، رئيس، لوهڙي، خواجه يا لوٽيا، نومڙيا، صابرا، نوحاڻي، چانگ، جوکيا، جکرا، هاڙها، پنهڻ، غلام بولڪ، مهر، کوکر، سولنگي، مگٺهار، ڪيهر، ٻبر، سڏايا، رسم و رواج، خوراڪ، منت باسڻ، طلاق، مزاج پُرسي، هٿيار پنهوار، جانور پالڻ، فيصلا، رهائش، سياهڪاري، پرڻي جون رسمون، سڱ ڪرڻ، سڱ گهرڻ، پوتي وجهڻ، مگڻو ونواهه، جاڳو ڪاڄ، پڙو نڪاح، لانوَ وجهڻ، ٿوڻي چڏائڻ، ستاوڙو رخصتي، واسڻ، نالو بدلائڻ، ٻار ڄمڻ، ڇٽي، سُنت، ونگ ڪپڻ، مرڻي جون رسمون، وفات، ڪفن دفن، عذر خواهي، ٻوليءَ جي وصف، نتيجا، لساني جاگرافي، محاورا ۽ ننڍا محاورا، محاورن جي تقسيم جا سبب، ننڍا محاورا، ننڍين محاورن جي تقسيم جا سبب، سنڌي ٻولي ۽ ان جي لساني جاگرافي، محاورن جو صوتيات جي روشنيءَ ۾ جائزو، محاورن جو نحو جي روشنيءَ ۾ جائزو، اِملا جوڙڻ، لفظن جي جوڙجڪ، جملن جي جوڙجڪ، محاورن جو نقشو لفظ "ڏڏ" جو لساني نقشو لفظ "نوريئڙو" جو لساني نقشو لفظ "اوهانجو" جو لساني نقشو، محاورن جي مختلف لفظن جي لڙهي، مختلف محاورن ۾ جملن جو استعمال، خطي جي مخصوص ادبي ذخيري جو لساني جائزو ۽ سنڌي ادب سان ان جو تعلق، مشهور شاعرن جي چونڊ ڪلام جو لساني جائزو، عام شاعرن جي ڪلام جو لساني جائزو

## باب چوٿون

خطي ۾ مروج لوڪ صنفن جو لساني جائزو: 285_315

**ڀهاڪا، چوڻيون، تڪيہ ڪلام، ڳجهارتون، سريليون ڳجهارتون، ٻي سريون ڳجهارتون، پرولي**

## باب پنجون

لوڪ ادب جو لساني جائزو: 316_345

**لوڪ گيت، سهرا، پٽ ڄمڻ جا سهرا، ڟهر وقت ڇيل سهرو، مڱڻي جا سهرا، ٻڪيءَ جا سهرا، شاديءَ جا سهرا، لولي، جمالو ٻيلڻ، مورو ڏهس، سينگار، سيد ڇيزل شاهہ جو سينگار، هدايت الله ترڪ**

ببليو گرافي: 346_365

# ناشر پاران

”بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس“ نالي هي ڪتاب دراصل جناب ڊاڪٽر داد محمد ’خادم‘ بروهيءَ جي پي ايچ. ڊيءَ وارو تحقيقي مقالو آهي، جيڪو هن ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي نگرانيءَ ۾ لکيو. هن مقالي ۾ فاضل محقق، سنڌي ٻوليءَ کي بلوچستان جي اهم ترين ٻي ٻولي ڪري پيش ڪيو آهي ۽ سندس خيال آهي ته اُتي نه صرف هڪ وڏو انگ مادري زبان طور سنڌي ڳالهائي ٿو، پر مختلف علائقن ۾ رهندڙ ٻيون ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن جي به اها ’ٻي ٻولي‘ (Second Language) آهي، جن ۾ پشتو، بلوچي، براهوي وغيره اچي وڃن ٿيون. هو کيتراني، فراکي، جغدالي وغيره ٻولين کي سنڌي ٻوليءَ جا مڪاني لهجا قرار ڏئي ٿو.

هن ڪان اڳ ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اٿارٽيءَ ۾ چيئرمئن هئڻ واري زماني ۾ ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ جي ساڳي ٿيسز جو هڪ حصو ’سبيءَ جي ٻوليءَ‘ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇاپيو ويو هو. هن وقت ان ٿيسز جو باقي حصو اٿارٽيءَ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي منظوريءَ سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ساڻس اهڙي ڪمٽمينٽ ٿيل هئي.

هن تحقيق جو بنيادي مفروضو منهنجي سمجهه مطابق اهو آهي ته جيئن ته سنڌو ماٿر جي تهذيب وارو خطو موجوده جاگرافيائي سرحدن کان تمام گهڻو وسيع هو، جنهن ۾ ڪشمير، پنجاب، قنڌار، بلوچستان ۽ هندستان جا ڪيترائي علائقا شامل هئا، ان ڪري انهن سڀني خطن جي ٻولين تي سنڌي ٻوليءَ جو اثر آهي. بلڪ ڊاڪٽر داد محمد ’خادم‘ بروهي ته اهو به ٿو چوي ته انهن خطن جون ٻوليون سنڌي ٻوليءَ مان اُسريل آهن يا ان جي اثر سبب ان جون مقروض آهن. انهيءَ مفروضي کي سامهون رکي پاڻ بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال تي روشني وڌي اٿس ۽ ادبي پهلوءَ کي به بحث هيٺ آندو اٿس. سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس جذبي جي انتها اها آهي، جو هو سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي حضرت آدم عليہ السلام تائين کٽي ويو آهي ۽ ان کي دنيا جي سمورين ٻولين جو سرچشمو ثابت ڪرڻ جي لاءِ حوالا ۽ بيان پيش ڪري ٿو. جذباتيت کان قطع نظر، هن سنڌي ٻوليءَ جو بلوچستان ۾ ڳالهائجندڙ اڪثر ٻولين ۽ لهجن تي اثر ثابت ڪرڻ لاءِ گهڻا ئي مثال ڏنا آهن ۽ شاعراڻي ادب ۽ لوڪ ادب جي ڪيترين ئي صنفن جي چنڊڇاڻ ڪري ٻوليءَ جي اثر کي به واضح ڪيو آهي. هيءَ تحقيق علمي ڪم هئڻ سان گڏوگڏ هڪ نقطهء نظر به آهي، جنهن سان اتفاق يا اختلاف ڪري سگهجي ٿو.

اسان کي اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ بابت تحقيق ڪندڙن جو هن مقالي سان اتفاق يا اختلاف، هن موضوع بابت وڌيڪ تحقيق جا در کوليندو ۽ ائين ڪي نوان مفروضا يا نتيجا سامهون ايندا.

ڊاڪٽر فهميده حسين

# ٻه اکر

بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي تمام ٿورو ڪم ٿيو آهي. خاص طور سنڌي لسانيات تي ته نه هجڻ جيترو ڪم ٿيو آهي. تنهن هوندي به سنڌي ٻوليءَ جي گهڻگهرن ۽ ٻوليءَ جي ماهرن هن ڏس ۾ ڪجهه ڪم ڪري پاڻ ملهايو آهي. اهڙن ماهرن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عبدالجبار جوڻيجو، عبدالڪريم سنديلو ۽ ٻيا شامل آهن.

لسانيات سنڌي ادب ۾ سڀ کان ڏکيو شعبو آهي، تنهنڪري هن شعبي ۾ تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. اسان جي سنڌي ٻولي هڪ شاهوڪار ۽ گهڻ لهجاتي ٻولي آهي، جنهن ۾ 12 لهجا موجود آهن. قديم سنڌ جون سرحدون اولهه ۾ بلوچستان کان قنڌار تائين، اتر ۾ ملتان ۽ ڪشمير تائين ۽ اوڀر ۾ راجستان ۽ جيسلمير تائين. جڏهن ته ڏکڻ ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ تائين موجود هيون. ان ڪري سنڌي ٻولي، انهن علائقن جي ٻولين جي اثر هيٺ رهڻ سبب مختلف لهجن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. بلوچستان جي سبيءَ واري علائقي ۾ هڪ سنڌي لهجو ڳالهائجي ٿو، جنهن کي ’فراڪي لهجو‘ چيو وڃي ٿو. ان سان گڏ هن لهجي کي ’ملڪي‘ يا ’وطني ٻولي‘ به چيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪڇيءَ ۾ جدگالي/جعدالي ۽ سنڌ سان لاڳاپيل علائقي ڪوهستاني، لسٻيلي ۾ لاسي، مڪران ۾ جدگالي، اترئين علائقي ۾ ’ماڇڪي‘ ۽ بارکان ۾ ’کيتراني‘ نالن سان ڳالهائي وڃي ٿي، جتان جي ٻولين جي اثر سبب سنڌي مختلف لهجن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

سنڌ يونيورسٽيءَ پاران مون کي بلوچستان جي فراڪي ۽ ٻين لهجن تي پي. ايڇ. ڊي لاءِ ٿيسز لکڻ جي اجازت ملي هئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو منهنجو رهبر مقرر ٿيو هو. جنهن جي رهنمائيءَ ۾ مون باريڪ بينيءَ ۽ گهڻ اپياسي طريقي سان نه صرف سبيءَ جي لهجي بلڪ بلوچستان جي ٻين لهجن تي به اتان جي جاگرافيائي، تاريخي، سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي حالتن موجب باريڪ بينيءَ سان ڪم ڪيو آهي.

هن ٿيسز جي پهرئين ڀاڱي کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، اٿارٽيءَ جي چيئرمئن شپ واري دور ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. جنهن جو نالو **’سبيءَ جي ٻولي‘** رکيو ويو هو. ان وقت سنڌي ٻولي اٿارٽي نئين قائم ٿي هئي ۽ فنڊن جي کوٽ سبب ٿيسز جا ٻيا ڀاڱا رهجي ويا هئا. جن کي موجوده چيئرپرسن ڊاڪٽر فهميده حسين مهرباني ڪري هاڻي ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن لاءِ آءٌ سندن ٿورائتو آهيان. اميد ته هن مقالي سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي تحقيق ۾ مدد ملندي.

مٿي ذڪر ڪيل علائقو قديم زماني کان سنڌ جو حصو رهيو آهي، انهيءَ ڪري تاريخي، جاگرافيائي، تهذيبي، واپاري، علمي ۽ ادبي حوالي سان جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته هي علائقو به سنڌ آهي، ان ڪري هتي سنڌي ٻولي مختلف محاورن جي صورت ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جنهن جو لسانيات جي صرف و نحو ۽ صوتيات جي روشنيءَ ۾ جائزو ورتو آهي.

هن ٿيسز ۾ سنڌي ٻوليءَ سان گڏ لوڪ ادب جي مقبول ترين صنفن تي به ڪم ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ مون کي استاد محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي رهبري حاصل رهي ۽ اهو ڪم ڇهن سالن جي عرصي ۾ مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس. مقالي لکڻ ۾ بلوچستان جي مختلف علائقن، شهرن، ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن، لکن ۽ جبلن، پٽنءِ ڏڙن، ماڳن ۽ مڪانن، نئين ۽ ندين جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪرڻو پيو. مقالي کي مڪمل ڪرڻ ۾ استاد محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڀرپور تعاون حاصل رهيو. جيڪي اڪثر هدايتن ۽ مشورن سان نوازيندا رهيا.

آءُ ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو، جنهن پنهنجي خطن ذريعي منهنجي رهنمائي ڪئي. ان ڪان سواءِ ڊاڪٽر الله داد ٻوهيي، ڊاڪٽر حيدر سنڌي، ڊاڪٽر غلام نبي ’صابر‘ سڌايي ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي مرحوم جو به ٿورائتو آهيان.

ٽيسز لکڻ جي ڏس ۾ ملڪ محمد رمضان بلوچ براهوي، نور محمد پرواني، قاضي محمد يعقوب عليزئي، يار محمد براهوي (سبي)، وزير احمد سرڪي، مشتاق مهر (اوٿاوڙو)، جيئل اوڏ، غلام قادر بروهي (لاڙڪاڻو)، شفيع محمد بروهي (اوستا محمد)، ڊاڪٽر تاج رئيساڻي (لسٻيلو)، مظفر ٻٽي (گوادر)، عمر شاد بروهي (ڊاڊر)، علي احمد شاد (حيدرآباد)، جوهر بروهي (ميهڙ)، عادل قلندراڻي (خضدار)، ڊاڪٽر عبدالرزاق صابر ۽ وحيد زهير (ڪوئيٽا) جن جو به ٿورائتو آهيان، جن ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي منهنجي مدد ڪئي. هن سلسلي ۾ فتاح عابد لاشاريءَ جو به ٿورائتو آهيان، جنهن خطي جي سنڌي محاورن جا نقشا تيار ڪري ڏنا.

**سنڌي ٻوليءَ جو شيدائي**
ڊاڪٽر داد محمد ’خادم‘ بروهي

# بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو اڀياس

## محاورن جي مختلف لفظن جي لڙهي:

| لفظ | معياري | اترادي | ماڇڪي | جغدالي | فراڪي | ڪيتراڙي | ڪوهستاني | لاسي | جدگالي | لاڙي | ڪڇي | ٿري |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پنهنجو | پنهنجو | پاڻهنجو | پاهندو | پنهينجو | پانجو | پانجو | پنهنجو | پانجو | پانجو | پانجو | پانجو | پانرو |
| جنهن | جنهن | جنهين | جينهن | جئين | جين | جين | جينهن | جين | جين | جين | جين | جئين |
| ڪنهن | ڪنهن | ڪينهن | ڪينهن | ڪئين | ڪين | ڪين | ڪنيهن | ڪين | ڪين | ڪين | ڪين | ڪئين |
| تنهن | تنهن | تينهن | تينهن | تيئن | تين | تين | تينهن | تين | تين | تين | تين | تيئن |
| ڪيڏانهن | ڪيڏانهن | ڪاڏي | ڪيڏي | ڪيڏي | ڪيڏي | ڪِڏي | ڪيڏي | ڪيڏ | ڪيڏ | ڪيڏان | ڪيڏان | ڪيڙ |
| جيڏانهن | جيڏانهن | جاڏي | جيڏي | جيڏي | جيڏي | جِڏي | جيڏي | جيڏ | جيڏ | جيڏان | جيڏان | جيڙ |
| اوڏانهن | اوڏانهن | اڏهين | اوڏي | اوڏي | اوڏي | اَڏي | اوڏي | اوڏي | اوڏي | اوڏان | اوڏان | اوڙ |
| تيڏانهن | تيڏانهن | تاڏي | تيڏي | تيڏي | تيڏي | تڏي | تڏي | تڏي | تيڏ | تيڏ | تيڏان | تيڙ |
| چا | چا | چا, شا | چا | چا | چا | چي | چا | چو | چو | ڪچا | ڪچاڙو | چاڙو |
| اَن ڪي | ان ڪي | انهين ڪي | اونڪي | ني ڪي | ٽ ڪي | ٽ ڪي | ان ڪي | اونڪي | اونڪي | اونڪي | ان ڪي | اَنا |
| اَنهن | انهن | انهين | انهين | انن | اَٽن | اٽن | انهن | انن | انن | انهين | اينن | انن |
| اَنهيءَ | انهيءَ | انهي | انهين | انِي | ائي | ائي | انهي | اني | اني | انهي | انهي | اني |
| ڪائڻ | ڪائڻ | ڪانئڻ | ڪاوڻ | ڪانوڻ | ڪانوڻ | ڪانوڻ | ڪانئڻ | ڪائيڻ | ڪائيڻ | ڪائڻ | ڪيڻ | ڪيڻ |
| پائڻ | پائڻ | پانئڻ | پاوڻ | پانوڻ | پانوڻ | پانوڻ | پانئڻ | پائيڻ | پائيڻ | پائڻ | پيڻ | پيڻ |
| پٽڙو | پٽڙو | پٽرڙو | پٽلو | پٽرو | پٽرو | پٽرو | پٽڙرو | پٽرو | پٽرو | پٽرو | پٽرو | پٽرو |
| گريو | ڪريو | ڪريو | ڪرو | ڪرو | ڪرو | ڪرو | ڪرو | ڪرو | ڪرو | ڪرو | ڪرهو | ڪرٽو |
| چڏيو | چڏيو | چڏيو | چورُو | چڏو | چڏو | چوڙو | چڏو | چڏو | چوڙو | چڏو | چڏهو | چڏائو |
| ڏياريم | ڏياريم | ڏياريم | ڏيوايَم | ڏيوايَم | ڏيوايم | ڏيوايم | ڏياريم | ڏيوايم | ڏوايم | ڏياريهم | ڏياريهم | ڏياريئم |
| ڪان | ڪان | ڪئون | ڪون | ڪئون | ڪون | ڪون | ڪئون | ڪون | ڪون | ڪان | ڪنان | ڪنان |
| دانهن | دانهن | دانئن | دانئن | دانئن | دان | دان | دانهن | دان | دان | دانهن | دانهه | دانئه |
| وسايو | وسايو | وسائو | وسائو | وسائو | وسائو | وسائو | وسائو | وسائو | وسائو | وسايو | وسائو | وسائو |
| ڏاڙهون | ڏاڙهون | ڏاڙهون | ڏاڙهون | ڏاڙون | ڏاڙون | ڏاڙون | ڏاڙهون | ڏاڙون | ڏاڙون | ڏاڙهون | ڏاڙون | ڏاڙون |
| سَيني | سيني | سينن | سمورين | سينن | سينن | سبن | سينن | سين | سبن | سيهين | سينن | سينن |
| اڇي وئي | اڇي وئي | اڇي وئي | آڳئي | آڳئي | آڏئي | اڇي وئي | آوَئي | آوَئي | آوئي | آوئي | آوئي | آوئي |
| چڙ ته | چڙ ته | چڙ ته | چٽان | چٽان | چٽان | چٽان | چڙ ته | چٽان | جٽان | چٽڪ | چٽڪر | چٽڪر |
| ڏينهن | ڏينهن | ڏينهن | ڏينهن | ڏنئين | ڏين | ڏين | ڏينهن | ڏين | ڏين | ڏنيئن | ڏنئين | ڏئين |
| پوي | پوي | پئي | پوئي | پئي | پئي | پئي | پوي | پوئي | پوئي | پوئي | پوئي | پوئي |
| ڏنائينس | ڏنائيسن | ڏنئينس | ڏنئينس | ڏنُس | ڏِنُس | ڏنَس | ڏنَس | ڏنئنس | ڏننس | ڏيننس | ڏنينس | ڏنيس |
| چوڙ | چوڙ | چوڙ | آڪڙ | چوئڙ | چوئڙ | چوئڙ | چوڙ | چوئڙ | چوئڙ | چوئڙ | چوهڙ | چوئڙ |
| اَتان | تان | اتئون | اَٿون | اَتون | اَتون | اَتون | اَتئون | اَتون | اَتون | اَوتان | اَوتان | اَوئان |
| اِتان | اِتان | اِتئون | اِٿون | اِتون | اِتون | اِتون | اِتئون | اِتون | اِتون | ايتان | ايتان | ايتان |
| پهتو | پهتو | پوهتو | پڳو | پڳو | پڳو | پوهتو | پوتو | پوتو | پوهتو | پوئتو | پونتو | پوتو |
| ماٺهو | ماٺهو | ماٺهو | ماٺهو | ماٺون | ماٺون | ماٺون | ماٺهو | ماٺو | ماٺو | ماڙهو | ماڙهو | ماڙون |
| ٻَچو | ٻَچو | ٻَچو | ٻَنو | ٻَنو | ٻَنو | ٻَنو | ٻچو | ٻَنو | ٻَنو | ٻنجو | ٻچهو | ٻچئو |
| همت | هميت | هِمٿ | همٿ | اِمت | اِمت | اِمت | همٿ | اِمت | اِمت | هِميت | هميت | هميت |
| خوشي | خوشي | ڪشي | ڪشي | ڪشي | ڪشي | ڪشي | خشي | ڪشي | ڪسي | ڪشي | ڪوسي | ڪسي |
| پنساري | پنساري | پنساري | پسار | پساري | پساري | پساري | پساري | پساري | پساري | پڙساري | پڙساري | پنساري |
| ٻَڌڙ | ٻڌڙ | ٻڌڙ | ٻنڌڙ | ٻنڌڙ | ٻنڌڙ | ٻنڌڙ | ٻاندڙ | ٻندڙ | ٻندڙ | ٻڌڙ | ٻنڌڙ | ٻنبڙ |
| ڪڏهن | ڪڏهن | ڪڏهين | ڪڏان | ڪڏين | ڪڏي | ڪڏي | ڪڏهين | ڪر | ڪر | ڪڏهين | ڪڏئين | ڪڏئين |
| جڏهن | جڏهن | جڏهين | جڏان | جڏين | جڏي | جڏ | جڏهين | جر | جر | جڏهين | جڙئين | جڏئين |
| تڏهن | تڏهن | تڏهين | تڏان | تڏين | تڏي | تڏ | تڏهين | تر | تر | تڏهين | تڏئين | تڏئين |
| پنهنجائپ | پنهنجائپ | آپتگري | آپتگيري | آپتگيري | آپپتگيري | آپتگري | آپتگيري | آپتگيري | آپتگيري | پنهنجائپ | پانهجائپ | پانهجاپ |
| هينيون | هينيون | هينيون | هينلو | هينلو | هينلو | هينلو | هينلو | هينيون | هينلو | هينيون | هينئون | هينئون |
| مٿيون | مٿيون | مٿيون | مٿلو | مٿلو | مٿلو | مٿلو | مٿيون | مٿلو | مٿلو | مٿيون | مٿئون | مٿئون |

# باب پهريون

## اپياس هيٺ ايراضيءَ جو تعارف

تعارف: بلوچستان جي سياسي ۽ سماجي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، وڻج، واپار ۽ تاريخ توڙي جاگرافيءَ جو گهرو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي خطو قديم زماني کان سنڌ جي تسلط هيٺ رهيو آهي، جو قديم سنڌ جون حدون بلوچستان کان به اڳتي قنڌار تائين هونديون هيون، جتان جا حاڪم سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙ هئا.

هن علائقي تي راجا دسترٿ جي زماني ۾ سيرا خاندان جي حڪومت هئي، جنهن مان "سيوي" نالي هڪ راجڪماري سبيءَ تي حڪومت ڪندي هئي، جنهن جي نالي پٺيان شهر جو نالو "سيوي" مشهور ٿيو.[1] جيڪو هزارين سال گذرڻ جي باوجود اڄ تائين قائم آهي.

مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو ته: "سبيءَ جو قديمي نالو اُتي جي رهندڙ قوم اڳئين زماني ۾ "سيوس" جي لقب سان ملقب هئي، جتان جي گاديءَ جي هنڌ جو نالو ڪاڪا راج هو جيڪو بعد ۾ "سيوي" مشهور ٿيو."[2]

قنڌار تي به هڪ هندو گورنر گندار نالي مقرر هو جنهن جي نالي پٺيان "گندار"[3] مان ڦري "قنڌار" مشهور ٿيو جيڪو اڄ تائين قائم آهي.

لالا هيتورام لکي ٿو ته: "سيوا" نالي هڪ مشهور راجا هن ملڪ جو حاڪم هو. سيوي شهر به ان آباد ڪيو هو ان ڪري ان تي "سيوي" نالو مشهور ٿيو.[4] پيرومل گندار کي شڪارپور وارن درهيو آرين مان ڄاڻايو آهي،[5] جيڪي قديم سنڌي هئا. هو وڌيڪ لکي ٿو ته: "رگ ويد واري زماني ۾ آنو آريا لوڪن جو اولاد شوي آريا لوڪ هاٽوڪي شارڪوٽ ۾ رهندا هئا، جو اصل ۾ سندن نالي پٺيان شِوِپور (شوي/ سبي) سڏبو هو ۽ پوءِ سڄو پنجاب، ايران جو ڪجهه ڀاڱو ۽ سڄي سنڌ هٿ ڪيائون، جيئن پراڻن ۾ ڄاڻايل آهي. ايران وارو پاسو جيڪو شو آستان سڏجڻ ۾ آيو جنهن جو اُچار بگڙي سبستان ۽ سيستان ٿيو. سنڌ ۾ اهي آريا لوڪ جنهن هنڌ پنهنجا ماڳ جوڙي ويٺا، سو هنڌ به سندن نالي پٺيان شِوِستان ڪوٺجڻ ۾ آيو جنهن جو اُچار پوءِ بگڙي سيوستان ۽ سيوهڻ ٿيو ۽ هاڻ عام طور سيوهڻ ٿو سڏجي. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته سيوهڻ نالو قديم آهي ۽ الور، برهمڻ آباد ۽ ٻين شهرن کان گهڻو آڳاٽو آهي، جيئن ميجر جنرل ڪنگارام پنهنجي جوڙيل قديم هندستان جي جاگرافيءَ ۾ ڄاڻايو آهي.[6]

راجه ڌنراشٽر جي راڻي گنڌاري، جيڪا ڪورن جي ماءُ هئي، سا گنڌارا پرڳڻي جي راجڪماري هئي. مٿيون حڪومتون ويدڪ زماني کان پوءِ

---

[1] Balochistan Through the Ages (Gazetter) 1901 AD, P. 159

۽ پڻ ڏسو مترجم انور رومان جو "بلوچستان ڪي قبائل" حصو پهريون بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986، ص 118 ۽ ڏسو نذير احمد شاه جو مقالو ماهوار زينه ڪوئيٽا، جنوري-فيبروري 1989ع، ص 39.

[2] مير علي شير قانع ٺٽوي "تحفة الڪرام"، سنڌي ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1957ع، ص 331.

[3] آڏواڻي، ڀيرومل، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1972ع، ص27.

[4] لالا هيتورام، "تاريخ بلوچستان"، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، ص 1973ع، ص 15_ 368.

[5] آڏواڻي، ڀيرومل، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1972ع، ص100.

[6] ايضاً، ص 113_ 114

جي زماني ۾ ٿي گذريون آهن. ”ڪڇيءَ“ جو نالو رامچندر جي پٽ ”ڪس“ ڪري پيو. مهاڀارت ۽ رامائڻ جي زماني ۾ سنڌ تي سورج ونسي راجائن جي حڪومت هئي.[7]

انهن راجائن جيڪي شهر تعمير ڪرايا، تن مان ڪي اڄ تائين موجود آهن. جهڙوڪ: شبي راجا جي سبي (سيوي)، باغ نالي ”پاڳناڙي“ وغيره.[8] سيوا خاندان تي اهو نالو هڪ ديوتا ”مش وارا“ تان پيو. جنهن جي معنيٰ آهي ”پهاڙن وارو ديوتا“. اهو نالو ”مش وارو“ کان بگڙندي ”مشوا“، ”شيوا“ ۽ ”سيوا“ ۾ تبديل ٿيو آهي.[9]

آغا نصير خان احمد زئي لکي ٿو تہ: ”سبيءَ جو شهر اٽڪل ٽي هزار سال قديم آهي،[10] جنهن جا حاڪم سيوا خاندان جا هندو هئا“.[11]

ڀيرومل آڏواڻي ہئي هنڌ لکي ٿو: هن وقت جيڪي پناڻ آهن، سي اصل ۾ آريا هئا ۽ انهن جو نالوئي پڪٽ آرين تان پيل آهي، وقتي طور تي شايد ائين بہ هجي تہ سري جي رهاڪن مان ڪي هندو سري رامچندر جي پاءُ ڀرت مان هجن. ڀرت جو پٽ تڪش هو جنهن جي گاديءَ جو هنڌ گندار طرف سندس نالي پنيان تڪش سلا سڏبو هو. اتي هڪ يونيورسٽي بہ هئي ۽ ماڻهن جا اچار صفا چٽا هئا. اڄ بہ سڄي سري ۾ ماڻهن جا اُچار صفا چٽا آهن ۽ وڏي ڳالهہ تہ سندن ڪيترين ئي آکهين تي نالا قلات جي شهرن جا رکيل آهن“.[12]

تڪش سلا بابت ڊاڪٽر سيف الرحمان ڊار لکي ٿو تہ: ”هن شهر تي هي نالو چوٿين صدي قبل از مسيح جي زماني ۾ راجا ڀرت جي پٽ تڪش (جنهن هن شهر کي اڏي وسايو) جي نالي سان قائم ٿيو ۽ تڪش کان پوءِ ”ٽڪس سلا“ مشهور ٿي ويو“.[13]

عطا محمد گشڪوري لکي ٿو تہ: ”سبيءَ جو شهر بلوچستان جو قديم ترين شهر آهي، جيڪو برٽش گورنمينٽ ۾ ”سيوي“ مان ڦري سبي مشهور ٿيو“.[14]

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو تہ: ”نيچرل ميوزم آف نيويارڪ جي هڪ جماعت بلوچستان ۾ ضلعي لسبيلي ۽ مڪران جي دور دراز علائقن جو دورو ڪيو هو. هن ٽولي جي راءِ موجب ساموندي ساحل تائين ڪناري جي لڳ ڀڳ جيڪي بہ وسنديون ملن ٿيون، اهي هڙپا تهذيب جون علمبردار آهن ۽ آثارن توڙي شاهدين مان معلوم ٿئي ٿو تہ بلوچستان جي ساحلي علائقي تي قديم زماني کان واديءِ سنڌ جي ماڻهن جو قبضو هو.[15]

قديم آريا پنجن مکيہ خاندانن ۾ ورهايل هئا. پرو، آنو درهيو يدو ۽ ترسو. ”آنو“ آرين مان ڪي پنهنجي ويجهي ڏاڏي ”شوي“ جي نالي پنيان ”شوي آريا“ سڏبا هئا. انهن پنجاب ۾ ”شورڪوٽ“، بلوچستان ۾ ”سبي“ ايران ۾ ”شبستان“ يا سيستان ۽ سنڌ ۾ ”سيوستان“، موجوده سيوهڻ آباد ڪيا.[16]

---

[7] وي اي سٽ، ”ارلي هسٽري آف انڊيا“، آڪسفورڊ، 1914ع، ص 97.

[8] رحيم داد خان مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 32.

[9] مير گل خان نصير، ”بلوچستان ڪي ڪهاني شاعرون ڪي زباني“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1976ع، ص 2.

[10] آغا نصير خان احمد زئي، مقالو ”سيوي“ ماهوار اولس، ڪوئيٽا، اپريل 1958ع، ص 25.

[11] ايضاً، ص 26.

[12] آڏواڻي ڀيرومل، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 100_102.

[13] سيف الرحمان ڊار، ڊاڪٽر، ”ٽيڪسيلا“، پنجاب ادبي بورڊ، لاهور، 1977ع، ص 12.

[14] گشڪوري عطامحمد، ”سيوي“ ميگزين ڊگري ڪاليج، سبي، 76_1975ع، ص 1.

[15] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1979ع، ص 89.

[16] چنہ، محبوب علي، پروفيسر، ”سنڌ جا قديم تخت گاهہ“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، جون_ جولاءِ، 1970ع، ص 59.

ڪڇيءَ جو قديم نالو نڊايا بڊا هو جنهن جو دارالحڪومت قندابيل يا قندائيل جيڪو موجوده ڪڇيءَ ۾ گنداواه سڏجي ٿو. هتان جي باشندن کي جت سڏيو ويجي ٿو جيڪي اڄ بہ آباديءَ جي لحاظ کان اڪثريت جا مالڪ آهن.[17]

نڊا يا بڊا خاندان هن خطي جي ميدان تي حاوي هو جنهن ۾ اولهہ توڙي اوڀر جا پهاڙ شامل آهن ۽ اهي ڪي قدر سنڌ تي بہ حاوي هئا. نڊن کي صحرا نشينن سان بہ مشابهت ڏني ويجي ٿي, جيڪي ڪائين ۽ گاهہ جي گهرن ۾ رهندا هئا. هن خطي ۾ گنداواه, ڀاڳ, ڍاڍر, لهڙي, شورڻ جهل ۽ فتحپور جا شهر اڇي ويڃن ٿا.[18]

سن 1975ع ۾ ضلعو ڪڇي قلات ڊويزن کان جدا ڪري سبيءَ سان شامل ڪرڻ بعد اُن کي ڊويزن جو درجو ڏنو ويو جنهن ۾ سبي, ڪڇي, نصيرآباد ۽ مري بگٽي ايجنسيءَ جا ضلعا قائم ڪيا ويا. سن 1977ع ۾ مري ۽ بگٽيءَ کي جدا جدا ضلعن جي حيثيت ڏني وئي. سن 1986ع ۾ ڪڇي ضلعي جا ڪجهہ علائقا نصيرآباد سان ملائي, ان کي ڊويزن جي حيثيت ڏني وئي ۽ ٽمبو جعفرآباد ۽ ڪڇي ضلعا قائم ڪيا ويا.

ٻوليون:

صوبي ۾ صرف اٺ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون, جن ۾ بلوچي, پشتو بروهڪي, فارسي, سنڌي, سرائيڪي, اردو ۽ پنجابي شامل آهن. اڳوڻي گورنر ۽ قلات جي خان احمد يار خان جي لکت موجب: ”بلوچستان صوبي ۾ بہ ٻوليائي قبيلا جام آهن.“[19] پر حقيقت ان جي خلاف آهي, ڇوتہ هتان جو هرهڪ قبيلو ٻن بدران گهٽ ۾ گهٽ چار ٻوليون ڳالهائي سگهي ٿو. اولهہ بلوچستان جا ماڻهو پشتو اردو, پنجابي ۽ سرائيڪي ٻوليون ڳالهائي سگهن ٿا. جڏهن تہ اوڀر بلوچستان جا ماڻهو سنڌي, سرائيڪي, براهوي, بلوچي ۽ اردو ڳالهائي سگهن ٿا, جڏهن تہ وچئين بلوچستان جا ماڻهو اٺ ئي ٻوليون ڳالهائي يا سمجهي سگهن ٿا, ڇوتہ ان خطي ۾ مجموعي طرح اهي سڀئي ٻوليون ڳالهائڻ وارا قبيلا ٿورا گهڻا آباد آهن. اهوئي سبب آهي جو بلوچستان خطي جي مختلف ٻولين ڳالهائڻ وارن جو سيڪڙو معلوم ڪرڻ تمام مشڪل بلڪ ناممڪن آهي. ان ڪري سينسس رپورٽون اڪثر صحيح نہ ٿي سگهيون آهن, جنهن جو اندازو هيٺ ڏنل ٻن اهڙين رپورٽن مان لڳائي سگهجي ٿو.

1941ع واري آدمشماريءَ موجب مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙن جو ضلعي وار سيڪڙو

| ضلعو/رياست | براهوي | بلوچي | پشتو | سنڌي | پنجابي | اردو | فارسي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سبي | 2ء92 | 64ء67 | 21ء96 | 3ء12 | 4ء85 | 2ء16 | 24 |
| لورالائي | 1ء52 | 8ء12 | 61ء8 | 1ء98 | 26ء39 | 0ء61 | 0ء34 |

[17] انور رومان پروفيسر, ”بلوچستان ڪي قبائل“ (گزيٽيئر), ترجمو بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا, 87_1986ع, ص 214.
[18] ايضاً, ص 216.
[19] مير احمد يارخان بلوچ, ”انسائيڊ بلوچستان“ (ائن آٽوبايوگرافي), رايل بوڪ ڪمپني, ڪراچي, 1975ع, ص 62.

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪوئيٽا | 7ء78 | 2ء25 | 61ء5 | 0ء49 | 17ء2 | 5ء9 | 3ء75 |
| قلات | 39ء40 | 31ء77 | 1ء79 | 24ء74 | 00ء92 | 00ء28 | 1ء6 |
| لسٻيلو | 7ء86 | 23ء69 | 00ء70 | 66ء58 | 00ء85 | 00ء21 | 00ء3 |
| چاغي | 31ء17 | 60ء27 | 2ء12 | 00ء33 | 2ء1 | 0ء76 | 3ء32 |
| خاران | 19 | 81 | _ | 33 | _ | _ | _ |
| مڪران | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ |
| ژوب[20] | _ | _ | _ | _ | _ | _ | _ |

هارورڊ يونيورسٽيءَ جي هڪ ماهر هينري فيلڊ 1955ع ۾ پنهنجي مضمون West Pakistan Anthropological survey ۾ ڏار ڏار ٻولين جي في سيڪڙي جي باري ۾ جيڪي انگ اکر ڏنا آهن، اهي هن ريت آهن:[21]

| ضلعو/رياست | براهوي | بلوچي | پشتو | سنڌي | پنجابي | اردو | فارسي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| قلات | 51 | 19 | _ | 29 | _ | _ | _ |
| خاران | _ | 18 | _ | 19 | _ | _ | _ |
| لسٻيلو | 1 | 19 | _ | 80 | _ | _ | _ |
| مڪران | _ | 100 | _ | _ | _ | _ | _ |
| چاغي | 33 | 60 | 3 | 1 | _ | 1 | _ |
| لورالائي | 1 | 8 | 62 | _ | 28 | 2 | _ |
| ڪوئيٽا | 7 | 2 | 60 | _ | 18 | 7 | 4 |
| سبي | 7 | 54 | 12 | 20 | 5 | 2 | _ |
| ژوب | _ | _ | 96 | _ | 3 | 1 | _ |

چاڙٽايل ٻنهي چارٽن ۾ سرائيڪي ٻوليءَ جو نالو نشان بہ ڪونہ آهي، جڏهن تہ سرائيڪي ٻولي بلوچستان صوبي جي سڀ کان وڏي ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ کي بہ تمام گهٽ انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي، جيڪا بلوچستان صوبي جي اڌ آبادي چڱيءَ طرح ڳالهائي سگهي ٿي، چوتہ صوبي جي اڪثريتي آبادي صوبي جي زرعي علائقن ۾ آباد آهي، جيڪا سنڌ سان ملحق ميداني علائقن ۾ آباد آهي.

بلوچستان جا مٿيان علائقا اڪثر پهاڙي ۽ غير آباد آهن، جڏهن تہ هيٺيان ۽ ميداني علائقا اڪثر زرعي طور آباد علائقا آهن. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارا بہ انهيءَ علائقي ۾ آباد آهن، جيڪو بارکان مڪران تائين شمار ڪيو وڃي ٿو.

سبي ۽ ڪڇي علائقي ۾ بہ سڀ کان وڌيڪ سنڌي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، چوتہ هن خطي ۾ سماٽ قومن جي اڪثريت آباد آهي.[22] بلوچستان گزيٽيئر جي انگن اکرن موجب هن خطي جي آبادي ٻن طبقن ۾ آهي. يعني بلوچ ۽ سماٽ. ٻيو طبقو آهي هندن ۽ سيدن جو جيڪي سنڌي ڳالهائيندڙ آهن. بلوچ ۽ بروهي اقليت ۾ آهن. 1901ع جي آدمشماريءَ جي لحاظ کان ڪڇي ضلعي ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 50190 آهي، جڏهن تہ باقي قومن جو انگ

---

[20] سينسس رپورٽ آف پاڪستان 1961ع پاپوليشن باءِ مدرٽنگ واليوم، 4_16، ٽيبل 12.

[21] سيد نورعلي ضامن، ”معارف سرائيڪي“، مصطفيٰ شاه اڪيڊمي، احمدپور شرقيہ 1972ع، ص41_42.

[22] انور رومان، پروفيسر، مترجم، ”بلوچستان کي قبائل“ گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، حصہ اول، 87_1986ع، ص 221.

21517 آهي.[23] لسٻيلي جي آباديءَ ۾ 1901ع موجب 29166 سنڌي ڳالهائيندڙ هئا. جڏهن ته 19124 ماڻهو باقي ٻولين ڳالهائيندڙ هئا. جن ۾ بلوچي، براهوي ۽ فارسي ڳالهائيندڙ شامل هئا.[24] قومن جي لحاظ سان علائقي جي مجموعي آباديءَ ۾ 25 فيصد آبادي سماٽ قومن جي آهي.[25] سنڌ جو پاڙيسري جابلو ۽ صحرائي علائقو بلوچستان جو دراصل ايراني مٿانهين پٽ جو حصو آهي ۽ پنجاب ۽ سنڌ سان ڳنڍيل آهي. اتي سياري ۾ سخت سردي ۽ برف باري ٿئي ٿي ۽ تيز سرد هوائون لڳن ٿيون. جنهن سبب اتان جا بروهي ۽ بلوچ گرم ميدانن جي رهاڪن کان سگهارا آهن. جو هر سال سياري ۾ جبلن جي مٿانهين پوئن کان هيٺ لهي سنڌ ۽ پنجاب ۾ وارد ٿين ٿا ۽ اونهاري جي شروعات ۾ خراسان ڏانهن موٽي وڃن ٿا.[26]

ميدان:

سنڌ جا قديم آثار ڏيکارين ٿا ته قديم زماني کان هي ملڪ تهذيب ۽ تمدن جو هندورو هو. جيئن نيل وادي تهذيب جي ملڪ هئي. مصر جي ترقيءَ جو سبب هن ريت هو ته سندس اولهه کان لبيا جو صحرا، اوڀر کان لبيا جو رڻ پٽ ۽ اتر کان سينائي صحرا اٿس. تيئن سنڌ جي جنت نشان واديءَ جي اڀرندي کان ٿر جو صحرا، الهندي کان بلوچستان جي جبلن جون قطارون قلعي وانگر هن ملڪ جي پاسباني ڪري رهيون آهن. اتر سنڌ کان ڪڇيءَ جو ٽڪنڊو ميدان دشت بيدار شروع ٿئي ٿو جتي ڪوهن تائين رڃ لڳي پئي آهي ۽ پاڻيءَ جو نالو نشان ڪونهي. هن ميدان کان ٻه درا يا لڪ "ٻُولان" ۽ "مولهه" شروع ٿين ٿا. جتان وچ ايشيا ۽ ايران جي مٿانهين پٽن ڏانهن رستا وڃن ٿا. مگر درن جا پيچرا خطرناڪ هئڻ ڪري جن فاتحن اولهندي ۽ اتر کان هندستان تي ڪاهون ڪيون، تن خيبر لڪ جو رستو اختيار ڪيو[27]. بولان وارو ميدان سنڌ کي افغانستان سان ملائي ٿو سندس ڏکڻ ۾ ڪڇيءَ جو ميدان آهي.[28] سبي ۽ ڪڇيءَ واري ميدان کي دشت بيدار سڏبو آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ "پٽ" چئبو آهي. گڏو بئراج جي شروع ٿيڻ کان پوءِ هتان هڪ واهه "پٽ فيڊر" کڻيو ويو. هاڻي هن ميدان جو ڪجهه حصو آباد ٿي رهيو آهي. هن کان اڳ بيگاري واه واري شاخ (نورواه) ذريعي بلوچستان جي علائقي جهٽ پٽ کي ٻه سيراب ڪيو ويجي ٿو.[29] ياڳ، شورڻ، ڪوٽڙي، ڊاڍر، گنداواه، فتح پور ۽ اوستہ محمد خطي جا اهم شهر آهن.

قومون:

خطي ۾ بروهين، بلوچن ۽ پٺاڻن کان علاوه لکن جي تعداد ۾ سماٽ قومون ٻه صدين کان آباد آهن. اهوئي سبب آهي جو بلوچي، بروهي ۽ پشتو ٻولين کان علاوه سنڌي ۽ سرائيڪي ٻوليون ٻه اڪثريت ۾ ڳالهايون پيون وڃن. سنڌ صوبي سان سنئون سڌو لاڳاپو رکڻ ۽ لکن جي تعداد ۾ سماٽ قومن جي آباديءَ سبب سنڌي ٻولي خطي جي اڪثريتي ٻوليءَ جي حيثيت رکي ٿي. خطي جي بروهين، بلوچن ۽ پٺاڻن هتان جو ماحول پنهنجو بڻايو آهي.[30] هي غير سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو پنهنجين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي ٻه پنهنجي مادري زبان وانگر استعمال ڪن ٿا. سنڌي ٻوليءَ سان گڏ هو سرائيڪي

---

[23] ايضاً

[24] ايضاً 387_391.

[25] ايضاً، حصو ٻيو ص 138.

[26] رحيمداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع، ص 24.

[27] ايضاً، ص 5.

[28] حڪيم گلاب خان مهجور، سنگت سلسلي جو ڪتاب "غازي"، بروهي پبليڪيشن، فريد آباد، ضلعو دادو 1981ع، ص 10.

[29] "امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا"، بلوچستان سيريز ڇاپو ٻيو ص 1976ع، ص 147.

[30] ڊسٽرڪٽ سينسس رپورٽ سبي 1961ع، ص 1_14.

ٻولي ٻ ڳالهائين ٿا. سرائيڪيءَ بابت نور علي ضامن حسيني لکي ٿو: ”هيءَ ٻولي ضلعي قلات ۽ سبيءَ ۾ ٻيو نمبر آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڍر جو ميداني علائقو ڪڇيءَ جي نالي سڃاتي ٿو ۽ ضلعي سبي جي نصير آباد سب ڊويزن (هاڻ ڊويزن آهي) جي جهل مگسي ۽ روجهاڻ ۾ مگسي، جمالي، خاڪواڻي، رئيساڻي ۽ ٻيا قبيلا سنڌي زبان ڳالهائيندا آهن“.[31]

قاضي محمد يعقوب عليزئي لکي ٿو ته: ”بلوچستان جا پٺاڻ، بلوچ ۽ بروهي جيڪي هن خطي ۾ رهن ٿا، سنڌي ڳالهائيندا آهن. چو ته سنڌي ٻولي جيڪب آباد کان مچ تائين ۽ جيوڻي گوادر کان بارکان تائين ڳالهائي وڃي ٿي ۽ علائقي جي اڪثريتي ٻولي آهي“.[32]

پنهنجون مادري زبانون ڇڏي سنڌي زبان کي پنهنجي مادري ٻوليءَ طور ڳالهائڻ وارين قومن ۾ پٺاڻ، بروهي ۽ بلوچ قبيلن جا ڪيترائي پاڙا هن خطي ۾ موجود آهن. مثلاً: پٺاڻن ۾ باوزئي، دهپال، دروئي، باغون، لائون، ڪڙڪ، صافي، سوڍي، پيرائي، مزدي، نوداڻي، عليزئي، مرغزائي، سيلاچي ۽ خجڪ، بلوچن ۾ رند، لاشاري، لغاري، مرهٽا، چلگري، موندراڻي، چانديا، ڪپراڻي، گولا، گشڪوري، ڪورائي، مغيري، جمالي، دستي ۽ مگسي اچي وڃن ٿا. جڏهن ته بروهين ۾ لانگو ۽ رئيساڻي قبيلن جا ڪيترائي خاندان سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي مادري ٻولي طور استعمال ڪن ٿا.

حقيقت ۾ بلوچ ٻ بروهين وانگر قديم سنڌي آهن. انهن کي سنڌين کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. مولائي شيدائي لکي ٿو ته: ”سنڌي ۽ بلوچن کي ٻ جدا جدا قومون سمجهڻ نه گهرجي. فرق صرف ايترو آهي جو بلوچ عرب ۽ ايراني گڏيل قوم آهي. سماٽ ۽ بلوچن ۾ فرق فقط اهو آهي. انگريز مؤرخن، انگريز قوم جي گناهن کي لڪائڻ لاءِ بلوچن کي سنڌين کان ڌار قوم ڪري ڏيکاريو آهي. حقيقت ۾ بلوچ هڪ جنگجو سنڌي قوم آهي، جا پنهنجي هن فطرتي طبيعت ڪري هر وقت سنڌ ۾ بااختيار حيثيت سان زندگي گذاري ٿي.[33]

آثار قديمه:

دنيا جون سڀ تهذيبون درياهن جي ماٿرين ۾ پيدا ٿيون ۽ وڌيون ويجهيون. نيل نديءَ جي ماٿري جي تهذيب يا دجله ۽ فرات ماٿرين جي تهذيب يا ڏاکڻي ايران جي قارون درياهه جي تهذيب، اهي سڀ درياهي ماٿرين جون تهذيبون آهن. سنڌو تمدن ٻ سنڌو درياهه جي ماٿريءَ جي تهذيب آهي.

سنڌ جي تاريخ تهذيب ۽ تمدن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته انسان ذات جي اوسر تهذيبي ۽ تمدني ترقيءَ جي شروعات سڀ کان اڳ هن خطي کان ٿي. هن خطي کان ئي انساني تهذيب جي روشني پوري دنيا ۾ پکڙجي وئي. هي تهذيب دجله، فرات، بابل ۽ نيل تهذيبن کان اڳ جي تهذيب آهي[34]. هن عظيم خطي جي رهواسين قديم زماني کان هزارين بلڪ لکين ميلن تائين پنهنجي عظمت جو سڪو ڄمائي، پنهنجي تهذيب جي روشنيءَ سان پوري دنيا کي روشن ڪيو.

ڪجهه سال اڳ علم الآثار جا ماهر، جيڪي گهڻي وقت کان مصر ۽ ايران جي جائزي وٺڻ ۾ مصروف هئا، انهيءَ حقيقت کي نه ٿي مڃيائون ته ڪو مهراڻ جي ماٿري ۾ ٻ هڪ سڌريل ۽ سنواريل زندگيءَ جا اهڃاڻ دفن ٿي سگهن ٿا. هند ۽ سنڌ جي قديم تاريخ، پراڻ، ڪتبن، سڪندراعظم جي

---

[31] سيد نور علي ضامن حسيني، ”معارف سرائيڪي“، احمد پور شرڪيه مصطفيٰ شاهه اڪيڊمي، 1973ع، ص 43.

[32] قاضي محمد يعقوب عليزئي، ”بلوچستان ۾ سنڌي زبان و ادب“، هفته روز ”ايلم“ مستونگ، 3 آڪٽوبر، 1987ع، ص 2.

[33] رحيم داد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 58.

[34] بروهي، داد محمد خادم، ”قديم تاريخي عمارات و نوادرات“، ”جيڪب آباد قديم ۽ جديد“، اردو حصو ميگزين سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1984ع، ص 5.

حملن جو احوال ٻاهرين سياحن جهڙوڪ فاهيان ۽ دوانگ سانگ وغيره جي سفرنامن ۽ مقدس ويدن جي مبهم تشبيهن ۽ استعارن سان پيريل آکاڻين جي آڌار تي جوڙي ويندي هئي. تنهنڪري اسان کي فقط اهائي خبر هئي تہ آرين کان اڳ هتي هڪ وحشي ۽ اڻ سڌريل قوم آباد هئي.[35]

سن 1925ع تائين، موهن جي دڙي ۽ هڙپا ۾ جيڪا کوٽائي ۽ کوجنا ڪئي وئي. ان مان جيڪي نتيجا حاصل ڪيا ويا، انهن کي سر جان مارشل ٽن جلدن ۾ شايع ڪرايو جن مان پهرين ٻن جلدن ۾ دريافت ڪيل باقيات تي ڀرپور تبصرو ڪيو ويو ۽ ٽئين جلد ۾ باقيات جون تصويرون ۽ چربا ڏنل هئا.[36] سن 1927ع کان 1931ع تائين مسٽر اي جي ايچ مشڪي، موهن جي دڙي جي وڏيڪ کوٽائي ڪرائي ۽ پنهنجي تحقيق کي جدا ڪتاب ۾ شايع ڪرايو.[37]

سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو سنڌ جي اولهہ وارن علائقن سان لاڳو ملڪن جي تهذيب سان تعلق هجڻ هڪ وڏي اهميت رکي ٿو. ڇوتہ سميري ۽ بابلي تهذيبن جا دؤر مقرر ٿي چڪا آهن. جن جي تاريخ جو تعين ڪري سگهجي ٿو. بلوچستان انهن ايراضين جي وچ ۾ واقع هئڻ سبب انهن تهذيبن جي گويا هڪ ڳانڍاپي جي حيثيت رکي ٿو انهيءَ ڪري ئي هتي ڪافي ڪم ڪيو ويو آهي.[38]

اتر ڏکڻ بلوچستان جي پهاڙي علائقن ۾ سر آريوال اسٽائين ۽ هارگيوز سن 25_1926ع ۾ ”نال“ (خضدار لڳ) وٽ هڪ اهم قبرستان دريافت ڪيو.[39] اهڙيءَ طرح هن سن 26_1927ع جي وچ ڏاري گهڻيون مکيہ جايون ڳولي لڌيون جن ۾ ستگاجن دور شاهي تمپ، ماهي نندر ڊبرڪوٽ، پيرائوگنڊئي، مغل گنڊئي، شور ۽ جنگل قابل ذڪر آهن.[40] بلوچستان جي اڪثر علائقن مان تاريخ کان اڳ جي زماني جي آباديءَ جا آثار مليا آهن. ڪيترن ئي علائقن ۾ (ڏات) پٿرن جي زماني جا آثار بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان دور جي ماڻهن جي تمدن ۽ تهذيب واديءِ سنڌ جي ماڻهن جي تمدن ۽ تهذيب سان ملندڙ جلندڙ آهي. هي آباديون وادين ۽ پهاڙين جي دامن ۾ هونديون هيون.[41]

گذريل ڪجهہ سالن جي کوٽائيءَ جي نتيجي ۾ سنڌوماٿريءَ جي قديم رهواسين جو ڪافي بي مثل ورثو دريافت ٿيو آهي. ان ورثي جي روشنيءَ ۾ ان قديم تهذيب جون ڪيتريون ئي خوبيون ۽ خصوصيتون ظاهر ٿيون آهن. خاص طرح سنڌن اڏاوت جي فن جا ڪيترائي اهڙا پهلو اسان کي معلوم ٿيا آهن، جن تي غور ڪرڻ بعد اسين چئي سگهون ٿا تہ اهي ماڻهو اڏاوت جي ڪم ۾ وڏي قابليت رکندا هئا.

بلوچستان جي قديم آثارن ۽ اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ جا رهواسي اڄ کان 9 هزار سال اڳ بہ خوشحال ۽ مهذب زندگي گذاريندا هئا، جن ۾ شهريت جو شعور پڻ هو. موهن جو دڙو ۽ مهرڳڙهہ جا آثار انهيءَ حقيقت جا واضح شاهد آهن. سبيءَ جو هي خطو بہ قديم زماني کان سنڌي تهذيب جو هڪ عظيم مثال آهي، جنهن پوري دنيا ۾ اسان کي مٿانهون مَان بخشيو آهي. هيٺ خطي جي ڪجهہ قديم آثارن جو ذڪر ڪجي ٿو جنهن جي مطالعي

---

[35] محمد ادريس صديقي، ”سنڌو ماٿري سڀيتا“، مترجم، شمس سرڪي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979ع، ص 16.

[36] مارشل، سر جان، ”موهن جو دڙو اندس سولائيزيشن“، لنڊن واليوم 1_3، 1931ع.

[37] اي جي ايچ مشڪي، ”فردر ايگزڪيوئيشنز ايٽ ميس جو دڙو“، دهلي 1938ع، واليوم 2.

[38] صديقي محمد ادريس، ”سنڌوماٿر جي سڀيتا“، مترجم شمس سرڪي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979ع، ص 20_21.

[39] هارگيوز ايچ ايگزڪيوئيشنز ان بلوچستان“، ايم_ اي ايس آءِ نمبر 35، دهلي 1927ع.

[40] اسٽيسن سر. اي، ”ائن انٽروڊڪشن ٽوئر ان وزيرستان ائنڊ نارٿ بلوچستان“، ايم. اي ايس آءِ نمبر 37، دهلي، 1929ع.

[41] چوڌري عبدالستار، ”يہ بلوچستان هي“، هفتيوار صحافت لاهور بلوچستان، 16 فيبروري کان 3 مارچ، 1978ع، ص 21_22.

مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي خطو قديم زماني کان سنڌ جو هڪ اهم حصو رهيو آهي. جنهن جي عظمت پوري دنيا ۾ موهن جي دڙي جي اهميت کان بہ وڌيڪ اهميت جي حامل آهي.

مهر ڳڙهه:

برصغير جي آثار قديمہ جو جڏهن بہ ذڪر اچي ٿو تہ هرهڪ جا خيال موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي تهذيب ڏانهن وڃن ٿا. پر مهرڳڙهہ جي رونمائيءَ تي حيرت جي انتها ٿي وڃي ٿي. جنهن ۾ 7 هزار سال ق. م جون پراچين وستيون ملن ٿيون.[42] جن ۾ ڪنهن بہ تهذيب جي پروان چڙهڻ جا سڀ لوازمات موجود آهن. ڪاٺ پيئڻ جون شيون, معدنيات ۽ ٻين سيني ضرورتن جي کوٽ ڪانہ هئي.[43]

ڪجهہ سال اڳ اهو سمجهيو ويندو هو تہ موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي سلطنت جي رقبو چاليهہ هزار چورس ميل هو پر هاڻ پارت جي مڌيہ پرديش ۾ انهيءَ تمدن جو هڪ ڳوٺ دريافت ٿيڻ سان هي نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ اها سلطنت گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ لک چورس ميلن ۾ پکڙيل آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هي سلطنت جنهن جو بنياد قديم سنڌ جي سپوتن رکيو هو ڪنهن وقت دنيا جي سڀ کان وڏي ترقي يافتہ تهذيب هئي.[44]

ڪجهہ سالن تائين اهو سمجهيو ويندو هو تہ اسرائيل ۾ ”چيري ڇُو“ دنيا جو قديم ترين ڳوٺ هو مگر هاڻ هي ثابت ٿي چڪو آهي تہ ڪوئيٽا (سبيءَ) جي ويجهو واقع مهرڳڙهہ مٿي ذڪر ڪيل ڳوٺ جو همعصر هو. يعني ان جو بنياد اڄ کان 9 هزار سال اڳ رکيو ويو هو ۽ مهرڳڙهہ جي تمدن ارتقائي منزلون طئي ڪندي, موهن جي دڙي ۽ هڙپا جي تمدن جي صورت اختيار ڪئي آهي.[45]

5 هزار سال ق. م هڪ عظيم انقلاب رونما ٿيو. هتان جي ماڻهن ڪنڀارڪي چڪيءَ تي برتن جوڙڻ شروع ڪيا. ٿامي ڪي پگهاري ان مان هٿيار ٺاهڻ جو فن شروع ڪيو. برتنن تي خوبصورت شڪليون ۽ نقش اُڪاريا ۽ فن ظروف سازيءَ ۾ چار هزار سال ق. م ۾ هڪ مثال قائم ڪيو.[46]

مهرڳڙهہ جي کوٽائي جاري آهي. ڌرتي ماتا مان نوان نوان انڪشاف نروار ٿي رهيا آهن. اميد تہ سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن بابت اڃا بہ وڌيڪ اهم انڪشاف ٿيندا.

جهڏير جا دڙا:

نصير آباد جي جهٽ پٽ تعلقي جي ڳوٺ جهڏير پرسان واقع آهن, جيڪي اٽڪل ڇہ هزار سال ق. م واري وقت جا چيا وڃن ٿا.[47] آرڪيالاجيءَ جي ماهرن جو رايو آهي تہ هي دڙا سنڌ يا هڙپا تهذيب سان تعلق رکن ٿا.

قديم شهرن مان هڪ شهر ڇڏيرڻ جي نالي سان مشهور هو جيڪو آسماني آفتن ۽ انساني هٿ چراند سبب اڄ فقط دڙن جي صورت ۾ پنهنجي ماضيءَ ڪي پوريو اسان لاءِ عبرت جو سامان بڻيو بيٺو آهي. اهو قديم شهر هڪ مڪيہ ۽ پراڻي شاهراهہ تي واقع هو جنهن رستي تان قافلا روس ۽ افغانستان

---

[42] تاج صحرائي, ”جيڪب آباد جي شناخت: ڇڏيرڻ جا دڙا“, مخزن سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد, 1988ع, ص 5.

[43] عثمان حسن, رٽائرڊ برگيڊيئر, ”مهرڳڙهہ, پاڪستان آثار قديم ڪا ايڪ نيا باب“, ماهوار زينہ ڪوئيٽا, جنوري- فيبروري, 1989ع, ص 37.

[44] جمناداس اختر, ”قديم سنڌ اور اسڪي روابط“, روزانہ جنگ ڪراچي, مڊويڪ ميگزين, 12 آگسٽ, 1987ع, ص 10.

[45] ايضاً.

[46] عبدالعزيز فاروق, ”وادي بولان ۾ سات هزار ق. م ڪي آثار ڪي دريافت“ هفتہ روزه ”ايلم“ مستونگ, بلوچستان نواب شهيد رئيساني نمبر 26 ڊسمبر, 1987ع, ص 33.

[47] تاج صحرائي, ”جيڪب آباد جي شناخت: ڇڏيرڻ جا دڙا“, سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو مخزن, جيڪب آباد, 1988ع, ص 15.

ڪان بولان لڪ لنگهي ڪڇي ۽ سنڌ ۾ وارد ٿيندا هئا.[48] ياد رهي ته محترم تاج صحرائي لفظ ڇڏيرڻ استعمال ڪيو آهي، جيڪو درست نه آهي. اصل ۾ اهو لفظ "جهڏير" آهي.

هن دڙي جي باقاعده کوٽائي ڪونه ٿي آهي، البته ڪجهه مٽيءَ جا برتن ۽ ٺڪريون هٿ آيون آهن. ٿانون جي مٽي سٺي نموني ۽ چڱيءَ طرح ڳوهيل آهي. ساڳي وقت ٿانوَ به سٺي نموني پڪل آهن. ان ڪان سواءِ پڪل مٽيءَ مان ٺهيل جانورن جا بوتا، چوڙيون، مٽيا، گايلا، ڪيڪ نما ٽڪنڊا، ٽڪرا مخروطي مهرا، ڇڏا ۽ پاراٽين ڊگهي گاڏين جا ننڍا ڊانچا به حاصل ٿيا آهن.[49] انهن دڙن جي کوٽائيءَ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ قديم سنڌي تهذيب ۽ تمدن جا ڪيترائي راز ملڻ جي اُميد آهي.

پيرڪ جو دمب:

قديم شاهراهه جيڪا روس ۽ افغانستان کان ايندي، بولان لڪ کان لنگهي ڪڇي ۽ سنڌ ۾ داخل ٿيندي هئي، ان شاهراهه تي پيرڪ جو شهر به آباد هو.[50] هي قديم شهر سبي شهر کان اٽڪل 6 ميل اوپر طرف ريلوي اسٽيشن "پيرڪ" جي پرسان واقع آهي. هن شهر جي کوٽائي ڪا نه ٿي آهي.

سيوي جو قديم شهر:

جيڪڏهن اسان سنڌو، فرات ۽ دجله جي قديم ماٿرين جي پراڻين تهذيبن جو مطالعو ڪريون ته اسان کي بخوبي معلوم ٿيندو ته ڪي پراڻيون شاهراهون انهن پنهي سڀيتائن کي ڳنڍيندڙ ۽ ملائيندڙ هيون. انهن شاهراهن تي جيڪي پراڻا شهر آباد هئا، انهن مان فقط ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪنهن نه ڪنهن حالت ۾ زنده آهن. باقي ٻيا سڀ زماني جي دست درازين ۽ قدرتي خردبرد سبب تباهه و برباد ٿي ڪنڊرن جي صورت ۾ رهجي ويا آهن. ار. سوسا، نينوا، تهران، بابل، همدان، ڪرمان، اصفهان، قنڌار، سبي، موهن جو دڙو، سيوهڻ ۽ نيرون ڪوٽ وغيره. انهن شاهراهن تي وسندڙ ۽ آباد شهر هئا، جتان قافلن جا قافلا گذرندا هئا. اهي قافلا بولان لڪ اُڪري سيوي، جهڏير جي دڙي وٽان لنگهي شڪارپور کان ٿيندا موهن جي دڙي تائين پهچندا هئا.[51]

سيوي جو قديم شهر آرين تعمير ڪرايو هو. يونانين مٿس سدمانيا نالو رکيو.[52] سندس قديم نالو "سيوس" هو. انهيءَ کان اڳ "ڪاڪا راجا" چوندا هئس، جيڪو بعد ۾ ڦري "سيوي" ٿيو آهي.[53]

عجائبات:

عجائبات علائقن جي اهميت جو اهم سبب هوندا آهن. ڪي عجائبات تاريخي حيثيت جا حامل هوندا آهن ته ڪي وري روحاني يا طبعي اهميت جا حامل هوندا آهن. دنيا جي مشهور ۽ مقبول ستن عجوبن جي موجودگيءَ سبب انهن ملڪن پوري دنيا ۾ وڏي اهميت حاصل ڪئي آهي، جتي

---

[48] تاج صحرائي، "جيڪب آباد جي شناخت: ڇڏيرڻ جا دڙا"، حقيقت جو هار مخزن، سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو 1988ع، ص 13.

[49] ايضاً، ص 5.

[50] ايضاً، ص 13.

[51] تاج صحرائي، "شڪارپور هڪ تهذيب جو مرڪز"، مخزن شڪارپور ماضي ۽ حال جشن شڪارپور، پبليڪيشن شڪارپور، 1984ع، ص 84.

[52] رحيمداد مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 73.

[53] مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 20.

پوري دنيا جا سياح سير ڪرڻ سان گڏ معلومات به حاصل ڪن ٿا.

بلوچستان جو خطو به اهڙي قسم جي عجائبات کان خالي نه آهي، تنهن ڪري وڏي اهميت رکي ٿو پر سرڪار طرفان اهڙين اهم عجيب و غريب جاين توڙي شين جي ڪا به سارسنڀال ڪونه ٿي ڪئي وڃي. اهوئي سبب آهي جو اهي عجائبات اهڙي مقبوليت حاصل ڪري ڪونه سگهيا آهن، جهڙي انهن جي حيثيت آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اهڙين عجيب و غريب جاين ۽ شين جي حفاظت ۽ مقبوليت لاءِ حڪومت طرفان عوام جي آمد و رفت لاءِ سهوليتون مهيا ڪيون وڃن. انهن تي سيمينار ۽ ميلا ڪرائڻ گهرجن ته جيئن علائقي جي اهڙين تهذيبي، تمدني، تاريخي ۽ روحاني عجائبات کي وڌيڪ مقبوليت ڏياري سگهجي. هيٺ ڪجهه اهڙن عجائبات جو مختصر احوال پيش ڪجي ٿو.

ڪهيري جي ماڙي:

هي عجوبو سبيءَ شهر جي اتر ۾ هڪ گنبذ وانگر نظر اچي ٿو.[54] ان ۾ لڪل خزاني جي لالچ ۾ ڪيئي ماڻهو ان طرف وڃن ٿا، پر ڪين اتي ڪا به شيءِ هٿ ڪونه ٿي اچي ۽ قبو به نظرن کان غائب ٿي وڃي ٿو. سنڌي زبان ۾ ان کي ”ماروڪير“ چوندا آهن.[55]

هڪ ڀيري سلطان محمود بکريءَ ٽي هزار ماڻهو گڏ ڪري ڪين هٿ هٿ ۾ ڏياري ان ٽڪرين ڏانهن ويو پر اتي ڪيس ڪا به شيءِ نظر نه آئي ۽ قبي جو ڪو به نشان نه هو. چون ٿا ته آڳاٽي ماڻهن جو طلسم رکيل آهي. جنهن ۾ خزانو محفوظ رهي ٿو. ڪنهن ڏينهن درويش اتي وڃي پهتو ان کي ڪا شيءِ هٿ آئي هئي، تنهن کان پوءِ ڪيئي ماڻهو انهيءَ آسري تي اوڏانهن ويا، پر سڀ خالي هٿين موٽي آيا.[56]

هڪ روايت موجب قديم زماني ۾ پهاڙي جي آسپاس هڪ ڌنار پنهنجا ڍور چاريندو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ هڪ ڳئون ان قبي طرفان روزانه سندس ڌڻ ۾ اچي شامل ٿيڻ لڳي ۽ شام جو واپس هلي ويندي هئي. پنجن ڇهن مهينن کان پوءِ ڌنار معاوضو وٺڻ جي خيال سان ڳئون جي پٺيان لڳو ويو قبي جي ٻاهران هڪ بزرگ مليس جنهن کان معاوضو گهريائين. بزرگ قبي ۾ اندر موجود خزاني مان پنهنجون ٻئي منيون ڀري کڻڻ جو اشارو ڪندي چيو ته هي راز ڪنهن کي ٻڌائيندين ته نقصان ٿيندو. ايتري ۾ بزرگ گم ٿي ويو. هن ڏٺو ته هاڻ ڪو به ڪونهي، سو جهولي ڀري ٻاهر نڪتو. ٻاهر نڪرڻ سان سندس اکين جي روشني ختم ٿي ويئي. بزرگ جو آواز آيس تو لالچ ڪئي آهي، ان ڪري انڌو ٿيو آهين. هاڻ صرف به منيون کڻي باقي خزانو اتي رک ۽ هليو وڃ. ڌنار ائين ڪيو ۽ واپس موٽي اچي اهو راز ماڻهن کي ٻڌايو. ان ڏينهن کان پوءِ هر ڪو ماڻهو ان طرف وڃي ٿو پر اتي ڪجهه به نظر ڪونه ٿو اچي.

ڪيهر جي ماڙيءَ کي ”ڪيرماڙي“، ”ڪهير راءِ جي ماڙي“ به چيو وڃي ٿو پر اهو روايتن موجب ”ڪهيري ماڙي“ درست چيو وڃي ٿو. اهو بزرگ ڪهيري خاندان جو ڪو فرد هو جنهن سبب ڪهيري جي ماڙي نالو مشهور ٿيو اٿس.

لوهي پڃرو:

گنداواهه ضلعي ڪڇيءَ جي اولهه طرف جي پهاڙي تي هڪ هنڌ لوهي پڃرو ٽنگيل آهي، جنهن ۾ ڪا شيءِ رکيل نظر اچي ٿي، اڪثر ماڻهن وڃي اتي ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اهو پڃرو اتان پري ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن مٿين پاسي کان ڪو اتي وڃي ٿو ۽ رسن سان

---

[54] سعيدالدين طارق، ”سبي تاريخ ڪي آئيني ۾“، سيوي مخزن ڊگري ڪاليج، سبي، 84_1983ع، ص 66.

[55] مير محمد معصوم بکري، تاريخ معصومي، مترجم مخدوم امير محمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1985ع، ص 168.

[56] ميرعلي شير قانع ٺٽوي، ”تحفة الڪرام“، سنڌي ترجمو مخدوم اميراحمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 332.

لڙڪي لهي ٿو تہ بہ اهو پڄرو پري ٿي وڃي ٿو.

يوسف ميرڪ نمڪين ان بابت لکي ٿو تہ: ”ڪنهن جو بہ هٿ ان پڄري تائين پهچي ڪونہ ٿو سگهي، جيڪڏهن ٽڪري جي مٿان ماڻهو ڪي واڍ تي هيٺ لاهي اماڻجي ٿو تہ اهو پڄرو ويتر پرانهون ٿي وڃي ٿو. وري جي هيٺان ڪو ماڻهو وڃي ٿو تہ سندس پڄڻ جي پيٽي ناهي. ڇاڪاڻ تہ ٽڪري جي چوٽي لسي ۽ هيڪاندي آهي، تنهن ڪري زمين ان کان پري پوي ٿي.[57]

روايتن موجب ڪو طلسم ان ۾ رکيل آهي، جنهن سبب ڪو بہ ان تائين پهچي ڪونہ ٿو سگهي.

جبل مهر:

ڪير ٿر جبل جي ڪوهستان علائقي ۾ هڪ نهايت وڏو جبل آهي، انهي جبل جي هڪ وڏي پٿر مان الله جي قدرت سان هڪ صفي جهڙي جاءِ ٺهي پيئي آهي، جنهن مان پاڻيءَ جو قطرو قطرو ٽمي ٿو ۽ هيٺان هڪ ننڍڙي حوض ۾ گڏ ٿئي ٿو. اٽڪل ڏيڍ مشڪ پاڻي ان ۾ جمع ٿئي ٿو. اهو ڪڏهن بہ وڌي يا گهٽي ڪونہ ٿو. هڪ وڏي راج جي ماڻهن ۽ چوپاين جي پيچ انهيءَ تي مقرر آهي. پاڻي اصل ڪٿان ٿو اچي، تنهن جي ڪا بہ خبر نہ آهي.[58]

انهيءَ صفي جي هڪ پاسي هڪ ديڳ لڙڪي رهي آهي. مشهور ائين آهي تہ اها جنن جي تيار ڪيل آهي ۽ ڪن ماڻهن جي اعتقاد موجب، انهيءَ ۾ خزانو آهي، پر جيئن تہ ڪنهن بہ انسان جي ڪوشش جو هٿ اتي پهچي ڪونہ ٿو سگهي، تنهن ڪري حقيقت جو پتو ڪونہ پيو آهي.

لاهوت:

پب جبل هڪ عجيب جڳهہ آهي، جبل جي اندر هڪ قدرتي صفي ۾ دري ٺهي پئي آهي، جنهن ۾ پٿر جا بہ ڪڙا ٺهيل آهن. فقيرن انهيءَ ۾ رسا ٻڌي ڇڏيا آهن، جن کي وٺي هو اندر ويندا آهن. اندر هڪ گهر وانگيان آهي، جنهن جي ڇت سموري ڳئون جي ٿڻن جهڙي شڪل جي آهي. مشهور آهي تہ اڳئين زماني ۾ سيني ٿڻن مان کير ٽمندو هو. هاڻي ڪن ٿورن مان پاڻيءَ جو ٽيپو ٽيپو ٽمي ٿو. سڀ ڪنهن ٿڃَ جي هيٺان زمين واري پٿر ۾ ڇيدا ٺهي پيا آهن. اهي ڇيدا هميشہ پاڻيءَ سان ڀريل رهن ٿا، نہ گهٽجن ٿا نہ وڌن ٿا.

گهر ۾ هڪ غار آهي، جنهن ۾ رستو آهي، جنهن جي ڪا انتها ڪانهي. چون ٿا تہ انهيءَ رستي کان اڍائي ڏينهن ۾ حجاز جي سرزمين تي پهچي سگهجي ٿو. ڪن ست ڏينهن چيو آهي. آڳاٽي سمي فقيرن انهيءَ رستي جو سير ڪيو هو.[59]

لاهوت دراصل هڪ گلاس جي شڪل جي نهايت تنگ ۽ اونهي کڏ آهي. ان ۾ لهڻ چڙهڻ ڪنهن آتش فشاني کڏ ۾ لهڻ جي برابر آهي. ٻئي هٿ پٿرن ۾ سوگها ڪري تمام مشڪل سان ترڪندي ترڪندي قدم کڻي لهڻو پوي ٿو. ڪٿي ڪٿي لوهہ جون ڏاڪڻيون لڳل آهن. ٿوري بہ غفلت انسان کي سوين فوٽ هيٺ کاهي ۾ ڪيرائي سگهي ٿي. ماڻهو خوف کي متاثڻ لاءِ جيئي شاہ جيلاني جا نعرا هڻندا ويندا آهن. نعرن جي گونج دلين ۾ نئون جوش ۽ جذبو پيدا ڪري ٿي. هڪڙي هنڌ پهاڙيءَ جي چوٽيءَ کان ٻڙ جي وڻ جي ڏاڙهي جهڙيون پتريليون پاڙون ڇج وانگر مٿان هيٺ لڙڪيل آهن. برسات جو پاڻي لڳاتار وهي انهن جو رنگ اڇو ڪري ڇڏيو آهي. زائرين جو چوڻ آهي تہ مولاعلي عليہ السلام جڏهن هن جڳهہ تي تشريف آندي هئي، تڏهن لاهوت

[57] يوسف ميرڪ نمڪين، ”تاريخ مظهرشاهجهاني“، مترجم، نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979ع، ص 129.

[58] مير علي شير قانع ٺٽوي، ”تحفة الڪرام“، مترجم: مخدوم امير احمد، 1957ع، ص 632.

[59] مير علي شير قانع ٺٽوي، ”تحفة الڪرام“، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 33_634.

تي ڪير جي برسات ٿي هئي. لاهوتي ان سفيدي کي ڪرڙي تبرڪ طور پاڻ وٽ رکن ٿا ۽ بيمارن کي علاج طور کارائين ٿا.[60]

نوح جي ڪشتي:

لاهوت ۾ بلاول شاه جي وچ ۾ هڪ ڪشتي نما جبل آهي، جنهن کي نوح جي ڪشتي چيو ويجي ٿو. بعض ماڻهو ان کي پنجتن پاڪ جي ڪشتي بہ چون. ان جي چوٽيءَ تي مهريءَ جي دال جي داڻي جهڙي رنگ ۽ سائيز جيترا ٽڪرا پيل آهن، جنهن کي ”نوراني دال“ چيو ويجي ٿو. ماڻهو تبرڪ طور پاڻ سان ڪجهہ داڻا کڻي ويندا آهن.[61]

ماءُ جو پيٽ:

هي لاهوت ۾ هڪ جڳهہ تي سوڙهي سرنگهہ جو نالو آهي، جتان حرامي ۽ حلاليءَ جي پرک ٿئي ٿي. حلالي ان مان ٿلهي هئڻ جي باوجود آسانيءَ سان لنگهي ويجي ٿو. جڏهن تہ حرامي ماڻهو سنهڙو هئڻ جي باوجود ان مان لنگهي ڪونہ ٿو سگهي.[62]

ڪپهہ جا وڻ:

تاريخي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو تہ، ڪنهن زماني ۾ چٽ ڦليجي وارو علائقو ڦٽين جي لحاظ کان وڏي اهميت رکندو هو جتي ڦٽين جا ٻوٽا وڻن جيڏا هوندا هئا. يوسف ميرڪ ان سلسلي ۾ لکي ٿو تہ: ”سبيءَ جي آس پاس چٽ ۽ ڪور واري زمين ۾ ووڻٽن جا ٻوٽا ٻير جي وڻن جيڏا ٿين ٿا. ماڻهو انهن تي چڙهي ڦٽيون چونڊيندا آهن. ڪپهہ جي چونڊي کان اڳ انهن وڻن تي موجود سپن کي چاپڙڪون هٽي ٽڙائي پڪڙائي پوءِ پنهنجي ڪرت ۾ لڳي وڃن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن کي سپ سنگهي وٺي تہ ڏنگ واري جاءِ تي پاڪي سان چڪ ڏيئي ڪنهن ماڻهوءَ کان رت چوُسرايو ويندو آهي. ٻي حالت ۾ ڏنگيل ماڻهو اڪثر مري ويجي ٿو.[63] اڄڪلهہ ڦٽيون ڪونہ ٿين، پر نانگن جي گهڻائي موجود آهي.

---

[60] عبدالغفور درشن، ”لاهوت لامڪان“، لوڪ ورثہ اسلام آباد، 1985ع، ص 40.

[61] ايضاً، ص 38.

[62] ايضاً ص 42.

[63] يوسف ميرڪ نمڪين، ”تاريخ مظهرشاهجهاني“، مترجم: نياز همايوني، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979ع، ص 29_128.

# باب ٻيو

## سنڌ سان ناتا

سنڌ ۽ بلوچستان جي سياست ۽ سماج، تهذيب ۽ تمدن، وڻج ۽ واپار، تاريخ ۽ جاگرافي توڙي علم و ادب جو جائزو وٺبو ته اسان کي معلوم ٿيندو ته قديم زماني کان ٻنهي خطن جا پاڻ ۾ گهاٽا ناتا رهندا آيا آهن. جاگرافيائي ويجهڙائي ۽ آباد هئڻ سبب قديم زماني کان سنڌ جو بلوچستان تي نه فقط اثر بلڪ غلبو به رهيو آهي. بلوچستان جو سمورو علائقو جنهن ۾ سبي، ڪڇي، قلات، لورالائي، مڪران، لسٻيلو ۽ سمنڊ جو ساحل هزارين سالن کان سنڌ جي زير تسلط رهندو آيو آهي. هيٺ اسان سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف ناتن جو مختصر جائزو پيش ڪنداسين.

سياسي ناتا:

فارسين جو دور: **تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته هن خطي کي سنڌ سميت عربن جي حملن کان اڳ ايرانين، سٿين ۽ پارٿين پنهنجي زير اثر ڪيو آهي.**[64] **516 ق. م ۾ ايران جو حاڪم دارا اعظم (پهريون) سنڌونديءَ جي چوڙ تائين ڪاهي آيو ۽ هي سمورو علائقو پنهنجي طابع ڪيائين.**[65]

يوناني دور: **325 ق. م ۾ سڪندراعظم برصغير پاڪ و هند تي ڪاهي آيو ۽ سوات کان پنجاب پهچي راجه پورس کي شڪست ڏيئي، ملتان کان سنڌونديءَ ذريعي سنڌ پهتو**[66] **۽ هتان جي حاڪمن کي آڻ مڃائي حب ندي ٽپي**[67] **سنڌ ڇڏي مڪران طرف روانو ٿيو.**[68] **رستي ۾ بابل ۾ وفات ڪيائين.**[69]

راءِ گهراڻو (492 کان 642ع): **جڏهن واديءِ سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت هئي، ان وقت سبي ۽ ڪڇيءَ وارو علائقو هن گهراڻي جي حڪومت جي حدن ۾ شامل هو.**[70] **سبي شهر کي بولان واديءَ جو دريا منهن چيو ويندو هو. هن سموري علائقي کي سيوستان سڏيو ويندو هو. چوته راءِ سهاسي راجائن جي مائٽي قلات جي سيوا خاندان سان هئي. اهي ٻڌمت جا پوڄاري هئا. سندن حڪومت جون حدون اتر ۾ ڪشمير، قنڌار، هيلمند ۽ اولهه ۾ ڪرمان جي وادي نور هنشور تائين هئي. ان سلطنت اندر اُچ ماٿيلو سيوراماڻو سيوستان، نيرون ڪوٽ، الور، برهمڻ آباد ۽ ديبل مشهور قلعا هئا، جن تي ملڪ نالي نائب مقرر هئا.**[71]

---

64 خان ايف اي، ”رپورٽ آف دي ڊپارٽمينٽ آف آرڪيالاجي“، ڊيلي ڊان ڪراچي، پاڪستان ڊي نمبر، 23 مارچ، 1959ع، ص 3.

65 انسائيڪلوپيڊيا آف برٽينيڪا، واليوم 7، انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا لميٽيڊ لنڊن، 1960ع، ص 59.

66 هيگ ايم آر، ”انڊس ڊيلٽا ڪنٽري“، ڪيگان پاؤل، لنڊن، 1894ع، ص 12_21.

67 ايضاً.

68 ايضاً.

69 ريپسن اي جي، ”دي ڪيمبريج هسٽري آف انڊيا“، چاند ائنڊ ڪو فائونٽين، دهلي، 1950ع، ص 341.

70 رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ بلوچستان“، بلوچ سيريز نمبر 1، سکر 1941ع، ص 26.

71 رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 70.

لالا هيتورام لکي ٿو تہ: ”جڏهن سنڌ ۽ پنجاب هندو راجائن جي قبضي هيٺ هو. ان زماني کان قلات بلوچستان ۽ سيويءَ تي سيوا خاندان جي حڪومت هئي“.[72]

برهمڻ آباد: (642_712ع) راجا چچ جي دور ۾ هي علائقو سنڌ ۾ شامل هوندو هو. راجا چچ چاليهن (40) سالن تائين حڪومت ڪئي هئي. هن ارمابيل، گنداواه ۽ سبيءَ تي اچي قبضو ڪيو.[73] هن گهراڻي جي جملي پنجن راجائن حڪومت ڪئي. 1. چچ، 2. چندر، 3. ڏهر، 4. ڏهر سياه. 5. ڏاهر. انهن راجائن وڏي دٻدٻي سان حڪومت ڪئي. 625ع ۾ ايرانين اسلامي لشڪر کان شڪست کاڌي، عربي خلافت جون حدون سنڌ تائين پهتيون. غازي محمد بن قاسم 711ع ۾ ڏاهر کي شڪست ڏيئي اسلامي حڪومت جو پايو وڌو.[74]

عرب دور: عربن جي دور حڪومت ۾ ڪرمان، مڪران ۽ بلوچستان جا ٻيا علائقا انتظامي لحاظ کان سنڌ ۾ شامل هئا، جنهن تي ڪجهہ عرصي لاءِ جدگالن جو قبضو هو.[75] سنڌ جي عباسي گورنر هشام بن عمرو جي زماني ۾ گنداواهہ جو نواب خودمختيار بڻجي ويو هو. هشام گنداواهہ تي چڙهي آيو ۽ ان کي هٽائي اتان جو انتظام درست ڪيائين ۽ سارو ملڪ منصوره جي حڪومت جي تسلط هيٺ رکيائين.[76] مختلف گورنرن جي حڪومت کان پوءِ سنڌ جي عربي حڪومت يمانين ۽ نزارين جي جهڳڙن جي ڪري ڪمزور ٿي پيئي. بلوچن ۽ سيدن گڏجي منصوره تي ڏکڻ کان ۽ جاٽن اتر کان حملا ڪرڻ شروع ڪيا. بلوچن ڪرمان کان وٺي سنڌ جي سرحدن تائين فسادن ۽ ڦرمار جي جرم ۾ بويہ وارن کان شڪست کاڌي، بعد ۾ ڪرامتين مڪران جي ڪناري کي وڃي وسايو ۽ ستت ئي مڪران جي رند بلوچن سان مائٽي ٿي ويئي ۽ سندن تحريڪ بلوچستان ۾ اهڙو زور ورتو جو مڪران کان سواءِ سردان نوشڪي ۽ سيستان تائين رهندڙ بلوچن براهوئين جا قبيلا ساڻن شريڪ ٿي ويا، تنهن کان پوءِ ميدن کي شڪست ڏيئي مڪران جي ”ڪلمت“ کي مرڪز جوڙي 325 هہ ۾ سنڌ ۽ گجرات جي ڪناري وارن شهرن تي قبضو ڪندي منصوره ۽ ملتان تي قبضو ڪيائون ۽ اتي مصر جي فاطمي خليفن جي نالي جو خطبو جاري ڪيائون.[77]

هي واقعو سلطان سبڪتگين جي غزنيءَ تي تخت نشين ٿيڻ کان پوءِ ٿيو. سلطان سبڪتگين 366 هہ 976ع ۾ غزنيءَ تي قبضو ڪيو هو جنهن صورت ۾ بخارا جي سامانيہ سلاطين غزنيءَ جي ترڪي سلاطين ۽ سلجوقي سلاطين جو بغداد جي عباسي خلافت ۾ اعتماد هو. ان صورت ۾ فاطمين جو اثر مشرقي اسلامي دنيا تان ستت ئي مٽجي ويو جنهن جو اثر هي ٿيو جو سنڌ ۾ ڪرامتين جو زور جلد ئي ٽٽي پيو.

عام طور تي سنڌ جي تاريخن ۾ بلوچن جو ذڪر ڪلهوڙن جي صاحبيءَ کان ڏنل آهي، پر بلوچن جا سنڌ سان لاڳاپا گهڻو اڳ کان هئا. سندن بيٺڪون مهراڻ جي ڀنهي ڪپن تي ديبل کان وٺي هانسي ۽ حصار تائين هيون. غزنوي دور اندر دهليءَ تي تومارن، اجمير تي چوهاڻن، قنوج تي راٺوڙن ۽ گجرات تي واگهيلن جي حڪومت هئي. خسرو شاه بن بهرام شاهہ سن 555 هہ/1160ع ۾ وفات ڪئي. سندس ڏينهن ۾ سن 551 هہ/ 1154ع ۾ راول جئيل

---

[72] لالا هيتورام، ”تاريخ بلوچستان“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1973ع، ص 15_378.

[73] ”بلوچستان ٿرو دي ايجز“ گزيٽيئر، 1901ع، ص 181.

[74] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 74_107.

[75] بلوچستان ٿرو دي ايجز، 1901ع، ص 181 ۽ ڊسو ڊسٽرڪٽ سينسر گزيٽيئر مڪران ۽ فاران ڊسٽرڪٽس بامبي دي ٽائيم پريس، 1907ع، ص 60.

[76] علي ڪوفي، ”چچ نامو“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1953ع، ص 68.

[77] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 215.

پاڻيہ جيسلمير جو شهر تعمير ڪرايو. سندس رياست جون اولهندي واريون حدون اراولي ٽڪرين تائين هيون. سندس پٽ سالاباهين سنڌ تي قبضو ڪرڻ لاءِ راجپوتن جو لشڪر تيار ڪيو.[78] ان وقت سنڌ ۾ طوائف الملوڪيءَ جو دور هو ۽ هندو راجا پيهر سنڌ تي قبضي ڄمائڻ لاءِ منتظر هئا، عين انهيءَ وقت بلوچن پنهنجي سردار خضر خان جي اڳواڻيءَ ۾ جيسلمير تي ڪاهہ ڪئي. سالاباهين ٽن سون راجپوتن سان مارجي ويو بلوچن ڏراوڙ جي قلعي تي قبضو ڪيو.[79]

سومرا دور: سلطان محمود غزنويءَ جي وفات کانپوءِ خراسان ۾ سلجوقي اميرن زور ورتو جن سان غزنوي فرمانروا مسلسل جنگين ۾ رڌل رهي. نيٺ غورين مٿو کنيو ۽ اهڙو زور ورتو جو سن 547 هہ/ 1152ع ۾ خسرو شاهہ بن بهرام شاهہ کي غزني ڇڏي لاهور کي تختگاهہ ڪرڻو پيو. سندن حڪومت ايتري پوڻ ڪري سنڌ جي باشندن گڏجي امير سومري کي ٿريءَ جي شهر ۾ پنهنجو حاڪم مقرر ڪيو. سومرن جي رڳو سنڌ ۾ حڪومت ڪانہ هئي، پر جهالاوان بلوچستان ۾ ڪڇي بہ سندن ماتحت هئا.[80]

سن 574 هہ/1177ع ۾ سلطان شهاب الدين اُچ، سنڌ ۽ ملتان فتح ڪيا ۽ سنڌ تي غورين ۽ غلام سلاطين جي حڪومت شروع ٿي ۽ سنڌ دهليءَ جي ماتحت هئي. اهڙو سلسلو خلجين ۽ تغلق سلطانن جي زماني ۾ سن 790 هہ/ 1388ع ۾ سلطان فيروز شاهہ تغلق جي وفات تائين جاري رهيو. دهليءَ پاران ملتان، بکر ۽ سيوهڻ تي وقت بوقت نواب ائين پئي آيا ۽ ويا، مگر سنڌ جا حقيقي حڪمران اهو سمورو عرصو سومرا ئي هئا.[81]

تاريخ طاهري، تحفة الڪرام، تاريخ معصوميءَ جي بيانن مان ايترو ڇئي سگهجي ٿو تہ سومرا خاندان سن 1051ع کان 1351ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي.

سمن جو دور: سمن جو دور 1351ع کان 1521ع تائين هليو سندن حڪومت جون حدون اتر ۾ سبيءَ تائين هيون. اهو سڄو علائقو سندن قبضي ۾ هو. ڄام نندي جي حڪومت ۾ 1508ع تائين سبيءَ وارو خطو سنڌ سان شامل هوندو هو.[82]

سمن جو وڏو تعداد لسبيلي ۽ مڪران ۾ رهندو هو. سنڌ جي سمن سومرن کان تنگ ٿي ڄام انڙ کي مڪران کان گهرايو. جنهن سنڌ ۾ اچي سومرن جي پوئين حاڪم همير کي قتل ڪيو ۽ سنڌ تي قبضو ڪيو. ڄام انڙ کان پوءِ سندس ڀاءُ ڄام جونہ (جُوڻو) سن 1354ع ۾ گاديءَ تي وينو. ڄام انڙ سمن جي حڪومت جو سنڌ ۾ پايو وڌو.[83]

مڪران جهالاوان ۽ ڪڇيءَ جا جدگال جي پهريائين سومرن جي سردار جي ماتحت هئا. سي سومرن کان پوءِ سمن کي سردار سمجهڻ لڳا. سمن خلاف مير عمر مير واڙي براهويءَ جهالاوان ۾ بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو. خاران جي نوشيرواني مَلڪن بہ مير عمر جو طرف ورتو. سمن شڪست کاڌي، براهوي طاقت جون حدون پهريون پيرو مشڪي ۽ ڪولواهہ تائين پکڙجي ويون. مير جلال خان جي اولاد مان رندن جي سردار مير شهڪ خان ڪڇيءَ جي

---

[78] ايضاً، ص 236.

[79] جي ٽاڊ، ”دي ائنلس ائنڊ ائنٽيڪيوٽيز آف راجستان“، واليوم 1، ڪلڪتا، 1894ع، ص239.

[80] آر. ايچ. هيوگز بيولر، ”امپيريل گزيٽيئر آف انڊيا“ واليوم 1، بلوچستان سيريز ڪلڪتا، 1908ع، ص 165.

[81] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 313.

[82] خداداد خان، ”لب تاريخ سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، ڪراچي، 1959ع، ص 65.

[83] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 345_347 ۽ پڻ ڏسو مير گل خان نصير جو ڪتاب ”تاريخ بلوچستان“ اقبال اسٽيشنري مارٽ ڪوئيٽا، 1952ع، ص 20

گولا قوم کي شڪست ڏيئي سمن کان سيوي، ڍاڍر، جهل، حب، ناڙي، پوهه، مولهه، گاج ۽ ڏڙي پنر جا پرڳڻا فتح ڪيا. پوءِ بلوچن جي ٻن مشهور قبيلن رندن ۽ لاشارين 15 صدي عيسويءَ ۾ ڪڇيءَ جي ميدان ۾ بيهڪون وڌيون.

سيوي ۽ ڍاڍر رندن جا تختگاهه شهر سڏجڻ لڳا. گنجايه کي لاشارين پنهنجو تختگاهه مقرر ڪيو.[84] مير شهڪ خان جي وفات بعد سيوي ۽ ڍاڍر سندس پٽ مير چاڪر خان رند جي قبضي هيٺ اچي ويا. ستت ئي پوءِ گوهر جنڍيءَ جي سوال ڪري مير گهرام خان لاشاري ۽ رندن جي سردار مير چاڪر خان رند جي پاڻ ۾ ٽيهن سالن تائين ويڙهه هلي. هن جنگ ۾ جيسلمير جي ڀاٽين، ملتان جي ناهرن ۽ سمن لاشارين جو طرف ورتو ۽ قنڌار جي حاڪم امير ذوالنون ارغون رندن جو طرف ورتو لاشارين شڪست کاڌي منجهائن گهڻائي لاشاري لڏي سنڌ ۾ رهڻ لڳا. مير ابوبڪر لاشاري گجرات جي شهر پالڻپور ڏانهن هجرت ڪئي.[85] گجرات ۾ سمي ۽ وراهي ۾ ننڍيون بلوچ رياستون مٿين زماني جون يادگار هيون.[86] رندن ۽ لاشارين واري جنگ جو هي واقعو 1486ع ۾ ٿيو.[87]

بلوچن جي هن جنگ سبب افغانستان جي ارغون حڪمران امير ذوالنون سبيءَ تي حملو ڪيو.[88] ان جي مرڻ بعد شاهه بيگ ارغون حڪومت جون واڳون سنڀاليون. هن جي ڏينهن ۾ محمد شاهه شيبانيءَ خراسان جي حاڪم قنڌار تي حملو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. شاهه بيگ ارغون محمد شاهه شيبانيءَ ڏانهن پنهنجا ايلچي موڪليا ۽ اطاعت جو اظهار ڪيو. انهيءَ کان پوءِ هڪ پاسي شاهه اسماعيل صفوي ثاني ته ٻئي پاسي بابر بادشاهه زور هنيا. ان ڪري شاهه بيگ ارغون کي خوف ٿيو ۽ هن 1518ع ۾ سيويءَ تي حملو ڪيو. هو جڏهن سبي جي ٻاهران پهتو تڏهن قلعي کي گهيرو ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ سيويءَ تي سلطان پير ولي برلاس جي اولاد جو قبضو هو ۽ ٽي هزار بلوچ نوجوان قلعي جا نگران هئا. هن حملي ۾ شاهه بيگ کي فتح نصيب ٿي.[89] هن اتي مرزا عيسيٰ خان ترخان اول کي مقرر ڪري پاڻ قنڌار هليو ويو.[90] 1520ع ۾ شاهه بيگ ارغون سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سلطان علي ارغون ۽ زيبڪ ترخان کي سبي (سيوي) جي قلعي تي محافظ مقرر ڪري، ٽي هزار سوار ساڻ ڪري سنڌ تي ڪاهي آيو پر ڪامياب نه ٿيو. بعد ۾ ٻيهر حملو ڪيائين. آخر 11 محرم 927 هه/ 1520ع تي ٺٽي ۾ فاتح جي حيثيت سان داخل ٿيو.[91] 1522ع ۾ هن وفات ڪئي. سندس مرڻ کانپوءِ سندس پٽ مرزا شاهه حسن ارغون حڪومت جون واڳون سنڀاليون. هن 1533ع ۾ افضل ڪوڪلتاش جي فرزندن کي سبيءَ تي پنهنجو نواب مقرر ڪري موڪليو.[92] سن 971 هه/ 1553ع ڌاري مرزا شاهه حسن بکر تي مير شاهه محمود کي مقرر ڪيو. سلطان محمود خان تڏهن سيويءَ ۾ هو. بکر ۾ فساد ٿيڻ تي ماءُ

---

[84] ايضاً، ص 354.

[85] ايم ايل ڊيمز "پاپولر پوئٽري آف بلوچ"، دي ٿري پيپرس وار لنڊن، 1907ع، ص 23.

[86] رحيمداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 354.

[87] بگٽي قربان علي، "مير چاڪر خان رند"، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، مارچ 1982ع، ص 48.

[88] نذير احمد شاهه، "سبي تاريخ ڪي آئيني ۾"، ماهوار زينه ڪوئيٽا، جنوري- فيبروري 1989ع، ص 41.

[89] سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي، "ترخان نامه"، تصحيح و حواشي: سيد حسام الدين شاهه راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 14.

[90] مير معصوم بکري، تاريخ معصومي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1953ع، ص 125.

[91] رحيمداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 384.

[92] اعجازالحق قدوسي، "تاريخ سنڌ"، جلد پهريون مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1974ع، ص 412.

جي پيغام پهچڻ شرط سلطان محمود خان آيو ۽ بکر جو ڪوٽ هٿ ڪري ٻين کي هڪلي ڪڍيائين.[93] اهڙيءَ طرح ارغون کان پوءِ ترخان گهراڻي جي حڪومت تائين يعني مرزا جاني بيگ جي راڄ تائين سبيءَ وارو خطو سنڌ جي حڪومت هيٺ رهيو.

سمن جي جن حاڪمن لسٻيلي تي حڪومت ڪئي. انهن مان هڪ شاخ رونجها آهي. جنهن چوڏهين صدي عيسوي ڌاري ان وقت لسٻيلي کي اچي وسايو. جڏهن نہ فقط سنڌ تي پر بلوچستان ۾ سبيءَ تائين سندن حڪومت هئي. اهي سما جيڪي لسٻيلي ۾ اچي ويٺا, تن اتي پنهنجو راڄ قائم ڪيو. انهن رونجهن اٽڪل 3 سؤ سال کن هن علائقي تي حڪومت ڪئي ۽ سترهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ڌاري سندن حڪومت جي پڄاڻي تي ۽ سنڌ مان سمن جي حڪومت ختم ٿيڻ باوجود لسٻيلي تي سما حڪومت ڪندا هئا.[94]

ڪلهوڙا دور: مِيان يار محمد ڪلهوڙي منڇر تائين جو علائقو پنهورن جي سردار قيصر خان کان کسيو. عالمگير جي ايلچي خواجہ حسين ميان يار محمد کي سيويءَ کان ڪنڊياري تائين ملڪ حوالي ڪيو ۽ پنهنجي تختگاهہ لاءِ دادو کان سٺن ميلن جي مفاصلي تي خدا آباد ۾ نئون شهر تعمير ڪرايو. جيڪو 1701ع کان 1767ع تائين انهن جو تختگاهہ هو.[95]

بعد ۾ هن ڪڇيءَ جي سردار قيصرخان مگسي, مير وخان شورڻ جي رند سردار ۽ ياڳناڙيءَ جي زميندار کي, جي سندس مريد هئا, پنهنجو ڪري مراد ڪليري عرف گنجي کي ڪڇيءَ مٿان پنهنجو نائب مقرر ڪيو. بروهين جي شرارت وقت, ميان جي ٻن سپهہ سالارن مير بهرام خان ٽالپور ۽ راڄي ليکيءَ اٺن هزارن جي لشڪر سان ميان جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪڇيءَ تي ڪاهہ ڪئي. ڍاڍر جي ويجهو سنيءَ ڳوٺ وٽ ڪلهوڙن ۽ براهوئين جو مقابلو ٿيو. مير عبدالله خان شهباز بلوچستان وٽ ان وقت ٻن ٽن سون سوارن جو دستو هو. جن غنيم جو مقابلو ڪندي هو شهيد ٿي ويو ۽ ميان نورمحمد فتح حاصل ڪئي.[96]

سن 1706ع ۾ فتح پور (گنداواہ) جو سردار مير پنهور هو. ان وقت ڪلهوڙن فتحپور فتح ڪيو. تنهن ڪري هو دهليءَ جي بادشاهہ ڏي دانهي ٿي ويو. جڏهن ميان دين محمد بادشاهي لشڪر سان وڙهندي پڪڙجي پيو. تڏهن فتحپور ٻيهر پنهورن کي مليو. تڏهن ميان يار محمد فتحپور پنهورن کان ورتو.[97]

ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دؤر حڪومت ۾ بلوچستان جو هي خطو سندس سرحدن ۾ شامل هو. سنڌ جي سرحدي پرڳڻي چانڊڪا جو تختگاهہ لاڙڪاڻي کي مقرر ڪيائين. جڏهن هن وفات ڪئي تہ وصيت ۾ سبي ۽ ڪڇيءَ وارو علائقو پنهنجي پٽ ميان مراد ياب خان کي ڏنو هئائين. ان طرح ڏسجي ٿو تہ هي خطو گهڻو وقت سنڌ جي حڪمرانن جي هٿ هيٺ هو. ڇو جو هو پنهنجي حڪومت درويشي پيري ۽ مريديءَ جي بنياد تي قائم رکيو ايندا هئا.[98]

انهيءَ وچ ۾ سن 1684ع ڌاري ميان نصيرخان ڪلهوڙي جي وقت ۾ سيويءَ جو حاڪم مرزا خان پٺي هو. تنهن جي ميان سان جنگ لڳي, پر

---

[93] مرزا قليچ بيگ, ”قديم سنڌ, ان جا شهر ۽ ماڻهو“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, ڊسمبر 1981ع, ص 263.

[94] بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, ”ٻيلاين جا ٻول“, ڇاپو ٻيو, زيب ادبي مرڪز, حيدرآباد, 1973ع, ص13.

[95] رحيمداد مولائي شيدائي, ”جنت السنڌ“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1958ع, ص 462.

[96] ايضاً, 522.

[97] مرزا قليچ بيگ, ”قديم سنڌ ۽ ان جا شهر ۽ ماڻهو“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, ڊسمبر, 1981ع, ص 27.

[98] غلام رسول مهر, ”تاريخ سنڌ“, ڪلهوڙا دور حصو ڇهون, جلد ٻيو سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, سنڌي ترجمو 1964ع, ص 842.

سگهوئي سندن وچ ۾ صلح ٿيو ۽ ميان نصير محمد ڪلهوڙو دهليءَ جي بادشاهه اورنگزيب ڏانهن ويو. پوءِ ٻه پٽي جا افغان سيوي ۽ شڪارپور جا حاڪم رهيا.[99]

سن 1729ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ مراد ڪليري گنجو سيويءَ جو حاڪم ٿيو. هن اتان جي سردار قيصر خان مگسي، بهرام خان لاشاري (سيويءَ واري) ۽ مير بلري ڪڇيءَ ۽ ٻين کي ماري مڄايو. 1738ع ۾ جڏهن نادر شاهه افشار سنڌ ۾ آيو تڏهن شڪارپور دائودپوٽن کي ڏنائين ۽ سيوي افغانن کي، جيئن ڪي ورهيه اڳ هوندو هو.[100]

ٽالپور دور: هن دور ۾ جڏهن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو تڏهن سبي ۽ ڪڇي علائقو خيرپور وارن ٽالپورن جي حوالي ٿيو. حيدرآباد واري مير مراد علي خان جي وفات بعد خيرپور جي مير رستم خان پنهنجي رياست پنهنجن پٽن ۾ ورهائي. اُن وقت خيرپور رياست جون حدون اتر ۾ سبزل ڪوٽ ۽ ڪشمور تائين، اولهه ۾ ڪڇي ۽ گنداواهه تائين ۽ ڏکڻ ۾ نوشهري فيروز تائين هيون. مير سهراب خان افغانن جا ڪي پرڳڻا هٿ ڪيا، جن کي موغلي سڏيندا هئا. هن حاڪم بلوچن جا ٻه ڪي پرڳڻا هٿ ڪيا، جن کي ٻڙديڪ چوندا آهن. مير سهراب خان پنهنجي وصيت ۾ جڏهن حڪومت ورهائي، تڏهن سداگان ٻڙديڪ (بلوچستان) وارا حصا مير رستم خان جي حوالي ڪيائين ۽ ميرپور ماٿيلي، مهرڪي ۽ مغلي وارا حصا مير مبارڪ علي کي ڏنائين.[101]

هن دور ۾ اتر سنڌ جي ٽڪرين ۾ ڪشمور کان پوءِ مزارين جي رياست شروع ٿئي ٿي، جنهن جو تختگاهه روجهاڻ هو. جو ديرا غازي خان کان هڪ سؤ ڏهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. هڙند ۽ داجَل ڏانهن ويندي براهوي لشڪر کي مزارڇ جي حدن مان لنگهڻو پوندو هو. قلات جي اهڙي فوجي نقل و حمل کي مزاري پنهنجي آزاديءَ لاءِ خطرو ۽ قومي وقار لاءِ بي عزتي تصور ڪندا هئا. مير محبت خان جي ڏينهن ۾ قلات جي لشڪر هڪڙي ڀيري مزارين تي ڪاهي ڪشمور ۾ قرلٽ ڪئي هئي. پوءِ نصير خان بگٽين جي مدد وٺي روجهاڻ ۾ قرلٽ ڪرائي هئي ۽ ڪشمور وٽ هڪ قلعو نالي عمرڪوٽ تعمير ڪرائي منجهس براهوي لشڪر ويهاريو هو. مزارين جي سردار مير حمل خان ثالث قلات جي ڪاررواين خلاف مير فتح علي خان کي درخواست ڪئي. فاتح مير هڪ توپخاني جو دستو مزارين جي مدد لاءِ موڪليو. ٽالپوري توپخاني جي گولاباريءَ ڪري عمرڪوٽ جي قلعي جي ديوارن ۾ شگاف پئجي ويا. براهوي لشڪر جا ٻه عملدار مينهان خان ۽ سنجر خان مارجي ويا ۽ براهوي لشڪر ۾ ڀاڄ پيئي. 1792ع ۾ مير حمل خان ٽالپورن جي اطاعت قبول ڪئي ۽ مزارڇ جو علائقو راجنپور تائين ٽالپوري حڪومت ۾ شامل ٿي ويو.[102]

بگٽين جي سردار بيورغ جنهن براهوين سان شريڪ ٿي روجهاڻ کي لٽيو هو. تنهن کان انتقام وٺڻ لاءِ مزارين ۽ ٽالپورن جي فوج گڏجي بگٽين تي ڪاهه ڪئي. 1792ع ۾ سياهه آف جي جنگ ۾ بگٽين شڪست کاڌي. مزارين ۽ بليدين جي تعاون ڪري ٽالپوري حڪومت جي اتر واري سرحد ديرجات تائين مضبوط ٿي ويئي. 1801ع ۾ مير حمل خان جي وفات بعد مير بهرام خان مزارين جي سرداري پڳ ٻڌي.[103]

---

[99] مرزا قليچ بيگ، ”قديم سنڌ ۽ ان جا شهر ۽ ماڻهو“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڊسمبر 1988ع، ص 263.

[100] ايضاً، ص 264.

[101] مهر غلام رسول، ”تاريخ ڪلهوڙا“، حصو پهريون، مرڪزي اردو بورڊ لاهور، 1974ع، ص 412.

[102] رحيمداد شيدائي مولائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 586.

[103] ايضاً، ص 587.

هن دور ۾ 1795ع ۾ قلات جي بيگلر بيگي مير محمد نصير خان وفات ڪئي. سندس ولي عهد پٽ شهزادو محمود صغير هو. تنهن ڪري شاهي خاندانن مان پهريائين بهرام خان ڪڇيءَ ۾ فساد ڪرايو. جنهن کي زمان شاهه گرفتار ڪرايو. پوءِ حڪومت جو ڪاروبار شهزادي جا ٻه ماٽيلا ڀائر مير رحيم خان ۽ مير مصطفيٰ خان هلائڻ لڳا. منجهائن مصطفيٰ ڪڇي هڙند ۽ داجل مٿان نائب هو. هن حيدرآباد سرڪار کان ڪراچي جي بندر جو مطالبو ڪيو ۽ بهاولپور جي نواب محمد صادق خان سان معاهدو ڪيو.[104] ان معاهدي موجب ٻنهي سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. شهزادي مصطفيٰ سنڌو درياهه جي ساڄي پاسي ۽ نواب محمد صادق کاٻي پاسي تي قبضو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. براهوي شهزادي جي هڪ پوڙهي چاچي ڪوٽڙيءَ ۾ رهندي هئي، جنهن جي پرورش مير غلام علي خان ڪندو هو. ميرصاحب ان پوڙهيءَ کي گهرائي سمجهائي گنداواهه ڏانهن روانو ڪيو. پوڙهي اتي اچي شهزادي مصطفيٰ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن وچ ۾ اتفاق اهڙو ٿيو جو مير رحيم خان کي مير مصطفيٰ خان گولي هٽي ماري وڌو.[105]

ان حادثي کان پوءِ مير غلام عليءَ قلات دربار ڏانهن همدرديءَ طور پنهنجو ايلچي روانو ڪيو ۽ طرفين ۾ صلح ٿيو. مير غلام علي خان مير محمد نصير خان جي ڀائٽي سان ڀاڳ جي شهر ۾ ڌوم ڌام سان شادي ڪئي. ان موقعي تي مهمانن جو تعداد چاليهه هزار هو.[106]

خان قلات مير نصير خان جي دور حڪومت ۾ سندس هڪ وزير لالا گنگارام مقرر ٿيو جيڪو سکر شهر جو هو.[107]

انگريزن جو دور: **انگريزن جڏهن افغانستان تي حملو ڪيو تڏهن هنن بکر، شڪارپور، خانڳڙهه (جيڪب آباد)، ڍاڍر، شاهپور ۽ ڪوئيٽا ۾ پنهنجا فوجي اڏا قائم ڪيا، جتي فوجين لاءِ کاڌي پيتي جو سامان مهيا ڪيو ويندو هو[108]. انهن اڏن جو وڏو عملدار جان جيڪب کي مقرر ڪيو ويو.[109] جڏهن انگريزن افغانستان واري جنگ پوري ڪئي. تڏهن هي علائقو قلات جي خانن جي حوالي ڪيائون. خان قلات جي دور حڪومت ۾ سندس مقرر ٿيل شاهه غازي[110] سندس سياري واري قيام گاهه خانڳڙهه (جيڪب آباد) ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. جيڪب آباد ۾ سندس نالي پٽيان هڪ پاڙو جتي هو رهندو هو، [111] جيڪو اڄ تائين قائم آهي.**

خان قلات کان پوءِ سبي خطي ۾ بارڪزئي حڪومت قائم ٿي ۽ سن 1877ع ۾ بلوچستان کي هڪ ايجنسي جي حيثيت ۾ مرڪز جي حوالي ڪري، سر رابرٽ سنڊيمن کي ان جو ايجنٽ ٽو ڊي گورنر جنرل مقرر ڪيو ويو. جنهن جي ماتحت ٽي اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ڪيا ويا، جن مان هڪڙو جيڪب آباد ۾ مقرر ڪيو ويو.[112]

---

[104] ايضاً، ص 618.

[105] اي ڊبليو هيوجس، ”بلوچستان“، لنڊن، 1877ع، ص 90_91.

[106] قليچ بيگ فريدون بيگ، ”هسٽري آف سنڌ“، دي چچنامه ڪراچي، واليوم_2، 1900ع، ص210.

[107] لالا هيتورام، ”تاريخ بلوچستان“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1973ع، ص 341ع، ڇاپو ٻيو.

[108] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 714.

[109] قريشي عبدالرزاق، ”مشاهير جيڪب آباد“، شاهين بوڪ ڊيپو جيڪب آباد، 1973ع، ص 6.

[110] خان قلات جي وزير جي عهدي جو نالو آهي.

[111] لالا هيتورام، ”تاريخ بلوچستان“، بلوچ اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1973ع، ص 361.

[112] ايضاً، ص 626.

سن 1843ع کان اڳ جيڪب آباد جو نالو خانڳڙهہ هو. اُن وقت خان قلات خان خداداد خان جو اُتي قلعو هو[113]، جتي سردين ۾ هو اچي رهندو هو. ڪڇي علائقي جي شيخ خاندان مان موسيٰ خان بعد ۾ نواب محمد خان شيخ خان قلات جو سرڪاري وڪيل مقرر ٿيو جيڪو سنڌ جي حڪومت سان واسطيدار معاملن لاءِ مقرر ڪيو ويو هو[114] ۽ آزاديءَ تائين وڪالت جو هي سلسلو جاري رهيو.

سن 1843ع ۾ انگريزن جڏهن سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن دوڪي سان خانڳڙهہ تي قبضو ڪيائون ۽ جان جيڪب نالي هڪ انگريز کي اتي ڇانوڻي قائم ڪرڻ لاءِ پوليٽيڪل آفيسر مقرر ڪيو جنهن بعد ۾ شهر جو نالو خانڳڙهہ کان بدلائي پنهنجي نالي پٺيان جيڪب آباد رکيو[115]، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. انگريزن کان اڳ هي علائقو خان قلات جي حڪومت ۾ شامل هو.

**واپاري ناتا:** سنڌ کي اهو فخر حاصل رهيو آهي تہ قديم زماني کان نہ صرف بلوچستان بلڪ ان کان اڳتي، ايران، افغانستان، يورپ ۽ عربستان تائين واپار هلندو هو. هوڏانهن لنڪا ۽ هندوستان لاءِ واپاري منڊيءَ جي حيثيت رکندو هو. هتان هڪ طرف واهڻ ۽ غورابن ذريعي واپار هلندو هو تہ ٻئي طرف ڪيترن ئي خشڪي جي رستن ذريعي واپاري قافلا هلندا هئا. ان ڪري هن ملڪ کي ايشيا کنڊ ۾ واپار جي لحاظ کان اهم حيثيت جو حامل ملڪ سمجهيو ويندو هو.

**واپاري رستا:** راجا چچ جي زماني ۾ ان جو تختگاهہ اروڙ هو. سندس مرڻ بعد سندس ڀاءُ چندرسين تخت تي ويٺو. هن بلوچستان ۾ ڪنراج کان اوريان ۽ وندر کان پريان هڪ قلعو اڏايو جنهن جو نالو "بالي ڪوٽ" رکيائين. جتي پنهنجي لشڪر جي ڇانوڻي بنايائين ۽ ساموندي بندر پڻ تعمير ڪرايا.[116]

بعد ۾ هن ارمابيل يعني لسٻيلي کي زور وٺرايو ۽ مڪران وارا قلعا مضبوط ڪرائي ڪرمان تائين پنهنجي سرحد کي مضبوط ڪيائين[117]. هن سمنڊ جي ڪناري وارن بندرن تي سڌاري طرف ڌيان ڏنو. ان ڪري واپار ۾ واڌارو ٿيو ۽ ڏيساورن مان مال گهڻي انداز ۾ اچڻ لڳو. عربستان، ايران ۽ ميسوپوٽيميا سان واپار ۾ اضافو ٿيو.[118]

چندرسين جي مرڻ کان پوءِ راجا ڏاهر بادشاهہ ٿيو. هن سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي واپاري رستا جوڙايا ۽ واپار کي همٿايائين. اهي واپاري رستا اولهہ طرف ڪرمان تائين ۽ اوپر ۾ ڪنوج تائين پهتا. مڪران واري خطي کي تاريخي لحاظ کان وڏي اهميت حاصل هئي. راجا ڏاهر واري زماني ۾ مڪران وارو ساحلي علائقو سنڌ جي حدن ۾ شامل هو[119]. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي ماڻهن ان پاسي سڪونت اختيار ڪندي علائقي جي واپار تي پنهنجو اثر وڌايو[120]. ان ڪري واپاري منڊين، بندرن ۽ بازارن ۾ سنڌي واپارين سندس گماشتن ۽ مُنشين جي گهڻائي نظر ايندي هئي.

بلوچستان مان لنگهندڙ واپاري قافلن لاءِ خضدار، نال ۽ تربت کي ملائيندي هڪ رستو دريا مشڪي جي علائقي مان گذرندو ڪولواهہ ۽ ڪيچ

---

[113] سڏايو غلام نبي، ڊاڪٽر، "جيڪب آباد جي تاريخ تي هڪ نظر"، مخزن حقيقت جوهار، سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1987ع، ص 16.

[114] لالا هيتورام، "تاريخ بلوچستان"، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، 1973ع، ص 364.

[115] لالا هيتورام، "تاريخ بلوچستان"، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، 1973ع، ص 683.

[116] رامچند ايس ڪتري، "شري هنگلاج جي ياترا"، اڇي قبر رامپارٽ روڊ ڪراچي، 73-1974ع، ص 177.

[117] ايضاً.

[118] ڊسٽرڪٽ سينسس رپورٽ آف مڪران، ڊسٽرڪٽ 1961ع، ص 1-14.

[119] ايضاً.ص 1-14.

[120] ايضاً.

جي وادين ۾ داخل ٿيندو هو. هڪ ٻي واٽ سوراب کان پنجگور وينديءَ هئي، جيڪا مڪران ۽ سياهان جي جبلن مان لنگهندي هئي. سنڌ ۽ بلوچستان کي مڪران ذريعي ملائيندڙ ٽين واٽ اها آهي، جيڪا مڪران ۽ لسٻيلي کان نڪرڻ کان پوءِ لکي جبلن کي پار ڪري سنڌ ۾ داخل ٿيندي هئي. مڪران جي ساحلي علائقي ۾ بہ هڪ اهم رستو موجود آهي جيڪو ايراني بلوچستان مان نڪري، انهيءَ ساحلي علائقي کي پار ڪري سنڌ ۾ داخل ٿيندو هو.[121] اهو رستو قديم زماني کان آمد و رفت ۽ مواصلات توڙي وڻج واپار ۽ فوجي حملن لاءِ هوندو هو[122]. هولڊچ انهيءَ رستي بابت لکي ٿو تہ: بار سان لڏيل اٺن سان وادي ۽ سنڌ کان وٺي ايران تائين مڪران جي وچان مسافري ڪرڻ لاءِ ممڪن هو. اسان کي واٽ تي ڪابہ تڪليف نہ ٿي. رستي تي پٿر سان پاٽيءَ جا ننڍا تلاءُ ٺهيل آهن ۽ سرن سان بند ٻڌي پاڻي گڏ ڪرڻ جو بندوبست ڪيل آهي“.[123]

انهيءَ رستي کان ڪيترائي سنڌي ڪٽنب ۽ قبيلا پنهنجي معاشي ضرورتن ۽ واپار سانگي لسٻيلي ۽ مڪران ۾ وڃي ويٺا ۽ ڪي اڃا بہ اڳتي ايران طرف ويا. اهوئي رستو آهي، جتان سنڌ ۽ بلوچستان جا قبيلا پنهنجن مينهن يا ڏڏن ۽ اٺن جا وڳ ڪاهي پهرين بلوچستان ۾ وڃي ويٺا ۽ پوءِ ايران کي پار ڪري اڳتي دجلہ ۽ فرات ندين جي ماٿريءَ ۾ وڃي آباد ٿيا.[124]

ايراني نار ۽ واديءِ سنڌ جي وچ ۾ سڀ کان اهم واپاري ذريعو مڪران وارو ساحلي علائقو هو جتان سامونڊي بار بردار واهڻن ۽ غورابن جي اچ وڃ ذريعي سنڌ جا واپاري پنهنجو مال ايراني فارعدن ۽ مصر تائين پهچائيندا هئا. واپار جي هن ڏي وٺ سبب سنڌي ٻوليءَ جو ان طرف چوٻول وڌيو. اهڙيءَ طرح ڪيچ مڪران جي واپاري قافلن ۾ مڪران جي شهزادي پنهونءَ جو واپاري قافلو سنڌ طرف ڀنڀور اچڻ ۽ اتي مشڪ عنبر ۽ عطر جو واپار ڪرڻ، سسئيءَ سان عشق ۽ شادي ڪرڻ وڏي اهميت جو حامل هو[125]. هي عشق سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخي واپاري ناتن جي شاهدي ڏئي ٿو.[126]

مرزا شاهہ حسن ارغون، جنهن ملتان فتح ڪيو ان وقت شال (ڪوئيٽا) سيوي، مستونگ وينديءَ گرم سيل تائين سڀ علائقا ارغون جي قبضي هيٺ هئا. قنڌار مرزا غازي بيگ ترخان جي جاگير ۾ شامل هو تنهن ڪري هرات، خراسان ۽ سمرقند جا رستا سنڌ سان واپار لاءِ کليل هئا ۽ سمنڊ رستي واپار لاهري بندر ۽ ٺٽي وٽان چالو هو.[127]

ڀنڀور جي خشڪيءَ جو واپار ڪيچ جي هوت بلوچن جي قافلن رستي، قلات، سيوا، قنڌار، همدان، سيستان، خراسان، ڪرمان، فارسي چين، سيلون، ڪشمير، بابل ۽ مصر وغيره سان هلندو هو. قافلا گهڻو ڪري رات جو سفر ڪندا هئا. تارن وسيلي وقت معلوم ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي آرڪوشيا ڪوئيٽا (پشين) پر ڳٽي جون مينهون مشهور هيون،[128] پر جيڪو واپار سيلون، چين ۽ انڊونيشيا ۽ جاوا سان ملندو هو، اُهو سامونڊي پٽرن ذريعي ملندو هو.

---

[121] بلوچ، ملڪ محمد سعيد، ”بلوچستان ماقبل تاريخ“، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، 1971ع، ص161.

[122] ايضاً

[123] هولڊچ، ”دي جتس آف انڊيا“، اي هسٽاريڪل نيريٽو لنڊن، 1910ع، ص 289.

[124] سجرڊ ويسٽپال هيلبش، ”دي جٽ آف پاڪستان“، ڊانڪرائنڊ هيمبلاٽ برلن، 1964ع، ص10_106.

[125] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سسئي پنهون“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص 5_27.

[126] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 579.

[127] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 431.

[128] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 85.

هوڏانهن سنڌ ۽ ساراوان علائقي جي واپاري رستن ۽ ذريعن تي غور ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ ٻنهي خطن کي ڪيرٿر جبل ڌار ڪن ٿا. انهن جبلن جي قطار سان ڪيترائي لڪ ۽ رستا ڦٽن ٿا, جن کي پار ڪري سنڌ ۾ داخل ٿبو آهي. انهن سڀني ۾ اهم رستو اهو بہ آهي, جيڪو مولا لڪ مان لنگهي ڀرين ڪڇي علائقي ۾ پهچي ٿو ۽ اتان پوءِ سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو. هي واٽ خضدار کي گنداواه سان ملائيندي آهي. خضدار جي ڏکڻ ۾ هڪڙو ٻيو رستو پڻ آهي, جتان بازار لڪ پار ڪرڻ کان پوءِ لسٻيلي ۾ داخل ٿبو آهي, هتان قلات کان ٿيندو قنڌار پهچبو آهي, بعد ۾ واپار جو اهو سلسلو وڌندو روس تائين بہ وڃي پهتو.

هي رستو انگريزي دؤر حڪومت تائين پڻ قائم رهيو. هتان افغان واپاري انگريز واپارين کان ڪراچيءَ مان مال خريد ڪرڻ بعد لسٻيلي, خضدار ۽ قلات واري رستي کان قنڌار ويندا هئا.[129] اهڙيءَ طرح هڪ ٻي واٽ سيوهڻ کان چانڊڪا جهل ۽ گنداواه جي رستي ڍاڍر, سبي, مولو ۽ بولان دڙن کان ٿيندي افغانستان ويندي هئي.[130]

بلوچستان کان سنڌ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ خاص طور ٻن لڪن کان لنگهڻو پوي ٿو. ڀرين بولان لڪ ۽ ٻيو مولالڪ. بولان لڪ وارو رستو موجوده جيڪب آباد وٽان لنگهي شڪارپور شهر جي ٿورو پريان ڳوٺ لکي يا ماڙيءَ وٽ پهچندو هو. اتان هڪ اروڙ تائين ويندو هو ۽ ٻيو رستو شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ اورنگ آباد, امروٽ ۽ مديجيءَ وٽان لنگهي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ ماهوتا لاڙڪاڻو موهن جو دڙو, باڍهم, ڏامراهہ ۽ دادو ضلعي جي قديم ڳوٺ لوهم جي دڙو, خدا آباد, سيوهڻ, آمري, لاڙ جي شهرن نصيرڪوٽ ۽ جهرڪ کان ٿيندو ديبل تائين ويندو هو.[131]

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو رستو مولالڪ کان جيڪب آباد ضلعي جي ڳڙهي خيرو تعلقي مان لنگهي لاڙڪاڻي ضلعي جي قديم شهر جهڪر جو دڙو کان ٿيندو مٿي ذڪر ڪيل رستي سان ملندو هو.[132]

انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ سنڌ جي واپار توڙي اقتصادي حالتن ۾ وڏيڪ اضافو ٿيو. ڇو تہ انهن رستن جي اهميت ۽ گهرج جي وڏيڪ ضرورت محسوس ڪئي ويئي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان کي ڳنڍڻ لاءِ 1986ع ۾ روهڙيءَ کان وايا جيڪب آباد, سبي ۽ ڪوئيٽا تائين هڪ پڪو روڊ تعمير ڪرايو ويو. گڏوگڏ ان رستي سان ريلوي لائين بہ وڇائي ويئي.[133] بعد ۾ ان لائين کي سبيءَ کان ڪوست (ڪوئيٽا) کان هڪ طرف زاهدان (ايران) تہ ٻئي طرف چمن ۽ فورٽ سنڊيمن سان ملايو ويو. جنهن سبب علائقن جو واپار وڌڻ لڳو.[134]

آزاديءَ کان پوءِ حڪومت, ڪوئيٽا کي ڪراچيءَ سان ڳنڍڻ لاءِ وايا خضدار ۽ لسٻيلو هڪ پڪو روڊ تعمير ڪرايو. هن روڊ کي هڪ طرف مڪران تہ ٻئي طرف لاهوت لامڪان تائين وڌايو ويو آهي. هوڏانهن ڪوئيٽا جيڪب آباد روڊ کي مختلف شهرن سان ملايو ويو آهي. جهڙوڪ: ڪوئيٽا کان زاهدان, ڪوئيٽا کان چمن, فورٽ سنڊيمن, هرنائي لورالائي, سبيءَ کان هرنائي, ڪوهلو ڪشمور کان سئي (گئس), ڊيرا بگٽيءَ تائين. ان کان علاوه

---

[129] ايچ. ٽي سورلي, "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي", همفري ملفورڊ لنڊن, 1940ع, ص 75.
[130] رحيمداد مولائي شيدائي, "تاريخ تمدن سنڌ" سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد, 1959ع, ص 389.
[131] ميمڻ, عبدالمجيد سنڌي, ڊاڪٽر, "حقيقت جو هار", مخزن سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد, 1987ع, ص 8.
[132] ايس. پي ڇٻلاڻي, "سنڌ جي اقتصادي تاريخ", مترجم: سراج الحق, سنڌي ادبي بورڊ, ڪراچي ۽ حيدرآباد, 1958ع, ص 143.
[133] لالا هيتورام, "تاريخ بلوچستان", بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا, 1973ع, ص 601.
[134] ايضاً.

پيا ڪيترا نئيا نئيا روڊ ۽ لنڪ روڊ تعمير ڪرايا ويا آهن.

اهڙيءَ طرح ريل ذريعي جيڪب آباد کي پهرين هڪ طرف ڪشمور بعد ۾ ڊيرا غازي خان ۽ ملتان سان ملايو ويو ته ٻئي طرف شهدادڪوٽ سان ڳنڍيو ويو.

مٿي ذڪر ڪيل رستن ۽ ريلوي لائين ذريعي سنڌ ۽ بلوچستان جا واپاري ناتا تمام گهڻي ترقي ڪري چڪا آهن، ڇوته هاڻ اڳ وانگر اٺن ۽ بيل گاڏين جي قافلن ذريعي واپار ڪو نه ٿو ٿئي. اڄڪلهه جهازن، ريلن، ٽرڪن، ٽريڪٽرن موٽرن ۽ بسن ذريعي واپار پيو هلي ۽ تمام ٿوري وقت ۾ تمام پري تائين واپاري مال پهچايو پيو وڃي.

ان اچ وڃ ۽ ميل ميلاپ سبب ٻنهي صوبن ۾ واپار وڏي ترقي ڪري چڪو آهي، ان کان علاوه سنڌ ۽ بلوچستان جي ميلن ملاکڙن ۾ خاص طور سبي ۽ جيڪب آباد جي تاريخي قديم ميلن جي موقعن تي به مختلف علائقن کان هر قسم جو مال ۽ مصنوعات واپار لاءِ آندا وڃن ٿا ۽ ڪروڙين روپين جو واپار ٿئي ٿو جنهن سبب ٻنهي خطن جي واپار ۾ روز بروز اضافو ٿيندو رهي ٿو. ان طرح هي سلسلو آئينده به وڌندو رهندو.

واپاري پيداوار ۽ مشهور شهر:

سنڌ ۽ بلوچستان قديم زماني کان هڪ ئي خطي "سنڌ" جي نالي سان مشهور رهيو آهي. قديم زماني کان ٻنهي علائقن جو واپار هڪ ئي علائقي نالي ٿيندو رهيو آهي، ڇوته سنڌ ايشيا ۽ يورپ جي مرڪز جي حيثيت رکندو هو. پرڏيهه ۾ هي خطو واپار جو ذريعو مڃيو ويندو هو جنهن جو مختصر جائزو وٺجي ٿو.

سنڌونديءَ ملڪ کي قدرتي طرح اهڙي واپاري اهميت بخشي هئي جو اهو ديسان ديس مشهور هو. سنڌونديءَ جي ڪناري تي سنڌ جي مختلف دورن ۾ الور ۽ منصوره/ برهمڻ آباد، بکر، ديبل، لاهري بندر، سيوهڻ، نصرپور ۽ ٺٽي جهڙا ناميارا شهر آباد ٿيا.[135]

هوڏانهن بلوچستان ۾ گوادر ۽ سونمياڻي مشهور بندرن جي حيثيت رکن ٿا، جن جو قديم زماني کان سنڌ جي لاڙ واري شاهه بندر سان واپار ٿيندو هو. ان کان علاوه بلوچستان جو مال سونمياڻي ۽ مڪران جي ٻين بندرن ذريعي سنڌ جي ڪيٽي بندر تان آندو ويندو هو.[136]

سنڌ هڪ زرعي ملڪ آهي، جتي هر قسم جي زرعي جنس جي پيداوار ٿئي ٿي، جيڪا قديم زماني کان ٻاهر موڪلي وڃي ٿي. نه صرف زرعي بلڪ معدني ۽ صنعتي لحاظ کان به هي خطو وڏي اهميت جو حامل رهندو آهي. ان جي درآمد ۽ برآمد ۾ زندگيءَ جي ضرورتن جون سڀ شيون اچي وڃن ٿيون.

ڊاڪٽر ايس. پي چبلاڻي لکي ٿو: "سنڌ مان ڪافي انداز ۾ ۽ ڪيترن ئي قسمن جو ڪپڙو، ريشمي شيون، نير، شورو، ڪلون ۽ چمڙي جو سامان سڱن وارو چوپايو مال (ڪير ڏيندڙ) ۽ کير مان ٺهندڙ شيون، آفيم، اناج، مڇي ۽ ڪنپ وغيره برآمد ڪيا ويندا هئا".[137]

---

[135] ايس. پي چبلاڻي، "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، مترجم: سراج الحق، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڪراچي، 1958ع، ص 16.

[136] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1977ع، ص 136.

[137] ايس. پي چبلاڻي، ڊاڪٽر، "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، مترجم: سراج الحق، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڪراچي، 1958ع، ص 154.

بلوچستان خطي ۾ بہ زرعي جنسن کان علاوہ معدني ۽ صنعتي پيداوار ٿئي ٿي، جيڪا وڏي اهميت رکي ٿي. خطي ۾ جانورن جون کلون ۽ اَنُ سنڌ جا اڪثر واپاري حاصل ڪن ٿا.[138] اهڙيءَ طرح سنڌ مان گيهہ ۽ مکڻ جو پڻ هن طرف واپار ٿئي ٿو.[139] تڏن، نوڙين، ٽوڪرين، فراسين ۽ فرزينن جو واپار بلوچستان جي اهم واپار جي حيثيت رکي ٿو.[140]

ڪارڪون بلوچستان صوبي جي اهم پيداوار آهي، خاص طور مڪران ان جو مرڪز آهي. خاران، چاغي، لس ٻيلي، تربت، قلات ڪڇي ۽ سبيءَ ۾ بہ پيداوار ٿئي ٿي، جيڪا سنڌ طرف ڏہن ۾ بند ڪري واپار لاءِ موڪلي وڃي ٿي.[141]

انگريز واپاري مخمل، اُوني گرم ڪپڙو رنگين ڇيٽون، کنڊ، مصالحا ۽ ڏاتن جو واپار ڪندا هئا. مارواڙا ۽ بلوچستان کان ڪٿا سنڌ جي شهرن ۾ وڪري لاءِ آڻيندا هئا. گجرات کان ريشمي ڪپڙو ۽ جڙي ٻوٽيون، خراسان (بلوچستان) کان خشڪ ۽ تازا ميوا ڪلابتون ۽ نمدا بر آمد ٿيندا هئا.

مغلن جي دور ۾ سکر، بکر ۽ شڪارپور جا شهر واپار جي لحاظ کان وڏي اهميت جا حامل هئا. شڪارپور جو شهر وچ ايشيا قنڌار ۽ خراسان لاءِ مارڪيٽ هو ان ڪري قنڌار جا نواب شڪارپور ۾ اچي رهندا هئا.[142]

سترهين صدي عيسويءَ جي شروع ۾ روهڙي ۽ بکر وڏي مقبوليت حاصل ڪري چڪا هئا. خاص طور ڪپڙي، نير (Indigo) ۽ باغات جي ڪري انهن کي اهميت حاصل هئي ۽ خراسان جا قافلا سياري ۾ بکر ايندا هئا. روهڙيءَ جي شهر مان ملتاني سوتي ڪپڙو ريشم ۽ رنگ خريد ڪندا هئا. شڪارپور دره بولان واري رستي تي واپار جي لحاظ کان سنڌ جو پهريون نمبر دولتمند شهر هو. هن شهر جو واپار لاهور، ملتان، سونمياڻي، قلات، ڪيچ مڪران، بحيره خضر، خراسان، بخارا، قنڌار ۽ قابل سان هلندڙ هو. خاص ڪري هي شهر خراسان جي پشم ۾ قنڌار جي سڪن ۽ تازن ميون جي وڪري لاءِ مارڪيٽ هو.

پروفيسر نذير احمد لکي ٿو: قيام پاڪستان کان اڳ شڪارپور جي اقتصادي ترقي ۽ معاشي خوشحاليءَ جو سبب تجارتي ناتا هئا، جيڪي هڪ طرف بلوچستان کان وٺي افغانستان، بلڪ روسي ترڪستان تائين پکڙيل هئا، تہ ٻئي طرف احمد آباد، بمبئي، ڏاڙ ڏاڙ، حيدرآباد دکن، مدراس، بينگلور، ڪلڪتي، برما جي گاديءَ جي هنڌ رنگوي تائين وڃي پهتا.[143] افغانستان ڪپڙي جي واپار کان سواءِ هندو واپاري، بلوچستان ۽ افغانستان ۽ روسي ترڪستان مان تازو ۽ خشڪ ميوو بہ سنڌ مان نندي کنڊ جي ٻين علائقن ڏانهن موڪليندا هئا".[144]

الهہ جڙيو انصاري سنڌ ۽ بلوچستان جي واپاري ناتن بابت لکي ٿو: ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ مان ڪافي انداز ۾ ڪيترن ئي قسمن جو ڪپڙو ريشمي شيون، نير، شورو، کلون، چمڙي جو سامان، سڱن وارو چوپايو مال، ڪير مان ٺهندڙ شيون، آفيم، اناج، مڇي ۽ ڪنپ بر آمد ڪيا ويندا هئا. موٽ

---

[138] سمو الهہ بچايو يار محمد، "سير ڪوهستان"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو پنجون، 1971ع، ص 20.

[139] ايضاً

[140] ايضاً، 22.

[141] عبدالغفور، "هِلار" ماهوار اولس ڪوئيٽا، جنوري- فيبروري 1987ع، ص 45.

[142] رحيمداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 559.

[143] صديقي، نذير احمد، پروفيسر، "شڪارپور جو مختصر اقتصادي جائزو"، شڪارپور ماضي ۽ حال جشن شڪارپور، پبليڪيشن ڪاميٽي شڪارپور، 1984ع، ص 257.

[144] ايضاً، 258.

۾ سنڌ ٻاهران، ڌاتو شيهو ٽين، لوهه، رڪ، سون، چاندي، آسائشي سامان، وڏي ٻر وارو ڪپڙو اوني مخمل ۽ ريشمي ڪپڙو موتي، پٽر، مصالحا، ڪارا مرچ، ميوا ۽ ڇُهارا درآمد ڪندي هئي.[145]

هو وڌيڪ لکي ٿو: سنڌ ۾ ڪراچي ۽ بلوچستان ۾ سونمياڻي ٻئي ننڍا بندر هئا. ٻنهي بندرن کان قلات، قنڌار ۽ پنجاب جو مال ايندو ويندو هو. خشڪي رستي شڪارپور واپار ڪري مشهور شهر هو. افغانستان ۽ بلوچستان وچ ايشيا جي مال جا قافلا شڪارپور ۾ اچي لهندا هئا“.[146]

ان کان علاوه ديبل، منصوره، قزدار (خضدار)، الور، ملتان، قنوج، قندابيل (گنداواه) واپار جا مرڪزي شهر هئا.[147] بلوچستان جي منڊي ۽ مهرڳڙهه جا گدرا ٻه وڏي اهميت رکن ٿا ۽ پنهنجي مناس ۽ سواد سبب پري پري تائين مشهور آهن. جن جي پيدائش ۾ بلوچستان جي اڳوڻي گورنر نواب غوث بخش خان رئيساڻي وڏي محنت ڪئي. ان ڪري انهن جو نالو ٻه رئيساڻي گدرا مشهور آهي. مڪران جي ساحل جا هندو واپاري اصل ۾ سنڌ کان آيل آهن، جيڪي واپار سانگي اتي رهي پيا، گوادر جا لوٽيا (خوجه) اصل ڪڇ کان اچي مستقل طور مڪران ۾ آباد ٿيا.[148] سنڌ ۽ بلوچستان جي واپارين جو هي سلسلو قديم زماني کان جاري آهي. واپاري پنهنجي معاشي حالتن ڪري اڪثر لڏ پلاڻ ڪندا رهندا هئا. جتي مختلف قسم جو واپار اختيار ڪري پنهنجو گذر سفر ڪندا هئا.

واپار جي لحاظ کان سکر جو شهر ٻه وڏي اهميت رکي ٿو جيڪو بلوچستان، پنجاب ۽ افغانستان لاءِ اهم تجارتي مرڪز جي حيثيت ۾ مشهور آهي.[149]

بلوچستان جي مٿين حصي جا پناڻ اُن، سِلڪ، تِر، ڏاڳا، جانور، ڪانچ ۽ ٻيو سامان اڪثر ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين علائقن ڏانهن آڻيندا رهندا آهن.[150]

1920ع ۾ نصير آباد (بلوچستان) جي هڪ مشهور سياسي رهنما ۽ جمالي قبيلي جي هڪ فرد مير جعفر خان جمالي طرفان پيش ڪيل تجويز تي 1932ع ۾ سکر بيراج کان کيرٿر ڪئنال نالي هڪ واهه تعمير ڪرايو ويو جيڪو نصير آباد جي هزارين ايڪڙ زمين کي آباد ڪري ٿو جنهن سبب ٻنهي علائقن جي واپاري ناتن ۾ اضافو ٿيو[151]. خاص طور هن خطي جي چانورن کان علاوه جوئر، مٽر، جَوَ تر، ڪٽڪ ۽ ڀاڄيون ٻه وڏي انداز ۾ سنڌ طرف وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. هن خطي ۾ جهل مگسي وڏي اهميت رکي ٿو جتي جوئر، مگهه موڙ ڪٽڪ، سرنهه ۽ چانور پيدا ٿين ٿا. ان کان علاوه، ڏاڙهون، انب، ليمون، ڦاروا، نارنگي، توت ٻه جام ٿئي، جيڪي سنڌ جي شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي تائين ٽرڪن ۽ ٻيل گاڏين ذريعي پهچائي واپار ڪيو وڃي ٿو.[152]

خطي جي واپاري پيداوار ۾ سُڪو ۽ تازو ميوو، ڪجور، اناج، اَنُ، چمڙو پيش ۽ تڏا وڏي اهميت رکن ٿا، جيڪي نه صرف سنڌ بلڪ پوري پاڪستان تائين

---

[145] انصاري الهه جڙيو ”ٽالپورن جي ڏينهن ۾ سنڌ جو واپار“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، مارچ 1986ع، ص 17.

[146] ايضاً، ص 21.

[147] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 192.

[148] انور رومان، پروفيسر، ”بلوچستان ڪي قبائل- گزيٽيئر“ حصو ٻيو بينظير انٽر پرائيزز، ڪوئيٽا، 87-1986ع، ص 318.

[149] ڪريم بخش خالد، ”سکر سونهارو“، ماهوار پيغام، ڪراچي، فيبروري- مارچ 1982ع، ص11.

[150] انور رومان، پروفيسر، ”بلوچستان ڪي قبائل“، گزيٽيئر ترجمو حصو اول بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87-1986ع، ص 129.

[151] بشير احمد بهار، ”مير جعفر خان جمالي“، سبد گل مخزن، ڊگري ڪاليج اوستہ محمد، بلوچستان، 85-1986ع، ص 47.

[152] بشير احمد وارثي، ”تذڪره مگسي معه تاريخ“، مدير رهبر سنڌ، رتوديرو، 1957ع، ص 47.

پهچايا وڃن ٿا. سبي ۽ ڪڇي واري علائقي ۾ مختلف برساتي نئيون آهن. جن تي اَنُ، گيهہ، چمڙو تڏا ۽ وَاڻ اهم پيداوار جي حيثيت رکن ٿا.[153]

هينري پاٽينجر لکي ٿو تہ: سندس سفر دوران لسٻيلي ۾ شڪارپور ۽ ملتان جي واپارين سان ملاقات بہ ٿي هئي. جن سنڌي رواج موجب ڪيس لونگ ۽ سوپاريون ڪارايون هيون ۽ مهمان نوازي ڪئي هئي.[154]

بلوچستان جا واپاري اوزار ۽ پالا پنهنجن پاڙيسري سنڌين کان خريد ڪندا هئا. سمن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ استعمال ٿيندڙ ڏامر بلوچستان کان خريد ڪيو ويندو هو.[155] مجموعي طور سنڌ جو چوپايو مال سنڌ ۽ بلوچستان جي اجتماعي ڏنڌي ۽ واپار جي حيثيت رکي ٿو. مشهور محقق يوري گنڪوفسڪي لکي ٿو تہ قلات جي تجارت تي سنڌ جي هندن جو قبضو هوندو هو ۽ سبيءَ جي واپار تي وري شڪارپورين جو قبضو هوندو هو. اهو حال لسٻيلي وارن جو بہ هو.[156]

هينري پاٽينجر لکي ٿو: ”18 صدي عيسويءَ ۾ علائقي جي واپار کي ترقي ڏيارڻ لاءِ خان قلات نصير خان شڪارپور جي هندو واپارين کي قلات ۾ سهولتون ڏيئي آباد ڪيو“.[157]

بلوچستان سان سنڌ ۽ شڪارپور جي هندن جو ايترو تہ واپار هلندو هو جو گهڻي اچ وڃ سبب اهي فارسي ۽ پشتو بہ ڳالهائيندا هئا.[158]

مٿين حوالن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بلوچستان خاص طور سبي ۽ ڪڇيءَ وارن علائقن جو سنڌ سان تمام قديم زماني کان واپار هلندو اچي ٿو. ان جو وڏيڪ ثبوت جيڪب آباد جي هر قسم جون مختلف مَنڊيون بہ پيش ڪن ٿيون. جتي روزانہ هزارين واپاري پنهنجي مال جي وڪري لاءِ نظر اچن ٿا ۽ لکين روپين جو روزانہ واپار ٿئي ٿو. غور ڪجي تہ سبي ۽ ڪڇي خطي جو اڪثر واپاري مال سنڌ جي جيڪب آباد، شڪارپور ۽ سکر ڏانهن اچي ٿو. اهين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو تہ هن خطي جي معاشي زندگي سنڌ جي اتر وارو علائقو آهي.

ادبي ناتا:

ادب يا ساهت هر ٻوليءَ جو بي بها سرمايو هوندو آهي. هر ٻوليءَ جي اعليٰ قدرن تي مشتمل لساني اوسر متعلق لکيل هر مواد کي ادب چيو ويندو آهي. لفظ ”ادب“ هڪ گهڻ مقصدو ۽ وڏي اهميت جو حامل آهي، ڇوتہ وقت ۽ حالتن مطابق ادب وجود ۾ ايندو رهندو آهي. شاعرن يا سگهڙن جا ٻول بہ ادب جو اهم حصو آهن.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو هن سلسلي ۾ لکي ٿو تہ: ”ادب هڪ سوچيندڙ سماج جي سوچ جي بنيادن تي قائم ٿئي ٿو ۽ ادب ان سوچيندڙ سماج جيان سماج جي سوچ جو اظهار ڪري ٿو. ادب انهيءَ اظهار جو نالو آهي، جيڪو سوچيندڙ سماج جي پيداوار آهي“.[159]

محترم غلام نبي صابر سڏايو لکي ٿو: ”ادب ۽ انسان جو سٻنڌ ازل کان آهي، جنهن ان جي معيار ۽ اعتدال کي سمجهيو تنهن منزل ماڻي ۽ جنهن

---

[153] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 467.

[154] هينري پاٽينجر ”سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر“، ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1986ع، ص 19.

[155] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 385.

[156] يوري گنڪوفسڪي، ”پاڪستان جون قومون“، اردو ترجمو مرزا اشفاق بيگ، دارالاشاعت ماسڪو، 1974ع، ص 200.

[157] هينري پاٽينجر، ”سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر“، ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص 302.

[158] لطف الله بدوي، ”تذڪره لطفي“، آر. ايچ. احمد برادرس، حيدرآباد، جلد ٽيون، 53-1952ع، ص 113.

[159] ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، ”ادب جا فڪري محرڪ“، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1984ع، ص 25.

ڪثرت ۾ ڦاسي نهنائي ۽ شعور وڃايو تنهن جڻ پاڻ وڃايو“.[160]

سنڌي ادب بابت سومرن جي دؤر کي ادب جو سونهري دؤر ڪري ليکيو وڃي ٿو ڇوته هي دؤر سنڌي ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي ادب جي بنيادي دؤر جي حيثيت رکي ٿو.[161]

هن دؤر ۾ سنڌي علم و ادب گهڻي ترقي ڪئي. وقت جا حاڪم ۽ انهن جا مٽ مائٽ وڏا عالم، فاضل ۽ شاعر هئا. درٻارن ۾ علم وارن جي قدرداني ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري هن دؤر ۾ علم ۽ ادب گهڻي ترقي ڪئي. سنڌ جا گجرات، ڪڇ، ڪاٺياواڙ راجستان، بهاولپور ملتان، بلوچستان جي لسٻيلي ۽ مڪران سان ناتا وڌيا. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو انهن خطن ۾ ڦهلاءُ ٿيو. موٽ ۾ ڪڇي. گجراتي، راجستاني، بلوچي ۽ سرائيڪي ٻولين، تهذيب، تمدن ۽ لباس وغيره جو سنڌ جي ڌار ڌار خطن تي اثر پيو.[162]

هن دؤر ۾ سڀ کان اڳ سنڌي شاعري يا تمثيلي قصا سنڌي ادب جو بنياد بڻيا. جن ۾ اهي رومانوي قصا شامل آهن.

هوشيار ۽ هنرمند ڀٽن ڀانن ۽ چارڻن نه فقط سردارن جي سخا سورهيائي ۽ محبت جي داستانن کي نئين سرزنده ڪيو پر انهن کي قصه خوانيءَ جي لحاظ کان ڳايو ۽ ڳائڻ خاطر ڳاهن کي انهن قصن ۽ داستانن کي تاڃي پيٽيءَ ۾ آندو ويو.[163]

سومرن جو دؤر سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان جي وسعت، قصن، ڪهاڻين جي اوسر ۽ ادبي صلاحيت جي نشونما وارو تعميري دور هو جنهن ۾ جنگين ۽ واقعن جا بيت ۽ عشقيه داستان مشهور ٿيا. سنڌي شعر بيتن ۽ ڳاهن جي صورت ۾ چمڪيو پر سمن جي دؤر جي شروعات ۾ سنڌي ٻوليءَ جون لساني خصوصيتون خواهه ادبي روايتون ساڳيون رهيون. البته قوت بيان ۾ وڌو اضافو ٿيو. ڳالهين ۽ داستانن بيان ڪرڻ کي هڪ ادبي فن جي درجي تي پهچايو ويو. ڳاهن سان ڳالهيون ڳائجڻ لڳيون. سماج جي محفلن ذريعي سنڌي بيت عام ٿيو ۽ اعليٰ معياري شاعري جي شروعات ٿي.[164]

سمن جي اوائلي دؤر ۾ سومرن جي دؤر وانگر سنڌي ٻوليءَ جي قصن ۽ ڳاهن، پهاڪن ۽ اڳڪٿين وارو رومانوي دؤر هو جنهن ۾ سنڌي شاعري وڏي ساماڻي ۽ پڻ روايتي قصن ڪهاڻين ۽ داستان گوئي ذريعي ادبي فن جي درجي تي پهتي.[165]

هن دؤر ۾ بلوچستان خاص طور لسٻيلو سنڌ جو مکيه ڀاڱو هو. سنڌ جي سمن گهڻي انداز ۾ وڃي لسٻيلي کي وسايو جنهن ڪري سنڌ جو تمدن لسٻيلي ۾ رائج ٿيو. سمن مان گجر، گونگا، برفت، ڪوريجا ۽ رونجها ذاتين جي ڄامن جي حڪومت رهي، جيڪا پاڪستان قائم ٿيڻ بعد سن 1956ع ۾ ختم ٿي.[166] پر سندن سرداري راڄ اڄ تائين قائم آهي.

13 کان 17 صدي عيسويءَ تائين سنڌي بيتن ۽ ڪافين توڙي سنڌي راڳ ڪافي عالمن ۽ اهل دل درويشن جي سماع جي محفلن ذريعي ملڪن ملڪ مشهور ٿي ۽ پڻ سندن زندگيءَ جي حالتن ۽ ملفوظات ۾ سماع، راڳ، ڪافين، بيتن ۽ ڏوهيڙن جو ذڪر آيو. سنڌ جو راڳ هن دؤر ۾ به ايترو مشهور

---

[160] سڏايو غلام نبي صابر، ”جيڪب آباد قديم جديد“، مخزن سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1984ع، ص 10.

[161] سدا رنگاڻي ايڇ. آءِ، ”پرشن پوئيٽس آف سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع، ص 6.

[162] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙجي ادبي ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1977ع، ص 176.

[163] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1980ع، ص 128.

[164] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1980ع، ص 146.

[165] ايضاً، ص 223

[166] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، ڇاپو ٻيو زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1970ع، ص13.

ٿيو جو ان جو اثر نہ رڳو سنڌ بلڪ پنجاب[167] ۾ بلوچستان جي صوفي درويشن تي بہ پيو جنهن جو اظهار انهن ڪافين ذريعي ڪيو.

هن دؤر جي رس ۾ قصہ گوئيءَ کي خصوصي اهميت حاصل ٿي، جنهن ۾ وقت گذرڻ سان ڪيترين ئي صنفون ظاهر ٿيون. خاص طور ڳاهن سان ڳالهيون يا رومانوي قصا ڪبتون ۾ جنگي داستان ان زمري ۾ اچي وڃن ٿا. ان وقت جا اديب ۾ فنڪار پٽ، ڀان، چارڻ، ڦهير ۾ مڱڻهار سڏبا هئا، جيڪي فن ۾ ادب جا گهوريا هئا.

هو مختلف انداز ۾ پنهنجو تخليقي جوهر ظاهر ڪندا هئا. هنن جو خاص الخاص مقصد سردارن جي سخا ۾ سورهيائي ڳائڻ هو. ان جي باوجود انهن جي قصہ گوئيءَ ۾ ادبي صنعتون بہ شامل هيون. هنن تفريحي فن طور هڪ ميدان مهيا ڪري پنهنجي فن کي لازوال وسعت بخشي ڇڏي. ڳاهون، ڀيچ، ڪٿائون ۾ مدحون ان دؤر ۾ رائج ٿيون.[168]

ڪلهوڙن جي دؤر ۾ شاہ عبداللطيف ڀٽائي لاهوت لامڪان، هنگلاج ۾ پب جبلن جي سير دوران هن خطي جي لازوال تاريخي ۾ رومانوي قصي سسئي پنهون بابت اٽڪل 5 سُر چيا، سندن مريدن انهن کي قلمبند ڪري بلوچستان جي سنڌي ادبي تاريخ جو بنياد رکيو ۾ شاہ عبداللطيف کي بہ ان جو سرواڻ ڪري ڇڏيو.

بلوچستان ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ لسٻيلي جي شاعرن نمايان ڪردار ادا ڪيو ڇوتہ لسٻيلي جا ڄام شاعرن جي قدرداني ڪندا هئا. انهن کي گهڻو نوازيندا هئا. تڏهن شاعرن جي دل ۾ شاعريءَ جو جذبو پيدا ٿيو ۾ شاعراڻو شعور جاڳيو جنهن سبب اتان جي شاعرن، پنهنجي ذوق کي زنده رکيو ۾ نتيجي ۾ لسٻيلو شاعرن سگهڙن ۾ سالڪن جو مرڪز بڻجي ويو. جن پنهنجن مربي، ڄامن جا ڳڻ ڳايا، اهڙي طرح انهن حاڪمن جو نانءُ ناموس هنڌين ماڳهين مشهور ٿي ويو.[169]

ڄام امير خان اول خود وڏو داناءُ ۾ عقلمند هو. تنهن نہ فقط پنهنجي تر جي شاعرن تي هٿ رکيو بلڪ جيڪو بہ ٻاهران سگهڙ شاعر ڏانهس آيو، تنهن کي بہ مالامال ڪري عزت آبرو ڏياريندو هو.[170]

لسٻيلي جي شاعرن جو سرتاج شيخ ابراهيم، ڄام ميرخان جي ملڪ ۾ اڳ ئي مشهور هو. تنهن جو نانءُ ٻڌي سنڌ جو شاعر ڪبير شاہ کهي ساڻس مقابلي لاءِ لسٻيلي ۾ وڃي پهتو.[171]

ڪبير شاہ جي ڪٽنب مان احمد شاہ وڏو سگهڙ پيدا ٿيو جنهن کي شاعريءَ جي ڏات پڻ ورثي ۾ ملي ۾ ڪيس ٻيلي جي اُتم شاعري پڻ ورثي ۾ ملي.[172] ان کان علاوه عيدن شاہ نالي هڪ سگهڙ جو شايد سنڌ جو هو سو بہ شيخ ابراهيم وٽ هلي آيو ۾ پنهنجي سگهڙپائيءَ جا جوهر ڏيکاريائين.[173]

---

[167] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۾ ادب جي مختصر تاريخ“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1980ع، ص 252.

[168] عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو تهذيبي ۾ تاريخي عمل جي روشنيءَ ۾ جائزو“، مقالا، بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، 1988ع، ص84.

[169] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو پهريون 1970ع، ص83.

[170] ايضاً.

[171] ايضاً، ص 84.

[172] ايضاً، ص 102.

[173] ايضاً.

شيخ حمر، شيخ ابراهيم ۽ شاعرنمر ٻيلي جا مکيہ شاعر هئا، جن زندگيءَ جي هر موضوع تي شاعريءَ ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. عام سنڌي شاعرن وانگر سنڌ جي مشهور عشقيہ داستانن ۽ افسانن کي تاجي پيٽي ۾ آندو آهي ۽ انهن کي ڳايو آهي. ان کان علاوه ڏٽ، پرولي، ڳجهارت، سينگار وارن سگهڙائپ جي نقطن کي ۽ قلات ۽ لسٻيلي وارين جنگين تي بہ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو آهي، جنهن جو اندازو ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ مان لڳائي سگهجي ٿو.

شيخ ابراهيم ۽ ڪبير شاهہ جي معرڪن ۽ صحبت جي اثر ڪري صفر براديو مگيو براديو سندس پاءُ محراب براديو نمر شاعر ۽ ٻيا ٻيلي جا مشهور شاعر ٿيا. ان کان سواءِ خود شيخ خاندان ۾ شاعريءَ جو تڏو لڳي ويو[174]. ايتري تائين جو سندس خاندان ۾ شيخ سائينداد، شيخ الهداد، شيخ الهڏنو، شيخ سنگر، شيخ منو، شيخ عثمان، جنگو عارب ۽ محمد احسان بہ ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن.[175]

شيخ سائينداد وڏو سگهڙ ۽ شاعر هو. وتس بيتن، ڳجهارتن، هنرن، سينگار، ڏهس نامي، منظوم روايتن ۽ ڳُهنن قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪمي ڪانہ هئي. اهو سڄو ګڻ ڪيس ياد هو. لسٻيلي بلوچستان جي ادب تي وڏو احسان ڪيائين، جو انهيءَ سڄي خزاني کي هڪ ڪتاب ۾ قلمبند ڪري ڇڏيائين.[176]

اهوئي سبب هو جو ٻيلي جي شاعري بلوچستان ۾ سنڌي ادب جي لازوال خزاني جي حيثيت رکي ٿي، 20 صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ سنڌ توڙي بلوچستان جي ڏات ڌڻين ٻنهي صوبن ڏانهن پنهنجي اچ وڃ سان پنهنجن تخليقن ذريعي، سنڌي علم ۽ ادب جي شمع کي روشن رکندي، ان کي مختلف صنفن سان مالامال ڪري ڇڏيو. ٻنهي خطن جي اهڙن ادبي ناتن سبب سنڌي ادب ۾ مختلف بابن جو اضافو ٿيو.

بلوچستان جي شاعرن ۽ ليکڪن جي سنڌ طرف اچ وڃ:

جاگرافيائي لحاظ کان جيئن تہ ٻئي صوبا هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، جنهن ڪري آسانيءَ سان ٻنهي طرفن جا ماڻهو اچ وڃ ڪري ٿي سگهيا. سماجي، سياسي، علمي، ادبي ۽ معاشي حالتن جي پورائي لاءِ اڪثر ماڻهو اچ وڃ جاري رکڻ تي مجبور ٿيو وڃن. اهڙيءَ طرح سنڌي ادب جي ڏات ڌڻين بہ بلوچستان کان سنڌ طرف پنهنجي اچ وڃ جاري رکي، بلڪ کي تہ هميشہ لاءِ سنڌ جا رهواسي ٿي، هن سرزمين کي پنهنجي ماترڀوميءَ جو درجو ڏيئي، هن ئي سرزمين ۾ دفن ٿيا. هيٺ بلوچستان جي ڏات ڌڻين جي مختصر سوانح سان گڏ سندن ادبي خذمتن جو جائزو پيش ڪجي ٿو. جنهن سان سنڌ ۽ بلوچستان جي ادبي ناتن جو پتو پوي ٿو.

عثمان احساني: عثمان احسانيءَ بابت گهڻو احوال ميسر ٿي ڪونہ سگهيو آهي، هو سنہ 1640ع ڌاري پاڳناڙيءَ کان اچي لکي تعلقي سکر ۾ رهيو. سندس تخلصُ ’احساني‘ هوءِ هو مخدوم پير محمد لکويءَ جو همعصر هو. سندس تصنيف جو نالو ’وطن نامہ‘ آهي، جنهن ۾ موت جو ذڪر گهڻو ٿيل آهي.[177]

فقير صاحبڏنو تنيو: اصل ۾ ڳوٺ ڏاڍ تنيو تعلقي ميرپور، ضلعي ڪڇي جو ويٺل هو. پاڻ هڪ اهل الله ۽ بزرگ شخص هو. هن خطي کان علاوه سنڌ

---

[174] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص293.

[175] ايضاً، ص 321.

[176] ايضاً

[177] لطف الله بدوي، ”تذڪره لطفي“، جلد اول، آر. ايم احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1963ع، ص 213 ۽ پڻ ڏسو سيد فياض محمود مزيد خاص تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪ و هند، جلد تيرهون، پنجاب يونيورسٽي لاهور، 1971ع، ص 500.

جي شڪارپور ۾ سندس ڪيترائي معتقد ۽ مريد هئا. هو شڪارپور جي بزرگ شاعر خواجه فقيرالله علويءَ جو معتقد ٿيو.[178] ۽ ڪافي عرصي تائين اتي رهيو. اهو ئي سبب آهي، جو ان کي هرڪو شڪارپور جو رهاڪو سمجهندو هو ۽ شڪارپور جو ڄاڻايو ويو آهي.

پاڻ ڪهنه مشق شاعر، سگهڙ ۽ اهل الله بزرگ هو. ڪاوڙ وقت اڪثر سندس وات کان نڪتل ٻول جيئن جو تيئن رب پاڪ جي درگاهه ۾ قبول پوندا هئا. خاص طور سندس پِٽ پاراتي وارا ڪيترائي شعر خطي ۾ مشهور واقعن ۽ ڪرامتن جي حيثيت ۾ اڄ به ماڻهن کي ياد آهن.

سندس هڪ مشهور مدح "اغثني جي مداح" نالي سنڌ کان علاوه بلوچستان ۾ به ماڻهن کي چڱيءَ طرح ياد آهي. ان ئي نالي سان سندس هڪ ديوان "مدح اغثني" شڪارپور سنڌ مان شايع ٿيو جيڪو اڄڪلهه ناپيد آهي.[179]

پنهنجي آخري عمر شڪارپور جي قاضين جي مسجد ۾ پيش امام ٿي گذاريائين. شڪارپور جو مشهور بزرگ مولانا ميرعبدالاحد علوي سندس خاص مريد ۽ شاگرد هو جنهن کانئس سموري تعليم حاصل ڪئي.[180] سندس وفات بابت ڪو مستند سن ڪونه ملي سگهيو آهي. ڪجهه محققن 1841ع ۽ 1834ع لکيو آهي، پر ڪو پختو سن علائقي جي روايتن ۽ سندس ڳوٺ تمبو واري مشهور ڪرامت کان پوءِ سندس وفات 1300 هجريءَ ڌاري چئي وڃي ٿي. هي ڪرامت به ان ئي سن جي آهي، جنهن موجب سندس وفات 18 صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ ٿي هوندي، وصيت موجب سندس ميت شڪارپور مان ڪڍائي سندس مرشد جي ڳوٺ فتح پور شريف تعلقي ميرپور ضلعي ڪڇي ۾ دفنايو ويو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ مولانا دين محمد وفائيءَ جن پنهنجن تصنيفن ۾ سندس ڪجهه احوال لکيو آهي.

شڪارپور جو مشهور شاعر محمد عارف "صنعت" شڪارپوري به سندس مريد ۽ شاگرد هو جو پاڻ به صاحب ديوان هو. ڪيس علم ۽ ادب سان گهڻو پيار هو. ڪيس پارسي ۽ عربي زبانن تي پورو عبور حاصل هو.[181]

نانڪ يوسف: هي اصل ۾ جهل مگسي ضلعي ڪڇي بلوچستان جو وينل هو. سندس والد جو نالو محمد هاشم هو. پاڻ ذات جو ڪوڪر هو. سندس ولادت 1792ع جهل مگسي شهر ۾ ٿي.[182] سنڌ جي هفت زبان شاعر سچل سرمست وٽان فيض حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو علائقو ڇڏي اچي درازا وسايائين ۽ ان جو مريد ٿيو جتي روحاني فيض حاصل ڪيائين. پاڻ سنڌي زبان جو بلند پايه شاعر ٿي گذريو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي سندس ڪلام جو مجموعو "نانڪ يوسف جو ڪلام" نالي سنڌي ادبي بورڊ کان 1983ع ۾ شايع ڪرايو آهي. پاڻ 1853ع (1269 هجريءَ) ۾ ڳوٺ اڳڙن ۾ وفات ڪيائين.[183]

حاجي پريل خان: 1852ع ڌاري پاڳناڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ذات جو مگسي هو. بعد ۾ هالا نوان ضلعي حيدرآباد سنڌ لڏي اچي وينو جتي پوليس کاتي ۾ ملازم ٿيو. هالا ۾ مخدوم امين محمد "امين" 13 سجاده نشين درگاه حضرت مخدوم نوح هالا جي صحبت ۾ رهندي، نوڪري ڇڏي ڏنائين ۽ ان جي خدمت

---

[178] لطف الله بدوي، تذڪره لطفي، حصو ٻيو، آر. ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 56_1955ع، ص 31_130.

[179] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1976ع، ص 45.

[180] سومرو، عبدالخالق، "راز" ڊاڪٽر، "شڪارپور ماضي ۽ حال"، جشن شڪارپور پبليڪيشن ڪاميٽي شڪارپور، 1984ع، ص 145.

[181] مولانا، غلام مصطفيٰ قاسمي، "الرحيم مشاهير نمبر"، شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، 4/3، 1967ع، ص 152.

[182] ڊاڪٽر تنوير عباسي، مرتب: "نانڪ يوسف جو ڪلام"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1983ع، ص 21 ۽ ڏسو قاضي علي اڪبر درازيءَ جو ڪتاب "دولهه درازي"، سچل ڪوآپريٽو اڪيڊمي، خيرپور، سال ۽ ص 72_82.

[183] لطف الله بدوي، "تذڪره لطفي"، حصه اول، آر ايڇ احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، 52_1953ع، ص 194.

۾ ٿي شاعري شروع ڪيائين. 1911ع ۾ اتي ئي وفات ڪيائين. سندس ڪلام گم آهي. هڪ به مرثيه موجود آهن.[184]

تاج محمد ”تاجل“ بروهي: براهوي زبان جو بهترين شاعر تاج محمد ”تاجل“ 1858ع[185] ۾ ڳوٺ ٻيڙو نزد ڀاڳ ضلعي ڪڇي جي محمد صادق بروهيءَ جي گهر ۾ تولد ٿيو.[186] ڪڇيءَ ۾ زميندار ي سندن گذر سفر هو. براهوي زبان کان علاوه سنڌي، سرائيڪي، بلوچي، فارسي، اردو ۽ پنجابيءَ ۾ به شاعري ڪندو هو.[187]

سنڌي شاعريءَ ۾ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي ڪلام کان بيحد متاثر هو. ان ڪري سنڌيءَ ۾ به شاعري شروع ڪيائين.[188] جيڪا انهن جي ڪلام کان متاثر ٿيل لڳي ٿي.

تاجل جي شاعري جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان جو سمورو ڪلام تصوف تي مبني آهي. سنڌي زبان کان براهوي زبان ۾ وڌيڪ شاعري ڪئي اٿائين. هو اوليائن جي درگاهن جي زيارتن جو بيحد شوقين هو ان ڪري سنڌ جي پيرائي، قلندر، سرمست جون اڪثر زيارتون ڪرڻ ايندو هو.

ڪڇيءَ جي علائقي ۾ سندس سنڌي ڪلام وڏي مقبوليت رکي ٿو. پنهنجي شاعري پاڻ ڳائيندو به هو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ اکين کان انڌو ٿي پيو ۽ 1945ع ۾ پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين.[189]

شمس الدين ”بلبل“: شمس الدين ولد بهادر خان ذات شينو 1857ع ڌاري ڀاڳناڙي علائقي ۾ پيدا ٿيو. بعد ۾ هميشه لاءِ ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ لڏي اچي ويٺو. سنڌ جي هن مايه ناز اديب، صحافي ۽ شاعر کي سنڌ ۾ بلند پايي جو شاعر، اديب ۽ صحافي مڃيو وڃي ٿو. ڪيترن رسالن ۽ اخبارن جو ايڊيٽر رهيو جن ۾ ’معاون سنڌ‘ ۽ ’آفتاب‘ شامل آهن. 1919ع ۾ وفات ڪيائين.[190]

سنڌي شاعريءَ ۾ طنز و مزاح ۽ ظرافت جي ڪري مشهور هو. سندس ڪلام طنز و مزاح تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سندس دؤر جي سماج ۽ سياسي حالات جو آئينو آهي. بلبل جو مقصد مسلمانن کي سندن صحيح مقام ڏي موٽائڻ هو. هن طنز ۾ تيز نشتر پيري ڇڏيا.[191]

سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن سندس زندگيءَ تي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن، جن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا، رحيمداد مولائي شيدائي، غلام محمد گرامي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، پير علي محمد راشدي، شري ليلارام، ديوان داس پارت، عبدالواحد سنڌي،[192] ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ٻيا شامل آهن.

1904ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام طرفان جاري ڪيل رسالي ”رسالة المدرسه“ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. جنهن ۾ هو مزاحيه نظم ۽ مضمون شايع

---

[184] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ”ياد رفتگان“، هالا نوان، ڇاپو پهريون، 1953ع، ص 12.

[185] بروهي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، ”بروهي ادب ۽ زبان جي مختصر تاريخ“، اردو بورڊ، لاهور، 1982ع، ص 120.

[186] پروفيسر، عبدالرزاق صابر، ”ڪلام تاجل“، بروهي ادبي سوسائٽي ڪوئيٽا، 1988ع، ص 14.

[187] ايضاً، ص 21.

[188] ايضاً، ص 29.

[189] ايضاً، ص 18.

[190] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ”يادِ رفتگان“، هالا نوان، ڇاپو پهريون، 1953ع، ص 15.

[191] جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسيءَ جو اثر“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1980ع، ص 122.

[192] شعبان بخت، ”شمس الدين بلبل“، ماهوار پيغام، ڪراچي، آڪٽوبر - نومبر، 1984ع، ص 64.

ڪندو هو جيڪي عام ماڻهن ۾ پسند ڪيا ويندا هئا.[193]

صوفي رڪيل شاهه: صوفي رڪيل شاهه ولد نورمحمد شاهه 1262هه/ 1845ع[194] ڳوٺ حليم شاهه تعلقي ميرپور ضلعي ڪڇي بلوچستان ۾ پيدا ٿيو بعد ۾ سندس والدين لڏي اچي گنداواه جي ڀرسان ڳوٺ فتحپور ضلعي ڪڇي ۾ ويٺا. پاڻ سنڌي، بلوچي، فارسي، اردو ۽ عربي زبانن جا بلند پايي جا شاعر هئا. سندس مرشد ميرانپور جهوڪ شريف وارو بزرگ سيد عبدالستار شاهه جن هو. جهوڪ شريف جي بزرگن سان اڪثر سندن روح رهاڻيون ٿينديون هيون. پاڻ 1942ع ۾ وفات ڪيائين[195]. سندس سوانح حيات ۽ ڪلام جو گڏيل مجموعو "بحرالعشق" سندس ٿرپارڪر جي هڪ مريد هرگن داس ولد سيٺ ڪندن داس پارواڻي ٿيون ڀيرو 1968ع ۾ ڪراچيءَ کان شايع ڪرايو. هن کان اڳ پهريون ڀيرو نٿرمل لوڪومل صرف ڪلامن جو مجموعو "بحرالعشق" 1944ع ۾ شايع ڪرايو هو. جڏهن ته ٻئي ڀيري مسٽر محمد علي آنريري مئجسٽريٽ رتوديرو ۽ پيربخش صاحب جن گڏجي شايع ڪرايو هو. جيڪب آباد جي هڪ مريد به سندس رسالو ڇپايو آهي.

اڪثر محققن سندس زندگي ۽ سوانح تي قلم کنيو آهي. سنڌ جون ريڊيو ۽ ٽي. وي اسٽيشنون به اڪثر سندس ڪلام پيش ڪنديون آهن. سندس هڪ شاگرد ۽ مريد صوفي پهلوان فقير جيڪب آباد جي ويجهو ڳوٺ رندواهي ۾ رهندو هو جيڪو پڻ صاحب ديوان شاعر هو تنهن سان اڪثر هت اچي رهاڻيون ڪندو هو. پهلوان فقير سنڌي ۽ سرائيڪيءَ کان علاوه بلوچيءَ جو به ناميارو شاعر ٿي گذريو آهي[196]. سندس ڪلامن جو مجموعو "دعوت العشق" سندس فرزند رند علي جيڪب آباد مان 1983ع ۾ ڇپائي شايع ڪرايو جيڪو سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو.

سيد رڪيل شاهه جي سوانح حيات ۽ ڪجهه منتخب ڪلام سبيءَ جي هڪ شاعر عبدالرحمان غور جن ڪوئيٽا مان به شايع ڪرائي، سنڌي ادب ۾ واڌارو ڪيو.[197]

مولوي قادربخش گولو: مولوي قادربخش بنگل خان گولي جي گهر ڳوٺ عاشق آباد صحبت پور، تعلقي جهٽ پٽ، ضلعي جعفرآباد ۾ 1837ع ڌاري تولد ٿيو[198] ۽ 1922ع ۾ وفات ڪيائين.[199] پاڻ سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪيائين. پنهنجي وقت جو بلند پايي جو شاعر ٿي گذريو آهي. شروع ۾ ڳوٺ رستم ضلعي شڪارپور سنڌ جي مولوي محمد عبدالستار صاحب جي مدرسي مان علم حاصل ڪيائين. پنج سال لعل شهباز قلندر جي درگاهه تي مٽيون ڍويائين ۽ سندس سجاده نشين ميان محمد ڪامل وٽ رهيو.[200]

مولوي صاحب پاڻ يڪتاري تي ڳائيندو به هو. سندس پاٽتي مولوي احمد خان گولي "گلزار ڪاپاري" نالي سندس ڪلام جو مجموعو غالبن 1960ع ۾

---

[193] ملڪاڻي، منگهارام پروفيسر، "سنڌي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1977ع، ص 254.

[194] نٿر لوڪومل، مرتب: "بحرالعشق"، صوفي رڪيل شاهه جو رسالو ٽيڪنيڪل پرنٽرز ڪراچي، ڇاپو ٽيون، 1968ع، ص درج نه آهي.

[195] ايضاً.

[196] مگسي، حماد الله مقالو "پهلوان فقير"، ماهوار اولس (بلوچي) ڪوئيٽا، آگسٽ 1988ع، ص30.

[197] عبدالرحمان غور، "صوفي رڪيل شاهه"، شخصيت نمبر، ماهوار معلم اداره ادب ڪوئيٽا، 1957ع.

[198] انعام الحق ڪوثر، ڊاڪٽر، "تذڪره صوفيائي بلوچستان"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1976ع ص 211.

[199] گولو احمد خان مولوي، "گلزار ڪاپاري"، سجاده نشين، عاشق آباد، صحبت پور سال درج نه آهي. ص 7.

[200] ايضاً، ص 4.

جيڪب آباد مان شايع ڪرايو. ان وقت جهٽ پٽ ۾ اوستہ محمد تعلقا جيڪب آباد سنڌ ۾ شامل هئا. سندس هڪ ڪافي پوري سنڌ ۾ مشهور ٿي، جنهن سبب ڪيس سنڌي ادب ۾ مقبوليت حاصل ٿي. ڪافي آهي:

”اڪ ٿيا ٿي انار، سڄڻ تنهنجي سانگي“

سندس سوانح حيات ۽ ڪلامن جي تجزيي لاءِ سنڌ جي احمد علي شاهہ[201] ۽ ڊاڪٽر غلام نبي صابر سڏايي[202] جن بہ لکيو آهي. سندس ڪلام جو مجموعو ”گلزار ڪاپاري“ سنڌي ادب ۾ مقبوليت حاصل ڪري چڪو آهي. مولوي صاحب جي مزار تي هر سال ذوالحج مهيني ۾ ميلو لڳندو آهي.[203]

گل محمد ”زيب“ مگسي: جهل مگسيءَ جي نواب قيصرخان مگسيءَ جو فرزند هو. 1895ع ڏاري ضلعي ڪڇي ۾ تولد ٿيو ۽ 1953ع ۾ وفات ڪيائين[204]. سندس تخلص ”زيب“ هو. پاڻ سنڌي سرائيڪي، عربي ۽ فارسي زبانن جو شاعر هو. سندس فارسي شاعريءَ جا ٻہ ديوان شايع ٿيل آهن، جن مان ”خزينة الاشعار“ 1933ع ۾ ڇپيو. سندس اردو ڪلام لاهور جي اخبار ’زميندار‘ ۾ شايع ٿيندو هو.[205] سندس ٻيو ديوان ”گلدستہ زيب“ بہ شايع ٿيل آهي.[206] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ۽ پير علي محمد راشدي جن سندس سوانح تي لکيو آهي.

پاڻ اڪثر ڪري شهدادڪوٽ ۾ رهندو هو ۽ سنڌ جي ادبي حلقن سان رهاڻيون ڪندو هو. 1953ع ۾ شهدادڪوٽ ۾ وفات ڪيائين. سندس مڙهہ اصل ڳوٺ ڪٽائي دفن ڪيو ويو.[207]

نسيم تلوي: اصل ۾ سبي ضلعي جي ڳوٺ تلي جو رهواسي هو. پاڻ ذات جو سيلاچي هو. پير علي محمد راشدي ڪيس لياري ڪراچي جو بلوچ لکيو آهي.[208] جڏهن تہ محترم جمعہ تيجاڻي پنجاب جو ڄاڻايو آهي[209]. بلوچستان کان سنڌ طرف لڏي ڪراچي وڃي وسايائين. جتي اردو ۾ ”بلوچستان جديد“ اخبار جاري ڪيائين. پاڻ سنڌي بہ لکي ڄاڻيندو هو. سندس وڏيڪ احوال ڪونہ ٿو ملي. سنڌ ۽ بلوچستان جي آزاديءَ لاءِ تحريڪ هلايائين، جنهن سبب جيل بہ ڪاٽيائين.

فيضل فقير: 1883ع ۾ لاشاري قبيلي جي فرد خان محمد لاشاري جي گهر گاجان تعلقي ميرپور ضلعي ڪڇي ۾ پيدا ٿيو[210]. مرشد جي تلاش ۾ سيد رکيل شاهہ صوفيءَ وٽ فتح پور شريف وڃي پهتو جيڪو سندس مرشد ۽ استاد هو.[211] سنڌي، سرائيڪي، اردو، فارسي، براهوي، بلوچي زبانن ۾ شاعري

---

[201] احمد علي شاهہ، ”مولوي قادربخش گولو“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، آڪٽوبر- نومبر 1984ع، ص 56.

[202] سڏايو غلام نبي صابر، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، ڪانياواڙ اسٽور، لاڙڪاڻو 1979ع، ص 5.

[203] گولو احمد خان مولوي، ”گلزار ڪاپاري“، سجاده نشين، عاشق آباد، محبت پور، سال درج نہ آهي، ص 7.

[204] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ”ياد رفتگان“، هالا نوان، ڇاپو پهريون، 1953ع، ص 50.

[205] پير علي محمد راشدي، ”اهي ڏينهن اهي شينهن“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص287.

[206] بشير احمد وارثي، ”تذڪره مگسي مئہ تاريخ“، مدير رهبر سنڌ، رتوديرو 1957ع، ص 37.

[207] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ”ياد رفتگان“، هالا نوان، ڇاپو پهريون، 1953ع، ص 50.

[208] پير علي محمد راشدي، ”اهي ڏينهن اهي شينهن“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، جلد ٻيو 1980ع، ص 367.

[209] نعيم، جمع تيجاڻي، ”قلندر نمبر“، ماهوار نئين زندگي، 1975ع، ص 31.

[210] بروهي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، ”قديم براهوي شعراء“، جلد اول، ڪوئيٽا، 1968ع، ص 7_8_9.

[211] انعام الحق ڪوثر، ڊاڪٽر، ”تذڪره صوفيائي بلوچستان“، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1976ع، ص 205.

ڪيائين.[212] مرشد جي حڪم ۽ اجازت سان اوستہ محمد تعلقي ۾ گنداخہ جي پرسان هڪ هنڌ ويهي عبادت الاهي شروع ڪيائين. 8 نومبر 1957ع تي پنهنجي ئي نالي واري ڳوٺ فيصل فقير ۾ وفات ڪيائين.[213] سندس پورو نالو فيض محمد هو. سندس ڪلام جو بياض پونئيرن وٽ موجود آهي. ڪلام جو مجموعو "گلشن اشعار" بلوچ اڪيڊمي ڪوئيٽا وارن 1968ع ۾ شايع ڪرايو آهي. ڪجھ ڪلام اوستہ محمد جي ڪاليج ميگزين ۾ شايع ٿيو آهي[214]. تازو سندس پونئيرن رسالو بہ ڇپايو آهي.

سيد چيزل شاهہ: سيد رڪيل شاهہ صوفي القادري جو فرزند ارجمند ۽ سجاده نشين سن 1332 هجريءَ ڌاري ڳوٺ فتحپور شريف ۾ تولد ٿيو[215]. سنڌي، اردو، سرائيڪي ۽ فارسي زبانن جو بلند پايي جو شاعر هو. سندس ڪلام ۾ ڪافيون، دوهڙا ۽ سِ حرفيون چيل آهن. سنڌ جي ريڊيو ۽ ٽي. وي اسٽيشن تي سندس ڪلام نشر ڪيو ويندو آهي. سندس هڪ مريد فتح چند ڪارڙا سندس ڪلام جو مجموعو "بحرالعميق" ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو جيڪو سنڌي ادب ۾ نمايان جاءِ والاريندو. شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي ۾ اميرعلي شيخ نالي هڪ شاگرد سندس سوانح ۽ ڪلامن جي جائزي تي مبني مونوگراف بہ پيش ڪيو آهي.[216] سندس ڪلام سنڌ جي 'نئين زندگي' رسالي ۾ بہ شايع ٿيو آهي. پاڻ 16 مئي 1984ع تي جيڪب آباد ۾ وفات ڪيائين. جتان سندس ميت ڪڍائي، سندن اباڻي ڳوٺ فتح پور شريف واري قبرستان ۾ دفنايو ويو. سنڌ ۾ سَوَن جي تعداد ۾ سندس مريد ۽ معتقد هئا، جن وٽ اڪثر اچي رهاڻيون ڪندو هو. چيزل شاهہ وفات تائين پهلوان فقير جيڪب آباد واري ۽ فتحپور شريف ۾ پنهنجي والد سيد رڪيل شاهہ جي هرسال ٿيندڙ ميلن جي پاڻ نگراني ڪندو هو.

نور محمد پروانو: پاڻ 15 فيبروري 1918ع تي مرحوم مهردل پندراڻي بروهي جي گهر ڳوٺ پندراڻ تعلقي اوستہ محمد، ضلعي نصير آباد بلوچستان ۾ تولد ٿيو[217]. 1935ع ۾ سبي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. پنج درجا انگريزيءَ جا پڙهڻ بعد اسڪول ڇڏي ڏنائين ۽ صحافت اختيار ڪيائين.

سن 38-1939ع ۾ "ڪمال هند" اخبار جو جيڪب آباد لاءِ نمائندو مقرر ٿيو. 1948ع ۾ جيڪب آباد جي هڪ هفت روزه سنڌي اخبار "نوجوان" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو[218]. سندس ڪافي رشتيدار جيڪب آباد ضلعي جي ڳڙهي خيرو تعلقي ۾ موجود آهن. سنڌي، اردو ۽ بروهي زبانن ۾ شاعري ڪري ٿو. 1960ع ۾ مستونگ بلوچستان ڪان بروهي زبان ۾ هڪ هفت روزه اخبار "ايلم" نالي جاري ڪيائين، جيڪا اڄ تائين لڳاتار جاري آهي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي علائقائي اخبارن ۾ سڀ ڪان وڏي ۽ پراڻي اخبار جي حيثيت رکي ٿي.

---

212 زبيراڻي پير محمد، "بولان نامہ"، بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، 1967ع، ص 170-172.

213 انعام الحق ڪوثر، ڊاڪٽر، "تذڪره صوفيائي بلوچستان"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1968ع، ص 209.

214 احمد ڊي بلوچ، "سبدگل"، مخزن ڊگري ڪاليج اوستہ محمد، ضلعو نصير آباد، بلوچستان، 85-1986ع، ص 32-33.

215 ڪارڙا فتح چند ڪنيالال، "بحرالعميق"، چيزل شاهہ جو رسالو فتح ڪلاٽ هائوس جيڪب آباد، 1987ع، ص 4.

216 شيخ، اميرعلي، "صوفي چيزل شاهہ جي شاعريءَ جو مطالعو"، شاهہ لطيف يونيورسٽي، خيرپورميرس، سنڌي شعبو ايم سنڌي مونوگراف، سال 1989ع.

217 بروهي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، "براهوئي زبان و ادب ڪي مختصر تاريخ"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1982ع، ص 145.

218 جوهر بروهي، ٽہ ماهي سنگت سلسلي جو ڪتاب "سهيل"، بروهي پبليڪيشن، فريد آباد، ضلعو دادو، 1984ع، ص 15.

براهوي زبانن ۾ ”بروهي قائده“ ڪتاب شايع ڪيائين[219]. 17 آڪٽوبر 1984ع تي راقم کي ايلم اخبار جو سب ايڊيٽر مقرر ڪيائين. جيڪب آباد توڙي سنڌ جي نامور محققن، جهڙوڪ رحيمداد مولائي شيدائي، تراب بروهي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ، مرحوم عبدالڪريم گدائي جن سان گهرا تعلقات رهيا آهن. جيڪب آباد جي ادبي ۽ صحافتي حلقن سان اڪثر روح رهاڻيون ڪندو رهندو آهي. سندس زندگيءَ بابت ڪجهه مواد هتان جي مخزنن ۾ شايع ٿيل آهي.[220]

عبدالعزيز جروار: پاڻ 1922ع ڌاري ڳوٺ جروار تعلقي جهٽ پٽ ضلعي نصير آباد ۾ پيدا ٿيو. علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ مان منشي فاضل ۽ اديب فاضل ڪيائين. ڪين اهو فخر حاصل آهي ته سندس امتحان جا پيپر جامع الاظهر قاهره ۾ مصر ڏانهن جاچ لاءِ ويا هئا، جتي ڪيس گولڊ ميڊل جو حقدار قرار ڏنو ويو. پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري استاد مولوي نورمحمد ڪوسي کان حاصل ڪئي. سنڌيءَ کان علاوه سرائيڪي، اردو، بلوچي ۽ فارسي زبانن ۾ به شاعري ڪندو آهي.[221]

جيڪب آباد ۾ اڪثر اچي رهندو آهي، جتي سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن سان روح رهاڻيون پيو ڪري ۽ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو آهي. جيڪب آباد جا عوامي شاعر مرحوم عبدالڪريم گدائي ۽ مرحوم غلام قادر ”قيس“ سندس گهرا دوست هئا. روزنامه ’سارنگ‘ ۾ فتاح عابد جن سندس زندگي ۽ ڪلام بابت مضمون به لکيو آهي.

رشيد احمد لاشاري: 8 اپريل 1922ع ۾ ڳوٺ ملگزار تعلقي جهٽ پٽ (ضلعي سبيءَ) ۾ زرڪ خان لاشاريءَ جي گهر ۾ تولد ٿيو. روزگار سانگي سندس وڏن سنڌ جي ضلعي جيڪب آباد جي ڪنڌڪوٽ شهر ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي.[222] ڪنڌڪوٽ مان فائنل پاس ڪرڻ بعد مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، مولانا عبدالحڪيم، مولانا حبيب الله ۽ مولانا فقير محمد ڪنڌڪوٽيءَ وٽان فارسي ۽ عربي پڙهيو.

1944ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جي حيثيت سان شامل ٿيو. 1949ع ۾ شمس العلماءَ ڊاڪٽر دائودپوٽي مٽس خاص نوازش فرمائي ڪيس ضلعي حيدرآباد لاءِ اردو ٽيچر مقرر ڪيو. اتان ترقي ڪندي ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو[223].

1956ع ۾ بيمار ٿيڻ سبب نوڪري ڇڏي ڪراچي وڃي آباد ٿيو جتي فلمن لاءِ مڪالما ۽ گيت لکڻ شروع ڪيائين. سندس يادگار فلمن مان سسئي پنهون، پرديسي، عمرمارئي، هماري زبان ۽ نئي ڪرن مشهور آهن.

پاڻ سنڌي، اردو سرائيڪي، فارسي، پنجابي، بلوچي، پشتو انگريزي ۽ عربي ٻولين ۾ وڏي مهارت رکندو هو. شاعريءَ جي فن ۾ پوريءَ طرح ڄاڻ رکندو هو.

سندس تصنيفن جو انداز ايترو آهي جو هت لکڻ جي گنجائش ڪونه آهي، تنهن هوندي به شاهه جو رسالو سچل سرمست جو رسالو ڪليات گدا،

---

[219] عبدالقيوم بيدار، ته ماهي سنگت سلسلي جو ڪتاب ”آدينڪ“، بروهي پبليڪيشن، فريد آباد، ضلعو دادو، 1958ع، ص 31.

[220] سڏايو غلام مرتضيٰ، ”آزاديءَ صحافت ڪي چند علمبردار“، جيڪب آباد ۾ وقت جون ويرون مخزن، سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1985ع، ص 34.

[221] ساڻس ملاقات، 3 مئي، 1982ع، سارنگ پريس، جيڪب آباد.

[222] ميمڻ، بشير احمد، ”رشيد احمد لاشاري“، روزانه عبرت، حيدرآباد، 8 اپريل 1987ع، ص 3.

[223] ايضاً.

شڪنتلا، روح لطيف ۽ يوسف زليخا قابل ذڪر آهن[224]. پاڻ 1970ع ۾ وفات ڪئي. سندس خاندان اڄ بہ جيڪب آباد ضلعي ۾ موجود آهي[225].

مولانا عبدالباقي درخاني: سندس ولادت جو سن معلوم ٿي ڪونہ سگهيو آهي. پاڻ ڳوٺ درخان نزد ڍاڍر ۾ پيدا ٿيو. سموري تعليم پنهنجي والد مولانا عبدالله رئيساڻيءَ کان حاصل ڪيائين. 1950ع ۾ ڪوئيٽا کان ماهوار اردو 'معلم' جاري ڪيائين. سنڌي، اردو، بروهي، بلوچي ۽ فارسيءَ ۾ لکندو هو ۽ شاعري بہ ڪندو هو. سندس سنڌي شاعري دستاب ٿي ڪونہ سگهي. ڍاڍر ۾ بروهي ادبي سنگت قائم ڪيائين.[226] سنڌ جي بروهي اديبن ۽ شاعرن سان اڇي رهاڻيون ڪندو هو. بروهي زبان ۾ سندس ڪجھ ڪتاب شايع ٿيل آهن. هن پهريون پيرو "معلم" ۾ سنڌي، بروهي ۽ بلوچي زبانن کي روشناس ڪرايو.[227] ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سندس پسنديده سنڌي ليکڪ هو.[228] ڪوئيٽا جي ڪيترن ئي ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ جي ادبي پروگرام ۾ شريڪ ٿيو. 27 مارچ 1985ع تي پنهنجي ڳوٺ ڍاڍر ۾ وفات ڪئي.[229]

ملڪ محمد رمضان بلوچ: 1922ع ۾ بارج خان ڊومڪي بلوچ جي گهر لهڙي ضلعي ڪڇيءَ ۾ پيدا ٿيو.[230] ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. سنڌي، اردو، بروهي ۽ بلوچيءَ ۾ لکندو آهي. 1946ع ۾ قلات جي رياست ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هفت روزه "الحق" سبي، ماهنامہ "معلم" ڪوئيٽا ۽ "تنظيم" جو ايڊيٽر رهيو آهي[231]. 1954ع کان مستونگ ۾ هفت روزه "ساربان" جاري ڪيائين. جيڪب آباد جي سالياني ميلي جي مشاعرن ۾ هر سال شرڪت ڪندو آهي.

ارباب خان کوسو: 1923ع ڏاري ڳوٺ ڏگهي، تعلقي جهٽ پٽ ضلعي نصير آباد (بلوچستان) جي کوسي خاندان جي هڪ فرد بهرام خان جي گهر ۾ ڄائو. 14 سالن جي عمر کان ڳائڻ شروع ڪيائين. سنڌي، اردو بروهي ۽ بلوچيءَ ۾ ڳائڻ سان گڏ شاعري بہ ڪندو هو. 1958ع ۾ جيڪب آباد ۾ اڇي "ارباب آرٽ سرڪل" قائم ڪيائين.[232] پنهنجي شاعري پاڻ بہ ڳايائين. جيڪب آباد جي ادبي ۽ ثقافتي حلقن سان سٺي اُٺ ويھ هئس. تاريخ 27 آڪٽوبر 1994ع تي وفات ڪيائين.

ڪرم شاهه: 1902ع ۾ منڙي ضلعي ڪڇيءَ ۾ ڄائو. پيري مريديءَ باوجود مزدوري ڪندو هو. ان ڪري جيڪب آباد لڏي اچي ويٺو. سنڌيءَ ۾ سٺي شاعري ڪندو هو. پنهنجي شاعري پاڻ ڳائيندو هو. ستر سالن جي عمر ۾ 1972ع ۾ وفات ڪئي.[233]

غوث بخش بروهي فراقي: 1937ع ۾ ڳوٺ مهر ڳڙهہ ضلعي ڪڇيءَ ۾ پيدا ٿيو. 1954ع ۾ گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ عبدالشڪور اجميري وٽ ڊرائيوري

---

[224] عصمت ڏاهري، "رشيد احمد لاشاري"، مخزن، "پيغام محبت"، سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1988ع، ص 85.

[225] ايضاً.

[226] عبدالقيوم بيدار، "مولانا عبدالباقي درخاني"، تہ ماهي سنگت سلسلي جو ڪتاب آدنيڪ بروهي، پبليڪيشن، فريدآباد ضلعو دادو، 1985ع، ص 44.

[227] بلوچ، ملڪ محمد رمضان، "مولانا عبدالباقي درخاني"، تہ ماهي سنگت سلسلي جو ڪتاب، "تاجل"، 1986ع، ص 7، بروهي پبلڪيشن، فريدآباد، ضلعو دادو.

[228] جتڪ طاهره احساس، "مولانا عبدالباقي درخاني"، ماهوار طوطڪي ڪوئيٽا، 1983ع، ص10.

[229] نورمحمد پروانو "مولانا عبدالباقي درخاني"، هفت روزه ايلم، مستونگ بلوچستان، 3 اپريل، 1985ع، ص 6.

[230] انعام الحق ڪوثر، "نبي ڪريم صلعم ذڪر مبارڪ بلوچستان ۾"، اسلام پبليڪيشن، لاهور، 1983ع، ص 78.

[231] ايضاً.

[232] جمالي، عبدالرزاق، "جيڪب آباد ۾ فن موسيقيءَ جي ارتقا"، حقيقت جو هار مخزن سنڌ هارس ائنڊ ڪئٽل شو جيڪب آباد، 1987ع، ص 24.

[233] ملاقات اڪبر لاشاري، 1987-12-1، جيڪب آباد.

ڪرڻ لڳو. قلندر جي عقيدت سبب 1972ع ۾ ڊرائيوري ڇڏي قلندر شهباز جي دروازي جي سامهون سڳڙن جو دڪان وني سيوهڻ ۾ رهائش اختيار ڪيائين.[234] اجا تائين اتي رهيل آهي.

سنڌي سان گڏ اردوءَ ۾ شاعري ڪري ٿو. سندس ڪلام جو مجموعو "جستجوئي قلندر" نالي 1974ع ۾ شايع ٿيو. سيد رڪيل شاهه ۽ سيد چيزل شاهه جو به عقيدتمند آهي، ان ڪري هر سال ميلي جي موقعي تي ٿي ڏينهن سڳڙن جو دڪان اچي قائم ڪندو آهي.

قاضي عبدالڪريم "ذبيح" بروهي: 1924ع ۾ محمد صالح روديني زئي جي گهر ڳوٺ ڪيرٿر (بلوچستان) ۾ ڄائو. سندس خاندان ڪجهه وقت کان پوءِ ڏڪار سبب اهو علائقو ڇڏي ڳوٺ فريد آباد تعلقي ميهڙ ضلعي دادو (سنڌ) ۾ اچي وينو. پاڻ اتي ديني تعليم حاصل ڪيائين. سنڌي ۽ فارسي مدرسه اشرفيه شڪارپور ۾ حاصل ڪيائين. ڪجهه وقت علامه ابوبڪر شبليءَ سان تعلق به رهيو جنهن سبب کيس لکڻ جو شوق پيدا ٿيو.[235]

سندس اردو ۽ سنڌيءَ جا اخلاقي، مذهبي ۽ تحريڪي مضمون ڪيترن ئي اردو ۽ سنڌي اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا، جن ۾ روزانه الوحيد نمايان حيثيت رکي ٿي. پاڻ "نقش ذبيح" نالي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکيائون.[236] درس و تدريس جو بيحد شوق رکندو هو. ان ڪري فريد آباد ۾ مدرسه عربيه محمديه قائم ڪيائين. جتي علمي ادبي ۽ ديني خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ 16 جنوري 1958ع تي فريد آباد ۾ وفات ڪيائين. سندس لائق فرزند عبدالقيوم "جوهر" بروهي سنڌي ۽ بروهي زبانن جو معروف شاعر ۽ اديب آهي پاڻ به علمي ادبي ۽ ديني خدمتن کي جاري رکيو پيو اچي.

محمد اسحاق سوز: 1946ع ۾ مولوي عطامحمد بروهيءَ جي گهر ۾ ڳوٺ شيخ واصل جديد آباد ضلعي قلات (بلوچستان) ۾ پيدا ٿيو. سندس خاندان هر سياري جي موسم ۾ ضلعي قمبر- شهدادڪوٽ جي شهدادڪوٽ شهر ۾ اچي رهندو هو. ان ڪري پرائمري تعليم شهدادڪوٽ مان حاصل ڪيائين. سنڌي ۽ بروهي زبانن جو بلند پايي جو شاعر مڃيو وڃي ٿو. بروهي زبان ۾ سندس ڪجهه ڪتاب شايع ٿيل آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ سندس استاد محمد ڇٽل ۽ نظام الدين گوپانگ آهن.[237]

الياس پرويز: 1935ع ۾ ڳوٺ بکرڙو ضلعي ڪڇي (بلوچستان) ۾ پيدا ٿيو. 1954ع کان صحافت ۾ پير پاتائين ۽ سبيءَ کان هڪ هفت روزه اردو اخبار "حقيقت" جاري ڪيائين. 1958ع ۾ صدر ايوب واري مارشل لا ۾ عوامي حقوق سلب ٿيڻ خلاف زوردار آواز اٿارڻ جي ڪري 1960ع ۾ سندس اخبار جو ڊڪلريشن رد ڪيو ويو. 1961ع ۾ سبي ڇڏي جيڪب آباد ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين ۽ هفت روزه سنڌي اخبار "مساوات" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو.[238]

سندس اخباري ايڊيٽوريل وڏي اهميت جا حامل آهن. سنڌيءَ ۾ پاڻ سٺو نثرنويس هو. سنڌي ادب سان کيس بيحد لڳاءُ هو جيڪب آباد جي ادبي ۽ صحافتي حلقن ۾ وڏي مقبوليت حاصل هئس. پاڻ 18 جون 1985ع تي جيڪب آباد ۾ وفات ڪيائين، جتي کيس دفن ڪيو ويو.

لياقت بروهي: 2 جنوري 1954ع تي ڳوٺ ڏکي تعلقي جهٽ پٽ بلوچستان ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو نورمحمد آهي. بي. اي تائين تعليم

---

[234] غوث بخش فراقي، "جستجوئي قلندر"، شهباز روڊ، سيوهڻ، جنوري 1974ع، ص 7.

[235] بروهي، علي احمد شاد انٽرويو جوهر بروهي، ايڊيٽر "گودي"، سڪينه بروهي پبليڪيشن، حيدرآباد، 1986ع، ص 55-56.

[236] ايضاً.

[237] غلام مصطفيٰ "مشتاق"، "لاڙڪاڻي ضلعي جا زنده شاعر"، لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو ميونسپل امپلائيز يونين لاڙڪاڻو 1984ع، ص 315، ۽ ڏسو جوهر بروهيءَ جو ته ماهي سنگت سلسلي جو آدينڪ، 1958ع، ص 32.

[238] مساوات اخبار جو مالڪ ۽ چيف ايڊيٽر فيض بخشاپوري آهي.

حاصل ڪيائين. 1980ع ۾ جيڪب آباد جي سنڌي اخبار هفت روزه ”آواز“ جو ايڊيٽر مقرر ٿيو.[239] ان کان علاوه روزانه ”سارنگ“ جيڪب آباد جو اسٽاف رپورٽر به رهيو. سنڌي، اردو ۽ بروهي زبانن ۾ لکندو آهي. اڄڪلهه روزانه ”جنگ“ ڪوئيٽا جو جهٽ پٽ شهر لاءِ نمائندو آهي. جيڪب آباد جي ادبي ۽ صحافتي حلقن سان اڪثر رهاڻيون ڪندو رهندو آهي. هڪ قومپرست سياسي ڪارڪن جي حيثيت ۾ بلوچستان نيشنل الائنس سان واسطو رکي ٿو.

سنڌ جي شاعرن ۽ ليکڪن جي بلوچستان طرف اچ وڃ:

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته جاگرافيائي لحاظ کان ٻئي صوبا پاڻ ۾ مليل آهن. ان ڪري ماڻهن جي اچ وڃ آسانيءَ سان جاري آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ جا به ڪيئي ليکڪ پنهنجي ادبي اڃ اجهائڻ لاءِ بلوچستان طرف ويندا رهيا آهن. بلڪ ڪي ته هميشه لاءِ اتان جا ٿي ويا ۽ اتي ئي وفات ڪري ويا. هيٺ اهڙن ذات ڏٽين جي سوانح ۽ ادبي خدمتن تي مختصر روشني وجهجي ٿي، جنهن سان ٻنهي صوبن جي ادبي ناتن جو پتو پوي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1752-1689ع): سنڌي ٻوليءَ جو هي بين الاقوامي حيثيت رکندڙ شاعر ڪنهن به تعارف جو محتاج ڪونهي. ڪيس سير ۽ سياحت جو شوق هو. شاهه صاحب جي سوانح لکندڙن جو هن ڳالهه تي پورو اتفاق آهي ته شاهه سائين ارغونن جي وڌندڙ دشمنيءَ کان تنگ ٿي، پنهنجي محبوب وطن کي الوداع چئي، ڪيترائي سال سير ۽ سياحت ۾ رهيو ۽ پري پري جا سفر ڪيا. هنگلاج، حب، لاهوت لامڪان توڙي ڪيچ مڪران[240] ۽ ٻپ جبل جا پاسا ان شوق ۾ گهميا.[241]

شاهه لطيف کي جبل گهمڻ ڏاڍو وڻندو هو. گهڻو ڪري مينهن جي موسم ۾ اهي ڏينهن ٻاهر سفر ۾ گذاريندو هو. مهينن جا مهينا هو سنياسين ۽ جوڳين سان گڏجي گنجي ٽڪر يا لسٻيلي جي سرحد وارن جبلن ۾ گهمندو هو. تي ورهيه لاڳيتا هندن فقيرن جي سنگت ۾ گذاريائين ۽ لاهوت، تاني ۽ سپڙ سخي جون زيارتون ڪيائين.[242]

شاهه لطيف حيدرآباد کان ڪراچي وارو رستو ونئي پنيور وچي سسئي پنهونءَ جي ڦوڙائي جو احوال حاصل ڪيو.[243] حب درياهه کي اورانگهڻ کان پوءِ بيابان لتاڙيندو ۽ وارين جا دڙا اڪرندو ٽڪريون لنگهندو آخر پنهنجي منزل هنگلاج پهتو.[244] ڪراچيءَ کان هنگلاج 20 ميلن جي مفاصلي تي آهي. ڪراچيءَ کان تقريباً 17 ڪلوميٽرن تي حب ندي آهي، جتي شاهه عبداللطيف پهرين منزل ڪئي.[245] حب ندي پريان ٻپ جبل اتر کان ڏکڻ سمنڊ جي ڪناري تائين هڪ ڪنڊي ناهيو بينو آهي.[246]

ٿي سگهي ٿو ته شاهه لطيف ڪابل ۽ قنڌار به ويو هجي. ان لاءِ ڪو مستند احوال ڪونه ٿو ملي. بلوچستان جي عشقيه داستان سسئي پنهونءَ کي شاهه سائين ڇهن سرن ۾ ڳايو آهي. ان کان علاوه سُر پرڀاتيءَ ۾ لسٻيلي جي هڪ حاڪم سپڙ سخي جي تعريف به ڪئي آهي. ظاهري طور اهي بيت ان

---

[239] آواز اخبار جو مالڪ چيف ايڊيٽر: مرحوم غلام حيدر شيخ هو. اخبار ان جي وفات بعد بند ٿي وئي.

[240] گربخشاڻي، هوتچند مولچند، ڊاڪٽر، ”مقدمه لطيفي“، ورستي پبليڪيشن، ڪراچي، يونيورسٽي، ڇاپو ٽيون، 1977ع، ص 29.

[241] لطف الله بدوي، ”تذڪره لطفي“، آر. ايم. ايچ برادرس، حيدرآباد، جلد اول، ڇاپو ٽيون، 1963ع، ص 510.

[242] مرزا قليچ بيگ، ”احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي“، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه، حيدرآباد، 1972ع، ص 15.

[243] شاهواڻي، غلام محمد ابراهيم، ”شاهه جو رسالو“، آر. ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، 60-1961ع، ص 10.

[244] ايس ايم جهانگياڻي، ”شاهه عبداللطيف اينڊ هز ٽائيمز“، دهلي يونيورسٽي، 1987ع، ص 13.

[245] سڌايو غلام نبي ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“، پي. ايچ. ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سال 1988ع، ص 220.

[246] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، مرتب: ”لطيف ساگره“ مخزن ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1979ع، ص 24.

سخيءَ جي ياد ۾ آهن، جو سخين جو بہ سردار هو.[247] شاهہ لطيف بلوچستان جي تاريخي ماڳن کي پنهنجي شعر ۾ جاءِ ڏني آهي. بلوچستان جي ميد ۽ مڇي ڦاسائيندڙن کي بہ ياد ڪيو آهي. سونمياڻيءَ جي تاريخي قصي، ميربحر مورڙو ۽ مانگر مڇ جي قصي کي بيان ڪيو اٿس. ان دؤر ۾ اهو علائقو سنڌ ۾ شامل هوندو هو. ان جو حاڪم راجا دلوراءِ هو. بعد ۾ جامن ان کي بلوچستان ۾ شامل ڪري پنهنجو راڄ قائم ڪيو.[248]

شاهہ سائين بلوچستان سان تعلق رکندڙ پنهنجي شاعريءَ ۾ بلوچيءَ جا لفظ بہ استعمال ڪيا آهن. اهوئي سبب آهي جو بلوچستان جي هڪ اهم محقق ميرگل خان نصير ان تي بلوچ هئڻ جو گمان ظاهر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي تہ شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪوهہ وجبل، دشت ۽ پٽن کي بہ ياد ڪيو آهي، جنهن مان چئي سگهجي ٿو تہ هو بلوچ هو.[249]

1. آهيان ڪميڻي ذات، بلوچي نہ جڙان!
2. پلي ڪري ٿيوم، هي سڱ ٻاروچن سين!
3. جيهي جا تيهي، تہ بہ ٻانهي ٻاروچن جي.

هن علائقي جي زبانن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ خاطر شاهہ صاحب پنهنجي خطي جي شاعريءَ ۾ بروهي زبان جا لفظ بہ استعمال ڪيا آهن. ائين لڳي ٿو تہ هو بروهي زبان چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو:

1. داسا داڪا داڙي، هندا ڙي هيام!

هر داسا هن حال جي، هتي هوت ڏنام.

پوءِ پذيري ايندام، پائي پيچ پريت جو.

داسا= هاڻي، داڪا= هِتان. داڙي= هِتي. هنداڙي= اِتي.

پذيري= پوءِ.

شاهہ جو رسالو جابلو سنڌي ٻوليءَ سان پريو پيو آهي، جنهن کي اڪثر ڪچهرين ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو. خاص طور سسئي پنهونءَ بابت شاهہ جا سڀ سُر وڏيڪ مقبوليت رکن ٿا. ايتري تائين جو ماڻهن بر زبان اهي ياد ڪري ڇڏيا آهن.

لس ۾ ڪبير شاهہ، سانوڻ فقير، عبدالله خان پنيرو ۽ شيخ ابراهيم،[250] کان علاوه بلوچستان جا سگهڙ، سالڪ ۽ ڳائڻا اڪثر شاهہ کي ياد ڪيو اڇن. انهن ٻولن سان گڏ هو پنهنجن قولن ۽ ٻولن ۾ بہ سسئي پنهونءَ جي قصي کي ڪچهرين ۾ نروار ڪن ٿا. سسئي پنهونءَ جي داستان بابت اڄ بہ ان خطي ۾ ڳاهون ڳائجن ٿيون. مڪران کان لسٻيلي ۽ سٻيءَ کان ڪڇي ۽ جهل مگسيءَ تائين خاص طور "ناڙيءَ" جي ٻيرون علائقي ۾ ان قصي کي وڏي

---

[247] لطف الله بدوي، "تذڪره لطفي "آر. ايچ. احمد ائنڊ برادرس، حيدرآباد، جلد اول، ڇاپو ٽيون، 1963ع، ص 541 ۽ پڙ ڏسو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1970ع، ص 83.

[248] لهڙي سراج الدين، "شاهہ لطيف ۽ بلوچستان"، ماهوار اولس ڪوئيٽا، (بروهي حصو) فيبروري، مارچ 1983ع، ص 42.

[249] ميرگل خان نصير مرحوم، "چي شاهہ لطيف بلوچي ات؟"، ماهوار اولس ڪوئيٽا، نومبر- ڊسمبر، 1984ع، ص 18 ۽ پڙ ڏسو عزيزالله عزيز بروهيءَ جو مضمون "شاهہ پٽائي ۽ دل بلوچاني مهرءَ حب" ماهوار اولس ڪوئيٽا، جون- جولاءِ 1985ع، ص 7_8.

[250] سمون الهبچايو يارمحمد، "سير ڪوهستان"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع ص 72_74.

اهميت حاصل آهي. جهل مگسيءَ جا سگهڙ ان کي وڏي چاهه سان ڳائيندا رهندا آهن.[251]

شاهه لطيف جي شاعريءَ کان سواءِ بلوچستان خطي جي شاعرن جهڙوڪ: سيد رکيل شاهه، سيد چيزل شاهه، مولوي قادربخش گولو ۽ فيضل فقير ۽ ٻين جي شاعريءَ جو مطالعو ڪبو ته اها به شاهه جي شاعريءَ کان متاثر نظر اچي ٿي، جن پنهنجي خطي جي هن مقبول عشقيه داستانن کي ياد ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح خطي جا سگهڙ به ان جذبي کان سرشار آهن، جنهن مان اندازو لڳائجي ٿو ته شاهه جي شاعري پوري بلوچستان جي شاعرن، سگهڙن ۽ سالڪن کي پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو: تحقيق پٺائي صاحب سنڌ توڙي ٻيلي جي شاعرن جو سرتاج ۽ اُستاد هو. شاهه جي شاعرانه سخا ۽ لٽ مان سنڌي ٻوليءَ جي هر شاعر هر هنڌ ورچ ورتي آهي. سنڌ جي اولهندي جبلن البته سنڌ ۽ ٻيلي جي وچ ۾ ماڻهن جي آمد و رفت کي مشڪل بنايو مگر شاهه صاحب جا بيت درياهه مٿان ٽپندا، نئن تان ڪڏندا، جبل لتاڙيندا وڃي پار پيا ۽ لسٻيلي ۾ به شاهه صاحب جي بيتن جو اهوئي چرچو ۽ ذوق جاري رهيو جهڙو سنڌ ۾ ٿيو. اسان ٻيلي جي هر سگهڙ ۽ سمجهو واتان پٺائيءَ جا بيت ٻڌا. غور بعد معلوم ٿئي ٿو ته ٻيلي ڏانهن ويندي شاهه بلاول جو تڪيو شاهه جي شعر جو هڪ پهريون ۽ اهم اڏو ۽ اجهو ٿي رهيو آهي، جتي گهڻي مدت کان شعر جي رهاڻ ۽ سلوڪ وارا وقت بوقت سنڌ جي طرفان ايندا رهيا آهن. بنده راقم کي ٻيلي ۾ معلوم ٿيو ته هن وقت به شاهه بلاول تي ڪو هڪ سالڪ رهي ٿو جو شاهه جي شعر جو وڏو واقف ۽ وينجهار آهي. شاهه بلاول جو تڪيو سنڌ ۽ ٻيلي جي عرفات آهي، جتي شاهه جي شعر ۽ ٻيلي جي دردمند دلين جو مدت کان ميڙاڻو ٿيو. انهيءَ اثر جي جهلڪ اسان کي ٻيلي جي پهرين شاعر شيخ حمر (شاهه جو همعصر) جي بيتن ۾ واضح طور نظر اچي ٿي. شيخ ابراهيم جي بيتن جو رُخ به ساڳيو آهي. انهن شاعرن جي بيتن جي رنگ توڙي بوءِ جو سرچشمو يقيني طور پٺائي صاحب جا بيت آهن. شيخ ابراهيم ۽ ڪبيرشاهه جي بيتن ۾ به شاهه جو اثر نظر اچي ٿو.[252]

اهڙيءَ طرح لسٻيلي جو شاعر شيخ حمر اصل کان فقير ۽ درويش هو. ننڍي هوندي کان پنهنجي مڪتب ۾ ٻارن کي پڙهائيندو هو. شاهه لطيف جو همعصر هو. پاڻ حج تي ويندي رستي تي وفات ڪيائين. غالباً هي سندس ٻيو حج هو. خان نصير خان اعظم جي نياڻيءَ جي شاديءَ واري روايت مان گمان نڪري ٿو ته شيخ حمر 1750_1776ع واري عرصي دوران وفات ڪئي.[253]

شيخ حمر جو پٽ شيخ ابراهيم[254] ٻيلي جي شاعرن ۾ ناليوارو شاعر ٿيو. ڪبيرشاهه ۽ شيخ ابراهيم جا ماري ڄام مير خان (1776_1818ع) جي دؤر ۾ تقريباً 1776ع کان 1781ع دوران مارڪا ٿيندا رهيا.[255]

جيتوڻيڪ شيخ حمر شاهه لطيف جو همعصر هو پر سندس بيتن مان شاهه لطيف جي بيتن واري بوءِ اچي ٿي. تنهن هوندي به هن جي شاعريءَ ۾ شاهه جي نقالي ڪونه ٿي نظر اچي.

شيخ خاندان ۾ شيخ ابراهيم ننڍي وهيءَ کان ئي شاعري شروع ڪئي، جنهن سبب وڏي مقبوليت حاصل ڪيائين، ايتري قدر جو سنڌ جي

---

[251] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سسئي پنهون“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص 38.

[252] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص30_131.

[253] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص277.

[254] انعام الحق ڪوثر، ڊاڪٽر، ”تذڪره صوفيائي بلوچستان“، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1976ع، ص 94.

[255] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص275.

نامياري شاعر ڪبير شاهه ان جو نالو ٻڌي ڀيلي وچي ساڻس مارڪا ڪيا، جيڪي ادبي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ان جي وفات 1806ع کان پوءِ ٻڌائي آهي.[256] سندس قصا خاص طور سسئي پنهونءَ بابت وڏي اهميت رکن ٿا. سندس شاعري ڀيلاين جا ٻول ڪتاب ۾ موجود آهي.

ڪبير شاهه: ڪبيرشاهه 86_1776ع واري عرصي ۾ شايد اٿل آيو ۽ رهي پيو غالباً 13 صدي هجريءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ وفات ڪيائين.[257] مٽياري ساداتن جي ٻاڙهيا پاڙي مان هو. ڪلهوڙن مان پسند جي شادي ڪرڻ تي سندس خاندان جي ناراضگيءَ سبب سنڌ ڇڏي ڀيلو وسايائين.[258] ڪبير شاهه کان سواءِ سندس ڀاءُ محمد شاهه جي اولاد مان احمد شاهه پٽ علي بخش شاهه بہ ناليوارو شاعر ٿيو. احمد شاهه ڪبير شاهه جي باقي خاندان جو اڪيلو شاعر ۽ لسٻيلي جي وڏن شاعرن مان ڇڻ آخري ڏيئو هو.[259]

شيخ ابراهيم ڀيلي جي شاعرن جو ڇڻ اڏوءِ اجهو هو. بلڪ عام شاعريءَ جي ڪسوٽي هو جنهن تي هر ڪنهن شاعر اچي تي پنهنجو جوهر ڏيکاريو. ڪبير شاهه سنڌ مان ڪهي اچي شيخ حمر جي شاعريءَ جو خزانو کوليو. شيخ ابراهيم اڪيلو ڇڻ هڪ هٽ هو. جڏهن ڪبير شاهه جو ٻيو هٽ هن هٽ تي لڳو تڏهن تاڙي وڳي ۽ ڀيلي ۾ سنڌي شاعريءَ جو غلغلو ٿيو.[260]

ڪبير شاهه جي ڀيلي وچڻ ۽ مارڪا ڪرڻ کان پوءِ ان جي شاعريءَ جو اثر ڀيلي ۾ عام ٿي ويو ۽ ڀيلي جي شاعريءَ کي عروج ۽ فروغ نصيب ٿيو. انهيءَ ڳالهه جو لسٻيلي جي هر هڪ سگهڙ کي احساس ۽ اعتراف هو ٻي معنيٰ ۾ اهو سنڌ جو ڀيلي جي شاعريءَ تي هڪ احسان آهي.[261] ڪبير شاهه جي زبان وڏيڪ معياري ۽ صاف هئي، ڇوته هو خاص سنڌ جي سرزمين جو نيپاج هو. سينگار شاعريءَ ۾ پڻ ڪيس وڏي دسترس هئي، جنهن ۾ لسٻيلي وارن کان سرس ۽ سوايو هو.[262] انهن ڏينهن ۾ راڇن شاهه جو غالباً ڪبير شاهه جي خاندان مان هو. ڄام مير خان جي دعوت تي ڀيلي شهر ويو. اتي نم شاعر سان ملاقات ڪيائين.[263] مختلف سُرن تي مارڪو ڪيائين ۽ بيتن جي ڏي وٺ ٿي.

ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي: (1866_1953ع) سنڌ جو سچو مؤرخ سنڌي، سنسڪرت ۽ هندي ٻولين جو ماهر انگريزي، پارسي ۽ عربيءَ جو ڄاڻو ويهن ورهين جي عمر ۾ ايڪسائيز کاتي جي نوڪريءَ سان لڳو ۽ اتان انسپيڪٽر ٿي رٽائر ڪيائين. 1924ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي ليڪچرار مقرر ٿيو پر سنڌي ٻوليءَ جي خدمت هن شروع کان پئي ڪئي.[264] هن هونئن ته ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. پر سندس "قديم سنڌ" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" بہ اهڙا ڪتاب آهن. جيڪي سنڌي ادب ۾ نمايان حيثيت رکن ٿا. خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جنهن ۾ هن سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن تي ڪم ڪيو آهي، جنهن ۾ بلوچستان جا سنڌي محاورا بہ شامل آهن. جيتوڻيڪ بلوچستان وچڻ جو سندس ڪو بہ احوال ڪونہ ٿو ملي. مگر پائنجي ٿو ته هي اتان جي ٻولين تي ڪم ڪرڻ

---

[256] ايضاً، ص 290_292.

[257] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "ڀيلاين جا ٻول"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص 338.

[258] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "ڀيلاين جا ٻول"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص338_335.

[259] ايضاً، ص 338.

[260] ايضاً، ص 293.

[261] ايضاً، ص 134.

[262] ايضاً، ص 272.

[263] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "ڀيلاين جا ٻول"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص386.

[264] آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو. 1980ع، تعارف.

وقت ضرور اوڏانهن ويو هوندو. ڇوته اتان جي بلوچي، بروهي ۽ سنڌي محاورن تي ڪجهه لکڻ مان ظاهر آهي ته اتي وڃي ئي مطالعو ڪرڻ بعد ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

"سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ڪتاب لکي سنڌي ٻوليءَ کي هن بلوچستان جي نه صرف ڪجهه سنڌي محاورن کان روشناس ڪرايو بلڪ اتان جي بروهي، بلوچي ۽ پشتو ٻولين کي به سنڌي ادب ۾ متعارف ڪرايو. خاص طور لاسيءَ[265] تي هن ڪافي ڪم ڪيو آهي، جيڪو سنڌي ادب ۾ مثالي حيثيت رکي ٿو.

الهبچايو يارمحمد سمون (1912_1958ع): مرحوم پنهنجي ادبي تخليقن جي ڪري سنڌي ادب ۾ انفرادي حيثيت رکي ٿو. سندس زباندانيءَ، انشاپردازي، طرز تحرير ۽ اسلوب نگارش جو مثال ئي ڪونه ٿو ملي.[266]

"سير ڪوهستان" سندس لافاني شاهڪار آهي. ان ڪتاب ۾ سندس عبادت آرائي، لفظن جي چونڊ ۽ جڙت، محاورن جي صحت، بندش جي چستي، منظرڪشي ۽ رنگين بيانيءَ جو عظيم مثال آهي. ملير ڳوٺ ضلعي ڪراچيءَ جي سمان خاندان جو هي چشم و چراغ سنڌ سان ملحق بلوچستان جي ڪوهستاني علائقي جو به نفس نفيس دورو ڪري اتان جي رهواسين جي رسم رواج، تهذيب و تمدن، رهڻي ڪهڻي، کاڌ خوراڪ، ايمانداري ۽ مهمان نوازيءَ تي قلم کڻي سنڌي ادب کي سير ڪوهستان جي صورت ۾ هڪ مثالي تحفو پيش ڪيو آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڪورس تي رکيل آهي.

پنهنجي سفر جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"مون کي سفر ۾ ڪي ٿورڙا اهڙا ڳوٺ نظر آيا، جتي ويهارو کن جهڳا گڏ اڏيل هئا. ورنه پنجن ڇهن ڪوهن تي به به جهوپڙيون اڏيل ڏٺيون ٿي، پيو ٿيو پلو ڪي جبل چوٽ تي ڪي اڏو ڪرن ۾ ته ڪي ترائيءَ ۾ رهيا پيا هئا."[267]

الهبچايي سمي بلوچستان جي هن ڪوهستان علائقي جي رهڻي ڪهڻيءَ تي قلم کڻي سنڌي ادب ۾ هڪ بيش بها تاليف پيش ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪوهستان جي علمي، ادبي، ثقافتي ۽ سماجي زندگيءَ جي ڀرپور ترجماني موجود آهي.[268]

رحيمداد مولائي شيدائي: پاڻ 1891ع ۾ شير محمد بروهيءَ جي گهر سکر ۾ پيدا ٿيو. خالد ڪرم مينگل سندس ولادت جو سن 1894ع لکيو آهي.[269] 1939ع ۾ ريلوي ۾ ملازم ٿيو. سندس والد به ريلوي ۾ ملازم هو. 1919ع ۾ شادي ڪيائين. 12 فيبروري 1978ع تي ڪنگز هل سکر ۾ وفات ڪيائين.[270] سندس تخلص "مولائي شيدائي" پير علي محمد راشدي ۽ مولانا دين محمد وفائي طرفان رکيو ويو.[271]

پاڻ سنڌي زبان ۾ ڪيئي ڪتاب لکيائين: "تاريخ تمدن سنڌ" ۽ "جنت السنڌ" به اهڙا ڪتاب آهن، جن جي تصنيف سان سنڌ ۾ تاريخ نويسيءَ

---

[265] آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1972ع، ص 56_159.

[266] سمون الهه بچايو يارمحمد مرحوم، "سير ڪوهستان"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو پنجون، 1971ع، ص تعارف.

[267] ايضاً، ص 14.

[268] ايضاً، ص 14.

[269] مينگل خالد ڪرم خان، "مولائي شيدائي"، ماهوار احوال، خضدار، فيبروري_ مارچ 1979ع، ص 39.

[270] نور محمد پروانو "رحيمداد مولائي شيدائي"، ماهوار احوال، خضدار، مارچ 1978ع، ص 9_15.

[271] جوهر بروهي، "مولائي شيدائي"، ته ماهي سنگت سلسلي جو ڪتاب، آدينڪ، بروهي، پبليڪيشن، فريد آباد، ضلعو دادو، سنڌ 1958/8ع، ص 33.

۾ تمام گهڻو مشهور ٿيو. ان ڪري ڪتابن ۾ سندس حوالا تمام گهڻا هوندا آهن. هن سنڌ جي تاريخ تي ڪيترائي مقالا بہ لکيا.[272]

بلوچستان بابت سندس سڀ کان اهم ڪتاب ”تاريخ بلوچستان“ آهي، جيڪو هن بلوچستان جي تاريخ تي لکيو ان کان علاوه ”تاريخ قلات“ بہ اردو ۾ لکيو. جنهن سبب اڪثر بلوچستان طرف سندس اچ وڃ ٿيندي هئي. اردوءَ کان علاوه هو بروهي زبان ۾ لکندو هو. سندس بروهي زبان جا مقالا هفت روزه ايلم مستونگ ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا.

بلوچستان جي تاريخ لکي هن سنڌي ادب کي بلوچستان جي تاريخ کان روشناس ڪري وڏي اهميت حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: سنڌ توڙي پاڪستان جو نامور مؤرخ، ليکڪ ۽ تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 16 ڊسمبر 1917ع تي رئيس علي محمد لغاريءَ جي گهر ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ جعفرخان لغاريءَ ۾ پيدا ٿيو.[273] ابتدائي تعليم سنڌ جي مختلف اسڪولن مان حاصل ڪيائين. سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ رهيو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکي ٿو: ”ڊاڪٽر صاحب جو علمي سرگرميون تيز آهن. مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ هيءَ ٻي اٿل آهي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم جي چاليهن جلدن جا مرتب آهن. شاهہ عنايت، خليفي نبي بخش، لطف الله قادري ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام مرتب ڪري مڪمل مقدمن سان شايع ڪيو اٿن. بيلي جي شاعريءَ تي پنهنجي تصنيف ”ٻيلاين جا ٻول“ جو ٻيو سڌاريل ڇاپو شايع ڪيو اٿن.“[274]

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1951ع ۾ پڌرو ٿيو. پاڻ هي ڪتاب وڏي جفاڪشيءَ کان پوءِ تيار ڪيو. جون 1946ع ۾ لسٻيلي جي شهر اٿل وڃي اتان جي شاعرن ۽ سگهڙن مان شيخ سائينداد، شيخ الهڏني، عزيز ٻيڙي ۽ ٻين سان ملاقاتون ڪيائين. ٻيلي جي نامور شاعر شيخ ابراهيم ۽ سنڌ جي شاعر ڪبير شاهہ جي مارڪن جا بيت هٿ ڪري، ان ڪتاب ۾ قلمبند ڪيائين. ان کان علاوه ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام هٿ ڪيائين. سندس هن ڪاوش سنڌي ادب کي بلوچستان جي لاسي محاوري کان متعارف ڪيو.[275]

پهلوان فقير (1303ـ1385 هجري): پهلوان فقير جيڪب آباد جي ويجهي ڳوٺ جانيديري ۾ 1303 هجريءَ ڌاري ٻڍي فقير ڊومڪي بلوچ جي گهر ڄائو. سندس والد ”پهلوان“ نالو رکيو. پاڻ اهل الله ۽ بزرگ شخص هو. 35 سالن جي عمر ۾ ڪامل پير کان تلقين وٺڻ جو ڪيس شوق پيدا ٿيو. سندس نظر فتح پور شريف واري بزرگ درويش ۽ صوفي شاعر سيد رڪيل شاهہ جو انتخاب ڪيو.[276] جيڪو بعد ۾ سندس روحاني پيشوا ۽ استاد ٿيو. سندس روح رهاڻين ڪيس شاعر بہ ٻڌائي ڇڏيو. اڪثر سندس روحاني ۽ ادبي ڪچهريون ٿينديون هيون.[277]

سيد رڪيل شاهہ پنهنجن هٿن سان سندس دستاربندي ڪئي. پاڻ سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ بلوچيءَ ۾ شاعري ڪندو هو. سندس ڪلام جو ديوان ”دعوت العشق“ ٻيو ڇپيو 1983ع ۾ شايع ٿيو. پنهنجي مرشد سيد رڪيل شاهہ جي سخت بيماريءَ جو احوال ٻڌي بيمار ٿي پيو ۽ 6 جمادي الثاني 1358 ۾ هي

---

[272] جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، سرهہ ڪتاب گهر، حيدرآباد، 1973ع، ص 250.

[273] بلوچ، چاڪر خان رند، ”ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ“، ماهوار بلوچي دنيا، ملتان، فيبروري، 1981ع، ص 4.

[274] جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“، سرهہ ڪتاب گهر، حيدرآباد، 1973ع، ص 249.

[275] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 1970ع، مهاڳ.

[276] فقير غلام سرور، مرتب: ”دعوت العشق“، درگاهہ پهلوان فقير رند، واهي جيڪب آباد، 1983ع، ص تعارف.

[277] بگٽي، حمادالله، ”پهلوان فقير“، ماهوار اولس ڪوئيٽا، آگسٽ 1988ع، ص 21.

فاني دنيا ڇڏيائين.

فيض محمد بروهي: هو محمد پور اڍو تعلقي ڳڙهي خيري، ضلعي جيڪب آباد جو رهواسي هو. سنڌي ۽ بروهي زبانن ۾ شاعري ڪندو هو. ڪوئيٽا ريڊيو ۽ ٽي. وي ۽ جي مشاعرن ۾ شرڪت ڪيائين. سنڌي ۽ بروهي زبان ۾ ڪجھ ڪتاب بہ لکيائين. 3 جون 1981ع تي پنهنجي ڳوٺ ۾ وفات ڪيائين.[278]

عبدالڪريم ”تراب“ بروهي : 15 جنوري 1913ع، لاڙڪاڻي ۾ مير شادي خان مينگل بروهي جي گھر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد استاد مقرر ٿيو. 1970ع ۾ انسپيڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. سنڌي، سرائيڪي، اردو، بلوچي، فارسي ۽ بروهي زبانن ۾ نظم ۽ نثر نويسي ڪري ٿو.[279] ڪوئيٽا ريڊيو ۽ ٽي. وي ۽ جي ڪيترن ئي مشاعرن ۽ پروگرامن ۾ شريڪ ٿيو آهي. سنڌي ۾ ”ڪنوار جو آئينو“ ڪتاب ڇپيل اٿس، جيڪو ترجمو آهي. بروهي زبان ۾ ڪافي ڪتاب لکيا اٿائين، پر شايع ڪونہ ٿي سگھيا آهن.

جوهر بروهي: 29 جنوري 1950ع ۾ عبدالڪريم ”ذبيح“ بروهي ۽ جي گھر فريد آباد تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. سندس نالو عبدالقيوم ۽ تخلص ”جوهر“ آهي. سنڌي، بروهي ۽ فارسي ۽ ۾ شاعري ۽ نثر نويسي ڪري ٿو. فريد آباد ۾ بروهي پبليڪيشن نالي هڪ ادارو قائم ڪيو اٿس، جتان ”سنگت“ ڪتابي سلسلي جا اٽڪل 18 ڪتاب بروهي زبان ۾ شايع ڪيا اٿس.[280] ڪوئيٽا ۽ خضدار ريڊيو ۽ ٽي. وي اسٽيشن جي ڪيترن ئي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيو آهي.

حڪيم گلاب خان ”مهجور“: 20 جولاءِ 1934ع تي بروهي خاندان جي هڪ فرد ميرگل خان پندراڻي ۽ جي گھر محمد پور اڍو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان حاصل ڪيائين. خانگي طور حڪمت ڪندو آهي. معروف مورخ ۽ ليکڪ مرحوم مولائي شيدائي ۽ جي رهنمائي ۽ ۾ نظم ۽ نثر بہ لکڻ شروع ڪيائين. سنڌي، بروهي ۽ اردو زبانن ۾ لکي ٿو.[281] ڪوئيٽا ريڊيو ۽ ٽي. وي ۽ جي شاعرن ۾ شريڪ ٿيو آهي. ’بزم مولائي شيدائي‘ محمد پور اڍو ضلعي جيڪب آباد جو سرپرست ۽ روح روان آهي، جنهن پاران ”پندراڻ نامہ“ ڪتاب شايع ڪرايو اٿس.

احسن خاراني: عبدالغفور ولد شير محمد خاراني بروهي 29 مارچ 1941ع ۾ شهدادڪوٽ، ضلعي قمبر- شهدادڪوٽ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان حاصل ڪيائين. سنڌي، بروهي ۽ بلوچي ۽ ۾ شاعري ڪيائين. سندس بروهي ۽ بلوچي ٻولين جا ٽي غزلن جا غنچا ”ديوان احسن“، ”جذبات احسن“ ۽ ”گلدستہ عبدالغفور“[282] ڪوئيٽا مان شايع ٿيل آهن. ”احسن“ سندس تخلص هو. شهدادڪوٽ ۾ بروهي سنڌي ادب سنگت جو قيام عمل ۾ آندائين. ڪوئيٽا ريڊيو ۽ ٽي. وي ۽ جي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيو. 4 فيبروري 1983ع تي مالي مشڪلاتن کان مجبور ٿي بندوق جي فائر سان پنهنجو انت آندائين.[283]

عزيز الله ”عزيز“ بروهي: پاڻ 1 اپريل 1950ع تي ڳوٺ رسول بخش بروهي تعلقي ڳڙهي خيري ضلعي جيڪب آباد ۾ مولانا عبدالحڪيم پندراڻي ۽ جي

---

[278] جوهر بروهي سنگت سلسلي جو آدينڪ بروهي پبليڪيشن، فريدآباد، 1985ع، ص 23.

[279] عبدالقادر اسير، ”درستي راستي“، ماهوار احوال، خضدار، اپريل، مئي، 1979ع، ص 35.

[280] عبدالقيوم بيدار ”بروهي اديب ۽ شاعر“، سنگت سلسلي جو ڪتاب، آدينڪ بروهي پبليڪيشن، فريدآباد، ضلعو دادو 1985ع، ص 39.

[281] عزيزالله بروهي، ”پندراڻ نامہ“، بزم مولائي شيدائي، محمد پور اڍو ضلعو جيڪب آباد، 1985ع، ص تعارف.

[282] جوهر بروهي، ”احسن خاراني“، سنگت سلسلي جو ڪتاب ”آدينڪ“ بروهي پبليڪيشن فريدآباد، ضلعو دادو 1985ع، ص 25.

[283] جروار، نذير احمد، ڊاڪٽر، عبدالغفور احسن خاراني سنگت سلسلي جو ”سوغات“ بروهي پبليڪيشن، فريدآباد، ضلعو دادو، 1983ع، ص 23 ۽ پڙ ڏسو غلام مصطفيٰ مشتاق جو مضمون ”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“ ميونسپل امپلائيز يونين لاڙڪاڻو 1984ع، ص 315.

گهر جاتو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي. ايس. سي ڪري سائنس ٽيچر مقرر ٿيو.[284] 1974ع کان سنڌي ۽ بروهي زبانن ۾ لکڻ شروع ڪيائين ۽ تمام تيزيءَ سان نالي وارو ليڪ ليکڪ ۾ آيو. نثر توڙي نظم به لکي ٿو. بزم مولائي شيدائي محمد پور اڊو طرفان سندس سنڌي ڪتاب "قدرت جون سائنسي ڪاريگريون" 1981ع ۾ شايع ٿيو. راقم جي معاونت سان 1983ع کان ڪپوت نالي هڪ ڇهه ماهي ڪتابي سلسلو بزم مولائي شيدائي محمد پور اڊو طرفان شروع ڪيائين. جيڪو بروهي زبان ۾ آهي. ڪوئيٽا جي ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ اسٽيشن جي مشاعرن ۾ شريڪ ٿئي ٿو. 1980ع کان ڪيترائي دفعا براهوي آرٽس اڪيڊمي ڪوئيٽا ۽ براهوئي ادبي سوسائٽي ڪوئيٽا طرفان محترم جوهر بروهي، حڪيم گلاب خان مهجور ۽ راقم سان گڏجي سنڌي ۽ براهوي زبانن جي گڏيل مشاعرن ۽ محفل موسيقيءَ ۾ شريڪ ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ کان ڊاڪٽر ادل سومرو، خالد آزاد، امان شيخ ۽ ٻيا اديب ۽ شاعر بلوچستان جي ادبي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندا رهن ٿا.

ثقافتي ناتا:

اسين مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته نه صرف سڄيءَ جو خطو بلڪ پورو بلوچستان صوبو قنڌار سميت قديم سنڌ ۾ شامل هوندو هو جنهن سبب ان علائقي جي ثقافت تي سنڌي ثقافت جو اثر ٿيڻ لازمي امر آهي. اهوئي سبب آهي جو هن علائقي ۾ اچڻ وارو ڪڏهن به اهو محسوس ڪري ڪونه سگهندو ته ڪو هي علائقو غير سنڌي آهي، ڇوته هر طرف سنڌي ثقافت نمايان پئي نظر ايندي.

مهرڳڙهه جي ڪوتائيءَ مان سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن جا اهڃاڻ ملن ٿا، جنهن جو اندازو اتان مليل شين جي ڏسڻ سان ئي سگهي ٿو. موهن جو دڙو ۽ مهرڳڙهه جون تهذيبون هڪ ئي تمدن سان تعلق رکن ٿيون. هن خطي جا ماڻهو صاف سٿري زندگي گذاريندا هئا. لطافت ۽ شائستگيءَ مان سندن هڪ ئي ثقافت جا اهڃاڻ ملن ٿا. ٺڪر، ٽامي ۽ جست جا ٿانوَ آئينہ، ٻڪل، زيور ۽ ٻيون سينگار جون شيون، تفريح وندر، مڇيءَ جو شڪار ۽ ناچ گانن جي شوق وارين خوبيون ٻنهي خطن جي ثقافتي لاڳاپن سان تعلق رکن ٿيون.

سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو سنڌ جي اولهه وارن علائقن خاص طور پاڪستان جي مغربي سرحدن سان لاڳو ملڪن جي تهذيب سان گهرو تعلق هجڻ وڏي اهميت رکي ٿو ڇوته هي علائقو هڪ ئي قديم تهذيب جو اهم حصو رهيو آهي. ان سلسلي ۾ محمد ادريس صديقي لکي ٿو:

> "بلوچستان انهن ايراضين جي وچ ۾ واقع هجڻ سبب هن تهذيب جي گويا هڪ ڳانڍاپي جي حيثيت رکي ٿو ۽ اتر ۽ ڏکڻ بلوچستان جي پهاڙي علائقن ۾ سر آريوال اسٽائين ۽ هارگيوز 1922ع ۾ ٽال بلوچستان وٽ هڪ قبرستان دريافت ڪيو ۽ سر آريوال اسٽائين 1928ع ۾ گهٽيون مڪيه جايون ڳولي لڌيون، جن ۾ ستگاجن دؤر شاهي تمب، ماهي ندر، ڊبرڪوٽ، پيراڻو گندئي مغل، گندئي شور ۽ جنگل قابل ذڪر آهن.[285]
>
> هو وڌيڪ لکي ٿو ته. قديم دور ۾ اتر ايران ۽ اولهه افغانستان بولان لڪ جي ذريعي سنڌو ماٿريءَ سان مليل جليل هئا. انهن علائقن ۾ ٽامو ڳاريو ويندو هو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اتفاقي طور ٽامي ۽ ٽين جي ملاوٽ ڪچي ڌاتو پگهارڻ سان ڪٽ جو پتو پويو ۽ اها دريافت بولان لڪ جي ذريعي سنڌو ماٿريءَ ۾ آندي ويئي. هن سلسلي ۾ هي ڳالهه وڏي اهميت رکي ٿي. سنڌو ماٿريءَ مان هٿ آيل چاقو خنجر ۽ سوسا، آناوا مان هٿ آيل ڪجھ چاقو خنجرن سان وڏي مشابهت رکن ٿا."[286]

---

[284] جوڻيجو محمد عالم بيوس، "قدرت جون سائنسي ڪاريگريون"، بزم مولائي شيدائي، 1981ع، تعارف.

[285] محمد ادريس صديقي، "سنڌو ماٿريءَ جي سڀيتا"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1979ع، ص21.

[286] ايضاً، ص 83.

هوڏانهن آمري دڙي مان لڌل مٽيءَ جا برتن بلوچستان جي مٽيءَ وارن ٿانون سان هڪجهڙائي رکن ٿا. موهن جي دڙي واري دؤر ۾ به عربن جي دؤر جا سنڌ ۽ بلوچستان جي نال ڪلي، شاهي تمپ (مڪران)، ڊبرڪوٽ ۽ آمريءَ مان هڪجهڙا برتن هٿ آيا آهن.[287] هي حقيقت ٻنهي خطن جي پاڻ ۾ تهذيبي ۽ ثقافتي ميل جول جو واضح ثبوت آهي.

رشتيداريون: سنڌ ۽ بلوچستان جي ثقافتي ناتن تي اسان جڏهن گهري نظر وجهون ٿا ته سسئي پنهونءَ جو قصو اسان کي نمايان نظر اچي ٿو. بلوچستان جي هڪ شهزادي جو سنڌ جي هڪ ڇوڪريءَ سان عشق ڪري هميشه لاءِ سنڌ کي پنهنجو وطن بڻائي ويهڻ وارا اهڃاڻ پڻ آڳاٽي دؤر جا يادگار ثقافتي لاڳاپن جي حيثيت رکن ٿا.

جڏهن بلوچ قبيلن ۽ سنڌ جي ٻين قبيلن جي وچ ۾ مشترڪ رهڻي ڪهڻيءَ جا بنياد پيا ۽ جڏهن کان بلوچ قبيلا سنڌ ۾ آيا ته هميشه لاءِ سنڌي ٿي ويهي رهيا. سنڌ ۽ بلوچستان جي قبيلن جو پاڻ ۾ ميلاپ ۽ مشترڪ ثقافت جو هي اوائلي باب هو. جنهن جي اثر هيٺ ايندڙ صدين ۾ ”سنڌي بلوچ“ قبيلن جي فردن پاڻ کي سومرو خان، دودو خان، چنيسر خان، ننگر خان، لاکو خان، سهٽو خان، نڪر خان، سمو خان ۽ تماچي خان سڏيو ته سنڌ جي ڪن ٻين قبيلن جي فردن پاڻ کي آري، آريسر، پنهون، چنو هوت، حمر (حمل) بلوچ خان، بلوچو ٻاروچو چاڪر ۽ گهرام وغيره سڏايو.[288]

ٽالپرن جي دؤر ۾ خان خداداد خان قلات جهالاوان جي سرداريءَ جي دعويدار سردار نورالدين مينگل کي قتل ڪرايو هو. جنهن جي لسٻيلي وارن ڄامن سان قديم زماني کان رشتيداري هئي. اها رشتيداري هن طرح شروع ٿي جو قديم زماني کان پوٽ ان علائقي ۾ وڏي نالي واري قوم ليکي ويندي هئي، جنهن پوءِ پوتاڻي سردار خيل جي حيثيت اختيار ڪئي. سردار پوتاڻي کي به نياڻيون هيون، جنهن مان هڪ سنڌ جي مير علي مراد خان ٽالپور کي ڏنل هئي ۽ ٻي نورالدين مينگل جي خاندان مان مير ولي محمد شاهيزئي کي ڏنل هئي. مير علي مراد خان ٽالپور جي ڌيءَ ڄام مير خان لسٻيلي واري جي والده هئي.[289]

اهڙيءَ طرح ميرن مان مير غلام علي خان ٽالپور قلات جي مير محمد نصير خان جي ڀائٽي سان وڏي ڌام ڌوم سان ڀاڳ ۾ شادي ڪئي هئي، جنهن ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جا اٽڪل چاليهه هزار ماڻهو شريڪ ٿيا.[290]

راڳ رهاڻ: راڳ رهاڻ جون محفلون انسان لاءِ روحاني غذا جي حيثيت رکن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو قديم زماني کان راڳ رهاڻ جون محفلون اڪثر سنڌ ۽ بلوچستان جي ثقافتي ناتن جو اهم سبب رهيون آهن. هي محفلون ميلن ملاکڙن کان علاوه شادين براتين ۽ درگاهن تي عام جام ٿين ٿيون.

سماع جون محفلون صوفين لاءِ روحاني غذا جي حيثيت رکن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو سمن ۽ ارغونن جي دؤر ۾ اهڙين محفلن زور ورتو.[291] ڪلهوڙن جي دؤر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون وايون ۽ بيت گهڻي انداز ۾ سنڌ ۽ بلوچستان جي خطن ۾ ڳائجڻ ۾ آيون.[292] جن کي ماڻهن وڏي اتساهه سان پسند ڪيو.[293] ان موقعي تي يڪتارو، سرندو، نڙ، بين، مرلي، دلو طبلو دهل، ڍولڪ، چنگ، رباب ۽ شرنائي ٻنهي علائقن جا مقبول ترين ساز بڻيا ۽

---

[287] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص203_382.

[288] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سسئي پنهون“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص 46_47.

[289] لالا هيتورام، ”تاريخ بلوچستان“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1973ع، ص 432_433.

[290] قليچ بيگ فريدون بيگ، ”هسٽري آف سنڌ“، دي چچنامه، ڪراچي، واليوم 2، 1900ع، ص21.

[291] علي شير قانع ٺٽوي، ”تحفة الڪرام“، مترجم: امير احمد مخدوم، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 377.

[292] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1977ع، ص 139.

[293] ايضاً.

وڏي شوق سان ٻڌجڻ ۾ آيا.

درگاهن تي سماع جون وڏيون محفلون لڳڻ شروع ٿيون ۽ شاهه لطيف جون ڪافيون محفلن جو روح بڻجي ويون. ايتري تائين جو ٻنهي علائقن ۾ شاهه لطيف سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ جو روح ليکجڻ ۾ آيو. سنڌ جي اهڙين محفلن ۾ ريڊيو اسٽيشن ان سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ سوين سنڌي فنڪار پيدا ٿيا. ٻنهي علائقن جا فنڪار اڪثر پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري ثقافتي ناتن کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۾ استاد اميد علي خان نه صرف سنڌ ۾ بلڪ بلوچستان ۽ ٻاهرين ملڪن افغانستان ۽ يورپ ۾ به پنهنجي فن جو جادو جڳايو. ان ڪري رياست جهل مگسيءَ جو نواب سيف الله خان مگسي، پير نجم الدين گيلاني (ڪوئيٽا وارو) سندس راڳ جا وڏا مداح هئا ۽ اڪثر ساڻس محفلون ڪندا هئا.[294]

استاد ارباب خان کوسو هن خطي جو اهو اهم فنڪار هو، جنهن سنڌ جي سياسي رهنمائن جي محفلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو. اهڙن رهنمائن ۾ قائداعظم محمد علي جناح ۽ مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو شامل آهن. ارباب خان کوسي 1958ع ۾ ڳوٺ ڏکڻي تعلقي جهٽ پٽ بلوچستان کان هلي جيڪب آباد سنڌ ۾ ارباب آرٽس اڪيڊمي نالي هڪ ادارو قائم ڪيو، جنهن ۾ پوري سنڌ، بلوچستان مان سوين شاگرد اچي فن موسيقيءَ جي تعليم حاصل ڪن ٿا، جن مان ڪجهه فنڪار ٻنهي علائقن ۾ يڪسان مقبوليت رکن ٿا، جن ۾ رحيم ناز، بشير احمد، جمال شاهه، محمد صالح ٽنيو ابراهيم شاهه کهيري، حاجي خان ۽ عمر شاد بلوچستان مان ۽ لوڪ ڊانسر قنبر بروهي، نجف علي، خادم ديوانو عبدالرزاق جمالي ۽ فياض احمد سنڌ مان وڏي مقبوليت جا مالڪ آهن، جيڪي ٻنهي علائقن جي ٽي. ويءَ ۽ ريڊيو اسٽيشن کان علاوه درگاهن ۽ ٻين نجي محفلن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهن ٿا.[295]

مشهور طبلي نواز استاد امام بخش خان (پيرني، ڪوئيٽا واري) طبلي جو فن جيڪب آباد ۾ آندو.[296] جنهن سبب هن خطي ۾ معروف فنڪار پيدا ٿيا، جيڪي ٻنهي علائقن ۾ مقبول آهن.

پوشاڪ: هن خطي جي قديم زماني کان سنڌ سان وابستگيءَ سبب ظاهر آهي ته لباس به هڪجهڙائي هوندا. ڪاڪو ڀيرومل ان بابت لکي ٿو ته، سنڌ جي روماسا بابت هڪ راڳ ۾ ٽُڪ چيل آهي ته هڪ لڱا هو نئين قسم جو لباس پهري چوڻ لڳي ته هاڻ مان قنڌارڻ لڳان ٿي. ان وقت قنڌار پرڳڻو گندار نالي هڪ هندو جي گورنريءَ ۾ هو. ظاهر آهي ته قديم زماني کان سنڌ ۽ قنڌار وارن جي پاڻ ۾ گهڻي لهه وچڙ رهي هوندي.[297]

سنسڪرت ۾ "آج" معنيٰ ٻڪر (آجا معنيٰ ٻڪري) ۽ آجين واس معنيٰ ٻڪري جي کل سان ڍڪيل يا ٻڪريءَ جي کل پهريل (ماڻهو). اها سنڌو ماڻهن جي آڳاٽي پوشاڪ هئي. افغانستان، بلوچستان ۽ تبت جا رهاڪو اڄ تائين کلن جا ٺهيل پوستين ۽ اوني ڪپڙو ڍڪين ٿا.[298]

هن خطي جا ماڻهو سنڌ جي رهواسين وانگر هوند آهر لباس پائين ٿا. وائل جا ڦيڙها، کمرڪ يا بافتي جون سٿڻون ۽ قميصون ٻهراڙيءَ ۾ عام جام

---

294 شيخ، غلام حسين، "استاد اميد علي خان"، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، ڊسمبر 1971ع، ص26.

295 جمالي، عبدالرزاق، "جيڪب آباد ۾ فن موسيقيءَ جي ارتقا"، سنڌ هارس اينڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، مخزن، 1987ع، ص 24.

296 ايضاً.

297 آڏواڻي ڀيرومل، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 260.

298 ايضاً، 310ع پڻ ڏسو بلوچستان ڪي قبائل، جلد اول، ص 149.

استعمال ٿين. اجرڪون ۽ سنڌي ٽوپي وڏي شوق ۽ چاهه سان ڪم آڻين. اجرڪون اڪثر ڪلهن تي رکن.[299] عورتون ڳاڙهي ۽ نيري رنگ جي ڇيٽ استعمال ڪن. ٻيا رنگ به ڪم آڻين ٿيون. قميصون اڪثر گگهن جي صورت ۾ استعمال ڪن ٿيون, جيڪي وڏا ۽ ويڪرين ٻانهن سان هوندا آهن.[300]

خطي جي پوشاڪ سنڌ سان ايتري مشابهت رکي ٿي, جو جهل مگسيءَ جا نواب جيڪي ڪلهوڙن جا مريد هئا, سي پنهنجي پوشاڪ ڪلهوڙن جهڙي پائيندا هئا. مگسي اصل ۾ چام نندي جي اولاد مان آهن.[301]

بلوچ, بروهي ۽ پٺاڻ عورتون پنهنجي پنهنجي طريقي سان گگها تيار ڪري استعمال ڪن ٿيون. چولن جون ٻانهون سوڙهيون ڪرائي پائين. بلوچستان جي سماٽ جون عورتون به ان طرح جا گگها پائين.[302]

انگوڇي ۽ لانڪ جو رواج هينين علائقن ۾ موجود آهي, جڏهن ته مٿين علائقن ۾ لانڪ بلڪل ڪونه استعمال ٿئي.

زيور: موهن جي دڙي توڙي رگ ويد واري زماني ۾ زالون ۽ مرد عام طرح زيور پائيندا هئا. اڄ به ڪيترا ڪڇي, مارواڙي ۽ ٻيا مرد ڳچيءَ ۾ چانديءَ ۽ سون جي هسي, ڪنن ۾ واليون يا ڪيوٽيون ۽ ٻانهن ۾ پٽو پائين. منڊين ۽ ڇلن جو رواج پائيندن ۾ عام هو جيڪو هاڻي ختم ٿي چڪو آهي.[303]

اوڏن جون عورتون عاج جون چوڙيون ۽ ٻانهون استعمال ڪن ٿيون. هي قديم سنڌ جو رواج آهي.[304] سنڌ جي سماٽ جي عورتن ۾ به پاڻ جو رواج عام هو جيڪو هاڻي ختم ٿي رهيو آهي.

موجوده دؤر ۾ عورتون سنڌين وانگر زيور پاڻ جون شوقين آهن. منڊيون, ڪنگڻ, هسيون, ويڙهه, هار, پازيب, ڇير, چوٽيون, ڦل, چوڙا, نٿ, بولا ۽ گج عام جام استعمال ڪن ٿيون.[305]

ماڻهن کان علاوه قديم زماني وانگر جانورن مثلاً: گهوڙن, مينهن, اٺن, ڏاندن ۽ ٻڪرين کي به هار, مڻڪا ۽ موتي پارايا وڃن ٿا.[306]

قديم زماني جي زيورن بابت مولائي شيدائي لکي ٿو: مرد ۽ عورتون زيور عام جام پائيندا هئا. جيئن ته هسي, ٻانهين, بازوبند, منڊيون وغيره. مردن کان سواءِ زالون هينيان زيور پائينديون هيون, منگليون, پازيب ۽ ڀَنڙا. ڪي زالون ٽونٽ کان وٺي ڪلهي تائين ٻانهين چاڙهينديون هيون. هيرن ۽ جواهرن هٽ لڳڻ مان اها مراد آهي ته ماڻهو قيمتي پٿر به زيورن طور ڪم آڻيندا هئا. يونانين ۽ عربن سنڌي مردن جي ڪنن ۾ سچن موتين جا والا پيل ڏٺا هئا. اميراڻي طبقي جا مرد به زيور پائيندا هئا.[307]

قديم زماني جي ان رسم کي جاري رکندي, بلوچستان جي هن خطي ۽ سنڌ جي ٻهراڙي جا مرد اڄ به ڪنن ۾ واليون هٿن ۾ منڊيون ۽ ڪڙا پائين

---

[299] الانا, غلام علي, ڊاڪٽر, ”لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“, سنڌالاجي, ڄامشورو, 1977ع ص 114.

[300] انور رومان, ”بلوچستان ڪي قبائل“, جلد اول, بينظير انٽر پرائيزرز, ڪوئيٽا, 87_1986ع, ص283.

[301] لالا هيتورام, ”تاريخ بلوچستان“, بلوچي اڪيڊمي, ڪوئيٽا, 1973ع, ص 192 ۽ پڙ ڏسو بشير احمد وارثي جو ڪتاب ”تذڪره مگسي معه تاريخ“ مدير اعليٰ رهبر سنڌ رتوديرو, 1957ع, ص29.

[302] انور رومان, ”بلوچستان ڪي قبائل“, جلد اول, بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا, 87_1986ع, ص283.

[303] آڏواڻي ڀيرومل, ”قديم سنڌ“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1980ع, ص 317.

[304] رحيمداد مولائي شيدائي, ”تاريخ تمدن سنڌ“, سنڌ يونيورسٽي, حيدرآباد, 1959ع, ص 565.

[305] سمو الهچايو يار محمد, ”سير ڪوهستان“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1955ع, ص 12 ۽ پڻ ڏسو ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڪتاب ”لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“, سنڌالاجي ڄامشورو, 1977ع, ص 117.

[306] آڏواڻي ڀيرومل, ”قديم سنڌ“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1980ع, ص 318.

[307] رحيمداد مولائي شيدائي, ”تاريخ تمدن سنڌ“, سنڌ يونيورسٽي, حيدرآباد, 1959ع, ص 24 ۽ پڻ ڏسو هينري پاٽنجر ”سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر“, سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1986ع ص13_14.

ٿا. ان کان علاوه ڪَڇيءَ ۾ مٽڪن جا هار بہ پائين. درگاهن تي اڪثر اهڙي قسم جا ماڻهو نظر ايندا آهن.

رانديون ۽ وندر: خطي جا ماڻهو سنڌ جي ماڻهن وانگر مختلف قسمن جي راندين جا شوقين آهن. جيڪي منجهن قديم زماني کان مروج آهن. ميلن ملاکڙن کان علاوه ٻين خوشين جي موقعن تي گهوڙا ڊوڙ ٻين جانورن جي ڊوڙ ۽ نشانہ بازي سندن اهم وندر جي حيثيت رکي ٿي.[308] ڪڪڙين جا آنا اوباري پاڻ ۾ ويڙهائڻ سندن اهم مشغلو آهي. ملهہ، ڪشتي، ڪوڏي ڪوڏي سندن پراڻيون رانديون آهن. عالمن جي تحقيق موجب ملهہ، موهن جي دڙي واري دؤر ۾ بہ کيڏي ويندي هئي.[309] هي راند نہ صرف سنڌ ۽ بلوچستان بلڪ پنجاب جي بهاولپور ۽ مختلف تبديلين سان افغانستان ۽ روس ۾ بہ کيڏي وڃي ٿي.[310] انهيءَ کان ٿوري مختلف طريقي سان ڪرغستان، ازبڪستان ۽ جپان ۾ بہ ملهہ کيڏي وڃي ٿي.

سنڌ ۾ پٽ شاهہ، قلندر شهباز، سچل سرمست، شاهہ صدرالدين، عمر پيراٽي پور، دولهہ نظر محمد شاهہ قلڪارا، گل غيبي، غلام شاهہ، شاهہ ديوانو، گاجي شاهہ، شاهہ حسين، شاهہ گودڙيو ميهر شاهہ، سمن سرڪار، ساجن سوائي، حسن بخش شاهہ ڊنڙو شريف، شاهہ قادري، پير پنو مغل پيين[311] کان علاوه بلوچستان ۾ فتح پور ۾ سيد رڪيل شاهہ، صحبت پور ۾ مولوي قادر بخش گولو گنداواهہ ۾ فيضل فقير ۽ پير حسن حب ندي جا اهم ميلا بہ لڳن ٿا، جن ۾ مٿي ذڪر ڪيل سنڌي رانديون ڪرايون وڃن ٿيون.

خطي جا ماڻهو سنڌ وانگر ملهہ کان علاوه ٻلهاڙو نَوَ ٽڻ، ڇهہ ٽڻ، شينهن چمبو ۽ ونجهوٽي عام جام ڪن. ٻارن ۾ بلورن، لاٽن، ڏيٽي ڏڪر،[312] ڏاڪي چمر چلهر،[313] سَٽ ڪُٽ عام رانديون آهن. تتر، تلور، چڪور، سهو هرڻ، گدا، سها ۽ مڇين جو شڪار پڻ ڪيو وڃي ٿو. پهاڙي علائقن ۾ چراغ جو بہ شڪار ٿئي ٿو.

ناچ: سنڌ ۾ ناچ جو رواج اسلام کان اڳ جو آهي، چوڻ محمد بن قاسم جڏهن سنڌ جي سمن واري حدن ۾ داخل ٿيو تڏهن اتان جا ماڻهو سندس استقبال لاءِ نچندا ڪڏندا ۽ ٽپندا آيا.[314] قديم وابستگيءَ سبب شيدين، بروهين، بلوچن ۽ ٻين قومن جي اچڻ ڪري همبوچيون ۽ ڏانديا ناچ بہ سنڌ ۾ رائج ٿيا.[315]

ناچ خطي وارن جي پسنديده وندر آهي. شادين مرادين جي موقعن تي خطي جا بروهي لنگها شرنائين جي ڌن تي نہ صرف ڳائين بلڪ دهلن سميت پاڻ بہ مختلف قسمن جا ناچ ڪن ٿا، جن کي پسند ڪندي سنڌ جي اترين علائقن جا ماڻهو انهن کي پنهنجن خوشين جي موقعي تي بہ آڻين ٿا.

---

[308] ڊينس بري، ڊاڪٽر مترجم: ڪامل القادري، ”براهوي رسوم“، نسا ٽريڊرز ڪوئيٽا، 1984ع، ص103.

[309] ابڙو نصرت حسين، ”ملهہ ۽ ملاکڙا“، ماهوار پيغام، ڪراچي، جولاءِ- آگسٽ، 1988ع، ص38.

[310] ايضاً.

[311] درمحمد ڪمال، ”سنڌ ۾ ملهہ جي سرپرستي“، ماهوار نئين زندگي حيدرآباد، ڊسمبر 1980ع، ص 26. ۽ پڻ ڏسو ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر جو ڪتاب ”تذڪره صوفيائي بلوچستان“، اردو اڪيڊمي، لاهور، 1976ع، ص 46.

[312] سنڌ ۾ هن راند کي اٽي ڏڪر چون، ڏسو ڊاڪٽر غلام علي الانا جو ڪتاب ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، ص 137.

[313] چلهر کي هن خطي ۾ ”چنهر“ چون ٿا.

[314] علي ڪوفي، ”چچنامو“، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1976ع، ص 324.

[315] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1977ع، ص 140.

# باب ٽيون

## سنڌي قومون ۽ سندن رسم و رواج

سنڌي قومون: اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ هي خطو قديم زماني کان سنڌ جو حصو رهندو آيو آهي. قديم آرين جي سنڌ ۾ آمد ۽ جنگ ٽيڙ سبب ڪيترائي سنڌي خاندان پنهنجا اصلي ماڳ ڇڏي بلوچستان ۾ وڃي لڪيا ۽ پوءِ هميشہ لاءِ اتان جا ٿي ويا ۽ هن خطي کي پنهنجو مسڪن بڻائي ويٺا. جتي هو نہ صرف سنڌي ٻولي ۽ رسم و رواج بلڪ تهذيب ۽ تمدن کي بہ فروغ ڏيندا رهيا.

يوري گنڪوفسڪي لکي ٿو: ”آريہ لوڪن جي سنڌ ۾ آمد ۽ جنگ سبب هتان جي مقامي ماڻهن جي ڪجهہ حصي ڀڄي وڃي ڪوهستان بلوچستان ۽ جهنگلن ۾ پناهہ ورتي ۽ ڪجهہ حصو سندن اطاعت قبول ڪري اتي ئي رهي پيو.“[316]

هنگلاج ديويءَ جو مندر بہ بلوچستان جي مڪران واري ايراضيءَ ۾ آهي، جتي هزارين هندو ياتري قديم زماني کان ايندا رهيا آهن ۽ پوءِ آهستي آهستي هنن ئي علائقن ۾ آباد ٿيندا رهيا. هندن کان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي سماٽ قومون قديم زماني کان لڏپلاڻ ذريعي هن خطي طرف آباد ٿينديون رهيون، جن ۾ سما ۽ جت سرفهرست آهن. جن بلوچستان جي سنڌي اڪثريت وارن علائقن تي حڪومتون بہ ڪيون.

سما: هي قوم اصل ۾ سنڌ جي هڪ قديم قوم آهي، جيڪا نہ صرف سنڌ بلڪ بلوچستان جي لسٻيلي تي حڪومت بہ ڪري چڪي آهي. بلوچستان ۾ هي قوم پاڻ کي جام سڏائي ٿي. اڄ بہ اتي سندن سرداري قائم آهي. سندن سردار جام غلام قادر خان هو جيڪو صوبي بلوچستان جو ٻہ ڀيرا وزيراعليٰ بہ رهيو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو: سمن جي آڪهين جي حاڪمن لسٻيلي تي حڪومت ڪئي، انهن ۾ هڪ شاخ رونجها آهي. هن شاخ اٺين صدي هجريءَ (چوڏهين صدي عيسوي) ڌاري ان وقت جي لسٻيلي کي اچي وسايو. جڏهن نہ فقط سنڌ تي پر بلوچستان ۾ سبيءَ تائين سندن حڪومت هئي. اهي سما جيڪي لسٻيلي ۾ اچي ويٺا، تن اتي پنهنجو راڄ قائم ڪيو ۽ ٽي سؤ سال حڪومت ڪيائون.[317]

بلوچستان جو ڪڇي گنداواهہ يا ڪڇي ساڳيا آهن. هي علائقو هڪڙو ميدان آهي، جتان مولا ۽ ٻولان شروع ٿين ٿا. هتان جي سنڌي قومن ۾ ٻيون ڪيتريون ئي قومون اچي وڃن ٿيون، جيڪي صدين کان هن خطي ۾ آباد آهن ۽ پاڻ کي سما، سماٽ يا ابڙا قوم سڏائين ٿيون.[318] خطي ۾ ان کي جاموٽ، جدگال ۽ جغدال بہ سڏجي ٿو. سماٽ يعني سنڌي سما قوم جنهن جو سنڌ ۽ ڪڇ ملڪ سان گهڻو تعلق رهيو آهي. لسٻيلي جا جام بہ سما آهن. ان کان علاوه جيڪي قومون انهن مان جدا جدا نالن سان ڦٽيون ۽ مشهور ٿيون انهن ۾ مکيہ هي آهن: ڇتا، گنجا، برفت، خدراڻي، جاموٽ، بنديجا، برا، اڳاريا،

---

[316] يوري گنڪوفسڪي، ”پاڪستان جي قومين“، ترجمو مرزا اشفاق بيگ، دارالاشاعت ماسڪو 1976ع، ص 54.

[317] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1970ع، ص 22.

[318] رحيمداد مولائي شيدائي، ”بلوچستان جي مختصر تاريخ“، بلوچ سيريز نمبر 1، سکر 1941ع، ص 8.

رونجها، پاڙا، واهرا، شاهڪ ۽ موندرا وغيره.[319]

برهمڻ دؤر ۾ سنڌ اندر لهاڻا، جاٽ، سهتا، ڪرد، لاکا ۽ سما وغيره قومون آباد هيون. لهاڻا، لاکا ۽ سما ان وقت ڪن علائقن جا نالا به هئا. سماٽ قوم جا چڱا مڙس اڪثر ڄام جي لقب سان ۽ سنڌ جي قديم قوم ۽ حڪمران گهراڻي سما سان واسطو رکن ٿا. چچ جي زماني کان وٺي سنڌ ۾ هن قوم جو اثر ۽ اقتدار ملي ٿو. لوهاڻي پرڳڻي ۾ جنهن جي گاديءَ جو هنڌ برهمڻ آباد هو. سما قوم وڏي تعداد ۾ آباد هئي.[320] سماٽ خطي جي قديم ترين قوم آهي. گمان غالب آهي ته انهن ۾ ڪجهه هندن جو اولاد به هجي جيڪو بعد ۾ اسلام جي فتوحات کان پوءِ مسلمان ٿيو هجي.[321] سمن جي قديم رئيسن جو لقب ”ڄام“ آهي.[322]

سمن بابت مختلف رايا آهن، ڪي چون ٿا ته سما هندو راجپوت هئا. ڪي چون ٿا ته سما سام جي اولاد آهن. ڪن جو لکڻ آهي ته سام حضرت نوح جو پٽ هو جنهن کي چار پٽ پڌ، سنگها، مهر ۽ پاڳرت هئا. پڌ کي سورهن پٽ هئا، جن جا نالا آهن: باڍهه، سورهه، سهته ۽ ٻيا جن کي گهڻو اولاد هو. جن مان سمن جون جدا جدا شاخون نڪتيون. جيڪي انهن پنيان ذاتيون سڏجن ٿيون. مثال طور، پرهياڙ ڪوريجا، ناهيان، چاوڙا، پٽي، اوڍر، لاکير، لاکا، سميجا، اڏا، اڏيجا، مهر، ساند، لنجا، ڏاهر، ڪورائي، راڏڻ، ڪاڪي پوٽا، اڍا، ابڙا، ابڙيجا، رکن، راهما، هنگورجا، هاليپوٽا، هالا، ساهڙ نهڙا، جکرا، ڪاهيا، پلي ۽ سوڍر وغيره.[323]

محمود غزنويءَ جي ڪاهه وقت سيوهڻ ۽ پاڳناڙيءَ ۾ چنن (سمن) جي حڪومت هئي. مگر حڪومت وڃائڻ کان پوءِ هو پنهنجي اباڻي ڪرت زمينداريءَ کي لڳي ويا.[324] بلوچستان طرف سما قبيلي جا جيڪي ڪٽنب رهن ٿا سي آهن: برفت جا پاڙا، ڄاموٽ، شاهڪ، برهه، دودا، ماندرا، رونجها، مونڊره، بنديجا، چٽا، کهاوڙ حسناڻي، برفت مودئي شاخ حملاڻي ۽ ساسولي[325] لسٻيلي جا اڳيان ڄام رونجها ۽ هاڻوڪا عالياڻي ڄاموٽ سما نسل مان آهن ۽ نهڙيا، برفت ۽ جوکيا سما آهن. ٽاٽي وارن ملڪن جون مائٽيون خان آف قلات ۽ لسٻيلي جي گهراڻن ۽ جوکين سان پئي رهيون آهن. باقي ٿرپارڪر جي نهڙين سان سواءِ اڳوڻي ڏاڏاڻي تعلق جي، پوءِ ڪو به تعلق نه رهيو اٿن.[326]

جدگال: هي اصل ۾ سنڌ جا رهاڪو جت آهن. پنجين صدي عيسويءَ ۾ بلوچستان اچڻ کان پوءِ هي قوم ٻين سان گڏجي ”گڏيا“ يا ”گڊا“ سڏجڻ لڳي. راءِ ديوراج جي زماني ۾ هي قوم سنڌ جي فوج ۾ شامل هئي. عربن جي ڪاهن وقت ميد ۽ جت هن خطي ۾ گهڻي تعداد ۾ آباد هئا. ميد ڏکڻ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آباد هوندا هئا. جڏهن ته جت (جدگال) ڪڇي، لسٻيلي ۽ مڪران ۾ آباد هئا. هارون مڪراني عرب جو اولاد آهن. هارون محمد بن ابان

---

319 سمو الهچڇايو ”سير ڪوهستان“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1955ع، ص 143.

320 شمشير الحيدري، ”سڄاڳ سانگهڙ“، سانگهڙ ڊيولپمينٽ ايسوسيئشن، سانگهڙ، 1974ع، ص 67.

321 انور رومان، پروفيسر، ”بلوچستان ڪي قبائل“، ترجمو: گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، حصو ٻيو، 87-1986ع، ص 244.

322 ٻرڙو غلام حيدر، ڊاڪٽر، ”سنڌ جون چند ذاتيون“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1981ع، ص 127.

323 رائچند هريجن، ”تاريخ ريگستان“، ڀاڱو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1977ع، ص 269.

324 رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ خاصخيلي“، حڪيم نورمحمد خاصخيلي، حيدرآباد، 1961ع، ص 43.

325 ساسولي بلوچستان ۾ پاڻ کي بروهي سڏائين ٿا.

326 سيد. جي. ايم، ”جنب گذاريم جن سين“، جلد ٻيو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1967ع ص 5-9.

جو پٽ هو جو محمد بن قاسم جي وقت ۾ مڪران جو حاڪم هو.[327] هي مڪران جي قديم باشندن مان جاموٽ جو جت قبيلو آهي.[328]

جت هڪ وڏي قوم آهي، جا سنڌ، پنجاب، ستلج ۽ گنگا تائين ۽ ٻئي پاسي قنڌار ڪابل ۽ هرات تائين پکڙيل آهي. هن قوم جون گهڻ ۾ گهڻ چاليھ شاخون آهن، جن ۾ ابڙا، هائوڙا، ڪلهوڙا، ڪوکر، ماڇي، منجهو پلال، پاساريا، تونيا ۽ وڏيرا شامل آهن. ڪلهوڙا پاڻ کي عباسي سڏائين ٿا ۽ تونيا ترڪ نسل مان سڏائين ٿا.[329]

بلوچستان جي هن خطي جي سماٽ قومن ۾ جت قوم جو تعداد سڀ کان وڌيڪ آهي. ”انوط“ قبيلي کي عرف عام ۾ جت، جٽ ۽ جاٽ چيو وڃي ٿو. بلوچستان ۽ سنڌ جو سماٽ قبيلو جاٽ قبيلي جي هڪ شاخ آهي.[330] جهنگلن ۾ رهڻ سبب عام طور کين ”جٽ“ چيو وڃي ٿو.[331]

جاٽ لفظ عام ماڻهن جي زبان تي ڦرندي گهرندي ”جت“ تي پيو آهي. انهيءَ قوم جا ماڻهو اڄا بہ سنڌ ڪڇ ۽ گجرات ۾ وڏي تعداد ۾ موجود آهن ۽ گهڻو ڪري ساڳيو ڌنڌو ڪن ٿا. يعني لاڏو ۽ سواريءَ جي اٺن تي ياڙا ڪٽي پيٽ گذر ڪن ٿا. ريلوي ۽ گاڏين اچڻ کان پوءِ اهي ماڻهو گهڻو ڪري ڪيتي مزوري وغيره ڌنڌو ڪرڻ لڳا آهن. مسلمانن ۾ ”ميرجت“ ان قوم جو سڏريل نالو آهي. هندن ۾ ان قوم وارا ماڻهو ”جتيا“ سڏجن ٿا ۽ کلن رڱڻ ۽ جتين ٺاهڻ جو ڪم ڪن ٿا.[332] جت هاڻي گهڻو ڪري لاڙ ۽ ڪڇ گجرات ۾ آباد آهن ۽ سندن وڏا راڄ آهن.

سومرا: هي قوم سنڌ جي قديم قومن مان آهي. اٽڪل 3 سؤ سال سنڌ تي حڪومت ڪيائون. ڪي مؤرخ لکن ٿا تہ هي اصل ۾ عرب آهن ۽ ڪي لکن ٿا تہ هي سُورج ونشي راجپوت نسل مان آهن. جڏهن تہ ڪن جو خيال آهي تہ هي اصل ۾ سوميري قوم آهي، جنهن کي عربيءَ ۾ سامي چيو وڃي ٿو. تنهن ۾ هڪ شاخ آهي. سومرن جي لباس، اٺ ويھ ۽ نالن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اصل ۾ اهي سمن وانگيان راجپوت نسل مان آهن.

سومرن بابت مولائي شيدائي لکي ٿو: سومرا اصل ۾ هندو هئا ۽ پوءِ مسلمان ٿيا. تہ بہ منجهن ڪيترين ئي اصلوڪيون رسمون موجود هيون. مثلاً: چنيسر جو ليلا سان چکيا تي چڙهڻ، مينڌري جو مومل سان گڏ باھ ۾ سڙڻ ۽ شادين مرادين ۾ شراب پيئڻ وغيره[333]. ان کان علاوه هٿن ۽ پيرن جي ننهن پاڙان ڪيرائڻ، ڪپڙو هڪ پيرو ميرو ٿيڻ تي ٻيهر نہ پائڻ اصل ۾ هندن جا رواج آهن.[334]

سامرھ جو اصل نالو سرمن راءِ هو جو گهٽي استعمال ڪندي پوءِ سامرھ ٻڌجي ويو. سرمن راءِ هڪڙي ڇانوڻي هئي جا خليفي معتصم بالله عباسي بغداد کان نوي ميلن جي مفاصلي تي دجلہ جي هڪڙي شاخ ڦاٽون تي 220 ھ ۾ تعمير ڪرائي. اُن ۾ ترڪي لشڪر ويهاري بغداد بدران انهيءَ کي تختگاھ مقرر ڪيو. يورپي مؤرخن سومرن کي نو مسلم راجپوت ڏيکاريو آهي.[335] ايبٽ بہ سومرن کي راجپوت لکي ٿو. سندس بيان موجب سنڌ کان سواءِ

---

[327] مرزا قليچ بيگ، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1981ع، ص 92_293.

[328] ايم لانگ ورٿ ڊيمز، مترجم ڪامل القادري، ”بلوچ قبائل“، نساءِ ٽريڊرز ڪوئيٽا، 1983ع، ص57.

[329] رحيمداد مولائي شيدائي، بلوچستان جي مختصر تاريخ، سيريز نمبر 1، سکر، 1941ع، ص26.

[330] عبدالرزاق لاسي، ”ڪراچيءَ جي تاريخ“، ماهوار بلوچي دنيا، ملتان، ڊسمبر 1980ع، ص 27.

[331] مرزا قليچ بيگ، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 304.

[332] نظاماڻي، نورمحمد مولوي، ”تاريخ سنڌ“، پاڳوپهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، 1933ع، ص 24_26.

[333] رحيمداد شيدائي مولائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 329.

[334] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 290.

[335] ”انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا“، انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا لميٽيڊ، لنڊن، واليوم 25، 1960ع، ص 143.

ڪڇ، گجرات ۽ سورت تائين سندن حڪومتون هيون.[336] مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو تہ: هي سامره جا رهاڪو عربن سان گڏ سنڌ ۾ آيا ۽ سومرن جا وڏا عرب آهن.[337]

ڪلهوڙا: اصل ۾ هي سنڌي قوم آهي. پيري مريديءَ طاقت جي زور تي حڪمران ٿيا. ڪلهوڙا دؤر ۾ سڀي وارو خطو سندن حڪومت سنڌ ۾ شامل هو.

ڊاڪٽر حامد علي خانائي لکي ٿو: ميان يارمحمد ڪلهوڙو ( 1112 هـ/ 1700ع کان 1131 هـ/ 1718ع) هن خاندان جو سڀ کان پهريون حاڪم درويش پيري فقيريءَ سان گڏ پنهنجي فوجي طاقت وڌائي بکر جي مغل گورنر سان مقابلو ڪري، اترين سنڌ وارو حصو قبضي ۾ ڪري باقاعدي سنڌ اندر ڪلهوڙن جي صاحبيءَ جو آغاز ڪيو. سندس حڪومت جون سرحدون سيوي کان وٺي ڪڇ تائين هيون.[338]

دنيا جو پهريون سنڌيالاجسٽ ۽ ائنٿراپالاجسٽ رچرڊ برٽن لکي ٿو تہ ڪلهوڙا سنڌي چنا قوم جي نسب مان آهن. سياسي اوج تي رهڻ بعد هنن هر ويرو پاڻ کي مٿانهون سمجهي پنهنجو شجرو آقاءِ نامدار حضرت محمد صلعم جن جي چاچي حضرت عباس رضہ سان ملائيندي پاڻ کي عباسي سڏايو. هوڏانهن انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ برصغير جي آدمشماريءَ ۾ هنن کي جاموٽ ڄاڻايو ويو آهي.[339] مرزا قليچ بيگ ڪلهوڙن کي حضرت عباس جي اولاد مان سڏيو آهي.[340] مولائي شيدائي لکي ٿو تہ ڪلهوڙا اصل ۾ قديم سنڌ جي دؤر ۾ مڪران بلوچستان کان سنڌ طرف آيا.[341]

سنڌ جا ڪلهوڙا اصل ۾ راجپوت نسل جا راٺوڙ آهن. پوءِ مسلمان ٿيا ۽ رئيس سڏبا آهن.[342]

کهيري: کهيري اصل ۾ سماٽ آهن. پر کين بلوچن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.[343] اصل ۾ هي شهميريہ جي اولاد مان آهن. جنهن 32 سال مڪي ۽ مديني ۾ رهي ڪيئي حج ڪيا. هو کهيرين جو وڏو عالم ۽ بزرگ ۽ پهلوان هو ۽ کهير نالي هڪ وڻ کي گهوڙي وانگر چڙهي هلايو هئائين. تنهن ڪري سندن نالو "کهيري" مشهور ٿيو. ماڻهو ان ڪرشمي سبب هن قوم کي سيدن جيترو مان ڏيندا آهن.

ڊاڪٽر انعام الحق ڪوثر ان بزرگ جو نالو حضرت ولي نعمت الله شاهہ ڄاڻايو آهي.[344] هي قبيلو پاڻ سٽن اوليائن جي اولاد هئڻ جي دعويٰ ڪري ٿو. ان ڪري عزت جي نگاهہ سان ڏٺا وڃن ٿا.[345]

ڊاڪٽر عطامحمد حامي مرحوم لکي ٿو تہ: هن خاندان کي خيرپور جي ميرن وٽ وڏي اهميت هوندي هئي ۽ هي پاڻ کي عمر قتال جو اولاد سڏائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ کهيري نعمت شاهہ سان گڏجي مڪران مان هجرت ڪري بلوچستان جي علائقي ڪڇي ۾ آيا هئا، جتان کين بگٽين تڙي ڪڍيو ۽ پوءِ هو

---

[336] جي ايبٽ، "سنڌ انٽرپرٽيشن آف دي ويلي سومراز"، ڪراچي، 1907ع، ص 88.

[337] مير علي شير قانع ٺٽوي، "تحفة الڪرام"، ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص363.

[338] قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، "ڪلهوڙا دؤر جا نامور سپہ سالار"، سنڌ اسٽڊي، حيدرآباد، 1983ع، ص 81.

[339] رچرڊ برٽن، "سنڌ ۽ سنڌوماٿريءَ ۾ وسندڙ قومون"، ترجمو: سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص 338.

[340] مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 296.

[341] رحيمداد مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 438

[342] ايڇ ٽي لئمبرڪ "سنڌ جنرل انٽروڊڪشن"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1984ع، ص 215.

[343] انور رومان، پروفيسر، مترجم: "بلوچستان ڪي قبائل"، گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، جلد ٻيو، 87_1986ع، ص 239.

[344] انعام الحق ڪوثر، "تذڪره صوفيائي بلوچستان"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1976ع، ص307.

[345] انور رومان پروفيسر، مترجم: "بلوچستان ڪي قبائل"، گزيٽيئر بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 226.

بهاولپور وڃي آباد ٿيا. خيرپور جي حاڪم مير سهراب خان جو مشهور سپه سالار گولو شاهه کهيري بهاولپور مان آيو هو. مير صاحب کيس ڪوٽ ڏيجيءَ کان اتر طرف ڇئن ميلن تي هڪ ٽنڊو ٻڌرائي ڏنو هو.[346]

تاريخ معصوميءَ ۾ مير معصوم لکي ٿو ڇٽ* (ڇتر) مڪان ۾ هڪڙا ماڻهو جن کي سادات کهيري سڏيندا آهن، اهو متن نالو ان ڪري پيو آهي جو کهير هڪ وڻ جو نالو آهي ۽ سندن وڏي انهيءَ تي سوار ٿي ڇمڪي هٽي ان کي گهوڙي وانگيان هلايو هو. اهڙيءَ طرح هي ڳالهه عام جي زبانن تي مشهور ٿي.[347]

کهيري پاڻ کي ڪٿي سيد ته ڪٿي شيخ به سڏائيندا آهن.[348] ڪڇي ضلعو اصل ۾ کهيرين جو ڳڙهه آهي، جتي وڏي تعداد ۾ آباد آهن. سندن زبان سنڌي آهي، ڇٽ، طاهر ڪوٽ، ڦليجي ۽ ڪنري علائقن ۾ سندن گهڻي آبادي موجود آهي. جهالاوان نال ۽ وڊ طرف به رهن ٿا.[349] سنڌ ۾ وري لاڙ ۾ گهڻا رهن ٿا.

سيد: سيد هن خطي ۾ صدين کان آباد آهن. سندن مادري زبان سنڌي آهي. سماٽ قوم ليکجن ٿا. ڏاڍر، گنداواهه ۽ فتح پور شريف ۾ سندن ڪيترائي خاندان آباد آهن، جنهن علائقي ۾ رهن ٿا، ان علائقي جي ٻولي ۽ ثقافت کي اپنائن ٿا. فتح پور شريف وارن سيدن مان سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ۽ معروف شاعر سيد رڪيل شاهه ۽ سندن فرزند سيد چيزل شاهه سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. ٻنهي جا ترتيبوار "بحر العشق" ۽ "بحر العميق" نالن سان ديوان شايع ٿيل آهن. هر سال مارچ مهيني جي پهرين اڌ ۾ سيد رڪيل شاهه جي عرس جي موقعي تي زبردست ادبي ۽ ثقافتي محفلون لڳنديون آهن.

سندن نسل بابت مير علي شير قانع ٺٽوي لکي ٿو ته: حضرت محمد صلعم جن جي نياڻي بي بي فاطمة الزهرا ۽ حضرت علي عليه السلام جي اولاد کي سيد يا سادات سڏيو وڃي ٿو.[350] بلوچستان جي مٿين علائقن جا سيد اتان جون ٻوليون ڳالهائين ۽ اتان جي رسم و رواج تي عمل ڪن ٿا.

اوڏ: اصل ۾ سنڌ جا قديم باشندا آهن ۽ دراوڙن ۾ شمار ٿين ٿا.[351] ڏکڻ هندستان کان سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا، بعد ۾ بلوچستان طرف به پکڙجي ويا. ڪاڪي پيرومل جي چوڻ موجب هو دراوڙن جي ڪل مان آهن. ڏکڻ هندستان جا رهواسي مارواڙ کان ٿيندا سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. مارواڙي جهڙي ٻولي ڳالهائين ٿا. اصل ۾ هندو آهن، پر مسلمانن جهڙي شڪل شبيهه اٿن. ڪپڙا به اهڙائي پائين ٿا. گهڻو ڪري پٿين جي اوساريءَ جو ڪم ڪندا آهن.[352] جيئل اوڏ سندن 19 ذاتن جي شاخن جو ذڪر ڪيو آهي.[353] مرزا قليچ بيگ موجب هي اصل ۾ مارواڙ جا هندو ماڻهو آهن ۽ انهيءَ پاسي جي ڳڏيل ٻولي

---

[346] عطامحمد حامي، ڊاڪٽر، "خيرپور جا کهيري"، ماهوار پيغام، ڪراچي، ڊسمبر، 1980ع، ص37.

* ڇٽ ڪڇي ضلعي جي هڪ شهر جو نالو آهي، جيڪو "ٽ" حرف ۾ ڳڏيل "ر" سبب "ڇتر" سڏجي ٿو.

[347] مير معصوم بکري، "تاريخ معصومي"، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1953ع، ص 170.

[348] لالا هيتورام، "تاريخ بلوچستان"، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1973ع، ص 55.

[349] انور رومان پروفيسر، "بلوچستان کي قبائل"، جلد ٻيو بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع ص 239.

[350] مير علي شير قانع ٺٽوي، "تحفة الڪرام"، ترجمو: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 16.

[351] رائيچند هريجن، "تاريخ ريگستان"، حصو اول، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 1977ع، ص 278.

[352] آڏواڻي پيرومل، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1970ع، ص 67.

[353] اوڏ جيئل راءِ، "اوڏ قوم تاريخ پسمنظر ۽ رسم و رواج"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1_2/1987ع، ص 172.

ڳالهائين ٿا.[354] هن وقت سنڌ ۽ پنجاب ۾ رهندڙ ڪيترائي اوڏ مسلمان به آهن.

ميد: ميدن بابت چيو ويجي ٿو ته، هي سنڌ جا باشندا آهن ۽ جهازران قوم مان آهن. سندن ذڪر مهاڀارت يعني 1400 ق. م کان شروع ٿئي ٿو. ميد انڊو يورپين قوم هئي، جنهن مهاڀارت کان اڳ ايراني مٿانهين پٽ جي اتر اولهندي حصي تي ميڊيا (Media) جي سلطنت جو بنياد وڌو هو.[355]

سنڌ ۾ وارد ٿيڻ کان پوءِ سمنڊ جهاڳڻ لڳا ۽ بحري ڦورو ٿي پيا. سندن موجودگيءَ ۾ سنڌ ۾ گهڻا انقلاب ايندا رهيا. انهن مان ڪي تاريخي اهميت رکن ٿا. ان ڏس ۾ هڪ رايو اهو به آهي ته اهي ميربحر هئا؟ جن سرانديپ جي جهازن کي ديبل وٽ ڦري مسلم بيوه عورتن ۽ يتيم ٻارن کي قيد ڪيو هو.[356]

هي قوم ويدڪ زماني کان سنڌو درياهه جي ڪپ تي رهندي هئي ۽ ڦرلٽ تي گذارو هوندو هو. جهاز رانيءَ جي فن کان واقف هئي[357] ۽ ڪڇي گنداواه خطي مان لڏي مڪران وڃي ويٺي.[358] جتي هو ايراني نار کان وٺي ملبار تائين جهاز راني ڪندا هئا. ميدن ۾ چل مارزئي شاخ پاڻ کي لاسي سڏائي ٿي، جيڪا لسٻيلي ۾ رهندي آهي ۽ گزبر شاخ پاڻ کي بلوچ سڏائي ٿي ۽ ارماڙي پاڻ کي افغان سڏائين ٿا.[359]

سنڌ جي هن قديم قوم[360] کي هن خطي جي سخي تنگاهي جي درگاهه تي گهڻو اعتماد آهي. گوادر جي هڪ ڪتبي مان پتو پوي ٿو ته، سندن اصل وطن ڪڇي آهي. جتي سنڌ کان آيا.[361]

ميربحر، ماڇي ۽ سولنگي ميدن جون شاخون آهن.[362] مڪران خطي ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ آباد آهي.[363]

ميدن جون گهڻيون رسمون ۽ رواج آفريڪا جي ماڻهن جهڙا آهن، پر عجب جهڙي ڳالهه آهي ته رسمن جي ادائگيءَ وقت هو جيڪي گيت يا راڳ ڳائيندا آهن. اهي سڀ سنڌي ٻوليءَ ۾ هوندا آهن. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته مڪران ۾ گهڻو وقت رهڻ ڪري سندن رسمن تي مڪران جي رسمن جو اثر پئجي ويو آهي.[364]

پنهور: هي اصل ۾ سماٽ آهن، جيڪي عربستان کان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا ۽ هت رهي سماٽ سڏائين ٿا. ابو خليل موجب هي اصل ۾ عرب نسل مان آهن. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي اصل ۾ پنهور قوم مان آهي. پنهور عرب نسل جو هڪ قبيلو آهي، جيڪو سنڌ فتح ٿيڻ بعد سنڌ لڏي اچي آباد

---

[354] مرزا قليچ بيگ، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 300.

[355] ٻٽ الهرڪيو، ”سماٽ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1984ع، ص 21.

[356] رحيمداد مولائي شيدائي، ”شاهه جا گندرا“، ته ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1962/3ع، ص 19.

[357] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 60.

[358] انور رومان پروفيسر، مترجم: ”بلوچستان ڪي قبائل“، گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 398، جلد ٻيو.

[359] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1979ع، ص 135.

[360] بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 1970ع، ص62.

[361] انور رومان پروفيسر، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد ٻيو، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع ص 371.

[362] عبدالرزاق لاسي، ”ڪراچيءَ جي تاريخ“، ماهوار بلوچي دنيا، ملتان، ڊسمبر 1980ع، ص 27.

[363] انور رومان پروفيسر، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد ٻيو، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 86_1987ع، ص 179.

[364] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، سنڌالاجي، ڄام شورو، 1979ع، ص 136.

ٽيو.[365] مير علي شير قانع ٺٽوي هنن کي رائدن ولد ڪاڪي جي اولاد مان لکيو آهي.[366]

ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت دوران فتح پور، سيوي ۽ گنداواهه علائقي جا سردار ٻٽيا.[367] ان ڪري هن خطي ۾ سندن آبادي گهڻي آهي.

لانگاهه: هي اصل ۾ سماٽ آهن. سنڌي سان گڏ سرائيڪي بہ ڳالهائين. سنڌ جي قديم دؤر ۾ ملتان ۾ هن قوم جي وڏي اڪثريت آباد هئي. ڪجهه وقت ملتان تي حڪومت بہ ڪيائون. سندن خاندان مان ملتان جو حاڪم شاهه حسين لانگاهه (1470ع) هو.[368] 1524ع ۾ محمود خان لانگاهه جي سرڪردگيءَ ۾ اُچ وٽ شاهه بيگ ارغون سان جنگ ڪيائون.[369] هن قوم ۾ هي خاصيت آهي تہ هي قوم جتي بہ وڃي آباد ٿئي ٿي، تمام جلد اتان جي ٻولي ۽ ثقافت کي پنهنجو ڪري ڇڏي ٿي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ ۽ بلوچستان جي بلوچ، بروهي، پٺاڻ ۽ پنجابي قومن جي شاخ سڏائي ٿي.

چنا: سنڌ ۾ چنا ايوڌيا جي سورج ونسي ڪل مان هئا، جي ڪوهستان کان سواءِ ڪڇي ۽ سيوي تائين حڪومت ڪندا هئا. رانوڙن جي لسٻيلي، لاڙ ۽ ٿر تي حڪومت هئي. اهي سنڌ جي هنگلاج جي بتخاني جي ديوي جا پوڄاري هئا. ان ڪري پاڻ کي هنگلاج چنديہ ڪمبوج سڏائيندا هئا.[370] ڪنير بہ پاڻ کي چنا سڏائين ٿا. ائنٿالاجيءَ جي باري ۾ ٿيل تحقيق اهو بہ ٻڌائي ٿي تہ چنا اصل ۾ سمن جي شاخ آهي.

قريشي: قريش قبيلي جي عربن کي قريش چوندا آهن. حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جن پاڻ بہ قريش هئا. انهي قبيلي جا ماڻهو عربن جي فتح کان پوءِ سنڌ ۾ آيا، انهن مان گهڻا سيد سڏائيندا آهن.[371]

ڪهاوڙ: هي سرائي آهن ۽ ڪلهوڙن جا مريد هئا. انهن مان گهڻا ڪلهوڙن جا امير ۽ لشڪر جا سپهہ سالار بہ هئا.[372] سنڌي کان سواءِ سرائيڪي بہ ڳالهائين ٿا. شهدادڪوٽ ۾ سندن گهڻي آبادي آهي.

پيٽي: اصل ۾ راجپوت آهن.[373] سومرن جي دؤر ۾ سنڌ کان بلوچستان طرف آيا. مولائي شيدائي موجب اروڙ جي راجپوت خاندان مان آهن.[374] ناڙي علائقي جا گهلو بہ پاڻ کي پيٽي سڏائين ٿا.

ابڙا: ابڙا اصل ۾ راجپوت آهن. سلطان علاؤالدين خلجيءَ جي زماني ۾ ڪڇ کان ڪنڊيڪا پرڳڻي کان نڪري سنڌ ۽ ڪڇيءَ تائين پهتا.[375] جديد تحقيق موجب ابڙا سماٽ جا ماڻهو آهن ۽ سماٽ ۾ سندن حيثيت وڏي پاءُ واري آهي.

---

[365] ابو خيل، محمد حسين شاهہ، "مخدوم محمد هاشم ٺٽوي"، ماهنامہ اظهار، ڪراچي، جون 1982ع، ص 13.

[366] ميرعلي شيرقانع، "تحفة الڪرام"، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 78.

[367] مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 271.

[368] يوري گنڪوفسڪي "پاڪستان ڪي قوميتن"، مترجم: مرزا اشفاق بيگ، دارالاشاعت ترقي ماسڪو، 1974ع، ص 155.

[369] ايم لانگ ڊيمرورٿ، "بلوچ قبائل"، مترجم: ڪامل القادري نسا ٽريڊرز ڪوئيٽا، 1983ع، ص69.

[370] رحيمداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 55.

[371] مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 316.

[372] ايضاً، ص 319.

[373] ايضاً 303.

[374] پيٽي رشيد، "اروڙ جا آديسي"، ماهوار پيغام، ڪراچي، نومبر، 1981ع، ص 41.

[375] رحيمداد مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 449.

ٿهيم: اصل ۾ عرب نسل جا آهن. محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ بعد بني تميم جو خاندان هت آيو جن جي اولاد ڪي هاڻي ٿهيم سڏيو وڃي ٿو.[376] علائقي جا ڪاسائي بہ پاڻ کي ٿهيم سڏائين ٿا. سنڌي ۽ سرائيڪي ٻولي ڳالهائين ٿا.

منگي: منگي حقيقت ۾ مٿين تميمن جي اولاد جي هڪ شاخ آهي.[377] حجام ڪو ڪم ڪندا آهن. ان ڪري منگين کي هر ڪو حجم سڏي ٿو.

پٽ: هي گاڏر هندو آهن. يعني هنن جي وڏي ڏاڏي جو پيءُ کتري ۽ ماءُ ويش هئي. ڳائڻ وڄائڻ تي سندن گذارو آهي. وڏو گوشت بہ کائيندا آهن.[378] بعد ۾ مسلمان ٿيا ۽ اڄڪلھ هن خطي ۾ هارپ ۽ مزوري ڪندا آهن. سنڌ ۾ رهندڙ پٽ سماٽ جو شجرو پاڻ وٽ رکن ٿا.

چاچڙ: اصل ۾ هندو هئا، جي پوءِ مسلمان ٿيا. سمن جي هڪ شاخ مان آهن. مال پالڻ جو ڪم ڪندا آهن.[379] راهڪي پوکي بہ ڪن ٿا. سنڌي سان گڏ سرائيڪي بہ ڳالهائين.

شيخ: سندن وڏي ڏاڏي شيخ "ڪڙي" جي نالي پنيان "ڪڙيائي" سڏجڻ لڳا. سندن وڏو بزرگ بغداد مان آيو. لاکڙا سندن خاص سڪونت گاھ آهي، پر پوءِ ڪي جدا جدا جاين تي وڃي ويٺا. هي لسٻيلي جو فاقيرو گهراڻو آهي. شيخ حمر وڏو درويش ٿي گذريو آهي، جنهن جو اولاد "شيخ حمراڻي"[380] آهن. لانگاهن وانگر جنهن قوم جي پير ۾ رهن، ان جي ٻولي ۽ ثقافت کي جلد پنهنجو ڪري اتان جا ٿي وڃن. هونئن عام طور تي جيڪو ماڻهو هندو ڌرم مٽائي مسلمان ٿيندو آهي، انهيءَ کي بہ شيخ چيو ويندو آهي. قوي گمان آهي تہ شيخن جون ذاتيون گهڻيون آهن. شيخ قبيلي کي مخلوط قبيلو بہ سمجهيو وڃي ٿو. لسٻيلي جي علائقي ۾ شيخن جي وڏي عزت ڪئي وڃي ٿي.[381] عام طور شيخن کي اڌ سيد بہ چيو وڃي ٿو ڇو تہ هو پنهنجو اصلي مذهب ڇڏي اسلام قبول ڪن ٿا.

انڙ: اصل ۾ سماٽ آهن، سندن مادري زبان سنڌي آهي. هن خطي ۾ سنڌ کان آيا آهن. هينري پاٽينجر پنهنجي سفرنامي ۾ هنن کي بلوچن جي هڪ شاخ ڄاڻايو آهي، جيڪو درست نہ آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کين پبن جو اولاد ڄاڻايو آهي، جيڪي پب جبل جي آسپاس رهندا هئا.[382] لسٻيلي کان علاوه هن خطي ۾ بہ ڪافي تعداد ۾ آباد آهن، ٿر ۾ بہ گهٽائيءَ ۾ رهن ٿا.[383]

ملڪ: هي سماٽ آهن. سنڌ جي ميرپور ماٿيلي، ڪشمور، جاتي ۽ ميرپورساڪري طرف تمام گهڻا رهن ٿا. سنڌ مان قديم زمان کان بلوچستان طرف اچي رهيا آهن. خاص طور لسٻيلي ۾ گهڻا رهن ٿا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب کين راڏي جي اولاد لکيو آهي. راڄ ملڪ ۽ جاتيءَ وارا جت قبيلن جا سردار آهن.[384]

---

[376] مرزا قليچ بيگ، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 292.

[377] ايضاً، ص 292.

[378] ايضاً، ص 303.

[379] ايضاً، ص 306.

[380] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "ٻيلاين جا ٻول"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص 58.

[381] انور رومان پروفيسر، مترجم: "بلوچستان کي قبائل"، جلد ٻيو بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع، ص 395.

[382] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "ٻيلاين جا ٻول"، ڇاپو ٻيو زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1970ع، ص13.

[383] رائيچند هريجن، "تاريخ ريگستان"، ڀاڱو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1977ع، ص269.

[384] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "ٻيلاين جا ٻول"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص57.

ڪوريجا: **سنڌ جا هي سماٽ پهريائين لسٻيلي ۾ پهتا، جتي ڪجهه وقت تائين حڪومت به ڪيائون. پوءِ ٻين علائقن ڏانهن پکڙجي ويا. هي اصل ۾ ڪوهستان علائقي جا ڪونئريجا ڄام هئا، جن لسٻيلي ۾ وچي حڪومت قائم ڪئي. 1742ع کان 1956ع تائين لسٻيلي ۾ سندن حڪومت رهي ۽ منجهائن حڪمران ٿيا.[385] علي شير قانع کين پرت جي اولاد ڄاڻايو آهي.[386]**

سنگر: **اصل ۾ سماٽ آهن. سنڌ جي جوکين سان تعلق رکن ٿا. لسٻيلي کان ايراني ساحل تائين گهڻا رهن ٿا. 15 صدي عيسويءَ ۾ سنڌ کان قلات طرف هجرت ڪيائون. بعد ۾ مشهور بروهي – جدگال جنگ سبب مڪران طرف لڏي ويا.[387] ڪڇي طرف به ٿوري انداز ۾ آباد آهن.**

رئيس: **سماٽ آهن ۽ لسٻيلي جي ڄامن جا رشتيدار سڏائين، مڪران طرف گهڻي انداز ۾ رهن ٿا. عرب مصنفن کين جت يا جدگال هجڻ جو گمان ڪيو آهي.[388] ڪڇي ۽ سبيءَ جي آسپاس به رهن ٿا.**

لوهڙي: **عام طور مڱڻهار سمجهيا وڃن ٿا. مڪران جي خطي ۾ گهڻا رهن ٿا. پاڻ کي سرمست چوائين. سندن پيشو شادين مرادين تي دهل ۽ ساز وڄائڻ کان علاوه حجامت، ڏڪاڻڪو ڪم ۽ دستڪاري پڻ آهي. سنڌيءَ کان علاوه ٻيون ڪيئي ٻوليون ڄاڻين. جن ۾ سرائيڪي، بلوچي، بروهي ۽ اردو شامل آهن. مخفي طرح ڳالهائڻ وقت ٻولين کي الٽو ڪري ڳالهائڻ جا وڏا ماهر آهن. مثلاً ”چار“ کي ”راچ“[389] ڪارو کي ”راڪو“ وغيره. هي جنهن علائقي ۾ رهن، اتان جي ٻولي ۽ ثقافت کي جلد پنهنجو ڪن. بروهي ۽ بلوچي زبان ۾ لوڙي لنگهن کي چيو وڃي ٿو ان ڪري لوهڙي مان لوڙي نالو مشهور اٿن. ڪڇيءَ طرف به گهڻا رهن ٿا.**

خواجه يا لوٽيا: **مڪران جي ساحلي علائقن ۾ گهڻا رهن ٿا. اصل ۾ هندوستان جي صوبي بمبئيءَ کان هن خطي ۾ آيا. آغا خان جي مذهب جا پيروڪار آهن.[390]**

نومڙيا: **اصل ۾ غير مسلم سنڌي آهن. نومڙيا نومردي پاڻ ۾ نو ڀائر هئا. هي پنهنجي وڏي ڀاءُ ايسپ خان سان راجپوتانا کان نڪري مڪران جي هڪڙي بلوچ سردار وٽ اچي مهمان ٿيا. هڪڙي ڏينهن ڪنهن ڳالهه تان بلوچ سردار ايسپ خان جي بيعزتي ڪئي، جنهن تان ٻين ڀائرن ڪاوڙ ۾ اچي سردار کي قتل ڪري، حب باران ۽ ميله وارين زمينن تي قبضو ڄمائي سنڌي زالون شادي ڪري اتي ٻينڪون جوڙي ويٺا،[391] بعد ۾ بلوچستان جي مختلف علائقن ڏانهن پکڙندا رهيا. نومڙي ۽ نون ڀائرن جي ڪري نومڙيا نالو مشهور ٿيو اٿن.**

صابرا: **هي اصل ۾ سومرن جي هڪ شاخ آهي. ساراوان، جهالاوان، ڪوهياري ۽ باغبان طرف پڻ رهن ٿا.[392] سندن وڏا سومرن جي دؤر حڪومت ۾ بلوچستان ۾ سڀ کان اڳ لسٻيلي ۾ داخل ٿيا. هن وقت تعداد تمام ٿورو اٿن.**

---

[385] ايضاً، 25_26.

[386] مير علي شير قانع ٺٽوي، ”تحفة الڪرام“، ترجمو: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 76.

[387] انور رومان پروفيسر، مترجم: ”بلوچستان ڪي قبائل“، گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، جلد ٻيو، 87_1986ع، ص 326.

[388] ايضاً، ص 362.

[389] ايضاً، ص 374.

[390] انور رومان پروفيسر، مترجم: ”بلوچستان ڪي قبائل“، گزيٽيئر بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، جلد ٻيو، ص 376.

[391] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 517.

[392] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص56_55.

نوحاڻي: نوڏيا يا نوڌ بہ سڏائين، جيڪي قديم نڏا سلطنت جي باقيات آهن.[393] سندن ڪجهہ خاندان ايران ۽ مڪران طرف بہ رهن ٿا. جتي پاڻ کي نوري سڏائين ٿا. گهڻا نوحاڻي ٽالپرن جي فوج ۾ بہ شامل رهيا.

چانگ: سماٽ قبيلو آهي. سنڌ کان لڏي اچي بلوچستان ۾ آباد ٿيو. ڪوهستان جي علائقي ۾ حڪومت بہ ڪيائون. سندن مک حاڪم بارڻ نالي چانگ هو جنهن جي نالي هڪ علائقو بارن سڏجڻ ۾ اچي ٿو.[394] ڪڇيءَ طرف گهڻا رهن ٿا.

جوکيا: لوئر سنڌ جي ذات آهي، جيڪا نومسلم راجپوت آهي. هي بلوچ ڪنفيڊريسي جا معاون ۽ مددگار هئا. ڪلمتين ۽ بلفتن سان جنگ لڳڻ سبب هو لسٻيلي کي ڇڏي حب ۽ ملير جي وچ واري پرڳڻي ۾ بيٺڪون جوڙي ويٺا.[395] بعد ۾ بلوچستان جي ٻين علائقن ڏانهن بہ پکڙجي ويا. شاهيزئيءَ مينگلن لسٻيلي جي بلفتن ۽ مڪران جي ڳچڪين سان سندن مائٽي آهي.[396] ان جي باوجود هنن خطي ۾ پنهنجي ٻولي ڪونہ ڇڏي. تازي تحقيق موجب جوکيا سماٽن مان آهن.

جکرا: اصل ۾ سماٽ آهن. مادري زبان سنڌي اٿن. سبي ۽ ڪڇي علائقي ۾ گهڻي انداز ۾ رهن ٿا. ڊاڪٽر بلوچ کين پاڙن جي اولاد مان لکيو آهي، جيڪي ’بارڻ‘ سنڌ جي ڪوهستاني علائقي جا حاڪم ۽ سردار رهيا.[397] سخت جنگجو قوم آهي. سندن اولاد لاءِ چيو ويجي ٿو تہ هو هاڻ پاڻ کي جکراڻي سڏائين ٿا.

هاڙها: اصل ۾ سماٽ آهن. بلوچستان، بلوچن سان رهڻ سبب سندن سردارن کي سردار مڃڻ سبب پاڻ کي بلوچ سڏائين، پر بلوچي ڳالهائي ڪونہ سگهن. ٿي سگهي ٿو تہ هي اصل ۾ لسٻيلي جي هاڙهي جبل جي علائقي جا هجن، ان ڪري ڊاڪٽر بلوچ صاحب کين ’بارڻ‘ جي حملاڻي سرداريءَ جي قبيلي ۾ ڄاڻايو آهي.[398]

پنهڻ: اصل ۾ پنجاب کان هن خطي ۾ آيل آهن. گهرن ۾ سنڌي ڳالهائين زراعت ۽ مزدوري ڪن ٿا. بلوچ سردارن کي سردار مڃڻ سبب بلوچ سڏائين ٿا.

غلام بولڪ: سماٽ آهن. رند بلوچن کي سردار مڃڻ سبب بلوچ سڏائين ٿا. گهرن ۾ سنڌي ڳالهائين ٿا.

مهر: هي خاندان ايران مان نڪري بلوچستان کان ٿيندو پوري سنڌ ۽ هندستان طرف پکڙجي ويو. پنجين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ گپتا خاندان کي شڪست ڏيئي اتر ڪاٺياواڙ تي قبضو ڪيائون. اجا تائين اتي بہ آباد آهي.[399] مرزا قليچ بيگ هنن کي نؤمسلم قرار ڏنو آهي.[400] سنڌ ۾ گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا، جتان بلوچستان طرف آيا. مير علي شير قانع کين لاکي جي اولاد لکيو آهي.[401] دلير قوم آهي. سنڌي ۽ سرائيڪي ڳالهائين ٿا. تازي تحقيق مان

---

[393] انور رومان پروفيسر، ”بلوچستان کي قبائل“، گزيٽيئر، جلد ٻيو بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع، ص 279.

[394] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص45.

[395] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع، ص 516.

[396] ايضاً، 533.

[397] بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو1970ع ص51.

[398] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو ص 51

[399] ندوي ابو ظفر، ”تاريخ گجرات“، ندوة المصنفين، دهلي، 1958ع، ص 87، (اردو)

[400] مرزا قليچ بيگ، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع، ص 321.

[401] مير علي شير قانع ٺٽوي، ”تحفة الڪرام“، ترجمو: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 77.

معلوم ٿيو آهي ته اهي اصل ۾ سماٽ آهن. سماٽ جي معنيٰ آهي سمن جو اولاد.

ڪوڪر: اصل ۾ پنجاب کان آيل آهن.[402] سنڌ کان بلوچستان طرف ويل آهن. سنڌي سان گڏ سرائيڪي به گهرن ۾ ڳالهائين ٿا.

سولنگي: هي قوم حڪمران رهي آهي، جنهن مالوا شوراسٽر (گجرات) ۽ ڪوڪن تي صدين تائين حڪومت ڪئي. سنڌ ۾ ماڻڪ سندن رياست هئي. گجرات ۽ ڪوڪن ٻئي سمنڊ جي ڪناري تي آهن، تنهنڪري سولنگي ماهيگيري جي فن جا ماهر هئا. حڪومت وڃائڻ کان پوءِ مڇيءَ جي شڪار جو ڌنڌو اختيار ڪيائون. ان ڪري ماڇي سڏجڻ ۾ آيا. ساحل مڪران ۾ گهڻي انداز ۾ رهن ٿا.[403] رائيچند موجب ڀيلن ۽ شڪارين مان مسلمان ٿيندڙن کي ٿر ۾ ماڇي چيو ويچي ٿو.[404] سنڌ ۾ هيءَ ذات گهڻو ڪري ڪڇي ۾ رهي ٿي. هي هڪ جنگجو ذات آهي. ڪين سنڌ ۾ ڏڦير به چيو ويندو آهي، جنهن جو مطلب آهي ڏڦو هڻڻ وارا. نيزي کي سنڌيءَ ۾ ڏڦو چيو ويندو آهي.

مڱڻهار: اصل ۾ فقير قوم آهي. شادين مرادين تي ڳائڻ وڄائڻ جو ڌنڌو ڪن ٿا. هرهڪ قوم ۾ رهن ٿا ۽ اتان جي ٻولي ۽ ثقافت قبول ڪن ٿا.

ڪيهر: هي اصل ۾ سنڌ جا راجپوت آهن. سمن جي دؤر ۾ سنڌ کان هن خطي ۾ اچي آباد ٿيا.[405]

ٻبر: بلوچستان جي سماٽ قوم آهي. سنڌي ۽ سرائيڪي زبان ڳالهائين. هارپ ۽ مزوريءَ تي گذران ڪن ٿا، پر گزيٽيئر ۾ ڪين گورڪن قوم سڏيو ويو آهي.[406]

سڏايا: ابو ايراني جي قوم آهي، جيڪو اصل ۾ عرب هو. سندس ڪجهه خاندان لڏ پلاڻ ڪري افغانستان ويا. جتان هو احمد شاهه ابداليءَ سان گڏجي هت آيا. هن خطي ۾ رهي خوشحال ٿيا. اهو احوال ٻڌي ابو ايرانيءَ جو باقي خاندان به جڏهن هت آيو ته هتان جن انهن کي خوش آمديد ڪندي "سدا آيا" چيو جنهن مان علائقي جي محاورن جي فرق سبب اها ذات "سڏايا" سڏجڻ لڳي.[407]

خطي ۾ مٿي ذڪر ڪيل ذاتين کان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي سماٽ قومون صدين کان آباد آهن، جن ۾ ڪورار، ڏيٽا، سامت، مهيسر، سرڪي، هڏڪري، ڪٽريا، موٽيا، سوهو سريا، چنجڻي، ڪٽبار، ميهه، چورا، پيچوها، پيرزادا، شيرازي پُڙ، لبهي، ڪڪل، گورمي، گجر، ايري، رنڌڙا، ڏِڪڙ پِبڙ، انصاري، شاپوٽ، سپر، گهانگهرا، واجا، گهوٽيا، چچڙا، پسيا، نادڙا، هامبي، رڏ، دهپال، موچي، پلال، پاسارا، پنهيار، بوهڙ، ريٽي، نائچ، سيانچ، سهاڳ، ڪوري، ميگڻ، ويسر، ڏڳر، شيدي، ڏيٽا، ڪانگهيا، ڏرپالي، پنگر، سانگي، ابڙا، دايا، چڪڙا، پيپا، ڏندور، ڪيهر، سپايا، پنڊ ۽ گگرا شامل آهن.

رسم و رواج:

سبيءَ جو خطو جيئن ته مختلف قومن جو ڳُڙهه رهيو آهي، جن ۾ هندو ۽ سماٽن کان علاوه بروهي، بلوچ ۽ پٺاڻ ذاتيون به شامل آهن، تنهن ڪري ظاهر آهي ته خطي جي رسم و رواج ۽ سنڌ جي رسم و رواجن ۾ ڪجهه فرق ضرور هوندو. تنهن هوندي به سماٽن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اڪثريت ۾ هئڻ سبب خطي ۾ سنڌين جا رواج غالب نظر اچن ٿا، پر اهي مختلف قومن جي رسمن کان متاثر ضرور آهن. هي خطو جيئن ته قديم زماني کان سنڌ جو حصو رهندو

---

402 رائيچند هريجن، "تاريخ ريگستان"، ٻاڳو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1977ع، ص 268.

403 ٻٽ الهرڪيو "سماٽ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1984ع، ص 60.

404 رائيچند هريجن، "تاريخ ريگستان"، ٻاڳو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1977ع، ص 270.

405 الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1977ع، ص 431.

406 انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو، بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع ص403.

407 سڏايو غلام نبي، ڊاڪٽر، ملاقات، 89-5-13.

آيو آهي، ان ڪري هتان جون غير سنڌي قومون بہ سماٽن جا ڪجهہ رسم و رواج پسند ڪندي، ان تي عمل ڪن ٿيون. طوالت کان بچندي هيٺ مختصر طور خطي جي مکيہ رسمن تي مختصر روشني وجهون ٿا.

خوراڪ: هندو برهمڻ شش ڳئون جي گوشت کان سواءِ ٻيو سڀ گوشت کائيندا آهن، پوءِ پل اهو مسلمانن جو پاليل چونہ هجي. تنهن کان سواءِ چم جي پخالن ۾ پاڻي بہ پيئندا آهن.[408]

گوشت، ڪير، مکڻ، جوئر، مٽر، چانور، ڪڻڪ، جَوَ ٻاجهري، چڻا، ٻيون داليون ۽ ڀاڄيون خطي وارن جي عام خوراڪ آهي.[409] گوشت، کير ۽ مکڻ لاءِ چوپايو مال ۽ ڪڪڙيون ڌارين. ان کان علاوه مڇين ۽ پکين جي شڪار تي بہ گذارو ڪن.

هيٺين علائقن ۾ سنڌ وانگر ٻاڪرو گوشت واپرايو ويجي ٿو جڏهن تہ مٿين علائقن ۾ ريڍو مال وڌيڪ پسند ڪيو ويجي ٿو. مانيءَ کي خمير ڪرڻ بعد پچايو ويجي ٿو. سڪل گوشت (لاندي) بہ استعمال ڪجي ٿو.[410] بروهي ۽ بلوچي زبانن توڙي سنڌيءَ ۾ ان کي "خديت" ۽ "ٻتاد" چئجي ٿو.[411] مڪران علائقي ۾ مڇي کي بہ سڪائڻ بعد پيهي ماني بچائي کائن ٿا.[412]

خطي ۾ بہ پيرا عام طور ماني کائجي ٿي، پر ڪٿي ڪٿي ٽي پيرا کائين ٿا. مٿين علائقن ۾ تہ چار پيرا بہ ماني کائجي ٿي. چوٿون پيرو ٽپهريءَ جو آهي، جنهن ۾ منجهند جي بچيل ماني چانهہ سان کائين ٿا.[413]

قديم سنڌ جي زمين اوج کي رسيل هئي. ماڻهن جو کاڌو ڪڻڪ ۽ جَوَ کان علاوه کجور بہ هئي. کجور جون ککڙيون کوٽائيءَ ڪندي تمام وڏي تعداد ۾ مليون آهن. هتان جي کجور جو اصل وطن ايراني نارا آهي، جيڪو سنڌ کي ويجهو آهي. اڳي ماڻهو ڳئون، ٻڪري، سور ۽ پاليل پکين جو گوشت کائيندا هئا. دريائي جانورن مان ڪڇون، مانگرمڇ، ڪميون، ٻيون سڪل ۽ تازيون مڇيون بہ کائيندا هئا، جنهن مان هي ثابت ٿئي ٿو تہ واديءِ سنڌ جا رهاڪو گوشت کائيندا هئا. بلوچستان جا مڪراني اڄ بہ مڇين ۽ کجور تي گذران ڪن ٿا.[414] اهڙيءَ طرح مڪران ۽ سنڌ کجور جا مرڪز هئا.[415]

ماني پچائڻ لاءِ توي جو استعمال تمام گهٽ ٿئي. گهرن ۾ تنور جوڙيا وجن ٿا. توي بدران ٺوٻي تي ماني پچائي وجي ٿي.[416] ڏوڌو، کير، مکڻ، لسي، سائي ڀاڄي، ساڳ ۽ پليءَ کي نعمت سمجهيو وجي ٿو. ٻهراڙيءَ ۾ ان شين جو استعمال جام ٿئي ٿو.

منت باسڻ: خطي ۾ منت يا باس باسڻ جو رواج قديم زماني کان جاري آهي. پيرن تي مرد توڙي عورتون شادي، اولاد يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ اڪثر منت باسڻ لاءِ وڃن ٿيون. پيرن جي نالي رڍ، ٻڪري يا ٻيو ڪو جانور خيرات ڪرڻ لاءِ باسيو وڃي ٿو. ٻارن جي جهنڊ منت طور ڇڏي وجي ٿي.[417] جڏهن

---

[408] هينري پاٽينجر، "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ترجمو 1973ع، ص 80.

[409] چاٻلاڻي، ايس. پي ڊاڪٽر، "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ترجمو سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1958ع، ص 226.

[410] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع ص180.

[411] ايضاً، ص 181.

[412] ايضاً، ص 305.

[413] ايضاً، ص 297 ۽ 399.

[414] جوڻيو محمد ابراهيم، مرتب: "الوحيد"، سنڌ آزاد نمبر، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1979ع، ص 9.

[415] رحميداد مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 198.

[416] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص239.

[417] انعام الحق ڪوثر، ڊاڪٽر، "تذڪره صوفيائي بلوچستان"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1987ع، ص 330.

اها مراد پوري ٿئي ٿي ته ان ٻار جي جهنڊ ان پير تي وڏي ڌام ڌوم سان لاٿي ويجي ٿي. منت باسڻ کي خطي ۾ سک باسڻ به چيو ويجي ٿو.

ارغونن ۽ ترخانن جي دؤر ۾ زالون ٻارن جي جهنڊ پيرن تي وڃي لهرائينديون هيون.[418] هي رسم اڄ تائين موجود آهي.

مغلن جي ڏينهن ۾ جڏهن ڪو ٻاتي بيمار ٿيندو هو ته پيرن کان دعائون گهرندا هئا ۽ تعويذ ۽ ڌاڳن تي ڪين اعتبار هو. اها رسم هن وقت به منجهن موجود آهي. ايتري قدر جو بيمار ماڻهن کي ڊاڪٽرن ۽ حڪيمن ڏانهن ڪٽي وڃڻ بدران پيرن ڏي ڪٽي ويندا آهن. نذر نياز جون منتون باسيندا آهن.[419]

خطي ۾ تربتن جي درن تي ماڻهن جي وارن جون چڳون نظر اينديون آهن. جيڪي پنهنجي مرادون حاصل ڪرڻ بعد لاهي اتي ٽنگين ٿا.[420] درگاهن کان پري وارا مناسب وقت تي جهنڊ لاهي ڪنهن موقعي سان پيرن تي وڃڻ وقت اتي وڃي خيرات ڪرڻ بعد ٽنگي اچن ٿا. اتي رکيل خاڪ يا مٽيءَ جا ٽڪرا ”خڙدي“ طور متبرڪ سمجهي کائين ٿا. ته جيئن پير جي دعا سان رب راضي رهي.[421]

پيرن تي پڙ وجهڻ به عام رواج آهي. خيرات طور چندو اتي رکيل پيٽين ۾ وجهڻ به عام رواج آهي. اتي رهندڙ ڪي موالي مجاور طور اهو پئسو ۽ ڪپڙا پنهنجي نشي پتي ۽ خرچ پکي ۾ کپائين ٿا. خيراتن ۾ ڍور, ڍڳا, رڍون ۽ ٻڪريون به اتي جيئريون ئي ڏيو ڇڏين.

اهڙن مزارن تي مال گهڻو ڪٺو ويجي ٿو. وڏيون وڏيون خيراتون ڪيون وڃن ٿيون. ان ڪري مزارن تي هر وقت ميلي جهڙو سمان لڳو پيو هوندو آهي. پيري مريدي ۽ قبر پرستيءَ جي هن رواج گهڻي ٻاڳي ماڻهن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي.[422]

ڪي ماڻهو شادي يا رشتي لاءِ باس باسيندا آهن. پوءِ جڏهن سندن اها مراد پوري ٿيندي آهي, تڏهن رات جو ڄڃ ان مزار تي وڃي منت واري خيرات ڪندي آهي ۽ ڌمال هڻندي آهي.[423] خيراتون ٿينديون آهن ۽ پڙ وجهبا آهن.

ڪي ماڻهو ”سرور“ جي ڊولڪ وڄرائين ”سخي سرور“ ديرا غازي خان ۽ بروچ قومن جو مرشد ۽ اولياءُ آهي. تنهنڪري بروچ قومون پنهنجي گهرن ۾ سرور هڻائينديون آهن. ٻيون قومون جيڪي ”سرور“ ٿيون هڻائين تن کي ڪا به خبر ڪانهي ته سرور ڇا آهي. فقط سرور جي گهور گهوٽيتيون پاڻ وٽ رکنديون آهن. اها گهور ٻئي ڪنهن مڱڻهار يا ڳائڻي کي ڏيڻي ڪانهي, تنهن ڪري ”سرور“ کي ڇهڻي پيون آهن. سرور واري رات خاص سرور جو سهرو چيو ويندو آهي, جنهن ۾ سرور جي مهربانين ۽ ڪرامتن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي.[424]

طلاق: سياهڪاري, جهڳڙي يا ٻي ڪنهن مجبوريءَ سبب طلاق ڏني ويجي ٿي. طلاق ڏيڻ وقت مڙس زال ڏي ٽي ننڍڙا پٿر اڇلائي, ٽي دفعا طلاق

---

[418] رحيمداد مولائي شيدائي, ”تاريخ تمدن سنڌ“, سنڌ يونيورسٽي, حيدرآباد, 1959ع, ص 432.

[419] ايضاً, ص 423.

[420] سمو الهچايو يارمحمد, ”سير ڪوهستان“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1955ع, ص 118.

[421] ڊينس بري ڊاڪٽر, مترجم: ڪامل القادري, ”براهوي رسوم“, نساء ٽريبرز ڪوئيٽا, 1984ع, ص 118.

[422] سمو الهچايو يارمحمد, ”سير ڪوهستان“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1955ع, ص 121.

[423] ڌمال زوردار ناچ کي چئبو آهي.

[424] طاهرزادو ولي محمد, ”مرڻي پرڻي جون رسمون“, ته ماهي مهراڻ, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1967/2ع, ص 146.

طلاق طلاق چوي ٿو.[425] بعد ۾ ان عورت کي سندس والدين ٻي جاءِ تي شادي ڪرائي سگهن ٿا.[426] عورت، ثابت نہ هئڻ جي صورت ۾ بہ طلاق ڏجي ٿي.[427] سياهڪاريءَ جي بنياد تي طلاق ورتل عورت پنهنجي آشنا سان شادي ڪونہ ٿي ڪري سگهي. شادي ڪرڻ جي صورت ۾ اڳئين مڙس جي اولاد ۾ ملڪيت کان لاتعلق قرار ڏني ويجي ٿي.[428]

مزاج پرسي: ڪنهن رشتيدار جي بيمار ٿيڻ يا ڪنهن حادثي وغيره ۾ زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ مائٽ ان جي مزاج پرسي ڪرڻ لاءِ اچن ٿا. مائٽن کان علاوه دوست، عزيز ۽ پاڙي وارا بہ حال احوال معلوم ڪرڻ لاءِ اچن ٿا.[429]

بيمار جيڪڏهن غريب هوندو تہ ان جي مدد ڪئي ويجي ٿي، ان جي صحتيابيءَ لاءِ دعائون ۽ خيراتون ڪيون وڃن ٿيون.

هٿيار پنهوار:

خطي ۾ قديم زماني کان هٿيار رکڻ لاءِ ڪابہ روڪ ٽوڪ ڪونہ هئي، ان ڪري اڪثر ماڻهو پنهنجا هٿيار پاڻ ٺاهي، پنهنجو بچاءُ ڪندا هئا. شروع شروع ۾ تلوارون تيار ڪندا هئا. بعد ۾ بندوقن جو رواج ٿيو تہ اهي بہ ٺاهڻ شروع ڪيائون. ڪوهستاني تلوارن علائقي ۾ مشهور آهن. حالو چالو تلوار کي شڪيلو چون.[430] تلوارن کان علاوه ڪهاڙيون ۽ ڀالا بعد ۾ بندوقون ۽ انهن لاءِ بارود بہ تيار ڪري پنهنجو دفاع پاڻ ڪن. شڪار لاءِ بہ اهي ئي هٿيار ڪم آڻين. ان ڪري وڏا توبچي ٿين ٿا.[431] سرهہ، گڊ ۽ هرڻ سندن اهم شڪار آهن.[432]

ترارن سان گڏ ڍالون بہ ٺاهين. اڄڪلهہ پابندين باوجود ڪيترن وٽ پراڻي قسم جون ترارون ۽ ڍالون موجود آهن.[433]

جانور پالڻ: خطي ۾ جانور پالڻ جو رواج قديم زماني کان مروج آهي، جنهن زماني ۾ هندستان، ايران ۽ يورپ وارا آريا لوڪ ميرو پربت طرف گڏ رهندا هئا. ان وقت کان هي رسم منجهن موجود آهي. هن لاءِ هي ثابتي آهي تہ ڳئون لاءِ هڪڙوئي لفظ اٿن. سنسڪرت ۾ 'گو' معنيٰ ڳانءِ. ان جو انگريزي اُچار آهي ڪو (Cow) ۽ پارسي ۾ 'گاو'. جيئن راجستاني ٻوليءَ جو لفظ "گوسائين" لفظ جي اصل معنيٰ آهي "گاين جو مالڪ" پوءِ معنيٰ ٿيس "سائين، ڏڻي يا حڪم". تيئن رشيا جي ٻوليءَ ۾ گوسپوڊار (Gospodar) ۽ گوسپو دين (Gospodin) لفظن جي آهي. هن لفظ جي سنسڪرت لفظ "گو" بجنسي ڪم آيل آهي.[434]

ڳائي مال کان علاوه هر قسم جا جانور ۽ ڪڪڙيون پاليون وڃن ٿيون. سرڪار طرفان بہ ڀلي جانورن لاءِ فارم کوليا ويا آهن. تہ جيئن ماڻهن جو هي شوق پورو ڪري سگهجي. اوستہ محمد پرسان خان پور ڳوٺ ۾ پاڳناڙي ڪيٽل فارم نالي هڪ وڏو فارم موجود آهي، جتان هي اعليٰ نسل پوري ملڪ

---

[425] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، حصو ٻيو بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع ص383.

[426] ايضاً، ص 132.

[427] هينري پاٽينجر، "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر"، سنڌي ترجمو: سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص 69.

[428] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، حصو اول بينظير انٽر پرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع ص269.

[429] ايضاً، 143.

[430] سمو الهچايو يار محمد، "سير ڪوهستان"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1955ع، ص 40.

[431] ايضاً، ص 40.

[432] ايضاً، ص 41.

[433] ايضاً،

[434] آڏواڻي، ڀيرومل، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 199.

۾ سپلائي ڪيو ويجي ٿو. ماڻهو ڪڪڙ وڙهائڻ جا بہ شوقين آهن.[435] ان ڪري ڪڪڙيون تمام گهڻيون پاليون وڃن ٿيون.

فيصلا: خطي ۾ اڪثر فيصلا جرڳي ذريعي ڪيا وڃن ٿا. جرڳي جا ميمبر ۽ چيئرمين حڪومت طرفان مقرر ڪيل هوندا آهن. هي رواج بروهي، بلوچ ۽ پناڻن کان حاصل ڪيل آهي، جو پوري بلوچستان ۾ رائج آهي.[436] فيصلا قرآن پاڪ تي ساک وٺي ڪيا وڃن ٿا.

رهائش: ڳوٺن ۾ اڪثر ڪچيون گمب جون ٺهيل جايون استعمال ڪجن ٿيون. ڇت لاءِ پترون، ٽوئا ۽ تڏا استعمال ڪجن ٿا. پتين ۽ ڇتين ڪي ٻُهہ جو ليپو ڏنو ويجي ٿو.[437] ٻير، ٻير ٽاري ۽ لئي جا شهتير ۽ پٽيون استعمال ڪجن ٿيون. تمام غريب مَنهن ۾ گذارو ڪن ۽ ٻاهران لوڙهو ڏيئي ڇڏين.

سرندي وارا پڪيون جايون ٺهرائين، ٻاهران وڏيون پٽيون يا ڪوٽ ڏيارين ٿا. مهمانن لاءِ الڳ لانڍيون ٺهرايون وڃن ٿيون ۽ جانورن لاءِ الڳ ڇانڊڻ تيار ڪجن ٿا.[438] هندو شهرن جي وچ ۾ جايون ٺهرائي رهن. سبي، ڍاڍر، ڀاڳ، گنداواهہ ۽ اوستہ محمد علائقي جا وڏا شهر ليکجن ٿا، جتي اڪثر پڪيون جايون آهن.

سياهہ ڪاري: زال کي ٻئي ڪنهن غيرمرد سان بروفعل ڪندي پڪڙڻ تي ٻنهي کي قتل ڪيو ويجي ٿو. فورٽ سنڊيمن طرف ڪاري مرد کي پڪڙي سجو پير يا نڪ ڪپيو ويجي ٿو.[439] ڪيترن ئي علائقن ۾ ماري نہ سگهڻ جي صورت ۾ ڪاري عورت کي طلاق ڏيئي ڪاري مرد کان ان جو عيوضو وصول ڪيو ويجي ٿو.[440] سنزه خيل، سوغڙن ۽ مندوخيل پناڻن ۾ ڪاري عورت جي عيوض چار عورتون وصول ڪجن ٿيون. ڪجهہ خاندانن ۾ ڪارو پنهنجي زال ڏيئي ڪاري حاصل ڪري ٿو.[441]

پرڻي جون رسمون:

خطي ۾ سنڌين جي اڪثريت سبب پرڻي جون رسمون سنڌ جي رسمن جهڙيون ئي آهن. البتہ ڪٿي ڪٿي بلوچن، بروهين ۽ پناڻن جي رسمن جو اثر نظر اچي ٿو ڇو تہ باهمي ميل ميلاپ ۽ اٿ ويهہ جو هڪٻئي تي اثر ٿيڻ هڪ فطري عمل آهي.

سڱ ڪرڻ: سنڌ وانگر هن خطي ۾ بہ اڪثر ڪري ٻار ڄمڻ کان اڳ يا پوءِ بہ پائر، سوٽ، ماسات، ماروٽ يا ڦڦات پاڻ ۾ ويهي رشتو طئہ ڪن ٿا. ڪي ڏهن ٻارهن سالن جي عمر ڪي پهچڻ کان پوءِ رشتا ڪن ٿا، جنهن کي مقامي محاوري ۾ "سڱ ڪرڻ" چئبو آهي.

اڪثر رشتا، بدي يعني ڏي وٺ[442] جي بنياد تي ڪجن ٿا. هن طريقي کي مقامي ٻوليءَ ۾ عيوض چيو ويجي ٿو. ڪٿي ڪٿي "تياڪڙ" ۾ بہ سڱ ٿين ٿا.

---

[435] سلطان محمد صابر، "ثقافت اور ادب واديءِ بولان مين"، بزم ثقافت، ڪوئيٽا، 1977ع، ص 96.

[436] عزيزالرحمان، "براوي دروشم"، ششماهي ڪپوت سلسلي جو پندراڻ نامہ بزم مولائي شيدائي محمد پور اڊو ضلعو جيڪب آباد، 1985ع، ص 130.

[437] انور رومان پروفيسر، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 155.

[438] بروهي، دادمحمد، خادم، "سبيءَ جي سنڌي ۽ ان جي اهميت"، ٽہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 3/1981ع، ص 176.

[439] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص108.

[440] ايضاً، ص 219.

[441] ايضاً، ص 108.

[442] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1977ع، ص 143 ۽ پڻ ڏسو انور رومان جو ڪتاب "بلوچستان ڪي قبائل" جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 1987_1986ع، ص 217.

جنهن کي ”ٽيوڙ“ چيو ويجي ٿو. عيوض ۾ ٽيوڙ جي بنياد کان علاوه نياڻين جي قيمت بہ وصول ڪئي ويجي ٿي.[443] جنهن کي سنڌيءَ ۾ ”ڦلن مُٺ“ چيو ويجي ٿو. هي رواج قديم زماني کان هلندو پيو اچي، جنهن ۾ گهوٽيتا زر، زمين، هاٿي ۽ گهوڙا بہ وٺندا هئا.[444] ان رقم کي مقامي محاوري ۾ ”لب“ چيو ويجي ٿو.[445] پٺاڻن ۾ ان کي ”ولور“ چيو ويجي ٿو. خطي ۾ هي رواج پٺاڻن کان ورتو ويو آهي، جيڪي وڏي واڪ ڏيڻ وارن کي نياڻيون ڏيئي ڇڏين ٿا.

رنڙ ۾ ڪراڙين عورتن جون نوجوانن سان ۽ نوجوان نياڻين جون ڪراڙن يا اڌيڙ عمر وارن سان بہ شاديون ڪرايون وڃن ٿيون. هي رواج بہ قديم زماني کان جاري آهي. مثلن رامچندر سان شادي وقت سيتا جي عمر 6 سال هئي.[446]

سگ گهرڻ: عام طور شادين لاءِ مرد جي عمر 20 سال ۽ عورت جي 16 سال سمجهي ويجي ٿي.[447] سگ گهرڻ لاءِ گهوٽيتا اڱواڻ ڏنل وقت تي ڪنوار جي گهر وڃن ٿا.[448] ڪنوار جي پيءُ ماءُ کي ڪنهن مخفي جاءِ ۾ ويهاري سگ جي گهر ڪئي ويجي ٿي.[449] سگ قبول ٿيڻ تي رشتي جي يقيني ڪاميابيءَ لاءِ ان وقت دعا گهري ويجي ٿي، جنهن کي ”دُعاءِ خير“ چيو ويجي ٿو.

پوتي وجهڻ: ٻنهي ڌرين طرفان مقرر وقت تي گهوٽيتا رات جي ماني بعد ڪنوار کي پوتي وجهن ٿا. ان موقعي تي ڪنوار ڪوٺيءَ جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گهنڊ ڪري ويهي ٿي. گهوٽيتن پاران منائي ورهائي ويجي ٿي. ڪنوار کي منڊي پارائي ويجي ٿي[450] ۽ خرچي ڏني ويجي ٿي. هڪٻئي کي مبارڪون ڏنيون وڃن ٿيون.[451]

پوتي وجهڻ جي موقعي تي ڪٽي ڪٽي دهلن تي ناچ ۽ جهومر ڪئي ويجي ٿي.[452] پٺاڻن ۾ ڪنوار جي ماءُ، گهوٽ جي پيءُ کي هڪ سئي ڏئي ٿي، جنهن ۾ ڳاڙهي رنگ جو ڌاڳو پيل هوندو آهي. بعد ۾ بندوقن جا فائر ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويجي ٿو.[453] مٿين علائقن ۾ ڪنوار جو پيءُ گهوٽ جي پيءُ کي تحفي طور رومال ڏئي ٿو ۽ ڪنوار کي گهوٽيتا چانديءَ جو زيور ڏين ٿا، جنهن کي ”زرنگئي“ چئجي ٿو.[454] ڪنوار ننڍي هجي تہ گهوٽيتن کي جوان ٿيڻ تائين ڪپڙا ۽ جوتا ڏيڻا پون ٿا.[455]

---

[443] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد ٻيو بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص127.

[444] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 76.

[445] دينس بري، مترجم: ڪامل القادري، ”براهوي رسوم“ ناءِ ٽريڊرز، ڪوئيٽا، 1974ع، ص 71.

[446] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 76.

[447] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص293.

[448] ايضاً،

[449] طاهر زادو، ولي محمد، ”مرٽي پرٽي جون رسمون“، تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1967/2ع، ص 139.

[450] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص268.

[451] طاهر زادو، ولي محمد، ”مرٽي ۽ پرٽي جون رسمون“، تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1967/2ع، ص 141.

[452] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص24.

[453] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص128.

[454] ايضاً، جلد اول، ص 102.

[455] ايضاً، جلد اول، ص 268.

ڪي پناڻ خاندان پوتي وجهڻ وقت ئي نڪاح پڙهائي ڇڏين ٿا، جنهن کي ”پشہ خلاصول“ يعني پير آزاد ڪرڻ چئبو آهي.[456]

مڱڻو: ڪوئيٽا ۾ مڱڻيءَ کي ”ڪوژده“ ۽ خاران ۾ ”هڏ فروشي“ يعني هڏ پيچڻ چيو ويجي ٿو.[457] تاريخ مقرر ڪرڻ بعد گهوٽيتن جي ڄڃ معرفت ڪنواريتن کي سونيون واليون، منڊي، ڦلي ۽ سرندي آهر ڀيو زيور ڏنو ويجي ٿو.[458] ان وقت سهرا ۽ گهور بہ ٿئي ٿي. ڪنواريتن طرفان گهوٽ کي اجرڪ ۽ نوٽن جو هار ڏجي ٿو ۽ ميندي لڳائي وڃي ٿي. ڪٿي ڪٿي خيرات بہ ڪئي وڃي ٿي. پناڻن ۾ مڱڻيءَ کان پوءِ ٻنهي کي ملڻ جلڻ جي اجازت هوندي آهي.[459]

ونواهه: شاديءَ کان اڳ ڪنوار کي 3، 5، 7، يا 15 ڏينهن لاءِ ونواهہ ۾ ويهاريو ويجي ٿو. سنڌ ۾ هن ساٽُ کي ”وناهہ“ چئجي ٿو ڇو تہ ”ڪنو“، ”ونو“ يا ”ونهہ“ گهوٽ کي چيو ويندو آهي. اصل لفظ ونهہ وهانءُ هو، جيڪو بدلجي ”وناهہ“ يا ”ونواهہ“ ٿيو آهي.[460]

ونواهہ لاءِ ڪنوار کي گهوٽيتن طرفان ڪاڻ لاءِ سڄو گيهہ، اٽو، ڏونگي، مصري، بادام، صفائي ۽ سينگار لاءِ روڪ پئسا، صابڻ، ڪيسو ڦل، ڪپ ڪچون زردي، منو تيل ۽ ميندي ڏني وڃي ٿي.[461] سمن جي دؤر ۾ ان موقعي تي زالون ڪنوار کي وهنجاري سندس وار گرم ڪير سان ڌوئي نرم ڪنديون هيون ۽ منهن تي چانورن جو اٽو سفيديءَ سان ملائي مکيو ويندو هو، اکو ٻڌيو ويندو هو.[462] شب عروسيءَ جي پوشاڪ ۾ گلن ۽ ٻوٽن واري قبا پهرائجي، جنهن کي ٻانهون ڪونہ ٿين.[463]

سنڌ وانگر ونواهہ واري ڏينهن کان شاديءَ واري رات تائين روزانو گهوٽيتن وٽ رات جو گهر ۾ ڳائڻ وڄائڻ ٿئي ٿو.[464] هندن ۾ ان موقعي تي ڏانڊيو ۽ ڏونڪا وڄايا وڃن ٿا.

ڪنوار کي ونواهہ ۾ ويهارڻ لاءِ ست عورتون سندس ڳتيون کولي ٻانهن ۾ ڳانو ٻڌي ڪوني (ڪمري) جي ڪنڊ ۾ پڙڇ لڳائي ويهارين. بروهين ۾ ڳاڙهو پردو لڳايو وڃي ٿو. هن ساٽ کي مقامي محاورن ۾ ”ٻڪي وجهڻ“ چئجي ٿو.

ڪنوار کي ونواهہ ۾ ويهارڻ کان اڳ گهوٽ کي ٻانهن تي ڳاڙهو ڳانو ٻڌجي، جنهن ۾ ستن قسمن جو اَن جنڊ ۾ ڏارو ڪري وڌو وڃي ٿو. ڪنوار جي هٿ ۾ چاقو ڏنو وڃي ٿو.[465]

جاڳو: شاديءَ کان هڪ رات اڳ گهوٽيتا جاڳو ڪندا آهن، جنهن ۾ ڪنوار کي ميندي لڳائي وڃي ٿي، جيڪا ڄڃ سان اول پنهنجي ڪنهن

---

[456] سلطان محمد صابر، ”پشتون ڪلچر“، ”ثقافت اور ادب واديءِ بولان مين“، بزم ثقافت ڪوئيٽا، 1966ع، ص 73.

[457] انور رومان، ”بلوچستان کي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص260 ۽ پڻ ڏسو سندس جلد اول، ص 141.

[458] انور رومان، ”بلوچستان کي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص296.

[459] ايضاً، جلد اول، ص 25.

[460] طاهر زادو، ولي محمد، ”مرٽي پرٽي جون رسمون“، تہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1967/2ع، ص144.

[461] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1977ع، ص 144.

[462] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 421 ۽ پڻ ڏسو ولي محمد طاهر زادي جو مقالو تہ ماهي مهراڻ حيدرآباد، 1967/2ع، ص 144.

[463] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 422.

[464] طاهر زادو، ولي محمد، ”مرٽي پرٽي جون رسمون“، تہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1967/2ع، ص144.

[465] چاقو غير متوقع دشمنيءَ کان بچڻ لاءِ ڏنو وڃي ٿو.

ويجهي مائٽ جي گهر رکي ويجي ٿي. ان ۾ 15_20 ويهه موم بتيون ٻاري لڳايون وڃن ٿيون. اها ميندي ڄڃ سان ڪا ناچو عورت ناچ[466] ڪندي کڻي هلندي آهي. ٻچيل ميندي گهوٽ جي پيڙ يا ڦڦيءَ طرفان لِڪ ڇُپ ۾ گهوٽ کي هڻئي ويجي ٿي، جنهن کي "ڳُجهي ميندي" چئبو آهي.

ڳجهي ميندي ان ڪري هَڻئي ويجي ٿي ته جيئن گهوٽ سان دشمني ڪندي ڪو تعويذ يا سنئوڻ وغيره نه ڪري سگهي، ڇو ته بلوچستان جي مٿين علائقن ۾ خاص طور جاڳي واري رات گهوٽ کي تعويذن ذريعي ٻڌو ويجي ٿو جنهن سبب هو نڪاح ٿيل زال سان شاديءَ واري رات مڙس ٿي ڪونه سگهندو آهي.[467] ڪي مڙس ته سالن تائين ٻڌل رهندا آهن. هي سماجي برائي بلوچستان جي پٺاڻن، بلوچن ۽ سنڌين ۾ بروهين ۾ اڄ به موجود آهي، جنهن جي نتيجي ۾ به نوان ڳنڍيجڻ وارا خاندان هميشه لاءِ جدا ٿي هڪٻئي جا دشمن ٿي پون ٿا.[468] هاڻ هيٺين علائقن ۾ به هي مرض پکڙجي رهيو آهي.

ٻَڌڻ وارا ان ميندي مٿان تعويذ پڙهائن ٿا. ان کان علاوه نڪاح وقت به تعويذ ڪرايو ويجي ٿو ۽ گهوٽيتن طرفان ڪُتل جانورن جا آنڊا چورائي انهن کي ابتو ڪندي ڪجهه پڙهي هي عمل پورو ڪن ٿا. هي عمل ڪندڙ ماڻهن کان وڏيون وڏيون رقمون وصول ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح ان عمل کي ٽوڙڻ لاءِ گهوٽيتن کي ڪنهن وڏي ملان وٽ ويڃڻو پوي ٿو.[469]

ڪاج: شاديءَ واري ڏينهن گهوٽيتن طرفان ڪاج ڪيو ويجي ٿو.[470] پنهنجن دوستن، عزيزن ۽ برادريءَ وارن کي ڪانڊ ڏيئي گهرايو ويجي ٿو. هي ماني اڪثر منجهند جي وقت ڪئي ويجي ٿي. وڏن شهرن ۾ اڄڪلهه رات جو به ڪئي ويجي ٿي. ڪاج جي دعوت ٻن قسمن جي ٿئي ٿي. پهرين قسم ۾ دعوتي پاڻ ماني کائي وڃن ٿا. جڏهن ته ٻئي قسم ۾ هو گهر وارن لاءِ به ماني کڻي وڃن ٿا. هن قسم جي دعوت کي مقامي محاوري ۾ "برادري دعوت" چئجي ٿو. ٻنهي قسمن جي دعوت کائڻ وارا "پهت"[471] ڏين ٿا. بروهي زبان ۾ ان کي "بِجار" چيو ويجي ٿو جيڪا پئسن کان علاوه جانور ۽ اناج جي صورت ۾ به ڏني ويجي ٿي.[472] ڪي چندي جي صورت ۾ وصول ڪندا آهن.[473]

ڏٺو ويو آهي ته اڄڪلهه عام ماڻهن مختلف حربا استعمال ڪندي هن رسم کي ڏنڊو بڻائي ڇڏيو آهي. جڏهن ته غريب ماڻهو ان رسم کي پهچي نه سگهڻ سبب، پنهنجون نياڻيون جلد اٿاري ڪونه ٿا سگهن، جيڪڏهن ان تي عمل ٿا ڪن ته قرضائي ٿي پريشان ٿين ٿا.

مٿين علائقن ۾ گهوٽيتن کي ڪنواريتن جي مانيءَ لاءِ اڳواٽ رقم ادا ڪرڻي پوي ٿي.[474] ڪاج جو رواج هندن ۾ به موجود آهي.[475] ڪافي عرصو

---

[466] انعام الحق ڪوثر، ڊاڪٽر، "تذڪره صوفيائي بلوچستان"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1976ع، ص 230.

[467] هي عمل صرف نڪاح ٿيل زال لاءِ هوندو آهي.

[468] هي عمل اهي ماڻهو ڪن ٿا، جن کي ڪنواريتا سڱ ڏيڻ کان جواب ڏين ٿا. هو پنهنجي بيعزتيءَ جو بدلو وٺڻ ۽ ٻيهر اهو سڱ هٿ ڪرڻ لاءِ هي عمل ڪري گهوٽيتن کي خوار خراب ڪن ٿا، جنهن ڪري هو طلاق ڏيڻ تي مجبور ٿي پون.

[469] ڊينس بري، مترجم: ڪامل القادري "براهوئي رسوم"، نساءِ ٽريڊرز، ڪوئيٽا، 1984ع، ص116.

[470] "ڪاج" عام طور "ڪاچ" کي چيو ويجي ٿو.

[471] مانيءَ لاءِ ڏنل رقم کي "پهت" چيو ويجي ٿو.

[472] بروهي، عبدالرحمان ڊاڪٽر، "براهوي نامه"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1978ع، ص 12.

[473] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 180.

[474] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو، بينظير انٽر پرائيزز پبلشرز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 289.

[475] ايضاً، جلد ٻيو، ص 289.

اڳ سنڌ جي هندن ۾ اهو بہ رواج ڪونہ هو پر اڄڪلهہ هو ايترا تہ اڳتي وڌي ويا آهن جو نياڻين جي شادين تي بہ ڪاڄ ڪري (پهت) وصول ڪن ٿا. ڪوهستان جي علائقي ۾ تي ڏينهن ڪاڄ ڪيو ويجي ٿو[476] جتي گهوٽيتن کان پوءِ ڪنواريتا بہ ڪاڄ ڪن ٿا.

پڙو: شاديءَ واري شام جو گهوٽيتا پنهنجي طرفان گهوٽ ۽ ڪنوار کي ڏيڻ وارو ڏاج ڪٺي ڄڄ جي صورت ۾ ڪنواريتن وٽ اچن ٿا، جيڪو ڏمال بعد سيني کي ڏيکاريو ويجي ٿو.

ان موقعي تي آنڊل ميندي گهوٽ جي پيرڻ يا پڳي ڪنوار کي لڳائي ٿي. ان وقت "ويل گهور" ڪئي ويجي ٿي.[477] ان سموري عمل کي مڪاني محاورن ۾ "پڙو" چئبو آهي. گهوٽيتن جي ڄڄ جي واپسيءَ تي گهوٽ کي ڪنواريتن طرفان ميندي لڳائي ويجي ٿي. ان موقعي تي ڪانئس پوڳ شوڳ ذريعي خرچي وصول ڪئي ويجي ٿي. سندس مقرر "آنهر"[478] کي تمام گهٽو تنگ ڪيو ويجي ٿو۽ ڪپڙا ڦاڙيا وڃن ٿا، جنهن کي سنڌيءَ ۾ "پڙ ڄڄ" چيو ويجي ٿو.

سنڌ ۾ هن مرد کي ٿوري وقت لاءِ "آنهر" چيو ويجي ٿو. هن مرد جي حيثيت ان وقت اهڙي سپاهيءَ جي آهي، جيڪو محافظ دستي جيان سپهہ سالار جي اڳيان هوندو آهي[479]. سندس هٿ ۾ چاقو يا اهڙو ڪو ٻيو هٿيار بہ هوندو آهي. بروهين ۾ ان کي "وزير" چيو ويجي ٿو جيڪو ڪنوارو هئڻ لازمي آهي.[480]

نڪاح: شاديءَ واري رات ماني کائڻ بعد نڪاح پڙهائڻ لاءِ گهوٽيتا ٻيهر ڪنواريتن جي گهر اچن ٿا، جن ۾ مرد وڌيڪ هوندا آهن. ان موقعي تي گهوٽ کي سينگاري آندو ويجي ٿو. ڪيترائِن ۾ گهوٽ کي ڳاڙهي سٿڻ پارائي آندو ويجي ٿو.[481]

نڪاح کان اڳ ڪنوار کان سندس وارث[482] لاءِ پڇيو ويجي ٿو. نڪاح پڙهڻ کان اڳ آخوند (ملان) گهوٽ کان ڪنوار لاءِ حق مهر[483] مقرر ڪرڻ جي گُهر ڪندو آهي.[484] اقرار بعد بہ معزز ماڻهو شاهد ۽ انهن مٿان هڪ وڪيل مقرر ڪري ڪنوار کان گهوٽ جي زال ٿيڻ جي قبوليت جو اقرار وٺڻ لاءِ اندر موڪلجن ٿا، جيڪي تي ڀيرا اقرار وٺي ٻاهر ويٺل منتظرين کي احوال ڏين ٿا.

اهڙيءَ طرح ڏمرپيءُ ۽ حقي پيءُ جي اجازت سان نڪاح پڙهايو ويجي ٿو. بعد ۾ رشتي جي ڪاميابيءَ لاءِ دعائون گهريون وڃن ٿيون. مٺائي ورهائي ويجي ٿي ۽ گهوٽ کي هار وڌا وڃن ٿا.

لانوَ وڃهڻ: خطي جي مڪاني محاورن ۾ لانو وڃهڻ کي "لانوان" چئبو آهي. جڏهن تہ بروهي ۽ بلوچي ٻولين ۾ "سرميل" چئجي ٿو.[485] لانو وڃهڻ کان ڪجهہ

---

[476] سمو الهبچايو يارمحمد، "سير ڪوهستان"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1955ع، ص 128.

[477] لنگهن کي ملندڙ رقم کي مڪاني محاورن ۾ "ويل گهور" چئبو آهي.

[478] مڪاني محاوري ۾ ان کي "آنر" چئبو آهي، جيڪو گهوٽ جو سوٽ، ماسات يا ڦڦات ٿئي.

[479] ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1978ع، ص 113.

[480] بروهي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، "بنراهوي نامہ"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1978ع، ص 15.

[481] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 25.

[482] نڪاح پڙهائڻ لاءِ ڪو وارث مقرر ڪبو آهي، جنهن کي مڪاني محاورن ۾ "ڏَمرپي" چئجي ٿو.

[483] حق مهر روڪ يا مال جي صورت ۾ وٺجي ٿو. شهرن ۾ زيور ۽ جايون ڏجن ٿيون.

[484] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 127.

[485] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد ٻيو، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 127.

وقت اڳ ٻنهي ڌرين جون عورتون توڙي مرد ڄُهمر جي زبردست ڌمال لڳائين ٿا. هي سلسلو رات جو هڪ ٻين وڳي تائين جاري رهي ٿو.

رات جي پوئين پهر گهوٽ کي ڪنوار جي ڪوٺيءَ جي در وٽ آڻڻ وقت ڪنوار جون ڀينرون دروازو بند ڪن ٿيون. مٿيءَ سان ڀريل دليءَ جو ڍڪڻ ٻاهران رکيو وڃي ٿو، جيڪو ڪانئس ڀجرائڻ مان ان جي ٻهادريءَ جو پتو پوي ٿو.[486] ڍڪڻ ڀڃڻ وقت گهوٽ تي ڀوڳ وچان ڀاڻي هاريو وڃي ٿو ۽ ڪجهه خرچي وصول ڪرڻ بعد اندر اجازت ڏجي ٿي. ڄڄ سهرا چوندي ان جي ڪڍ هوندي آهي. ڪوٺيءَ ۾ گهڙڻ شرط گهوٽ ڪنوار کي ڪٽي ٻئي جاءِ تي ويهاري ڀاڻ ان جي جاءِ تي ويهي ٿو. ان ڪان پوءِ هيٺيان ساٽ ڪجن ٿا:

1. ٻنهي کي قرآن شريف ڏيکارڻ.
2. ٻنهي کي هڪ آئيني ۾ هڪ ٻئي جو چهرو ڏيکارڻ.
3. گهوٽ طرفان ڪنوار جي مٺ کولڻ جنهن ۾ ڳڙ رکڻ.[487] يا وري ڪارڪ رکڻ.
4. ٻنهي کي هڪڙي گلاس ۾ منو کير پيارڻ.
5. ڪنوار جي پوتي ۽ گهوٽ جي ڪلهي تي پيل رومال (اجرڪ يا شال) کي ڳنڍ ڏيڻ.[488]
6. گهوٽ جي ماءُ، پيءُ، ڀيڻ، ڀاءُ، سس، سُهري ۽ سالي طرفان ٻنهي جو مٿو ٽڪرائڻ.
7. گهوٽ کي لوڻ جي چپٽي ڏيڻ،[489] جيڪا هو ڪنوار کي ڏيندو آهي.
8. ڪپهه جو ٽڪر ڪنوار جي مٿي تي رکڻ، جيڪو گهوٽ اتان کڻي ٿو.[490]

ان وقت گهوٽ وٽ چاقو بہ ساڻ هوندو آهي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ شهزادا هٿيار بہ زيب تن ڪندا هئا.[491]

سنڌ ۾: 1. کير پيارڻ، 2. منڊي يا مانڊاٽي جو ساٽ، 3. ڏامڻ لنڙيون (چمڪٽيون) يا وڄٽي جو ساٽ، 4. سونگي باسونگيءَ جو ساٽ، 5. مُٺ کولڻ جو ساٽ، 6. ترمئڻ جو ساٽ، 7. ڦل چونڊائڻ جو ساٽ بہ ڪيا وڃن ٿا.[492] سنڌ ۾ ”جميمڻ“ بہ ٻڌو ويندو آهي، جيڪا هڪ قسم جي شاعريءَ واري ڳجهارت هوندي آهي.

بعد ۾ سيني ماڻهن کي ٻاهر ڪڍي ڪنوار جي ماءُ اڇي ڪپڙي جو هڪ ٽڪر گهوٽ کي امانت طور ڏئي ٿي.[493] هي ڪپڙو ڪنوار جي ثابت هئڻ بابت صبح جو رت سان ڳاڙهو سيني کي ڏيکاريو وڃي ٿو.

بروهين ۾ تہ اهو ڪپڙو تي ڏينهن منهَ تي جهنڊي وانگر ٽنگي ڇڏجي ٿو.[494]

---

[486] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، سنڌالاجي، ڄام شورو، 1977ع، ص145.

[487] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد پيو، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 218.

[488] مڪاني محاورن ۾ ان کي ”پلاند ٻڌڻ“ چئجي ٿو.

[489] ايضاً، (مٿيون حوالو).

[490] ايضاً.

[491] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 560.

[492] طاهر زادو، ولي محمد، ”مرڻي پرڻي جون رسمون“، ٽہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1967/2ع، ص152.

[493] ڊينس بري، مترجم: ڪامل القادري، ”براهوي رسوم“، نسا ٽريڊيرز ڪوئيٽا، 1984ع، ص117.

[494] ايضاً، ص126.

جيڪڏهن اڇو ڪپڙو ثابتيءَ طور ٻاڙهو ڪونہ ڏيکاريو ويو تہ ڪي غير تمند تڏي تي ڪنوار کي اڦٽ ماري ڇڏين.[495] ان ڪري ڪنواريتا توڙي گهوٽيتا اڪثر پنهنجن نياڻين تي ڪرڙي نظر رکن.[496] ثابتي نہ ملڻ تي ڪي سماٽ طلاق بہ ڏيئي ڇڏين. وڏن شهرن ۾ تعليم يافتہ طبقي ۾ ان قسم جو رواج تمام گهٽ آهي.[497]

صبح جو گهوٽ ۽ ڪنوار کي وڏي ڏام ڏوم سان ڇڄ جي صورت ۾ گهوٽ جي چاچي، مامي يا اهڙي ڪنهن ٻئي ويجهي عزيز جي گهر آندو ويجي ٿو. هڪ ويلو اتي مهمان ٿيڻ بعد گهوٽ جي گهر ڪين آندو ويجي ٿو.

ٽوٽي ڇڏائڻ: گهوٽ جي گهر داخل ٿيڻ شرط ڪنوار جي ماءُ ڪنوار کي گهر جي ڪنهن ٽوٽي يا ٿنڀي سان ٻيهاري ڇڏي ٿي ۽ گهوٽ يا ان جي پيءُ کان تحفو حاصل ڪرڻ بعد اتان پري ٿئي ٿي.[498]

ستاوڙو: ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪنواريتا ٻنهي کي پنهنجي گهر آڻين ٿا. ستن ڏينهن تائين ڪنوار جا ويجها عزيز سندن دعوتون ڪن ٿا.[499] ان عرصي ۾ گهوٽ جي ماءُ بہ ساڻن گڏ هوندي آهي. ڪنوار کي ان موقعي تي خرچيون ڏنيون وڃن ٿيون.[500]

رخصتي: خطي ۾ رخصتي تمام سادي نموني ٿئي ٿي. سنڌ ۾ ان ساٽ کي نڪيتي چيو ويجي ٿو جنهن ۾ ڪنوار کي مائٽن مان وني ڪنهن پنهنجائپ يا لاڳاپيدار جي گهر ۾ رهائي، اتان پنج ساٽ جن ۾ ڪير پيارڻ، پسارڻ جو ساٽ، منڊيءَ جو ساٽ، وڄڻي جو ساٽ، جن سونگيءَ جو ساٽ ۽ ترمڻ جو ساٽ ڪري پوءِ گهر آندو ويجي ٿو.[501]

گهران موڪلائڻ وقت ڪنوار توڙي ان جا وارث روڄ راڙو ڪن ٿا.[502] ان وقت اهو روئڻ نياڻيءَ کي عزت ۽ مان سان پنهنجي گهر رخصت ڪرڻ جو مظهر پڻ هوندو آهي.

واسڻ: گهوٽ جي گهر ۾ ڪنوار جي سس ٿوري ڪنڊ ٻاهہ ۾ وجهي ٻنهي کي ان جو واس ڏيندي آهي، جنهن جو مقصد ٻنهي جي پاڻ ۾ محبت سان ڪير ڪنڊ تي هلڻ هوندو آهي. بعد ۾ سهرس ڪنوار کي مانڊاٽي ۽ چاڏي هٿ ۾ ڏيئي ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي. اهو ان خيال سان تہ جيئن هي گهر وارا مال وند ۽ خوشحال ٿين.

نالو بدلائڻ: لاڙ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جو نالو پاڻ ۾ ملائي استعمال ڪيو ويجي ٿو.[503] جڏهن تہ هن خطي ۾ ڪنوار جو اصلي نالو بدلائي پيار منجهان ٻيو ڪو نالو پڪاريو ويجي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪنوار بہ پنهنجي گهوٽ جو نالو بدلائي ٻئي ڪنهن نالي سان سڏي ٿي. جهڙوڪ: سائين، پوتار ۽ صاحب وغيره.

---

[495] ايضاً، ص 117.

[496] ايضاً: ص118.

[497] هينري پاٽنجر، "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر"، ترجمو: سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص 69.

[498] هن ساٽ کي مڪاني محاورن ۾ "ٽوٽي ڇڏائڻ" چئجي ٿو.

[499] ستن ڏينهن تائين ستن عزيزن طرفان دعوتن جي هن ساٽ کي "ستاوڙو" چئبو آهي.

[500] ڪنوار جو منهن ڏسي ان کي خرچي ڏجي ٿي، جنهن کي مڪاني محاورن ۾ "موڙو" چئبو آهي.

[501] طاهرزادو، ولي محمد، "مرٽي پرٽي جون رسمون" تہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، 2/1967ع، ص157.

[502] آڏواڻي ڀيرومل، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 283.

[503] الانا، غلام علي ڊاڪٽر، "لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1977ع، ص 46.

سنڌ ۾ اڪثر زال ۽ مُڙس هڪ ٻئي کي نالي وٺڻ جي بدران ”اڙي“ ڪري سڏيندا آهن.

ٻار ڄمڻ: پُٽ ڄمڻ تي خوشيون ۽ خيراتون ڪيون وڃن ٿيون ۽ بندوقن جا فائر ڪيا وڃن ٿا.[504] پهريون ٻار ڪنوار پنهنجي والدين جي گهر ڄڻي ٿي، جنهن تي سمورو خرچ وغيره سندن والدين ڪن ٿا، پر خوشين ۾ سڀ شامل ٿين ٿا.

ڇٺي: ٻار جي ڇٺيءَ جو ساٿ ڇهين ڏينهن تي ڪنوار جي والدين جي گهر ۾ ئي ٿئي ٿو. هن خوشين جي موقعي تي گهوٽيتا بہ شامل رهن ٿا ۽ پنهنجي ٻار جو نالو هو پاڻ رکن ٿا. ان موقعي تي ڪنواريتن طرف ٻار لاءِ سرنديءَ آهر سون جو تعويذ يا منڊي ڏني وڃي ٿي. ڪي چانديءَ جو پڪيڙو ڏين ٿا، جيڪو سوَڻ طور سندن ٻچيءَ ۾ ٻڌل هوندو آهي.

سماٽ توڙي بلوچن جا نالا قديم زماني جي طرز تي هوندا آهن. مثلن طوطي، نيلئي، سَمَنڊ وغيره.[505] عورتن ۾ اڪثر نالا ٻيبي، خاتون، ناز يا بانو سان شروع يا ختم ٿين ٿا. سنڌ وانگر ڊگهن نالن کي مختصر ڪيو وڃي ٿو. مثلاً: درمحمد ”درو“، پيرمحمد ”پيرو“ وغيره. سماٽ اڪثر سنڌي قسم جا نالا رکن. مثلاً: سونهارو، پنهون، صدورو، الهرکيو، بختاور وغيره.[506] انهيءَ کان علاوه ڪنگهار، سنگهار، توگاچي ۽ تماچي وغيره.

سُنت: پٽ جي سُنت[507] ڪرڻ وقت بہ وڏي پيماني تي تقريبات منعقد ڪيون وڃن ٿيون. جن ۾ جاڳو ٻُڪي ۽ ڪاج شامل آهن. ناناڻن توڙي ڏاڏاڻن طرفان ٻار لاءِ ڏاج، ڪنڍيون ۽ سوکڙيون پيش ڪيون وڃن ٿيون.

منت باسيل درگاهہ تي گلن ۽ پئسن جي ورڪا ڪئي وڃي ٿي. علائقي جي مقرر حجام[508] کان سنت ڪرائي وڃي ٿي ۽ مقرر لنگها ۽ شرناين وارا پنهنجي فن جو مظاهرو ڪن ٿا.

بروهين ۾ لنگها دهل وڄائڻ ۽ ڳائڻ سان گڏ مختلف قسمن جا ناچ بہ ڪن ٿا، جن ۾ دهل هڪ جنگهہ جي هيٺان، ڪلهي، مٿي ۽ ڇيلهہ تي رکي ڊانس ڪرڻ شامل آهي. سندس هي ناچ ڏسڻ وٽان آهي، جنهن لاءِ ڳوٺ وارن کي عام دعوت هوندي آهي، جيڪي ان ۾ شريڪ ٿي لطف اندوز ٿيندي لنگهن کي گهور ذريعي خوش ڪن ٿا.

ونگ ڪپڙ: ٻار ٿورو گهمڻ جهڙو ٿيندو تہ ”ونگ“[509] ڪپڙ جي رسم پوري ڪبي. ان ۾ ٻار جي ٻنهي پيرن کي هڪ ڏاڳو ٻڌو وڃي ٿو پوءِ ٻار جو مامو ان ڏاڳي کي وچ کان ڪتري يا ڪپي ٻار کي ڪٽي ٿورو پيچي ٿو. اهو ساٿ اُن ڪري ڪجي ٿو تہ جيئن ٻار جلد گهمي سگهي. هن موقعي تي بہ دهل وڄايا وڃن ٿا ۽ ويجهن عزيزن کي روٽ کارايا وڃن ٿا. عورتون خوشيءَ جا سهرا ڇون ٿيون.

مرڻي جون رسمون:

خطي جي مڪاني محاورن ۾ موت، بيماري يا ڪنهن حادثي کي غمي چيو وڃي ٿو. غميءَ وقت پنهنجا مٽ، مائٽ، عزيز، دوست ۽ برادريءَ وارا

---

[504] ايضاً، ص 46.

[505] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 162.

[506] ايضاً، جلد ٻيو، ص 185.

[507] سنت کي مڪاني محاورن ۾ ”طوهر“ بہ چيو وڃي ٿو. ڪي ڇٺيءَ واري ڏينهن طوهر ڪرائين تہ ڪي 5_6 سالن جي عمر ۾ ڪرائين ٿا.

[508] حجام ڪاج جون ديڳون بہ پچائيندو آهي.

[509] ”ونگ“ ڳاڙهي رنگ جي ڏاڳي کي چئجي ٿو.

همدرديءَ طور متاثرين جي مدد ۽ دلجوئيءَ لاءِ اچن ٿا. سندن غم ۾ برابر جا شريڪ ٿي همدرديءَ جو اظهار ڪن ٿا.

موتي وقت مرد توڙي عورتون ڪارا ۽ ميرا ڪپڙا پائين.[510] هيٺ مرڻي جي ڪجهہ رسمن تي روشني وجهجي ٿي:

وفات: ڪنهن ماڻهو جي وفات وقت سندس مٽ مائٽ، عزيز دوست، سنگت، ساٿي، مرد توڙي عورتون گهر اچي پيڙو ٿين. مرد ٻاهر ۽ عورتون اندر ويهاريون وڃن ٿيون. گهر اندر عورتون روڄ راڙو ڪن ۽ پار ڪيدي روئن ٿيون.

سماڻن ۾ ٽي ڏينهن تعزيت جو سلسلو هلندو آهي، جڏهن تہ بلوچن بروهين ۾ 3 کان 7 ڏينهن تائين هلي ٿو. ان دوران عورتن طرفان مٿي اگهاڙي پوتيون چيلهہ سان ٻڌي هر صبح روڄ راڙو ڪيو وڃي ٿو.[511] مرد پٽڪا ۽ ٽوپيون لاهي رکن ٿا.[512]

سوڳوار خاندان لاءِ 3 ڏينهن سندن مائٽ مانيءَ جو انتظام ڪن ٿا. بروهين ۽ بلوچن ۾ بہ اهو رواج آهي.[513] ان رسم کي ”لنگڙي“[514] چيو وڃي ٿو ۽ اها رسم سنڌ ۾ بہ موجود آهي.

ڪفن دفن: فوتيءَ کي دفن ڪرڻ جي بندوبست لاءِ هڪدم ويجهن عزيزن، دوستن ۽ پاڙي وارن کي اطلاع ڪيو وڃي ٿو جيئن وقت سر اچي هو بہ شريڪ ٿي سگهن. ڪجهہ علائقن ۾ هندن وانگر پڙهو بہ گهمايو وڃي ٿو.

غسل، فاتحہ خواني ۽ جنازي نماز لاءِ ملان گهرايو وڃي ٿو.[515] ڪفن لاءِ 16 وال هرڪ جو ڪپڙو ڪپهہ، عطر، گلاب جو عرق، مٿيءَ جا بہ دلا، صابڻ، بہ ڪؤنرا ۽ ٻيو سامان آندو وڃي ٿو.[516]

غسل وقت عورتون بلند آواز سان گريہ وزاري ڪن ٿيون.[517] جنازي کي قرآن بخشايو وڃي ٿو ۽ ان تي لونگيون، اجرڪون ۽ پوتيون وڌيون وڃن ٿيون. قبر اتر طرف کوٽي وڃي ٿي.[518] ڪي سامي تيار ڪن تہ ڪي تختا رکي مٿان مٽي وجهن، ڪي وڻ جون ٽاريون وجهي مٿان مٽي وجهن ٿا.[519]

قبرستان ڏانهن جنازي کي ڪٽ تي کڻي وڃن. ڪٿي ڪٿي جنازي لاءِ خاص تختن جي نهيل ڏولي استعمال ڪئي وڃي ٿي. قبرستان وڃڻ لاءِ هڪڙو رستو ۽ واپس اچڻ لاءِ ٻيو رستو اختيار ڪجي ٿو.

---

[510] الهبچايو يار محمد، ”سير ڪوهستان“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1955ع، ص 10.

[511] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع ص 256.

[512] ايضاً، جلد ٻيو ص 405.

[513] بروهي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، ”براهوئي نامہ“، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1978ع، ص 17.

[514] لنگڙي، ٻڪ ڪاٺڻ کي چون، سوڳوار ان عرصي ۾ گهر ۾ باهہ ڪونہ ٻارين.

[515] هينري پاٽينجر، ”سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1976ع، ص66.

[516] طاهر زادو، ولي محمد، ”مرڻي ۽ پرڻي جون رسمون“، تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1967/2ع، ص 157.

[517] انعام الحق ڪوثر، ”تذڪره صوفيائي بلوچستان“، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1967ع، ص230 ۽ پڻ ڏسو انور رومان جو ڪتاب، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع، ص 256.

[518] انور رومان، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، بينظير انٽرپرائز ڪوئيٽا، 87-1986ع، ص102.

[519] ڊينس بري، ڊاڪٽر، مترجم: ڪامل القادري، ”براهوئي رسوم“، نسا ٽريڊرز ڪوئيٽا، 1984ع، ص 206 ۽ پڻ ڏسو انور رومان جو ڪتاب، ”بلوچستان ڪي قبائل“، جلد اول، ص 369.

مڪران جا ميد لاش کي دروازن کان نہ لنگھائين بلڪ تڏن جي نهيل پردي (ديوار) کي ٽوڙي ڪڍي وجن ٿا.[520] ان کان علاوه هن خطي جي رسم وانگر پيتر يا ڪچي سِر تي ڪلمو مبارڪ لکي قبر ۾ ميت جي منهن وٽ رکيو وڃي ٿو.[521]

عذرخواهي: ميت دفن ڪرڻ بعد گھر پهچي ملان طرفان مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري وڃي ٿي، جنهن ۾ سڀ آيل ماڻهو شامل ٿين ٿا. دعا بعد مرحوم جي پيءُ ماءُ يا ڪنهن وڏي کي "حڪم خدا جو" چيو وڃي ٿو. جنهن جي جواب ۾ "هو قبول آهي" چوي ٿو. عذر خواهي ڪندڙ بعد ۾ عذر طور مرحوم جي وارثن کي خيرات لاءِ ڪجهه رقم بہ ڏين ٿا.[522] تہ جيئن هو مرحوم جي مغفرت لاءِ خيرات وغيره ڪري سگهي.

سوڳوار خاندان کي جيستائين ان جا دوست عزيز ۽ مائٽ عذرخواهي ڪونہ ڪن. اوستائين هو انهن جي ڪنهن بہ خوشيءَ يا غميءَ ۾ شريڪ ڪونہ ٿين، ڇوتہ عذرخواهي نہ ڪرڻ وڏو عيب بلڪ زيادتي سمجهي وڃي ٿي. ان ڪري ڪيئي برادريون، مٽيون ۽ مائٽيون ختم ٿيو وڃن.

سوڳوار خاندان ان مهيني ڪابہ خوشي ڪونہ ڪن ۽ نہ وري ڪو نئون ڪپڙو پائين.[523] ڪي تہ پورو سال ان حالت ۾ رهن ٿا. ايتري تائين جو عيدن تي بہ هو خوشيون ڪونہ ڪن.

ٻوليءَ جي وصف:

ڪنهن بہ زبان يا ٻوليءَ جي وصف جدا جدا علمن ذريعي جدا جدا نموني ڪري سگهجي ٿي. لسانيات جي لحاظ کان ٻوليءَ جي تعريف هن ريت ٿيل آهي:

---

[520] انور رومان، "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد پيو بينظير انٽرپرائيزز ڪوئيٽا، 87-1986ع. ص 405.

[521] ايضاً ص 184.

[522] ايضاً، ص 185.

[523] ايضاً.

”زبان خودڪارانہ طور تي اختيار ڪيل آوازي علامتن جو هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪٻئي تي اثر ڇڏين ٿا ۽ تعلق پيدا ڪن ٿا.[524]

ٻوليءَ کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ اسين مشهور آمريڪي لسانيات جي ماهرن بلاخ ۽ ٽرئگر جو هيٺيون خيال ذهن ۾ رکندا سين.

”زبان پاڻ مرادو قبول ڪيل آوازي علامتن جي هڪ تنظيم آهي، جنهن جي ذريعي هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪٻئي سان تعاون ڪن ٿا.“[525]

عام طور تي ٻولي معنيٰ آهي، هڪ ماڻهوءَ جو ٻئي ماڻهوءَ تائين پنهنجي اندروني احوال کي پهچائڻ جو ذريعو ان ڪري لسانيات جي ماهرن آڏو ٻوليءَ جي تعريف پڻ سماجي گروهن سان رابطي رکڻ جو ذريعو آهي.

ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ اسين انساني سماج جي ٻوليءَ ۽ حيواني ٻوليءَ ۾ واضح فرق محسوس ڪري سگهون ٿا. جيئن تہ جانور بہ ٻولي ڳالهائين ٿا، پر اهي ٻوليون صرف سندن تنوارون يا ٻاڪارون هونديون آهن ۽ هڪ ٻئي قسم جا جانور يا پکي هڪ ئي ٻولي ڳالهائين ٿا. پر انساني سماج ۾ مختلف خطن ۾ مختلف ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون.

ٻولي جيئن تہ هڪ سماج جي ريتن رسمن، تهذيب ۽ تمدن جي ترجمان پڻ ٿئي ٿي، ان ڪري ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ مذڪوره شين جو اڀياس ڪرڻو پوندو آهي. اهڙيءَ ريت ئي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي قدامت ۽ ساخت کي معلوم ڪري سگهبو آهي.

رولف لنٽن ان سلسلي ۾ لکي ٿو:

“What the anthropologist calls culture, the mass of behaviour that human beings, in any society learn from their elders and pass on to the younger generation”[526]

ان ڪري ڪنهن بہ قومي تهذيب يا ثقافتي ورثي کي سمجهڻ لاءِ مادي شين يا غير مادي شين جو اڀياس ۽ انهن جي تنظيمي ڍانچي جو جائزو وٺڻ تمام ضروري سمجهيو ويندو آهي.

نيلسن فرنيس لکي ٿو: ”ٻولي رواج ۽ روايت جو ٻيو نالو آهي“.[527] هو وڌيڪ لکي ٿو ٻوليءَ ۾ آواز تہ گهٽا ٿين ٿا، پر انهن جي جوڙجڪ خاصي مونجهاري واري آهي. انهن ٿورن آوازن جي مدد سان هڪ عام رواجي ذهن وارو ماڻهو سوين بلڪ هزارين لفظ ٺاهي سگهي ٿو. هن بنيادي ٻوليءَ کي تمام وڏو ۽ گهڻ پتاڙو مانداڻ (complex) چئي سگهجي ٿو.[528]

انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب، ”وڏو مطلب وٺجي تہ ٻولي انسانن جي وچ ۾ هڪ اظهار جو ذريعو آهي، پر جي ٻوليءَ جو سڌريل پهلو ڏسجي تہ معلوم ٿيندو تہ ٻولي سڌي سنئين هڪ انساني خصوصيت آهي، اها خصوصيت انسان جي امتيازي خصوصيت آهي.“[529]

زبان مان نہ صرف قوم جي ثقافت جو پتو پوندو آهي، مگر ان جو ماضي بہ معلوم ٿيندو آهي. سندس تاريخي دورن جا آثار ۽ اهڃاڻ سندس ٻوليءَ

---

[524] Edger, H, Sturtvent, “An Introduction to linguistic Science”, New Heaven yale university press, 1947, p-2.
[525] B. Bloch and Trages, “Anout line of linguistic Analysis”, linguistic society of America, 1942, p-5
[526] Rolf linton, “The tree of Culture”, First Edition, Newyork, Alfred, A-knopf. 1955, p-3
[527] Nelson francis, “English Language”, on Introduction and background for writing, 1965, p-1.
[528] Ibid, p-5.
[529] “Encyclopaedia Britanica”, Ency: Britanica Corporation Hd. Vol: x (chapter on language) 1961, p-696.

۾ سانديل هوندا آهن. مثلاً: سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي مان صاف ظاهر آهي تہ اسان سنڌي ويدڪ، آرين، ايرانين، يونانين، عربن، مغلن ۽ انگريزن جا غلام رهيا آهيون. اسان جو تعلق سميرين، سٿين، راجپوتن، پٺاڻن ۽ بلوچن سان رهيو آهي. ڪوڙيون ڳالهيون ٿاهي تاريخن ۾ تنبي سگهجن ٿيون، مگر ٻولي قوم جي سچي تاريخ جا اهڃاڻ ٻڌائي ٿي سگهي. انهيءَ بنا تي سر جان مارشل لکيو آهي تہ تاريخون درست ڪرڻ گهرجن.[530]

وليم لابوف ٻوليءَ جي وصف بابت لکي ٿو:

"Language is a form of Social behaviour".[531]

پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي لکي ٿو:

"زبان يا ٻوليءَ بابت هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ اها انسان جي انهي بامعنيٰ آوازن جو اظهار آهي، جي سندس منهن مان نڪرن ٿا ۽ جن جي ٻڌڻ سان سندس سماج جا ٻيا ماڻهو ان مان مطلب ڪڍي سگهن ٿا."[532]

اهوئي سبب آهي جو انسان ذات کي حيوان ناطق سڏيو ويو آهي، ناطق جي معنيٰ آهي ڳالهائيندڙ يا گفتگو ڪندڙ. ان گفتگو ذريعي پنهنجي مطلب کي ٻئي جي سمجهہ ۾ آڻيندڙ انسان ذات کان علاوه ٻيا بہ ڪي حيوان آهن، جيڪي انساني ٻولي سکي سگهن ٿا. جهڙوڪ: طوطو ۽ مينا. مگر منجهن اها اهليت ناهي جو ڪنهن ڳالهہ يا شيءِ بابت انسان سان گفتگو ڪري سگهن.[533]

ييسپرسن چئي ٿو تہ:

"هڪ قوم جي ٻولي عادتن جي هڪ تنظيم آهي، جنهن جي ذريعي ان قوم جا فرد هڪٻئي سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ جا عادي ٿي وڃن ٿا."[534]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

"اها ٻولي ئي آهي، جنهن جي مدد سان توهان معلوم ڪريو ٿا تہ توهان جو ڊاڪٽر، توهان جو استاد، توهان جو بزرگ توهان جو مرشد ۽ پڻ توهان جو دشمن توهان کي ڇا ٿو چوي، توهان جو ريڊيو ۽ ٽي. وي سيٽ توهان سان ڳالهائي ٿو توهان جيڪا فلم ڏسو ٿا، تنهن جو هيرو ۽ ولين توهان سان ڳالهائين ٿا."[535]

هر ٻوليءَ جي هي خاصيت آهي تہ هڪ جاندار شيءَ وانگر ڀيئي گهٽي، وڌي ۽ تبديل ٿئي، جنهن ۾ اندروني اسبابن کي ايڏو دخل ناهي، جيڏو ٻيروني سببن کي آهي. انهن مان وڏي ۾ وڏو سبب سماجي انقلاب آهي. ٻوليءَ جو نمونو بلڪل ائين آهي، جيئن شطرنج جي راند.[536]

قومن يا سماجي گروهن جي ثقافت ابتدائي مرحلي تي ٿي سگهي ٿي. مگر اهڙي حالت سندن زبان جي ناهي. دنيا جي زبانن جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو تہ سٽاء جي لحاظ کان ٻوليون ثقافت جي مختلف مرحلن تي بہ ساڳيون پئي رهيون آهن. ٻولين مرندي گهڙيءَ تائين پنهنجي بنيادي سٽاءَ کي نہ

---

[530] آڏواڻي ڀيرومل، "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد (ڇاپو ٻيهريون) 1956ع، ص 19.
[531] Willium labox "The Social Setting of linguistic change", Social Linguistic patterns, philadephia, 1972, p-260.
[532] پروفيسر، جتوئي، علي نواز حاجن خان، "علم السان سنڌي زبان"، سنڌالاجي، ڄام شورو، ڇاپو ٻيو 1983ع، ص 15.
[533] ايضاً، ص 16.
[534] Ottojerperson, "mankind, Nation and individual linguistic point of view", Indian university press bloonigton, 1946, p-21.
[535] ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج"، سنڌالاجي، ڄام شورو 1978ع، ص245.
[536] F. de Saussure, "Course in guel linguistic", (English tran) peter Owen ltd London, 1960, p-88.

بدليو آهي. اهي قومون جيڪي تهذيب جي بنهه پهرين پد تي پهتل آهن، تن جون ٻوليون صوتيات توڙي گرامر جي لحاظ کان ترقي ڪيل قومن جي ٻوليءَ کان گهٽ منظم ۽ گهٽ پيچيديون نه آهن.[537]

پيئرسن سمٿ تان نقل ڪندي پوٽر لکي ٿو:

”انساني ٻولي عوامي پيداوار آهي. اها نه عالمن جي پيداوار آهي ۽ نه استادن جي. عالم ۽ استاد نه رڳو ٻوليءَ کي شاهوڪار بنائين ٿا، پر ٻوليءَ کي سينگاري ٿا، ادبي ٻوليءَ جي حسن جو گل بنائين ٿا، پر ٻوليءَ جون اهم ترين مکڙيون انهيءَ ڌاريءَ تي پيدا ٿين ٿيون، جيڪا پنهنجو پاڻ اپري ۽ وڌي آهي ۽ ان جون پاڙون زمين ۾ آهن. جيڪا ڪنهن به هڪ جي محنت جو نتيجو نه آهي. اهائي زمين آهي، جنهن مان ٻوليءَ کي پنهنجي تازگي ۽ غذا وٺڻ گهرجي، ٻي حالت ۾ تاريخ جي سفر ۾ اها به انهن ٻولين جيان مري ويندي، جيڪي پنهنجي عام رواجي حالت کان ڇڃي ڌار ٿين ٿيون.“[538]

هڪ ٻي راءِ هيٺ نقل ڪجي ٿي:

”انسان زمين تي انهيءَ مخلوق جو نالو آهي، جيڪا زبان جي مالڪ نه آهي پر خود ٻولي آهي.“[539]

الفريڊ ڪوهن لکي ٿو:

”سوال رڳو اهو نه آهي ته ٻولي اسان کي ٻين جي تجربن مان ڪجهه وٺي ڏي ٿي. سوال اهو به نه آهي اسان پنهنجو تجربو رڳو ٻوليءَ جي وسيلي ٻين تائين پهچايون ٿا. برابر تجربي جي منتقليءَ ۾ به ٻولي وڏو ڪم ڪيو آهي، پر ٻوليءَ جو اجا به وڏو ڪم اهو آهي ته ٻولي پنهنجو پاڻ ۾ ئي هڪ وڏو تجربو ۽ علم سمايو ويٺي آهي. رڳو هڪ اهو خزانو هٿ ڪرڻ ئي انسان لاءِ ايترو فائدي وارو آهي جو جڻ اسان کو وڏو علم پرايو آهي.“[540]

جيئن زبان ڪنهن سماجي گروهه ۾ ئي زنده رهي سگهي ٿي ۽ اهو سماجي گروهه زبان لاءِ تمام ضروري آهي. تيئن زبان به ڪنهن سماجي گروهه لاءِ لازمي شيءِ آهي. ڇوته ڪو به سماجي گروهه زبان کان سواءِ ترقي ڪري ڪونه ٿو سگهي; ان ڪري هرهڪ سماج پنهنجي سيني معاشي سرگرمين ۾ زبان وسيلي ئي اڳتي وڌي سگهي ٿو.

دنيا جون اڪثر قومون پنهنجن پنهنجن ٻولين جي لحاظ کان هڪٻئي کان جداگانه حيثيت رکن ٿيون ۽ ڪي قومون ته ٻولين جي نالن سان قائم آهن ۽ انهن ئي نالن سان پنهنجو الڳ سماجي گروهه جوڙي نامدار ٿين ٿيون، پر ڪن ملڪن ۾ ته اتان جي مختلف ٻولين ڳالهائڻ واريون ننڍيون قومون به پنهنجي ٻولين جي نالن سان سڏجن ٿيون، جيڪي سواءِ ڪنهن متڀيد ۽ جهيڙي جهڳڙي جي هڪٻئي سان گڏجي هڪ سماجي گروهه ۾ رهن ٿيون.“[541]

مثلاً: ايران ملڪ جي صوبي بلوچستان ۾ نه صرف فارسي ڳالهائيندڙ موجود آهن، بلڪ بلوچي، بروهي ۽ پشتو زبان ڳالهائڻ وارا به موجود آهن.

---

[537] R.H. Robins, “General Linguistic”, Longmans London, 1964, p-13.

[538] Simeson Potter, “language in the modern world”, (A Pelicon Book) Hegell Watson Ltd, 1960, p-178.

[539] Ruth Navda and Anghen, “language”, (An enquiry into its meaning and function) Harper and brother (n.y), 1957, p-3.

[540] Alfred kuhon, “The study of Society” (A multi disciplinary approach) social science (paper backu) tavistacke publication Ltd loond, 1966, p-152.

[541] غلام علي الانا، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص 41.

اهڙيءَ طرح اسان جي سنڌ صوبي ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارن کان سواءِ سرائيڪي، اردو، بروهي، بلوچي ۽ پشتو زبان ڳالهائڻ وارا به موجود آهن. جيڪي هڪ ئي سماجي گروهه جي حيثيت رکن ٿا.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي لکي ٿو:

”ڪنهن قوم ۽ ملڪ جي مادري ٻولي، ان قوم لاءِ آرسيءَ سمان آهي. جنهن ۾ ان قوم جي سماجي زندگي ۽ سڀيتا جو اولڙو ۽ عڪس نظر ايندو آهي. ٻولي ملڪ جي ماڻهن جو اهڙو هٿيار ۽ ذريعو هوندي آهي، جنهن سان قوم جو هر فرد پنهنجن احساسن، امنگن توڙي لاڙن ۽ ضرورتن کي بيان ڪري سگهي ٿو.“[542]

ٻوليءَ جي وصف بابت ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

”زبان خيالن جي اظهار جو وسيلو آهي.“[543]

پر ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو:

”جديد لسانيات جا ماهر ان وصف کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.“[544]

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو هن سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

”ڳالهائڻ کان سواءِ اشارن ۽ رمزن، مهميزن ۽ ميڇن سان به اظهار ٿي سگهي ٿو.“[545]

ٻوليءَ جي عمل جو به هڪ مقصد ٿئي ٿو. اهو مقصد آهي ته هڪ انسان پاڻ جهڙين ٻين انسانن سان ذهني طور لاڳاپي ۾ له وچڙ ۾ اچي، پر انسان کي هر ويڙهو ايئن سمجهڻ نه گهرجي ته ٻولي هڪ ذهني وسيلو آهي، جنهن سان خيال منتقل ڪري سگهجن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ته ڳالهائڻ وارن جي گفتگوءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن وٽ ڳالهائڻ جو مقصد هر ويڙهو خيال ڏيڻ نه آهي، جنهن جو مطلب هي ٿيو ته هو هر ويڙهو ڪا معنيٰ منتقل ڪرڻ نٿا چاهين: بلڪ خود هيءَ غير مقصديت واري عملي چرپر به ٻوليءَ جي ترقيءَ جو سبب بڻجي ٿي.[546]

ٻولي خاص انساني عمل آهي ۽ اهو خيالن، جذبن ۽ خواهشن جي اظهار جو هڪ غير جبلتي طريقو آهي، پنهنجي انهيءَ ڪم جي لاءِ ٻولي اهڃاڻن جي هڪ خودساخت سرشتي کان مدد وٺي ٿي، جنهن شيءِ کي اسان ٻولي ٿا چئون، سا ته اهڃاڻن جو هڪ وڏو هتڙادو ۽ خود ساخته سرشتو آهي.[547]

هڪڙي لحاظ کان ٻولي آداب ۽ شعبي جيان هڪ سرشتي جو نالو آهي. ٻولي انساني ڪارڪردگيءَ جو تمام اهم حصو آهي، جيڪو روايت ۽ ڪلچر تحت رهي ٿو.[548]

حقيقت ۾ انساني اظهار جو ذريعو صرف زبان نه بلڪ هٿ، پير، مٿو اکيون به ذريعي جي حيثيت رکن ٿيون. جن وسيلي انسان پنهنجي خيالن جو

---

[542] مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مهاڳ: ”لاڙ جي لغات“ از: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو زيب ادبي مرڪز 1975ع، ص 1.

[543] گربخشاڻي، هوتچند، ڊاڪٽر، ”مقدمه لطيفي“، اسلاميه پريس سکر، 1950ع، ص 13.

[544] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”ادبي اوسر“، سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد، 1963ع، ص 126.

[545] ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، ”ٻولي ۽ آواز“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1972/1ع، ص 173.

[546] “Encyclopaedia Britanica”, Ency: Britanica Carp: 1961, vol. x, p-696 (chapter of language).

[547] Sapir Edword, “language”, (An introduction to the study of speach), Har- court Brace, 1949, p-8-11.

[548] Simson potter, “language in the modern world”, (A. pelican book) Hazell Watson “Ltd, 1960, p-175.

مڪمل طور اظهار ڪري سگهي ٿو. گونگا ۽ ٻوڙا پنهنجن هٿن پيرن، توڙي منهن ۽ اکين جي مدد سان به پنهنجي دل جو راز ٻين تائين پهچائين ٿا ۽ انهن عضون کي زبان بدران استعمال ڪن ٿا.

ان سلسلي ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي لسانيات جي ڪتابن جي حوالي سان مختلف ماهرن جا هيٺيان ست نظريه پيش ڪيا آهن:

1. ٻو ؤو وارو نظريو.
2. ڦوهه- ڦوهه وارو نظريو.
3. ڊنگ ڊانگ وارو نظريو.
4. يو- هي- هو وارو نظريو.
5. اشارن وارو نظريو.
6. سر تار وارو نظريو.
7. ميل جول وارو نظريو.[549]

انهن نظرين جي وضاحت ڪندي هو لکي ٿو ته: انسان منڍ ۾ حيوانن جي آوازن ۾ نقل ڪرڻ سکيو هوندو. هن آوازن ۾ ڪتي جي "ڀئون ڀئون" ٻليءَ جي "ميائون ميائون" ۽ ڪانءَ جي "ڪانءَ ڪان" جا آواز سکيو هوندو. اهڙيءَ طرح ٻين نظرين مان انسان خوشي ۽ غم جي موقعي تي؛ هو ها، هي. سڏ ڪرڻ لاءِ گهنڊ جو آواز وڄائڻ، گڏجي ڪم ڪرڻ وقت گونگن وانگر هٿن، پيرن، منهن ۽ اکين سان اشارا ڪرڻ، سر ۽ ڳائڻ جهڙي ڏکي آواز ڪڍڻ ۽ باهمي ميل جول ذريعي رڙيون يا سڏ ڪري آواز پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ذريعي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو هوندو.[550]

ٻوليءَ جي وجود ۾ اچڻ جي سلسلي ۾ سڀ کان اهم سوال هي آهي ته ٻولي هڪدم هڪ ئي دفعي سان وجود ۾ آئي يا بتدريج آهستي آهستي، جاين جي تبديلي يا ڦيرن گهيرن سان سڌرندي موجوده صورت اختيار ڪئي.

هن سلسلي ۾ ايرڪ لينيبرگ جو رايو آهي ته: ٻوليءَ واري قوت، انسان ذات کي هڪ خاص ڏات طور عطا ٿي، پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪو به دماغي طور اپاهج انسان (vata rate human being) ٻولي سکي ڪونه سگهندو يا جيڪڏهن اهڙن ماڻهن مان ڪو ٻچل ٽٽل ٻولي ڳالهائي سگهندو هوندو ته صوتي صرفي لحاظ کان هو سؤ في صد صحيح نه ڳالهائي سگهندو. لينيبرگ جو خيال آهي ته: ٻوليءَ جو وجود انسان ذات جي وجود سان شروع ٿيو آهي. هت اهو عرض به ڪري ڇڏجي ته دماغي طور ماڻهو اپاهج تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن سندس تنتي سرشتو ڪم ڇڏي ڏيندو آهي. جيڪڏهن دماغ جون تنتون زبان کان ڪٽيل هونديون ته اهو ماڻهو گونگو ٿي ويندو آهي. البته اڄڪلهه دماغ جي تنتن جي آپريشن ذريعي تنتون زبان سان ڳنڍيون وينديون آهن ته اهو ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي.

هن نظريي تي غور ڪبو ته اهو اسان کي سيني نظرين کان وڌيڪ صحيح ۽ وزندار لڳي ٿو ڇو ته انسان ذات جي شروعات حضرت آدم عليه السلام کان ٿي آهي، جنهن سان قدرتي طرح پيدا ڪندي ئي ڳالهائڻ جي ڏات عطا ڪئي ويئي ۽ رب پاڪ طرفان ساڻس گفتگو ڪندي ڪٽڪ جي وڻ کان پري رهڻ جي هدايت ڪئي هئي. (ڏسو قرآن شريف).

---

[549] پروفيسر، جتوئي، علي نواز حاجن خان، "علم السان سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1983ع، ص 26.

[550] پروفيسر، جتوئي، علي نواز حاجن، خان "علم السان سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1983ع، ص 26.

بهرحال اشارن سان ڳالهه ڪرڻ ۽ جسماني حرڪتن سان ڪو مفهوم ادا ڪرڻ ڪنهن وقت لسانيات جي علم ابلاغ جي حدن کان ٻاهر هئا. اڄڪلهه جسماني ٻولي (باڊي لئنگئيج، مٿيا لئنگئيج ۽ پئرا لئنگئيج جا مطالعا نفسيات، لسانيت، علم ابلاغ جي حدن اندر اچي ويا آهن."[551] انهيءَ کان علاوه چهري جا تاثرات به ڳالهائيندا آهن، جنهن کي Facial expressions چيو ويندو آهي. اهو به هڪ ٻوليءَ جو قسم آهي.

مٿين بحث مان معلوم ٿيو ته انساني زبان اڪيلي سر خيالن جي اظهار لاءِ ڪافي نه آهي، بلڪ ان کي وڌيڪ واضح ۽ چٽو سمجهائڻ لاءِ جسم جي ٻين عضون کان به مدد وٺڻي پوي ٿي.

هن دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ هر انسان پنهنجي سماج جو هڪ جزو هوندو آهي ۽ انهيءَ سماج ۾ هو ٻين انسانن سان پنهنجي زبان جي ذريعي لڳ لاڳاپو رکي ٿو. ان سان هو پنهنجا سماجي مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ڇو ته زبان کان سواءِ ڪنهن به انساني معاشري کي سمجهڻ مشڪل بلڪ ناممڪن آهي. زبان ذريعي ئي هڪ انسان جي پيچڻ تي ٻئي انسان جي وراڻي ملي ٿي. اهوئي سبب آهي جو زبان کي تهذيب ۽ ثقافت جو بنياد سمجهيو وڃي ٿو.

لسانيات جي ماهر بلوم فيلڊ لکيو آهي: "هر ڪا قوم زبان جي عمل سان ٿي بڻجي."[552]

سر ايڊورڊ لکي ٿو:

"ٻولي انسان جو محض غير جبلتي يعني سکيل يا حاصل ڪيل طريقو آهي، جنهن سان انسان اهڃاڻن جي وسيلي خيال جذبا ۽ خواهشون ٻين تائين پهچائي ٿو."[553]

شيلي لکي ٿو:

"ٻوليءَ جي وصف هيئن به آهي ته اها عادتن جو هڪ سيٽ آهي، جيڪو هر ماڻهو ٻالجتيءَ ۾ ئي پنهنجي ٻوليءَ جي قوميت مان سکي ٿو. عادتن جو اهو سيٽ ڪِن. خاص آوازن جي پيدا ڪرڻ مان نهي ٿو. انهن خاص آوازن کي فونيم (Phonems) ٿو چئجي. اهي فونيم وري ٻوليءَ جي ٻين سرشتن مورفيم (morpheme) جي صورت وٺن ٿا."[554]

جيئن ڪا به زبان هڪ قومي ثقافت جو اهم جزو آهي، بلڪ بڻ بنياد آهي، تيئن انهيءَ ثقافت جو آئينو پڻ آهي. سندس لفظن جو ذخيرو ۽ انهن جي استعمال جو طريقو ٻڌائيندا آهن ته سندس ڳالهائيندڙن جي قومي ثقافت ڇا آهي. منجهن ڪهڙا علوم ۽ فنون رائج آهن. سندن ريتون رسمون ۽ قائدا قانون ڪهڙا آهن ۽ اهي ڪيتري قدر پنهنجا لفظ ۽ ٻين کان اڌارا ورتل آهن؟ سندن دلي ۽ ذهني ڪيفيت ڪهڙي آهي؟ مطلب ته ڪنهن قوم جو ثقافتي سرمايو سندن زبان مان ظاهر ٿيندو آهي.[555]

ان ڪري ڪنهن انساني معاشري جي سمجهڻ لاءِ سڀ کان اڳ ان جي زبان جو مطالعو ڪرڻ تمام ضروري آهي، ڇو ته قومن جا طور طريقا ۽ اٿڻي ويهڻي انهن جي زبانن مان ئي معلوم ڪري ٿي سگهجي.

---

[551] چنڊ، محمد عمر، "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1985ع، ص 58.

[552] Bloom field, "language george allen Unwin london, 1961, p-42.

[553] Sapir Edward, "Language", (An introduction to the study of speech) Harcourt, 1949, p-7.

[554] Shily, J-T Editor, "The Dictionary of World literary Terms", George Allen and Unwin London, 1955, p-246.

[555] پروفيسر، جتوئي، علي نواز، "علم السان سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1983ع، ص 10-11.

زبانن مان قومن جي نہ صرف ثقافت جو پتو پوي ٿو بلڪ انهن جي ماضي ۽ حال جو احوال بہ ملي سگهندو آهي. زبانن ۾ قومن جي تاريخي دؤرن ۽ تهذيب و تمدن جا آثار نظر ايندا آهن. زبان جي معرفت ئي قومون دنيا ۾ ترقي ڪري ٿيون سگهن. جيستائين ڪنهن قوم جي زبان ترقي ڪونہ ٿي ڪري، ايستائين اها قوم ترقي يافتہ سڏجي ڪونہ ٿي سگهي.

زبان کان سواءِ قلم جي نوڪ مان نڪتل لفظ بہ ٻوليءَ ۾ شمار ٿين ٿا ۽ ڪيترا وات مان نڪتل آواز ٻوليءَ جو حصو ٿي ڪونہ ٿا سگهن.

ٻوليءَ جي وصف بابت ماڻهن جي عملي ڪوجنائن کان وڌيڪ اهم تہ ماڻهن جو اهو رڪارڊ آهي، جيڪو ماڻهن جي خيالن، نظرين ۽ محسوس ڪرڻ جي طريقن جو آهي. ڪابہ تاريخ اهڙي دلچسپ ۽ اهم نہ آهي جهڙي انسان جي روح جي انهيءَ تاريخ کي هڪ وڏ value ۽ هڪ مقصد آهي ۽ اها تاريخ انسان کي لفظن جي ايپاس مان ملي ٿي، جنهن جو مقصد آهي، انهيءَ تاريخ کي سمجهائڻ ۽ ان کي ڪنهن واضح پس منظر ۾ رکڻ.[556]

ٻولي ان وقت ٿهي ٿي، جنهن وقت اسان شخص (person) ٿياسون ۽ اسان انسان واري انهي تهذيبي منزل تي پهتاسون، جنهن جي خصوصيت آهي.[557]

ٻولي جمالياتي عنصرن جي هڪ نموني ۾ صوتياتي عنصر، موزونيت وارا عنصر، اهڃاڻوي عنصر ۽ ٻوليءَ جي جوڙجڪ وارا عنصر شامل آهن. هي سڀ عنصر اهڙا آهن، جو اهي هر ٻوليءَ ۾ جدا ٿين ٿا ۽ ڪن بہ ٻن ٻولين ۾ هڪجهڙا ڪونہ ٿين ٿا.[558]

نتيجا:

مٿين بحث مان اسان کي معلوم ٿيو تہ ٻولي نہ صرف وات مان نڪرندڙ ڪنهن مطلب ذريعي آوازن کي چئي سگهجي ٿو بلڪ ڪنهن مقصد ۽ مفهوم کي واضح ڪرڻ ۽ پنهنجن معاملن توڙي مسئلن کي ٻين تائين پيش ڪرڻ لاءِ جسم جي مختلف حصن کان بہ ڪم ورتو پوي ٿو جنهن ۾ قلم جو استعمال سڀ کان اهم حيثيت رکي ٿو جنهن ذريعي قومن جي تاريخ ۽ جاگرافي، علم ۽ ادب، تهذيب ۽ تمدن، رسم ۽ رواج، مطلب تہ زندگيءَ جي هر هڪ پهلو تي روشني وجهي، پنهنجي مقصد کي پري پري تائين پهچائي سگهن ٿيون.

ان کان علاوه اڄ جي سائنسي دؤر ۾ فلم، ريڊيو ٽي. وي، ٽيپ رڪارڊر، وڊيو ٽيليپرنٽر، ڪمپيوٽر، سگنل ۽ مصوري بہ ٻوليءَ جو حصو سمجهيا وڃن ٿا. جن ذريعي انسان پڙهڻ لکڻ، سمجهائي ۽ سيکاري سگهجي ٿو. بلڪ لفظن ۽ شڪلين ذريعي فن ۽ فڪر، مزاح ۽ محبت، ڏاهن ۽ للڪار، همدردي ۽ خلوص جو اظهار بہ ڪري سگهجي ٿو. پراڻي زماني ۾ ڌُهلن جا ٺيڪا، جبل تي ٻاريل مچ، وڻن تي ڏنل وڍ، ويران علائقن ۾ ٻوٽن تي ٻڌل اڳڙيون ۽ پيرن جا نشان بہ ٻوليءَ طور ڪم ايندا هئا. موجوده وقت ۾ جهنڊا، روڊن تي لڳل نشان ۽ سگنل وغيره ٻوليءَ طور ڪم ايندا آهن.

غور ڪبو تہ اهي سڀ شيون انسان پنهنجي وجود جي اظهار لاءِ ذريعي طور استعمال ڪري ٿو. حقيقت ۾ جنهن شيءِ کي سائنس يا ڪو علم چئجي اها بہ انساني گويائي جي هڪ حصي جي حيثيت رکي ٿي. ڇاڪاڻ تہ قوت گويائي يا اظهار جو وسيلو ٻولي هوندي آهي، ان ڪري هر انسان لاءِ ٻولي ٻين سڀني معاملن کان وڌيڪ اهم آهي.

لساني جاگرافي:

ٻوليءَ جي وصف سمجهڻ کان پوءِ اسين لساني جاگرافي جي مطالعي سان ڏسنداسين تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ ٻولي جنهن مخصوص ايراضي

---

556 Ogan Peassal Smith "words or Idioms", Constable and Co,Ltd London, 1928, p-vii (Introduction).
557 Joseph R. keller, "Linguistic Theory and the Study of English", (A. selectire outline) Burgers publishing co: 1963, p-1
558 Spair Edward, "Language", (An Introduction to the study of Speech) Harcourt, Brace, 1949, p-4.

اندر ڳالهائي ويجي ٿي ۽ مخصوص لفظي ۽ محاوراتي تبديلين (variables) جو سبب بڻجي ٿي. تنهن کي علم السان ۾ لسانياتي جاگرافيءَ جو نالو ڏنو ويجي ٿو. لساني جاگرافيءَ جي مطالعي لاءِ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڄاتل سڃاتل حدن اندر مختلف ايراضين يا علائقن ۾ يا مختلف سماجي پنگتن ۾ موجود انهن آراڏاين يا اختلافن جو ذڪر اچي ويجي ٿو جيڪو اپپاس واري دؤر ۾ مطالعو ڪندڙ کي ڏسڻ يا ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

مڪ ڊيوڊ جي وصف موجب, "لسانيات جي اها شاخ جيڪا ڪنهن ٻوليءَ جي اهميت ايراضيءَ (جي حدن) اندر (موجود) فرقن سان واسطو رکي, ان کي لنگئسٽڪ جاگرافي يا ڪڏهن ڪڏهن ڊايالڪٽالاجي سڏجي ٿو.[559]

پروفيسر جتوئي علي نواز حاجن خان لسانياتي جاگرافيءَ جي سلسلي ۾ لکي ٿو:

"هر زبان کي هڪ ملڪ ٿيندو آهي, جنهن جي گهٽ يا وڌ ايراضي ٿيندي آهي. انهيءَ ايراضيءَ اندر هڪ ئي زبان جا مختلف محاورا جدا پاڻ ۾ هوندا آهن, جن مان هرهڪ کي اتان جي ٻوليءَ جي مقامي لهجي کي Dialect سڏبو آهي.[560]

هرهڪ ملڪ ڪيترن ئي ثقافتي ۽ سياسي دؤرن مان گذرندو آهي, جڏهن ڪو ملڪ غلام ٿيندو آهي تہ اتان جي زبان حاڪم قوم جي زبان کان متاثر ٿيندي آهي, جيڪڏهن حاڪم قوم گهر ڪري ويهندي آهي تہ پوءِ جيڪي بستيون اها قوم اتي وسائيندي آهي, تن بستين ۾ مقامي ٻولي ۽ حاڪمن جي ٻولي ملي هڪ نئين ٻولي پيدا ڪنديون آهن, جنهن ۾ حاڪمن جي ٻوليءَ جا اثرات چٽا ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

جيڪڏهن حاڪم قوم گهڻائي ۾ هوندي آهي تہ ان جي ٻولي اتي رائج ٿي ويندي آهي ۽ مقامي ٻوليءَ کان متاثر ٿي نئون لهجو پيدا ڪندي آهي, جيڪڏهن حاڪم قوم ٿوري تعداد ۾ هوندي تہ سندن زبان درجي بدرجي ختم ٿي ويندي آهي يا رڳو گهرن اندر باقي رهندي آهي, جڏهن ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي بنياد تي ڌارين ٻولين جي جُزن کي تبديل ڪندا آهن. تڏهن اهڙي تبديليءَ جي بنياد کي هيٺيون طبقو (substraum) سڏبو آهي, پر جي ڌارين ٻوليءَ جي جُزن جي بنياد تي پنهنجي ٻوليءَ کي تبديل ڪن, تڏهن اهڙي بنياد کي مٿيون طبقو (super straum) سڏبو آهي. پاڙي واري ٻوليءَ جي قبول ڪيل بنياد کي گڏيل طبقو (Ad straum) سڏبو آهي.[561]

ساڳي ئي زبان مختلف محاورن ۾ ڳالهائڻ ڪري, انهن ماڻهن, خطن ۽ مڪانن کي لساني جاگرافيءَ جي دائري ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

ويبسٽر پنهنجي ڊڪشنريءَ ۾ لساني جاگرافيءَ جي وصف هيئن ڪري ٿو:

"Linguistic geography, local or regional variations a language or dialect studied as a field of knowledge, is also called dialect geography"[562]

ٻوليءَ جي انهيءَ ڦيرڦار ۽ محاورن جي اختلاف جي حد جتان شروع ٿئي ٿي, انهيءَ کي لساني جاگرافيءَ جي حد ۽ محاوري کي مقامي ٻولي يا اپڀاشا چيو ويندو آهي. هرهڪ زبان کي مختلف محاورا هجڻ هڪ فطرتي امر آهي, ڇوتہ هرهڪ زبان ٻئي زبان سان سرحدي هوندي آهي. ان سرحد کي لساني جاگرافيءَ ۾ شامل ڪري ٿو سگهجي. اهڙيءَ طرح انهيءَ سرحد جي وچ ۾ جيڪڏهن آمد و رفت جو سلسلو وڏن ٻهاڙن ۽ جبلن سبب بند آهي يا

---

[559] Mc David Crystal, "What is Linguistics", Edward Arnold both, 1964, p-485.

[560] پروفيسر, جتوئي, علي نواز حاجن خان, "علم السان سنڌي زبان", انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ڄامشورو 1983ع, ص 154.

[561] جتوئي, علي نواز حاجن خان, "علم السان سنڌي زبان", انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ڄامشورو 1983ع, ص 155.

[562] چنڊ, محمد عمر, "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون", زيب ادبي مرڪز, حيدرآباد, 1985ع, ص 27.

بلڪل گهٽ آهي ته ٻئي ٻولين هڪ ٻئي کان متاثر ڪونه ٿينديون ۽ پنهنجي لساني جاگرافيءَ جون حدون ظاهر ڪري ٻيهنديون. پر جيڪڏهن ڪا به رڪاوٽ ڪونه هوندي ته پوءِ لازمي طرح سرحدن جي آسپاس ٻنهي ٻولين جو اثر هڪٻئي تي ٿيندو رهندو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ٻولين جا محاورا ٻنهي ملڪن اندر وجود ۾ اچي ويندا ۽ ٻنهي ٻولين جي لساني جاگرافيءَ جي حد ٻنهي ملڪن اندر متاثره حد تائين ليکي ويندي. مثال طور هندستان ۽ پاڪستان جي سنڌ سان لاڳو سرحدن تي ٻنهي طرفن جون سنڌي ۽ هندي ٻوليون هڪٻئي تي اثر انداز ٿينديون پنهنجو اثر رسوخ اڳتي وڌائي چڪيون آهن ۽ سنڌي زبان هندستان جي راجستان علائقي جي حدن اندر پنهنجو اثر رسوخ وڌائي چڪي آهي. اهڙيءَ طرح سرحد پار ٻولين جو پرواري سنڌي محاوري تي اثر پيو آهي. اهڙي حالت ۾ ٻولين جي لساني جاگرافيءَ جون حدون يا ليڪون ٻنهي ملڪن جي سياسي حدن اندر ليکيون وڃن ٿيون.

باريڪ بينيءَ سان ڏٺو وڃي ته، هر شخص جي ٻوليءَ جو طريقو بلڪل پنهنجو ۽ نرالو آهي، جنهن کي ذاتي زبان (I dialect) چئبو سگهجي ٿو. مگر اها آوازي صرفي ۽ نحوي نگاهه کان ٻين جي ذاتي زبان کان نرالي نه هوندي آهي. جيڪي انهيءَ جا پاڙيسري، ڳوٺاڻا، شهري يا ويجهڙائيءَ وارا هوندا آهن. سچ پچ ته زبان نه رڳو هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين بدلجي ٿي، پر هر طبقي کان ٻئي طبقي تائين به ڦري ٿي.[563]

جنهن حد تائين اتان جي رهاڪن جي ٻولي بنا ڦيرڦار جي هلندڙ هجي، انهيءَ حد تائين ٻوليءَ جو هڪ محاورو سڏبو آهي. جنهن حد کان ٻوليءَ ۾ ڪجهه ڦيرو معلوم ٿئي، انهيءَ حد کان ٻوليءَ جو ٻيو محاورو سڏبو. ائين هر ٻوليءَ جا ٻه يا ٻن کان وڌيڪ محاورا هوندا آهن. جن کي مقامي محاورا يا اپڀاشائون سڏبو آهي. انهن مقامي ٻولين مان ڪا به هڪ ٻولي جيڪا علم و ادب جي لحاظ کان ٻين مقامي ٻولين تي ڇانئجي ويندي آهي ۽ جنهن کي پڙهيل طبقو عام طرح سان استعمال ڪندو آهي، تنهن کي معياري زبان (standard dialect) سڏبو آهي. روايت طور ۽ رسمي طرح زبان سان تختگاهه جي پڙهيل ماڻهن جي زبان کي معياري زبان جو نمائندو سڏيو وڃي ٿو ۽ ٿورڙن ماڻهن جي ٻوليءَ کي ننڍي زبان چئجي ٿو.[564]

جنهن سماج ۾ جيتريون ذاتيون ۽ طبقا هوندا آهن، منجهن اوترا لساني تفاوت موجود هوندا آهن. انهن تفاوتن کي علم و ادب مٿائي ٿو ڇوته ادبي زبان عام ٿيندي آهي ۽ عام زبان ادبي زبان ٿيندي آهي.[565]

مقامي طور ٻولين جا ڪيترائي محاورا هوندا آهن. مثلاً: ڪنهن ملڪ ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون يا هڪ ملڪ هڪ کان وڌيڪ ٻولين وارن صوبن تي مشتمل آهي ته پوءِ اهڙي حالت ۾ ان ملڪ جي مرڪزي ٻولي آسپاس وارين ٻولين جي اثرن سبب مختلف محاورن ۾ ورهائجي ويندي، جن جي حدن کي لساني جاگرافيءَ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.

جديد لسانيات جي علم ۾ لساني جاگرافي وڏي اهميت رکي ٿي، ڇوته ان ۾ ٻوليءَ جي مقامي تفاوتن کي وڏي اهميت حاصل آهي. تحقيقات مان ثابت ٿيو آهي ته مقامي ننڍيون ٻوليون يا انهن جا آواز ۽ صرفي نمونا زبانن جي ڪنهن پراڻي دؤر سان لاڳاپيل هوندا آهن. سندن سڃاڻ جا ڪيترائي روپ ٻين ٻولين جي روپن سان گڏجڻ سببان بدلجي چڪا هوندا آهن.[566] تنهنڪري لساني جاگرافيءَ جو مطالعو ۽ اڀياس زبان جي تاريخ مرتب ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو ۽ اندروني بازتعمير (Reconstruction Internal) ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. لساني جاگرافي هن نتيجي جي پنيرائي ڪري ٿي ته مختلف لساني ڦير ڦارون ايراضيءَ جي مختلف پاڳن تي ڇانيل

---

[563] Robert. A. Hall, "Introductry linguistics" Chittonbooks Philadephia New yark, 1964, p-68.
[564] R.H. Robins, "General linguistics", Longmans London, 1964, p-51.
[565] E. H. Sturtevent, "Lingustic change", Phonix books chicayo, 1962, p-156.
[566] L. Bloomfield, "Language", George Allens Union London, 1961, p-322.

هونديون آهن.[567]

بلڪ ائين ڪٽي چئجي تہ هر صوتي، صرفي ۽ نحوي خصوصيت کي هڪ ايراضي آهي، تنهنڪري هر لفظ کي پنهنجي تاريخ آهي.[568]

لساني خطي جون اهي ننڍيون ننڍيون ايراضيون جيڪي آمد و رفت کان الڳ الڳ آهن، تن ۾ پراڻن (Relic) روپن جي قائم هجڻ جو وڏو امڪان آهي ۽ انهن کي ڳولي لهڻ لساني جاگرافيءَ جو ڪم آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ مڪاني نالا جهڙوڪ: شهرن، ڳوٺن ۽ محلن جا نالا، قديم لساني روپن جو پتو ڏين ٿا. اهي نالا مشڪل سان تبديل ٿيندا آهن. تنهنڪري اهڙن نالن جو لساني جائزو وٺڻ ٻوليءَ جي تاريخ سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. لساني شباهتن جو پکڙجڻ سماجي حالتن تي مدار رکي ٿو.[569] تنهنڪري لساني جاگرافي انهن غير لساني ڳالهين جو پتو ڏئي ٿي، جيڪي لساني صورتن تي اثرانداز ٿين ٿيون. لساني تبديليون لساني ايراضيءَ جي ڪنهن بہ هنڌان پيدا ٿي سگهن ٿيون ۽ اتان ٻاهر پکڙجن ٿيون.[570]

اهي تبديليون ڪهڙن رستن تان ڪهڙين طرفن کان پکڙجن ٿيون، سو ڳولي لهڻ لساني جاگرافيءَ جو ڪم آهي، ان ڪري هيئن چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ هرهڪ محاوري کي صوتي، صرفي يا نحوي لحاظ کان پنهنجي هڪ ايراضي هوندي آهي، جنهن کي لساني جاگرافيءَ جو حصو چئي سگهجي ٿو.

لساني جاگرافيءَ جي تحقيق لاءِ ٻہ مکيہ طريقا آهن: هڪ هي تہ هر ننڍي ٻوليءَ جي لغت تيار ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ڳو اهي لفظ درج ڪيا ويندا آهن، جيڪي ٻين ننڍين ٻولين ۾ نہ هوندا آهن. انهن جي اُچارن ۽ معنائن کي چڱيءَ طرح سان ۽ چٽيءَ طرح درج ڪبو آهي. ٻيو طريقو هي آهي تہ هر ننڍي زبان جو گرامر تيار ڪبو آهي. ٽيون طريقو هي آهي تہ وڏي زبان جو اٽلس ۽ صوتياتي خواهہ نحوياتي خصوصيتن جي ورچ الڳ الڳ نقشن ۾ ڏيکاري وڃي، ان لاءِ تہ انهيءَ ورچ کي پيٽي سگهجي. اهي نقشا جيتري قدر ذري پرزي هوندا آهن، اوتري قدر پيٽ ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آهي ۽ نتيجن ڪيڻ ۾ سولائي ٿيندي آهي.[571]

هر ننڍي زبان ۾ جيڪڏهن صوتياتي، صرفياتي يا لغوياتي بدل صورتون هونديون آهن ۽ انهن جي معنيٰ ۾ ڦير نہ هوندو آهي تہ انهن تي خاص توجهہ ڏبو آهي، چوتہ اُهي ٻوليءَ جي تاريخ سان لاڳاپيل هونديون آهن.

انهن نقشن سان گڏ اهڙا ڪتابڙا بہ تيار ڪبا آهن، جي انهن نقشن ۾ درج ٿيل نشانن جي وضاحت ڪندا آهن.[572]

ڪن نقشن ۾ لساني ليڪون (Isoglosses) درج ٿيل هونديون آهن، جيڪي امتيازي شباهتن وارن هنڌن کي پاڻ ۾ ملائينديون آهن. اهي لساني ليڪون جيڪي گڏوگڏ هڪ طرف کان هلن، سي هڪ وڏي تاريخي ڪارروائيءَ جي ثابتي ڏينديون آهن.[573] ان ڪانسواءِ اها لساني ليڪ جا ساري ايراضيءَ کي ذري گهٽ هڪ جيڏن حصن ۾ ورهائي يا هڪ ڪافي حصو ڏياري سا انهيءَ لساني ليڪ کان زياده اهميت واري هوندي آهي، جا ڪن ڳوٺن واري حصي کي ڦري ايندي آهي.[574]

ان مان ثابتي ملي ٿي تہ ان رستي تان ملڪ جي آمد و رفت گهٽي ٿي آهي.

---

[567] Ibid.
[568] Ibid, 328.
[569] L. Bloomfield, “Language”, George Allen Union London, 1961, p-345.
[570] E.H. Sturvant, “Lingustic Change”, Phonix Book Chicago, 1962, p-149.
[571] جتوئي، علي نواز حاجن خان، ”علم السان سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1983ع، ص 159.
[572] ايضاً، ص 159.
[573] L. Bloomfield, “Language”, George Allen r Unwin ltd London, 1962, p-345.
[574] Ibid, 343.

ٻوليءَ جي لسانياتي (محاورائي) جاگرافيءَ جي مسئلن تي پهريون (۽ شايد هيل تائين آخري) ڪم گريئرسن جي لنگوئسٽڪ سروي آف انڊيا آهي. جيتوڻيڪ هن ڪم ۾ اڄڪلھ جي لساني جاگرافيءَ جي ڪم جي ضرورتن ۽ طريقءِ ڪار جي لحاظ کان گهڻيون اوڻايون نظر اچن ٿيون، پر اهو انهيءَ ڪري جو هن ڪم جو نمونو ئي الڳ هو ۽ انهيءَ سبب ڪري ئي هن ڪم جو نالو لنگوئيسٽ جاگرافيءَ بدران لنگئيسٽ سروي آهي.[575]

لساني جاگرافيءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪيا ويا آهن، جن تي ڪم ڪرڻ سان لساني جاگرافي وضاحت ۽ سهڻي نموني سان پيش ڪري ٿي سگهجي. ان ۾ مختلف قسم جا نقشا پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ مختلف طريقن سان لفظن جي حدن جي نشاندهي ڪري ڏيکاري ويئي آهي. پهرين قسم جي نقشي ۾ پنيوريءَ ڪي آمريڪا جي مختلف علائقن ۾ جدا جدا نالن جي وضاحت سان ڏيکاريو ويو آهي (ڏسو نقشو پهريون). ٻئي قسم جي نقشي ۾ تيلائين پاڻيٺ يعني گرليس ڪي آمريڪا جي مختلف علائقن ۾ مختلف نموني اچارڻ بابت وضاحت ٿيل آهي (ڏسو نقشو ٻيو). جڏهن ته ٽئين قسم جي نقشي ۾ ڪنهن گرامر جي لفظ جي صرف نحو يا صوتياتي فرقن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ لفظ ”تون“ يا ان جي جمع ”توهان“ يا ”اوهين“ جي استعمال جي وضاحت ڪيل آهي (ڏسو نقشو ٽيون).[576]

مٿي بيان ڪيل نقشن ۾ ڏنل لفظن جي فرقن تي غور ڪبو ته اسان کي ڪنهن ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ بابت ڪافي معلومات ملي سگهندي ۽ ان تي ڪم ڪرڻ لاءِ مختلف قسم جا طريقا حاصل ٿي سگهندا.

لساني جاگرافيءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ جيئن ڪنهن وڪر وهائڻ مهل ساهميءَ جي هڪڙي پڙ ۾ تور جو وٽ وجهبو ۽ ٻئي ۾ ان وکر جو ڳپل جنهن کي تورڻو هوندو تيئن ٻوليءَ جي آراڊاين (فرقن يا اختلافن) جي جانچ پڙتال لاءِ ماپي جي هڪڙي پاسي ڪوبہ هڪ لساني ڦرڻو رکبو ۽ ٻئي پاسي رکبو علائقائي يا سماجي ڦرڻي جو اهو وٽ، جنهن سان ان لساني آراڊائيءَ کي ماپڻو هوندو. لساني ڦرڻا ٿيندا. لفظن جا اختلاف، اُچارن جا فرق، ترڪيب جون آراڊايون ۽ علاقائي يا سماجي ڦرڻا ٿيندا. علائقا، ڳالهائيندڙن جي سماجي حيثيت، تعليم، عمر، جنس، ڪنهن مذهب يا ذات تي ٻڌل پنگتي گروهہ، گفتگوءَ جو موقعو ۽ انداز وغيره اهي سيئي علائقائي توڙي سماجي ڦرڻا (variables) هميشہ علائقائي ۽ وقت جي ڦرندڙ يا هڪ ساريکين بندشن (Constraints) جي پارڪن تي پرکيا ويندا.[577]

لساني جاگرافيءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ نقشن ذريعي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ ڏيکارڻ گهرجي ۽ ان جي مختلف محاورن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ ان نقشي ۾ هر هڪ محاوري لاءِ الڳ الڳ رنگ پرڻ گهرجي تہ جيئن لساني جاگرافيءَ جو مطالعو ڪندڙ آسانيءَ سان سمجهي سگهي تہ ڪهڙو محاورو ڪهڙن علائقن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. ان کان علاوه معياري محاوري جي مختلف لفظن جي لڙهي تيار ڪجي، جنهن ۾ ان جي ٻوليءَ جي مختلف محاورن جي آراڊاين ۽ فرقن کي ظاهر ڪرڻ گهرجي. لفظن جي لڙهي اهڙي نموني ترتيب ڏجي، جيئن هر هڪ لفظ جي سامهون مٿان ٻوليءَ جي محاورن جا نالا هجڻ گهرجن ۽ هيٺ نمبر وار هر هڪ لفظ کي محاورن جي هيٺان رکڻ گهرجي تہ جيئن هر هڪ محاوري جي فرق کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي.

نتيجا:

لساني جاگرافيءَ جي مٿين بحث مان اسان کي معلوم ٿيو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لساني جاگرافي پيش ڪرڻ لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪرڻ

---

[575] چنڊ، محمد عمر، ”لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڊايون“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1985ع، ص 28.

[576] ايضاً، ص 14/16.

[577] چنڊ، محمد عمر، ”لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڊايون“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1985ع، ص 14_16.

گهرجن تہ جيئن ان ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جو آسانيءَ سان مڪمل مطالعو ڪري سگهجي:

1. ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۽ انهن جي مقرر حدن جي نشاندهي ۽ ٻين ٻولين جي اثرن تي بحث.
2. ٻوليءَ جي ڄاتل سڃاتل حدن اندر مختلف محاورن ۾ موجوده مختلف لفظن جي آراڏاين ۽ اختلافن تي بحث.
3. ٻوليءَ جو مختلف محاورن جو صوتيات، صرف ۽ نحو جي روشنيءَ ۾ جائزو.
4. ٻوليءَ جو لساني نقشو.
5. محاورن جو نقشو.
6. ڪنهن مخصوص لفظ جي نقشي ذريعي وضاحت.
7. ڪنهن گرامر جي لفظ جي فرقن جي نقشي ذريعي وضاحت.
8. ڪنهن جانور، جيت يا پکيءَ جو نالو مختلف صورتن ۾ هجڻ بابت نقشي ذريعي وضاحت.
9. ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ اندر مختلف محاورن جي حدن جي مختلف رنگن ذريعي نشاندهي.
10. ٻوليءَ جي مختلف محاورن جي لفظن جي لڙهي جو چارٽ.
11. ٻوليءَ جي مختلف محاورن جي جملن جو چارٽ.
12. ڪنهن هڪ ٻوليءَ تي ٻي ٻوليءَ جا اثر.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جو مطالعو ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن مٿين طريقن موجب جائزو پيش ڪبو تہ مطالعو ڪندڙ آسانيءَ سان ان ڪي سمجهي سگهندو.

هن وقت تہ حال اهو آهي جو روزانو ڪيترائي انگريزيءَ جا ٽيڪنيڪل لفظ ٻين ٻولين ۾ شامل ٿي ويندا آهن. انهيءَ ڪري انگريزي ٻوليءَ لاءِ 'Dictatorship of English' جهڙا محاورا لکڻ پڙهڻ ۾ استعمال ٿين ٿا.

محاورا ۽ ننڍا محاورا:

ٻولي حقيقت ۾ هڪ بي انت سمنڊ جي مثل آهي، جيڪو هر وقت ڇوليون هڻندو نظر اچي ٿو. انهن ڇولين سبب هو پنهنجن ڪنارن جي ڪيترين شين کي پنهنجي لڳاتار جهٽڪن سان ڳاري ڳوري ڪنارن وٽ مختلف رنگ اختيار ڪرائي ٿو. سندس تيز طوفاني ڇوليون ڪٿي ڪٿي پنهنجن حدن (ڪنارن) کان ٻاهر نڪري وڏي ايراضيءَ کي پنهنجي اثر ۾ آڻي، انهن کي بہ پنهنجي حدن ۾ شامل ڪريو ڇڏين.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ان سلسلي ۾ لکي ٿو: "ٻولي هڪ سمنڊ جي مثل آهي. سمنڊ جي ساحل تي ويهي نهارڻ سان ڏسبو تہ پاڻي جي لهرن ۽ ڪنارن جي ڪائنات (ڪوڏن ۽ ڪرڪٽن، پٿرين، ٻوڙن جي ذرن وغيره) جي وچ ۾ عمل درعمل جو عجيب نظارو نظر ايندو آهي. ڪناري جي ڪيترين ئي شين کي لهرن پنهنجي مسلسل پيٽ چپيٽ سان ڳاري پاڻيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي. ڪٿي وري سپيرن جا ڍير ۽ واريءَ جا ڍڳ، سمنڊ آڏو سينو سپر ڪيو بيٺا آهن، جنهن ڪري پاڻي پنهنجو پاڻ اڳتي اڇلڻ کان رڪجي ويو آهي، ڪناري جي ڪنهن پاڱي سان تہ وري ايڏا جبل آهن جو پاڻيءَ جي اڇل جو اثر مٿن تمام ٿورو آهي. ساڳيءَ طرح زنده ٻوليءَ جو درياهہ بہ پنهنجي سرحدن وٽ موجون هڻي ٿو پوءِ يا تہ پنهنجي زرخيز پاڻيءَ سان پرواري ٻوليءَ جي ايراضيءَ

ڪي آباد ڪري پنهنجي پيچ هيٺ آڻي ڇڏيو ته اٿل ڪري ان ڪي پنهنجو ڪچو ڪوچو بڻائي ڇڏيو ۽ ان ڪي پائيندڙ تي پائي ڇڏيو ۽ ان سرزمين جي اصلي صورت ئي بدلائي ڇڏي ٿو.“[578]

اهڙيءَ طرح ٻوليون پنهنجين سرحدن تي ملن ٿيون، جتي هڪٻئي تي ان ميلاپ سبب اثرانداز ٿين ٿيون ۽ ميٺ محبت سبب زنده ٻولي پنهنجي ذاتي اثر رسوخ ۽ زوربار سان ٻي ٻوليءَ جي سرحد ٽوڙي ان جي اندرين ايراضين تي پنهنجو اثر وڌائي، ان تي پنهنجو رنگ چاڙهي ٿي. ان کان علاوه پنهنجي پر واري ٻوليءَ کي ريجهائي پرچائي هميشه لاءِ پنهنجو ڪري ڇڏي ٿي. اهڙيءَ طرح ٻنهي ٻولين جي حدن اندر ٻنهي ٻولين جا محاورا وجود ۾ اچي وڃن ٿا.

اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون ته ڪنهن به سماجي گروهه ۾ هڪٻئي سان تعاون يا لهه وچڙ لاءِ انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي ٻولي سڏجي ٿو. جيئن ته هرهڪ انسان ڪنهن نه ڪنهن سماجي گروهه جي هڪ فرد جي حيثيت رکي ٿو پر ساڳي وقت هو ڪڏهن ڪڏهن هڪ کان وڌيڪ گروهن ۾ شامل هوندو آهي، سندس سماجي ۽ معاشي معاملن جو مدار ڪنهن زبان تي هوندو آهي. ڇوته زبان کان سواءِ ڪنهن به انساني معاشري کي سمجهڻ ناممڪن آهي. زبان ۽ سماجي گروهه هڪٻئي لاءِ لازمي حقيقتون آهن.

ڪي قومون ٻوليءَ جي لحاظ کان سجاتيون وڃن ٿيون ته ڪي قومون پنهنجن علائقن جي لحاظ کان سجاتيون وڃن ٿيون. اهوئي سبب آهي جو اڪثر قومون ٻولين توڙي علائقن جي لحاظ کان هڪٻئي کان عليحده حيثيت رکن ٿيون، پر ڪن ملڪن ۾ مختلف ٻوليون ڳالهائڻ واريون قومون پنهنجين ٻولين جي نسبت سان نندين قوميتن جي حيثيت رکن ٿيون.

هي حقيقت آهي ته ڪنهن به هڪ علائقي جا ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ به ماڻهو هڪجهڙو ڪونه ڳالهائي سگهندا آهن. انهن جي ڳالهائڻ ۾ ٿورو گهڻو فرق محسوس ڪيو ويندو آهي. هن سلسلي ۾ جونزڊي لکي ٿو: ”ڪٿي به ماڻهو هڪجهڙو ڳالهائي نه سگهندا آهن. چاهي اهي ساڳي خطي ۽ ماحول جا ڇونه هجن.“[579] انهن ٻنهي ماڻهن جي جهيلار ۽ اُچار مان ڇڱيءَ طرح ٻوليءَ جي فرق جو پتو پوندو. نه صرف اهو بلڪ ڪوبه ماڻهو جدا جدا موقعن تي ساڳيو جملو هڪ ئي نموني سان نه ڳالهائي سگهندو.

محاورا:

ٻوليءَ جي انهن تفاوتن ۽ فرقن کي لسانيات ۾ وڏي اهميت حاصل آهي، ڇوته جڏهن ان قسم جي فرقن ۽ ڦيرن تي غور ڪبو ته اسان کي معلوم ٿيندو ته اهي ننڍا ننڍا فرق فردن کان گروهن تائين ۽ گروهن کان قومن تائين پهچي هڪ مخصوص نالو اختيار ڪن ٿا، جنهن کي محاورو يا اپڀاشا (Dialect) چيو وڃي ٿو.

جدا جدا محاورا وري ننڍن محاورن (Idialect) ۾ تقسيم ٿي وڃن ٿا، جن ۾ هڪ ئي گروهه جي ماحول ۾ رهندڙ باشندن جي ڳالهائڻ مان فرق محسوس ٿيندو آهي. مثلاً: لاڙ ۾ بلوچ قوم واري ماحول ۾ ڪم ايندڙ سنڌي محاورو، سومرا قوم واري ماحول ۾ ڪم ايندڙ سنڌي محاوري کان لساني نقطه نگاهه کان جداگانه حيثيت رکي ٿو.[580]

---

[578] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو“، مهراڻ جون موجون، پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي، 1964ع، ص 25_226.

[579] Jones, D, “An Outline of English Phonetics” Cambridge W. Heffer & Sons Ltd, 1960, p-11.

[580] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص 6.

لسانيات جي آوازن سان جانچ ڪرڻ ڪان پوءِ ماهرن کي معلوم ٿيو آهي ته ڪي به ٻه ماڻهو بلڪل هڪجهڙو ڪونه ٿا ڳالهائي سگهن.[581]

هي هڪ حقيقت آهي ته، ڪن به ٻن ماڻهن جي گفتار هڪ جهڙي نه هوندي آهي ۽ هرهڪ ماڻهوءَ جي اُچارن ۾ فرق کي واضح طور محسوس ڪري ٿو سگهجي.[582]

سنڌ ۾ ٻوليءَ جي لهجي (Dialect) کي لکڻ وقت اڪثر محاورو چيو ويجي ٿو جڏهن ته ڳالهائڻ جي جهيلار ۽ ٽون کي لهجو چيو ويجي ٿو پر ڪي محقق (Dialect) کي لهجو لکن ٿا. لهجي تي نظر ٿي وجهجي ته پائنجي ٿو ته چپ جي چوٽي، چپ- آواز ڳالهائڻ جو انداز ٽون (Tone) ايڪسينٽ ۽ جهيلار ڪان ويندي منهن مهانڊي چهري (The face, Continence visages) واريون معنائون به ”لهجة“ مان نڪرن ٿيون. پر وڏي ڳالهه ته ٻولي، ڊايالڪٽ اڊيم ۾ ايڪسينٽ واريون معنائون به هن نظريي مان نڪرن ٿيون. بهترين دليل جيڪو ”لهجة“ کي ”ڊايالڪٽ“ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ ڏيئي سگهجي ٿو سو اهو ته هانز ويهر (1972ع) واري ڊڪشنريءَ ۾ اهائي معنيٰ ڄاڻائي آهي ۽ ظاهر آهي ته هن زماني جي سيني ڪان وڌيڪ مستند ۽ سيني ڪان پوءِ (تازي) اهائي ڊڪشنري آهي.[583]

ڊايا ليڪٽ واريون آراڏايون اهي آهن، جيڪي لفظن جي ڪنهن فرق يا گرامر جي ڪنهن فرق يا ٻنهي جي گڏيل فرقن مان پڌريون ٿين ۽ ايڪسينٽ واريون آراڏايون اهي آهن، جيڪي ڳالهائڻ جي اُچارن (تلفظ) مان پڌريون ٿين، ان ڪري هر جملو ڪنهن نه ڪنهن ڊايالڪٽ ۾ چيل يا لکيل آهي، پوءِ اهو ڪنهن معياري ڊايا ليڪٽ ۾ هجي يا غير معياري ۾، پر جڏهن وات پٽي، زبان کولي ڳالهائبو يا لکيل شيءِ کي ڪنهن به انداز ۾ پڙهبو يا ورجائبو ته اهو ڪنهن نه ڪنهن ايڪسينٽ ۾ چئبو. توڙي اهو ايڪسينٽ ڪو معياري هجي يا غير معياري، علائقائي هجي يا غير علائقائي.[584]

بحرحال مٿين بحث ۾ حوالن مان اسين هي نتيجو ڪڍي سگهون ٿا: ”محاورو (Dialect) ڪنهن به ٻوليءَ جي انهن فرقن يا آراڏاين کي چيو ويجي ٿو، جيڪي لفظن توڙي گرامر جي استعمال مان ظاهر ٿين، جڏهن ته ”لهجو“ (ايڪسينٽ) ڪنهن به ٻوليءَ جي ڳالهائڻ، تلفظ جو طريقو جهيلار (Tone) يا پرونسيئشن، بلڪ ڪاوڙ يا پيار ۽ محبت جي انداز ۾ ڳالهائڻ جي انداز کي چيو ويجي ٿو. ان جي باوجود ٻهراڙيءَ جا اڻ پڙهيل ڳوٺاڻا محاوري کي لهجو به عام طور سڏين ٿا، جيڪو ڊايالڪٽ جي ٻئي نالي جي حيثيت رکي ٿو.

محاورن جي تقسيم جا سبب:

ڪنهن ٻوليءَ جي محاورن جي تقسيم جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا، جن ۾ ڪي ٻاهرين اثرن وارا ته ڪي اندرين اثرن وارا شامل آهن.[585] جن جي ڪري ٻولين ۾ مختلف قسمن جا محاورا قائم ٿين ٿا. تلفظ جو فرق طبعي حالتن سبب ٿئي ٿو ۽ مختلف سماجي گروهن جي تلفظ ۾ به تفاوت ٿئي ٿو. ٻاهرين اثرن سبب هڪ گهر جي ڀاتين جي تلفظ ۾ به فرق ڏٺو ويو آهي. لساني تبديلين جي لاءِ خاص طور سماجي حالتن کي محرڪ ڄاتو ويجي ٿو.[586]

---

581 Jones. D, “An Outline of English Phonetics”, W. Heffer & Sons Ltd. Combridge, 1960, p-11.
582 R. H.Robins, “General Linguistics”, Longmans London, 1964, p-50.
583 چنڊ، محمد عمر، ”لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڏايون“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1985ع، ص 45.
584 ايضاً، ص 46_49.
585 R. H. Robins, “General Linguistic”, Longman London, 1964, p-299.
586 Bloomfield, “Language”, Allen r unwin London, 1961, p-345.

ٻارن کي مائٽن کان هڪ تلفظ ورثي ۾ ملي ٿو ۽ راند جي ساٿين کان هو ٻيو تلفظ اختيار ڪري ٿو.[587] اهڙيءَ طرح سماجي رهڻي ڪهڻي ۽ طور طريقن ۾ ٿيندڙ ڦير گهير بہ ٻوليءَ تي اثر انداز ٿئي ٿي،[588] جنهن سان محاورا وجود ۾ اچن ٿا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو: ”محاورن جي تقسيم ۾ سماجي حالتون اولين حيثيت رکن ٿيون. اهي ٻار جيڪي مهذب ۽ تعليم يافتہ گهرن ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ سندن ميل جول ٻين مهذب تعليم يافتہ ڪٽنبن جي ٻارن سان ٿئي ٿو. اهڙن ٻارن جي زبان معياري، مهذب ۽ اعليٰ طبقي واري زبان ڪوٺي ويندي آهي. لسانيات جي ماهرن اهڙي لهجي (محاوري) کي جو سرڪاري طور اسڪولن، نشر و اشاعت، سرڪاري اطلاعن ۽ ڪورٽن، اسيمبلين توڙي مهذب ماڻهن ۾ استعمال ٿئي ٿو ان کي معياري لهجو (standard dialect) سڏيو آهي. ملڪ جي سرڪاري ٻولي ان محاوري کي تسليم ڪيو ويندو آهي.[589]

انگلينڊ ۾ جيڪا زبان سرڪاري طور ملڪ جي زبان تسليم ڪيل آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ (standard English) چون ٿا. اها انگلينڊ جي ٻين خطن سان اُچار جي طريقي ۾ گهڻو اختلاف رکي ٿي، جيڪا انگريزي موجوده وقت سرڪاري طور ملڪي زبان آهي، ان کي ڏاکڻين علائقي جي انگريزي (Southern English) بادشاهي انگريزي Queens English بہ چوندا آهن. شاهي زبان جي هئڻ ڪري انگلينڊ جي ڏاکڻين محاوري کي معياري زبان هئڻ جو فخر حاصل آهي.[590] ان مان ثابت ٿيو تہ سماجي حالتن ۾ سماجي گروهن جو هر هڪ ملڪ جي زبان تي وڏو اثر ٿئي ٿو.

محاورن جي تقسيم لاءِ ٻيو وڏو سبب جاگرافيائي حالتون آهن.[591] جيئن تہ هر هڪ ملڪ پنهنجي پرواري ڪنهن ملڪ سان دنگئي هوندو آهي، جنهن سبب هر هڪ زبان پرواري ٻي زبان سان دنگئي هوندي آهي. انهيءَ سرحدن کان ٿيندڙ اچ وڃ جو سلسلو ٻولين ۾ فرق جو سبب بڻجي ٿو جتان ٻنهي ملڪن جي ٻوليءَ ۾ محاورا قائم ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح ڪنهن هڪ ئي ملڪ ۾ موجوده هڪ کان وڌيڪ ٻولين وارن علائقن ۾ بہ ٻيا محاورا وجود ۾ اچن ٿا.

محاورن جي تقسيم جو ٽيون وڏو سبب حاڪمن جي ٻوليءَ ۽ سياسي حالتون آهن.[592] مثلاً: ڪا قوم ڪنهن ٻي زبان وارن تي قبضو ڪري،[593] جهڙيءَ طرح هندستان تي جڏهن انگريزن جو قبضو ٿيو تہ ملڪي زبان تي انگريزي زبان جي اثرن سبب هندي ۽ سنڌي زبانون متاثر ٿيڻ شروع ٿيون ۽ حاڪمن جي ٻولي ۽ رعيت جي ٻوليءَ ۾ فرق محسوس ٿيڻ لڳو. اهو فرق خاص طور سرڪاري ماڻهن ۾ ۽ ٻهراڙيءَ جي رهواسين ۾ نمايان طور نظر اچڻ لڳو.

مختلف دؤرن ۾ مختلف علائقا هند ۽ سنڌ سان گڏبا يا ڪٽبا رهيا آهن. مثلاً: موجوده سنڌ کان ٻاهريان علائقا جهڙوڪ: ڪڇ، گجرات، راجستان، بهاولپور، ملتان ۽ بلوچستان جا علائقا سنڌ سان گڏجڻ سبب سنڌي زبان ۾ ڪڇي، ٿري، ماڃڪي، چغدالي، فراڪي، ڪيتراڙي، ڪوهستاني، لاسي ۽ جدگالي محاورا وجود ۾ آيا. جيتوڻيڪ اهي هن وقت سياسي ۽ انتظامي لحاظ کان جدا آهن. ان هوندي بہ لساني حدبنديءَ جون ليڪون (Isoglosses) سياسي حدون ڏيکاريندڙ ليڪن کان اڳتي نظر اچن ٿيون.

---

[587] Hocket C.F, "A Course in Modern Linguistic", Machillan & co: NewYork, 1960, p-321.

[588] Hary Flectcher Scot "Language and its Growth", Scotferimen co: Chicago, 1921, p-14.

[589] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”ادبي اوسر سنڌي زبان“، پبليڪيشن، حيدرآباد، 1967، ص 130.

[590] Jones .D, "An English Phonatic Dictionary", Deat London, 1966, Introduction.

[591] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1979ع، ص 19.

[592] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1979ع، ص 11.

[593] پروفيسر، جتوئي علي نواز حاجن خان، ”علم السان سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو 1983ع، ص 163.

محاورن جي تقسيم جو چوٿون وڏو سبب ويجھڙائيءَ وارن علائقن جي رهواسين جي اچ وڃ،[594] باهمي شاديون مراديون، سماجي ميل جول ۽ رسم و رواج آهن. جن سببن ڪري ٻوليون هڪٻئي تي اثرانداز ٿينديون. نون محاورن جي وجود جو سبب بڻجن ٿيون. اهوئي سبب آهي تہ ٻولين جي محاورن جي وضاحت ڪندي ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي لکي ٿو تہ: ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي“.[595]

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکي ٿو: ٻارهن ڪوهہ تہ نهيو ڇهن ڪوهن تي بہ ٻوليءَ ۾ فرق آهي.[596] لاڙجي لغات ۾ هو لکي ٿو تہ: هرهڪ ماڻهو جو پنهنجو عليحده ذاتي لهجو (dialect) آهي.[597]

جڏهن تہ منهنجو بہ اهوئي مشاهدو آهي تہ هرهڪ ماڻهوءَ جو پنهنجو محاورو آهي، جنهن کي اسين مقامي يا ننڍا محاورا (Slangs) بہ چئي سگھون ٿا. هن حقيقت لاءِ هي مثال ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان تہ منهنجي گھر جي 12 ڀاتين ۾ لفظ ”منهنجو“ ڇهن نمونن يعني: مُنهنجو مَنهنجو مانجو مونجو مُنجو مِنجو ۽ مينجو طور ڳالهايو ٿو وڃي، تنهن مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جا جيترا ڳالهائيندڙ موجود آهن، اوترا ئي اُن جا محاورا ٿي سگھن ٿا.[598]

هن سلسلي ۾ هاڪيٽ چوي ٿو:

”فرانس، اٽلي، جرمن ۽ انگلينڊ جي هر ڳوٺ يا ٻن ٽن ڳوٺن جي گروهن کي پنهنجو مقامي محاورو آهي.[599]

اهڙيءَ حالت ۾ محاورن جو صحيح طرح تعين ڪرڻ مشڪل بلڪ ناممڪن آهي، تنهنڪري محاورن جي صحيح طرح شناخت ۽ تقسيم جي تعين ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ جي واضح فرقن ۽ علائقن جي واضح حدبندين کي ڪسوٽي بڻائي محاورا مقرر ڪرڻا پوندا، جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگھبو تہ هي محاورو هن علائقي ۾ ڳالهايو وڃي ٿو.

مثلاً: سبيءَ جي آسپاس جي ”فراڪي محاوري جي ڪجھہ لفظن مان حرف ”د“ حذف ڪيو وڃي ٿو ۽ ”پڙهندو“ يا ”لکندو“ لفظن کي پڙهنو يا ”لکنو“ طور استعمال ڪجي ٿو. هي سلسلو سبيءَ سان لاڳاپيل علائقن کانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ علائقي ۾ ڪونہ ٿو نظر اچي، ان ڪري ان علائقي کي هڪ محاوري لاءِ مخصوص ڪري ٿو سگھجي.

ننڍا محاورا:

ڪنهن مخصوص محاوري جي مقرر حدن اندر ڪنهن ننڍي سماجي گروهہ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ کي ننڍو محارو (slang) چيو وڃي ٿو ڇوتہ ان سماجي گروهہ جي پنهنجي ٻوليءَ جو اثر وڏي محاوري جي ٻوليءَ تي پوڻ لازمي آهي. انهن ننڍن محاورن کي مقامي محاورا بہ چئبو آهي، ڇوتہ جدا جدا وڏا گروهہ وري ننڍن گروهن ۾ تقسيم ٿي وڃن ٿا. ايتري قدر جو هڪ گروهہ جي حدن ۾ رهندڙ باشندا هڪٻئي سان ساڳي يا ملندڙ جلندڙ محاوري ۾ ڳالهائيندا آهن ۽ پنهنجي ماحول يا راڄ کان ٻاهر ڪم ايندڙ محاوري کي پنهنجو نہ سمجھندا آهن. مثلاً: سنڌي ٻوليءَ جي جغدالي محاوري جي حدن ۾

---

[594] ايضاً ص 163.

[595] آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع، ص92.

[596] پروفيسر، جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”سنڌيون“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1970ع، ص 54

[597] پروفيسر، جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ”لاڙجي لغات“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1975ع، ص 15.

[598] بروهي، داد محمد خادم، ”سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني اڀياس“، مونوگراف ايم. اي سنڌي، سنڌ يونيورسٽي، 1984ع، ص 3.

[599] Hocket. C.F.A “A Course in Modern Linguistic”, Mac Millam Co: NewYork, 1960, p.474-477.

باغ ٽيل علائقي جي بروهين جي سنڌي ٻولي، ياڳ علائقي جي سنڌي ٻوليءَ کان لساني نقطہ نظر کان جداگانہ حيثيت رکي ٿي. ڇوتہ باغ ٽيل علائقي جي سنڌي زبان تي بروهي زبان جو زبردست اثر آهي، جڏهن تہ ياڳ جيڪو ساڳي ئي محاوري جو علائقو آهي، جي سنڌي زبان تي سرائيڪيءَ جو تمام گهڻو اثر آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو: "لهجا (محاورا) وري مقامي لحاظ کان ننڍين ننڍين گروهن ۾ محاورن (Colloquials) ۾ ورهائجي سگهجن ٿا. مثال طور ٺٽي يا ماجر جي رهاڪن کي پنهنجي پنهنجي محاوري ۾ ڳالهائيندو ٻڌي ڪوبہ لاڙي ماڻهو سهي ڪري ويندو تہ "ٺٽي" يا "ماجري" ٻولي ڳالهائي ٿو. اهڙيءَ طرح ٿر ۾ ڏيپلائين ۽ عمرڪوٽ وارن جي آواز جي جهيلار (Tone) مان صحيح ڪبو تہ هي عمرڪوٽ جو رهاڪو آهي.[600] نہ صرف ايترو بلڪ هرهڪ لهجو ۽ محاورو، ڪرت، ڌنڌي ۽ پورهئي جي لحاظ کان بہ ننڍين ننڍين محاورن ۾ ورهايل آهي. ميربحرن، مهاڻن، ٻيلائن، مالدارن، هارين نارين ۽ ڌڻولين جا مقامي محاورا ۽ ڪاري واري خطي ۾ رهندڙ جهانگين، سانگين، اوٺين ۽ مهارن جا مقامي محاورا پنهنجي پنهنجي رنگ ڪري انوکي حيثيت رکن ٿا.[601]

سبي خطي جي فراڪي محاوري جي حدن ۾ خَجڪن توڙي تلي وارن رهاڪن جي محاوري ۾ فرق نظر اچي ٿو. حالانڪ اهي ٻئي ڳوٺ هڪٻئي کان ايترو گهڻو پري ڪونہ آهن. هوڏانهن مڪران خطي جي جدگالي محاوري جي حدن ۾ ارماڙي ۽ گوادري ٻوليون بہ ننڍين محاورن جي حيثيت رکن ٿيون.

اترادي محاوري جي حدن ۾ ضلعي جيڪب آباد جي تعلقي ڪنڌڪوٽ جي ڳوٺ غوثپور ۽ تعلقي ڳڙهي خيري جي ڳوٺ دوداپور جي ٻولين ۾ ننڍين محاورن جون خصوصيتون ملن ٿيون. ننڍين ۽ وڏن محاورن ۾ جيتوڻيڪ ڪجھ فرق محسوس ٿيندو آهي، پر اهو ايترو نہ آهي، جو ان کي جدا محاوري جي حيثيت حاصل هجي. مقامي طور اهي پنهنجي اصلي محاوري جي ننڍي شاخ جي حيثيت ضرور رکن ٿا، ڇوتہ هن ۾ ڪيترائي لفظ ڪافي فرقن سان ڳالهايا وڃن ٿا، جنهن سبب انهن کي ننڍا محاورا چئجي ٿو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب ننڍين محاورن بابت لاڙجي لغات ۾ لکيو آهي تہ: ڪيترن ئي ملڪن ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جتي هڪ زبان ڳالهائي وڃي ٿي، اتي سيني ڳالهائيندڙن جو اُچار بہ هڪجهڙو نہ آهي. اِن اُچار جي فرق سان مختلف محاورا يا لهجا (Dialect) مرتب ٿين ٿا. باريڪ بينيءَ سان ڏسبو تہ هرهڪ ماڻهوءَ جو پنهنجو ذاتي لهجو (Idiolect) آهي، جيڪو مقامي ٻولي يا لهجي کان گهڻو مختلف هوندو آهي.[602]

گهڻيون ٻوليون ڄاڻندڙ ماڻهن جو تلفظ بہ هڪ ٻولي ڄاڻڻ واري جي تلفظ کان ڪجھ مختلف ٿئي ٿو ان ڪري هرهڪ ٻوليءَ جا مختلف محاورا مقامي محاورن ۾ ورهائجي وڃن ٿا، جن کي اسان وٽ عام طور مقامي محاورا چئجي ٿو.

ننڍن محاورن جي تقسيم جا سبب:

حقيقت ۾ ننڍن محاورن جي تقسيم جا سبب بہ تقريباً ساڳيا وڏن محاورن وارا ئي آهن. البتہ انهن سببن ۾ ڪجھ ٻين ننڍين سببن جو اضافو ڪئي سگهجي ٿو. مثلاً: ماڻهن جي ڳالهائڻ جو ذاتي طريقو جهيلار (Tone) ۽ لهجا ننڍن محاورن جي تقسم جا سبب آهن. ان کان علاوه ڪنهن ڳوٺ يا علائقي ۾ نَون

---

[600] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ادبي اوسر"، سنڌي پبليڪيشن، حيدرآباد، 1967ع، ص132.

[601] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص 9.

[602] پروفيسر، جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، "لاڙجي لغات"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1975ع، ص 15.

لڏي آيل ٻي ٻولي ڳالهائڻ وارن جو اثر بہ ننڍين محاورن جي وجود ۾ اچڻ جو سبب ٿي سگهي ٿو ڇوتہ جدا جدا گروهہ وري ننڍين ننڍين گروهن ۾ تقسيم ٿي وڃن ٿا،[603] جيڪي ڪنهن وڏي گروهہ واري علائقي ۾ اچي آباد ٿين ٿا. جتي مٿن ان ٻوليءَ جو لازمي طرح اثر ٿئي ٿو جيڪو انهن شهرن تائين محدود ٿئي ٿو۽ ان قوم يا گروهہ جي نالي واري ٻولي يا محاورو سڏجي ٿو.

[603] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1979ع، ص 6.

سنڌي ٻولي ۽ ان جي لساني جاگرافي

سنڌي ٻولي:

**سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، وسعت، علمي ۽ ادبي صلاحيتن ۽ ان جي ايراضيءَ کي ڏسندي، اسين چئي سگهون ٿا ته هي هڪ قديم ۽ وڏي اهميت واري ٻولي آهي. ٻوليءَ جي بڻ بنياد لاءِ قوم ۽ ان جي تهذيب ۽ تمدن جو اسان کي مختصر جائزو وٺڻو پوندو.**

**سنڌ ۾ سڀ کان اڳ کهڙيون قومون آباد هيون، تنهن بابت سڀ کان وڏيڪ وزندار رايو دراوڙ قومن جي آباديءَ وارو آهي، جيڪي بعد ۾ آيل آريا قومن جي ظلم و ستم کان تنگ ٿي وڏي تعداد ۾ اوير توڙي اولهه کان سنڌوماٿريءَ جون سڀ قومون سنڌ خالي ڪري، مختلف علائقن ڏانهن پيجي ويون. ڊاڪٽر غلام علي الانا جن ان سلسلي ۾ لکن ٿا:**

**"ڪنهن زماني ۾ هي نظريو عام هوندو هو ته، آرين جي اچڻ وقت سنڌوماٿر جون قومون خوف وچان ڪي ڏکڻ طرف پيجي ويون ته ڪي اوير طرف هليون ويون. اهو نظريو هرگز قبول ڪري ڪونه ٿو سگهجي، ڇو ته آرين جي اچڻ وقت سيني ماڻهن جو ملڪ ڇڏي وڃڻ ۽ ڪنهن جو به نه رهڻ ممڪن نه آهي. سنڌ تي حملا سدائين ٿيندا رهيا آهن، پرديسي ماڻهو سڀ جا سڀ ڪڏهن به ملڪ ڇڏي وڃڻ ۽ ڪنهن جو به نه رهڻ ممڪن نه آهي".**

**محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت سنڌ جا ڪي لهاڻا ڪٽنب سنڌ ڇڏي اوير طرف وارين رياستن بيڪانير، جيسلمير، جئپور ۽ جوڌپور وڃي ويٺا، پر سندن اڪثريت سنڌ ۾ ئي رهي، جن مان ڪي مسلمان ٿيا ۽ باقي پنهنجي هندو ڌرم تي قائم رهيا. اهڙيءَ طرح آرين جي اچڻ وقت به ڪي ڪٽنب ملڪ ڇڏي ويا هوندا، پر آباديءَ جي وڏي حصي آرين جي آڻ مڃي هوندي ۽ پنهنجي ئي وطن ۾ رهڻ پسند ڪيو هوندو. جيڪڏهن سڀ ماڻهو ملڪ ڇڏي ويا هجن ها ته پوءِ سنڌ ۾ بروهي قوم جو وجود ئي نه هجي ها. سنڌ ۾ بروهين، اوڏن ۽ ڀين قومن جو وجود ثابت ڪري ٿو ته سڀ جا سڀ ماڻهو ملڪ ڇڏي ڪونه ويا هئا".[604]**

**ان حقيقت مان ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ جون دراوڙ قومون هن خطي جون سڀ کان آڳاٽيون سنڌي قومون آهن، جن جي ٻولين کي مجموعي طرح قديم سنڌي ٻوليءَ جو نالو ڏجي ته بيجا نه ٿيندو، ڇو ته انهن قومن جي ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. بلڪ ائين چوڻ بيجا نه ٿيندو ته اهي ٻوليون قديم سنڌي ٻوليءَ جي شاخن جي حيثيت رکن ٿيون، جيڪي آهستي آهستي ان مان نڪري وجود ۾ اينديون رهيون آهن.**

**سنڌ قديم زماني کان تهذيب ۽ تمدن جو گهوارو رهي آهي. جڏهن يورپ يا پارت ورش اجا پيدا ئي ڪونه ٿيا هئا. مصر، ڪلريا ۽ يونان جو تمدن اجا ٻالڪ اوستا ۾ هو. تنهن کان پوءِ سنڌ سوين انقلاب ڏٺا، جن مان ڪي سماوي ۽ ارضي ته ڪي تاريخي هئا.[605]**

**صدين کان ٻاهران آيل قومن جي ٻولين، رسمن، رواجن، رهڻي ڪهڻي، لباس، ادب، قديم روايات، مذهب، قومي ڪردار، باهمي تعلقات، حالتن جي تقاضائن، گذر معاش، قصا، ڪهاڻيون ۽ سماجي دستور جي ميلاپ اڳتي هلي هڪ واضح سنڌي ڪلچر ۽ ٻوليءَ جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي.[606]**

**سنڌ قديم سڀيتا معلوم ٿئي ٿي. هن قديم خطي تي جڏهن اسان نظر وجهون ٿا ته اها اسان کي دنيا جي سڀ کان آڳاٽي ۽ قديم سڀيتا معلوم ٿئي**

---

[604] الانا، غلام علي، "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1974ع، ص 42.

[605] رحيمداد مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 461.

[606] سيد، جي. ايم، "سنڌي ڪلچر" نئين سنڌ پبليڪيشن، ڪراچي، ڇاپو ٻيو 1974ع، ص18.

ٿي. هن قديم خطي جون قديم قومون مختلف دؤرن ۾ دنيا جي مختلف ايراضين ڏانهن واپار توڙي گذر سفر سانگي لڏپلاڻ ذريعي وڃي آباد ٿيون، پنهنجي سڀيتا جو ڦهلاءُ ڪيو.

موهن جي دڙي واري قديم تهذيب، جيڪا 5000 ق. م جهوني هئي ۽ مصر، ڪريٽ ۽ ڪلريا جي تهذيب کان بيحد اُتم هئي، سا نئوارد وحشي فاتح آريا قوم هٿان برباد ٿيڻ لڳي ۽ سندس کنڊرن تي نئين آريائي تهذيب جي نشو نما جو بنياد پيو. آڳاٽا سنڌي جيڪي تهذيب جا علمبردار هئا، جن کان دنيا جي متمدن قومن روشني ورتي هئي، جن جي دولت ڪري سوسا، اوفير، اُر بابل ۽ نينوا جا خزانا معمور هئا، سي آرين جي وحشي قوم جا غلام بڻجي ويا. سندن ترقي ۽ دولت کي ڏسي معتصب آريا ڌڪار ۽ نفرت سان کين ”دسيو“ سڏڻ لڳا. اها قوم جنهن جي معاشي نظام ۽ معاشي فلسفي ٻين قومن تي اثر وڌو، جنهن جي نظام تمدن ۽ معاشرت جي شڪل ۽ تصورن کي زماني جا انقلاب مٽائي نه سگهيا، جنهن قوم جي اخلاقي نظريي ۽ قانون کي ٻين قومن تسليم ڪيو. جنهن قوم جي مٿيلن آثارن کي ماهرن ڏسي تسليم ڪيو ته وطن مالوف آڳاٽي زماني ۾ تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ اڳ تهذيب جو گهوارو هو.[607]

بئبلونيا جي رهاڪن ۽ يهودين وٽان مصر ملڪ جي ماڻهن کي سنڌ جي ململ جي سڌ پئي ته اهي به سنڌ ملڪ سان واپار ڪرڻ لڳا. ڊيوڊ مئڪفرن پنهنجي ڪتاب ’آئلسن آف ڪامرس‘ (Annels of Commerce) ۾ ڄاڻايو آهي ته مصر ملڪ جا جهاز پاتال بندر (سنڌ) تائين ويندا هئا.[608]

سنڌ جو نالو ايرانين وٽان يونانين به ٻڌو. بئبلونيا وارو پاسو سنڌوماٿر جي قديم ”پڻي“ (وڻجارن) لوڪن ۽ ڪن دراوڙن وسايو هو ۽ اهي پوءِ پورب ڏي وڻج واپار ڪرڻ ويندا هئا. جنهن ڪري يونانين سنڌ جو نالو انهن کان به ٻڌو هجي ته عجب ڪونهي. بهرحال اها پڪ آهي ته قديم ايرانين ۽ يونانين کي سنڌ جي اعليٰ سڀيتا ۽ شاهوڪاريءَ جي سڌ اول کان هئي ۽ اهوئي سبب آهي، جنهن ڪري ايرانين ۽ يونانين سنڌ تي ڪاهه ڪري اهو ڀريو ڀاڳيو پرڳڻو ڪجهه وقت لاءِ پنهنجي قبضي ۾ ڪيو هو.[609]

اسان جا اهي سرويچ واپاري جن مان ڪي اصل سنڌوماٿر جا پڻي ته ڪي ڏکڻ هندستان جا دراوڙ هئا، سي پوءِ يورپ ڏي وڌي بنهه اتر ڏي اسڪئنڊينيويا تائين به ويا ۽ پنهنجي سڀيتا جو اوڏانهن به ڦهلاءُ ڪيائون. بئل ديوتا جي پوڄا سامهاديو جي لنگ جي پوڄا جو هڪ نمونو آهي ۽ سنڌوماٿر جا شوي آريه لوڪ ۽ ڏکڻ هندستان جا دراوڙ لوڪ لنگ جا پوڄاري هئا. اهي ئي اسان جي سنڌوماٿر جا پڻي هئا، جن يونان ۾ پنهنجون بينڪون وڌيون ۽ يونانين کي پنهنجي سڀيتا جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيائون.[610]

انهن وڻجارن مان ڪي اسان جا سنڌي هئا، جيئن هن وقت سنڌ جا ڪي مغل پيين ملاح تعلقي جاتيءَ جي پريان ڪوري ڪاري مان لنگهي ڪڇ جي نار کان ملبار وڃن پيا. تيئن اڳي اها واٽ وٺي ويندا هئا. هڪ پاسي ملبار ڪناري تي بئي پاسي ايراني نار ڏي ونگيون ۽ جهاز هاڪاري شام جي ملڪن سان وڻج واپار ڪندا هئا.[611]

اولهندي ايشيا ڏي سنڌوماٿر وارن آرين جون بينڪون هيون، تنهن لاءِ گهڻيون ثابتيون مليون آهن، پر ميسوپوٽيميا وارن تي ”سمير“ نالي پوڻ

---

[607] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن سنڌ“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 42.

[608] آڏواڻي، ڀيرومل، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 384.

[609] آڏواڻي ڀيرومل، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 384.

[610] ايضاً، ص 388.

[611] ايضاً، ص 389.

بابت ڏيهي توڙي يورپي عالمن ڪجهہ بہ ڪونہ ڄاڻايو هو. انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا توڙي ڪن تاريخن مان ايترو معلوم ٿئي ٿو تہ، ڪنهن قديم زماني ۾ ڪي لوڪ ميسو پوٽيميا ۾ اچي رهيا. سندن اصل نسل جو پتو ڪونهي، پر اهي ”شمير“ (shumer) سڏجڻ ۾ آيا ۽ انهن مان ”سميرين“ نالو نڪتو. انسائيڪلوپيڊيا ”سميرين“ لفظ جي سري هيٺ ائين بہ ڄاڻايو آهي، تہ عيسائين جي انجيل ۾ ”شمير“ بدران ”شنر“ (Shiner) نالو ڪم آيل آهي. ۽ هي ساڳيا ئي نالا آهن. انجيل ۾ ڪم آيل ”شنر“ لفظ بابت پوڪوڪ صاحب پنهنجي ”انڊيا ان گريس“ (India ingress p. p. 45_47) ۾ ڄاڻايو آهي تہ اهو آهي ”سنڌور“ يعني سنڌوندي جا رهاڪو.[612]

ميسوپوٽيميا جا رهاڪو ”شمير“ (Shumer) ۽ سميرين (Sumarian) سڏجڻ ۾ آيا. سو نالو ائين پيو ياڻئجي تہ جيڪي آريا لوڪ اصل ۾ اتر قطب طرف سمير پربت (ميرو پربت) تي رهندا هئا ۽ پوءِ سنڌو ماٿر ڏي آيا، تن مان ڪي ”پڻي“ (وڻجارن) لوڪن سان گڏجي بئبلونيا ۽ ڪئلڊيا ڏي ويا ۽ ميسوپوٽيميا ۾ پنهنجون بيٺڪون وڌايون. اهي تازا سمير پربت کان آيل هئا، تنهنڪري خود ميسوپوٽيميا تي ”شمير“ (سمير) نالو پيو ۽ اتي جا رهاڪو ”سميرين“ سڏجڻ ۾ آيا ۽ شمير جو اُچار پوءِ سيميٽڪ قوم وارن ڦيرائي شنر ڪيو ٿو سڏجي. ٻنهي حالتن ۾ ائين ئي چئبو تہ اهي اسان جي سنڌوماٿر جا رهاڪو هئا، جن ميسوپوٽيميا وارو پاسو وسايو ۽ سنڌو سڀيتا جو اوڏانهن ڦهلاءُ ڪيو.[613]

گنگارام سمراٹ لکي ٿو:

جيستائين ڀارتي سنسڪرتيءَ جي سنسار ۾ ڦهلاءُ جو واسطو آهي، سنڌ جو درجو ان ۾ مهان آهي. صدين جي انيڪ آڪرمڻن (حملن) سبب سنڌي جاتي (Community) جو روپ رنگ بدلجي ويو. پرڪرتي جي اٽل پٽل سنڌونديءَ جو روپ بدلي وڌو. ليڪن جڏهن اڄ ويجهي دؤر ۾ بہ اسان ڏسُو آهي تہ ان ئي سنڌ جي مٿين حصي کان ترڪستان ۽ روس تائين ۽ سنڌو جي هيٺين ڪناري کان ايران، عرب ۽ آفريڪا تائين ڀاڻ ڦهلايو آهي، تڏهن سنڌ لاءِ شرڌا جو سمنڊ اٿلي ٿو پوي.[614]

هندو ڌرم جو بنياد جن اصولن تي ٻڌل آهي، سي بہ ڪنهن هڪ ڄڻي جا جاري ڪيل ۽ ڦهلايل ناهن. اهو ويدڪ ڌرم آهي ۽ ويدن جون رچنائون گهڻن رشين جون چيل آهن. جيئن جيئن کين الهام ٿيويا سرسَوتيءَ تي ٻولايو تيئن تيئن ئي ٻوليائون. آڳاٽين رشين مان ڪي اول سنڌونديءَ جي ڪنڌي تي تہ ڪي سرسَوَتيءَ ۽ پنجاب جي ندين جي ڪنڌن تي رهندا هئا، تنهنڪري هنڌو ڌرم ۾ هندو سڀيتا جا اوائلي ماڳ سنڌ ۽ پنجاب آهن، جن مان بہ سنڌو نالو اهڙو برک هو جو هندو ڌرم، هندو جاتي ۽ سڄو هندستان اڄ تائين ”سنڌو“ (هندو) نالي پنيان سڏجن ٿا.[615]

سپت سنڌو ديس يعني اسان جي پراچين سنڌڙي اهو ديس آهي، جتي آرين جي نسل جو درخت ڦٽي وڌو ٿيو ۽ پوءِ دنيا جي جدا جدا ڀاڱن ۾ پکڙيو.[616] سنڌو جنهن کي ايرانين پنهنجي لهجي ۾ هندو ڪوٺيو اهو نالو سڄي هندستان تي پئجي ويو جيڪو اڄ تائين قائم آهي.[617]

---

[612] آڏواڻي ڀيرومل، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 389.
[613] ايضاً، ص 379.
[614] گنگارام سمراٹ، ”سنڌو سئو وير“، سمجهپور بوگها، احمد آباد، (ڀارت)، 1979ع، ص 51.
[615] آڏواڻي، ڀيرومل، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 379.
[616] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ تمدن“، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع، ص 35.
[617] ايضاً، ص 36_37.

قديم ايراني لوڪ سنڌوماٿر (پنجاب ۽ سنڌ) کان پري ڪونہ ويا. تنهنڪري جيڪو ملڪ ڏٺائون تہ آريا لوڪ والاري ويٺا هئا. تنهن کي هندستان يعني (هندو+ آستان) سڏيائون. مطلب تہ "هندوستان" لفظ جي اصل معنيٰ هئي (سنڌوندي وارو ملڪ). قديم ايرانين وٽان قديم يونانين کي هندستان جي سڌ پئي. اسڪندراعظم سان جيڪي تاريخ نويس آيا تن بہ سنڌوماٿر ۾ رهندڙن کي سڏيو "سنڌو (هندو)" پر اچار ڦيرائي ڪيائون. انڊو انڊوئي (Indoi) ندي کي سڏيائون "انڊوس" (Indus) ۽ سڄي ملڪ کي سڏيائون انڊيا (India). ائين هڪڙي سنسڪرت لفظ "سنڌو" جا اُچار لئٽن ٻوليءَ ۾ ڦري "انڊس" ۽ "انڊيا" ٿيا.[618]

ٽورن لفظن ۾ چئبو تہ سنڌ لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سنڌونديءَ جي ماٿري" جنهن ۾ سڄو پنجاب اچي ٿي وڃو. "سنڌو" (هندو) لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سنڌونديءَ جي ڪناري تي رهندڙ" ۽ نہ "ڪارو" يا "چور" جيئن ڪي غلط طرح سمجهن ٿا ۽ "هندستان" لفظ جي اصل معنيٰ هئي "سنڌوندي وارو ملڪ"، خود سنسڪرت ساهت ۾ سنڌو يا سئنڌو جي معنيٰ آهي "سنڌوماٿر جو رهاڪو". آڳاٽا آريا لوڪ پوءِ اتر هندستان کان وڌي ڏکڻ هندستان ڏي ويا ۽ اتي بہ وڃي ٻينڪون وڌائون تہ اهو سڄو ملڪ ڪشمير جي مٿين ڀاڱي کان وٺي ڪپ ڪامورن تائين "هندستان" سڏجڻ ۾ آيو[619] ۽ اڄ تائين پوري دنيا ۾ انڊيا (India) نالي پيو سڏجي.

محترم تاج صحرائي اين. جي مجمدار جي حوالي سان لکي ٿو:

"هن سرزمين تي بہ انساني سڀيتا جا آثار ۽ اهڃاڻ ملن ٿا. هتي بہ انسان جي بنيادي ۽ مُنڍ واري فڪر ۽ عمل جون اهڙيون ئي ساکون ۽ شاهديون ملن ٿيون، جن جي مدد سان انسان ذات سموري متمدن دنيا ۾ پنهنجي منزل ۽ مقصد ڏانهن وڌي آهي. مگر مکيہ تفاوت جو سنڌ ۽ ٻين ملڪن وچ ۾ آهي، سو هي آهي تہ سنڌو جي تاريخ ۽ تهذيب ۾ تسل آهي. مصر، سمير، اڪاد، بابل، اسيريا ۽ ايران جون قديم تهذيبون گهڻو اڳي مري کپي ويون ۽ انهن تهذيبن جا هن وقت فقط داستان ۽ يادگار بچيا آهن ۽ انهن جي تاريخن کي فقط علمي ۽ ادبي اهميت حاصل رهي آهي، مگر سنڌ جي تاريخ سڀائن ۽ ادارن جي وچ ۾ نہ ٽٽڻ وارو ڳانڍاپو ۽ تعلق آهي، جنهن رستي ماضي، حال سان ڳنڍيو ۽ جڙيو اچي ٿو."[620]

هو وڌيڪ لکي ٿو سنڌ ۾ ڏيڍي گاڏي اڄ بہ اهائي استعمال ۾ اچي ٿي، جيڪا هزارين سال اڳي سنڌوماٿريءَ ۾ رهڻ وارا استعمال ڪندا هئا. سنڌ جا ڳوناٽا ۽ ٻيا سکر ماٽهو ساڳي نموني وارا ٽن گلن وارا اجرڪ ۽ ٽرگليون، جتيون اڄ بہ خوشيءَ سان پهريندا ۽ پائيندا آهن. اڄ بہ ڳوناٽا ساڳيءَ طرح چوُنرا، جهوپا ۽ جهوپڙيون ناهي، انهن ۾ رهن ٿا. مٽي، ڌاتو ۽ سپيءَ جون چوڙيون، ڪافور، عاج، چاندي ۽ سون ۾ ضرور بدلبيون آهن، مگر مٿن چٽ ساڳيا آهن. گيت، ڀڄن، مولود ۽ مناجاتون، لاڏا ۽ لائون، سهرا ۽ ڳيچ، دهل ۽ شرنايون، ٿول ۽ ٿليون، نڙ ۽ ناد، نفيلون، بوڙينڊو ۽ چنگ، چوڏيل ۽ ڦرٽيون، نوٽڻ ۽ ونجهوٽي، رلڪا ۽ رليون، پٽڪا ۽ سٿٽون، پوتيون ۽ چُنيون، مکڻ ۽ مانڌاٽيون، گنديون ۽ پليون، دلا ۽ چاڏيون وغيره سڀ ڪجهہ ڪالهہ وانگر اڄ بہ سماج ۾ مروج آهن، جيڪي آر سي مجمد جي بيان کي سچو ثابت ڪن ٿيون تہ سنڌ جي اڄ واري ثقافت ۽ تهذيب جو ماضيءَ جي تهذيب ۽ ثقافت سان ساڳيو رشتو ۽ تعلق آهي.[621]

---

[618] آڏواڻي، ڀيرومل، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 47_46.

[619] آڏواڻي، ڀيرومل، "قديم سنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1980ع، ص 47_46.

[620] تاج صحرائي، "سنڌو تهذيب جا خالق" مقالو بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، فيبروري 1988ع، ص 151.

[621] تاج صحرائي، "سنڌو تهذيب جا خالق"، مقالو بين الاقوامي"، سنڌي ادبي ڪانفرنس، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، فيبروري 1988ع، ص 151.

هاڻ جيڪڏهن اسان سنڌ جي قدامت جو جائزو اسلامي تاريخن جي روشنيءَ ۾ وٺنداسين ته هي سرزمين اسان کي دنيا جي قديم ترين معلوم ٿئي ٿي، ڇوته حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش به سنڌ ۾ ئي ٿي هئي ۽ پوءِ ان جو اولاد دنيا جي مختلف خطن ڏانهن هجرت ڪندو رهيو. اهڙيءَ طرح هي دنيا وسيع کان وسيع ترين آباديءَ جي حلقي ۾ ايندي ويئي ۽ سنڌ کي دنيا جي انساني تهذيب جي مرڪز جو شرف حاصل ٿيو.

پيغمبرن جي سوانح حيات جي مشهور و معروف ڪتاب ”قصص الانبياء“ موجب حضرت آدم عليه السلام رب پاڪ جي حڪم سان جنت مان نڪرڻ بعد پنهنجي گهر واري بيبي حوا سان دنيا ۾ سڀ کان اڳ هن خطي جي سرانديپ علائقي ۾ اچي آباد ٿيو جتي ڪيس جنت مان لوهه جا ڪجهه اوزار، به ڏاند ۽ ڪجهه ڪڻڪ جا داڻا مهيا ڪيا ويا ۽ هو ٻئي گڏجي اتي آبادي ڪرڻ لڳا.

قديم سنڌ وارو ملڪ اتر ۾ سائبيريا، ڏکڻ ۾ بحر هند، اولهه ۾ دجله درياهه ۽ اوير نديءَ ۾ چين واري سمنڊ تائين ڦهليل هو. ائين چوڻ ۾ ڪوبه مبالغو نه آهي ته انهيءَ قديم زماني ۾ ذري گهٽ سمورو ايشيا کنڊ سنڌ جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو.[622]

سنڌ کي اهو شرف حاصل آهي ته حضرت آدم عليه السلام جي پٽ ”شيث“ جي نالي پنيان ان جو نالو ”سنڌ“ ڪوٺجڻ ۾ آيو. حضرت نوح عليه السلام کان پوءِ جي نسل وارن ”سنڌ“ جي نالي کي مقدس تصور ڪري سندس نالو ڏاڍو احترام سان وٺڻ لڳا. حضرت نوح عليه السلام جي پٽن مان سام ۽ يافث سنڌ ۾ رهڻ پسند ڪيو.[623]

محترم ڪريم بخش خالد لکي ٿو: پيغمبرن جي نالن تي غور ڪريو سندن نالن ۾ انهن جو پرتو ناهي، پر ڪن ۾ين خوبين جو عڪس آهي. مثال طور آدم جي معنيٰ آهي سانورو، جيڪو سندس جسم جو رنگ ظاهر ڪري ٿو.[624] حضرت آدم عليه السلام قديم سنڌ جي مٽيءَ مان جوڙيو ويو هو جنهن جو رنگ به سانورو آهي ۽ اڄ به پوري دنيا ۾ هندستان کي سانولن يا ڪارن ماڻهن جي رهڻ جي جاءِ سڏيو وڃي ٿو. آدم به هتان جي ڪڻڪ رنگي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو جنهن ڪري سندس نالو به هتان جي مٽيءَ جهڙو سانولو يا ڪڻڪ رنگ رکيو ويو. جيڪو قديم سنڌ جي عظمت کي نروار ڪري ٿو ڇوته نالا ڪلچر جو اهڃاڻ ڏين ٿا ۽ ڪلچر ٻوليءَ جو سڀ کان پراڻو بنياد آهي.[625]

مولانا غلام محمد گرامي هڪ ڀيري ”سنڌ صدين کان“ سيمينار ميرپورخاص ۾ تقرير ڪندي، مختلف حوالن سان ٻڌايو ته، ”مسلم روايت ۾ سنڌ جي فضيلت ۾ تمام گهڻيون روايتون موجود آهن. جن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته آدم عليه السلام جي پيدائش ”سنڌ“ ۾ ٿي. پهريون پيغمبر حضرت آدم عليه السلام سنڌ ۾ ٿيو ان ڪري پهرين وحي سنڌ ۾ نازل ٿي. ان نسبت سان گويا پهريون پيرو توحيد الاهيءَ جو پيغام سنڌ ۾ ٿيو. عبادت الاهيءَ جو پهريون طريقو سنڌ ۾ ٿيو. جيڪو آدم عليه السلام سان وابسته آهي. سڀ کان اول نبوت جو نور سنڌ ۾ نازل ٿيو. ان نسبت سان نور محمديءَ جو پهريون ڪرڻو سنڌ ۾ آيو. سڀ کان اول جنت جو تصور سنڌ ۾ پيدا ٿيو جنهن جي گهاٽن باغن ۾ آدم ۽ حوا پئي رهيا.“[626]

---

[622] ٽالپر، محمد جمن، ڊاڪٽر، ”سنڌ جا اسلامي درسگاهه“، هجره ڪاميٽي، محڪمه ثقافت سنڌ، ڪراچي، 1982ع، ص 18.

[623] ابو حنيفه احمد بن دائود الدنيوري، ”اخبار الطوال“، اردو ترجمو: مرزا محمد منور، ايم. اي مرڪزي اردو بورڊ، گلبرگ لاهور، بار اول، 1966ع، ص 63.

[624] ڪريم بخش خالد، ”محمد صلعم“، هجره پبليڪيشن، ڪراچي، 1987ع، ص 192.

[625] ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1978ع، ص 103.

[626] مولانا، غلام محمد گرامي، تقرير: ”سنڌ جي عظمت جا اهڃاڻ“، ته ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، گرامي نمبر 1974/4ع، ص 33.

هو وڏيڪ چوي ٿو ”ان قسم جي روايتن کي مولانا آزاد بلگرامي پنهنجي مشهور ڪتاب ”سبحة المرجان“ ۾ گڏ ڪيو آهي، جنهن ۾ هن جي سَندن ۽ پراڻن تفسيرن جي حوالن سان بيان ڪيو ويو آهي، تہ آدم عليہ السلام جي پيدائش سنڌ ۾ ٿي ۽ وحيءَ نبوت جو پهريون مرڪز ”سنڌ“ آهي ۽ نبوت محمديءَ جي وڏندڙ سلسلي جو آغاز سنڌ ۾ ٿيو.

مسلم روايت جي انهن علمي کوجنائن مان اهو ثابت ٿيو تہ تورات ۾ بيان ٿيل بهشت ۽ ان ۾ آدم جو مٽيءَ جي بوتي مان نهڻ، حوا جو آدم جي پاسيريءَ مان پيدا ٿيڻ ۽ ان بهشت مان ٻنهي جو تڙجڻ وغيره سڀ زميني معاملا آهن. توريت ۾ جنهن کي آسماني جنت سڏيو ويو آهي، سو سنڌ جي گهاٽن باغن وارو مقام آهي. ان ڪري جنت کي گهاٽو باغ بہ سڏيو ويو آهي. هڪ هنڌ توريت ۾ سنڌ کي ”عدن جو باغ“ (باغِ عَدن) سڏيو ويو آهي.[627]

تقرير ڪندي گرامي مرحوم چيو تہ: اوهان کي اهو ٻڌي حيرت ٿيندي تہ خود حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي رسالت واري زبان سان ”سنڌ“ ۽ ”سنڌي ماڻهو“ جا لفظ ڳالهايل لفظ آهن. مثلاً هڪ پيري ڪانئن پڇيو ويو تہ، يا رسول الله صلي الله عليہ وسلم! توهان موسيٰ عليہ السلام کي ڏٺو؟ پاڻ فرمايائون ”هائو! موسيٰ اهڙو آهي جهڙو ”سنڌي ماڻهو“. ان طرح سان هڪ ٻي روايت ۾ اچي ٿو تہ جڏهن نجران جا عيسائي حضور صلي الله عليہ وسلم سان مباحثي ڪرڻ لاءِ آيا هئا ۽ اچي مسجد نبويءَ جي در تي گڏ ٿيا هئا. تڏهن پاڻ ڪريمن ڪين ڏسي صحابہ کان پڇا ڪئي تہ هي ڪير آهن؟ ائين چوندي هي لفظ بہ چيائون تہ، جڻ سنڌي ماڻهو پيا لڳن. مٿين روايت ۾ ”جڻ سنڌي ماڻهو پيا لڳن“ غور طلب جملو آهي.[628]

سنڌ جي عظمت بابت وڌيڪ حوالا ڏيندي هن وڌيڪ چيو هو تہ: هڪ روايت ۾ آيل آهي تہ، پاڻ نماز ادا ڪري سنڌ ڏانهن منهن مبارڪ ڪري ويهندا هئا. صحابہ جي پڇڻ تي فرمايائون تہ، مون کي ان طرف (سنڌ) کان جنت جي هير ٿي لڳي جا منهنجي دل کي سڏير ٿي ڪري. ان واقعي متعلق علامہ اقبال چيو آهي:

مير عرب کو آئي ٹنڊي هوا جهان سي،

ميرا وطن وُهي هَي ميرا وطن وُهي هي.

ان ۾ ”ميرا وطن“ مان مراد سنڌ آهي ۽ فقط ”سنڌ“.[629]

مٿين حوالن مان چئي سگهجي ٿو تہ هڪڙي خيال موجب حضرت آدم عليہ السلام سنڌ خطي ۾ جائو ۽ ان کي آباد ڪيو ۽ هتي ئي سندس شروعاتي اولاد وڌيو. بعد ۾ مختلف خاندان جي صورت ۾ اولهہ توڙي اوڀر بلڪ پوري دنيا ۾ پکڙجي پنهنجي ثقافت جو ڦهلاءُ ڪيو ۽ سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي ارتقاء ٿي ۽ سنڌ کي دنيا جي انساني تهذيب جي مرڪز جي حيثيت حاصل ٿي.

مختلف هنڌن تي محققن سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف رايا ڏنا آهن ۽ هر هڪ هن کي پنهنجي نظريي جي عينڪ سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پهرين نظريي موجب ڊاڪٽر ٽرمپ جو خيال آهي تہ، ”سنڌي ٻولي سنسڪرت مان پالي، شوريسيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ اپڀرنش جي معرفت يارهين صديءَ ڌاري هاڻوڪي صورت ورتي آهي؛ جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت جي شاخ آهي“.[630]

---

[627] ايضاً، ص 33_34.

[628] مولانا، غلام محمد گرامي، تقرير: ”سنڌ جي عظمت جا اهڃاڻ“، تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، گرامي نمبر 1974/4ع، ص 34.

[629] ايضاً، ص 34.

[630] Trump, E, “The grammar of singhi language”, F. A Broklans lepiz, 1979, Introduction p-1.

ديوان ڀيرومل آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڪجهہ ٻيا محقق ان نظريي جا حامي هئا ۽ سندن دليل هو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنسڪرت لفظن جو اڪث ڀنڊار آهي، پر جيڪڏهن اونهائيءَ سان غور ڪجي تہ هرو ڀرو لفظن جو ڀنڊار يا هڪجهڙائي سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت جي شاخ هجڻ لاءِ ڪو مستند ثبوت ڪونہ ٿو ٿي سگهي، ڇو تہ لفظن جو ڀنڊار هر وڏي ۽ قديم ٻوليءَ ۾ موجود هئڻ لازمي امر آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اهو لفظن جو ڀنڊار جيڪو عام طور سنسڪرت پنهنجي وجود ۾ اچڻ بعد ان کان قبول ڪيو هجي. هن سلسلي ۾ مرحوم لطف الله بدوي لکي ٿو: ”موهن جي دڙي جي تهذيب بقول ڀيرومل آڏواڻي دراوڙن ۽ سنٿالن جي تهذيب هئي، جن کي هندو مؤرخين اڻ آريا ڪري سڏيو آهي. آرين جي اچڻ کان پوءِ اڻ آريا تهذيب جو ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، مگر هي حقيقت ۽ حيرت جو مقام آهي تہ جا تهذيب ان وقت جي دنيا جي طاقتور ۽ متمدن سلطنتن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي فخر سان گردن بلند ڪندي رهي هجي، ان کي اڻ آريا سڏڻ ڪيتري قدر نہ باطل دعويٰ آهي. ائين تہ نہ آهي تہ خانہ بدوش آرين کي اصل تهذيب سيکاريندڙ موهن جي دڙي جي تهذيب هئي. ڇا ائين ممڪن آهي. ڇا ممڪن ٿي نہ ٿو سگهي تہ آرين جي سنسڪرت، هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي زبانن جو ميلاپ هجي“.[631]

ٻئي نظريي موجب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي نئين تحقيق موجب لکي ٿو: ”سنڌي ٻولي بنيادي طور سڌوسنئون سنسڪرت مان نڪتل نہ آهي، بلڪ سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي سنڌوماٿر جي قديم ٻولي آهي.[632]

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي تحقيق موجب سنڌي ٻوليءَ کي آريائي ٻولي تسليم ڪونہ ٿو ڪري، بلڪ آثار قديمہ مان مليل مواد ۽ معلومات جي بنياد تي چوي ٿو تہ سنڌ جي قديم ٻولي غالباً ڪا ”سامي“ زبانن جي سٽ مان هئي، جنهن تي پوءِ آريائي ٻولين جو اثر پيو. انهن آريائي ٻولين مان هن قديم زماني ۾ سنڌ جي ٻوليءَ تي گهڻي ۾ گهڻو اثر ايراني ۽ داردي ٻولين جو پيو ۽ ان بعد پالي پراڪرت جي ذريعي سنسڪرت جو.[633]

ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي راءِ جي آخر ۾ هن شڪ شبهي جو بہ واضح لفظن ۾ اظهار ڪيو تہ ”سنڌي ٻوليءَ جون ڪي خصوصيتون اهڙيون آهن، جيڪي ان سنسڪرت واري سٽ کان بنهہ ٻاهر ۽ عليحده ڪري ٿيون ڇڏين.“ ان راءِ جي ڪافي ورهين بعد ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجو مٿيون نئون نظريو قائم ڪري اڳيان سڀ رايا رد ڪري سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي نروار ڪيو. غالباً ان جو وڏو سبب ڊاڪٽر ٽرمپ وارو مٿيون شڪ شبهو ئي معلوم ٿئي ٿو جنهن جي بنياد تي هي نظريو قائم ڪيو ويو. هن راءِ مان واضح ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڌي نہ پر ڀيڻ آهي.[634]

بلڪ اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ هي ٻولي سنسڪرت کان گهڻي آڳاٽي آهي. ان نظريي سان مناسبت رکندڙ رايو ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب بہ رکي ٿو هو لکي ٿو: سنڌي ٻولي هند آريائي (Indo Aryan) ٻولين جي اتر هند (North Indian) واري شاخ جي ساڳي بنياد مان اسرڻ ڪري نيپالي، ڪشميري، ڪري، هندي، مراٺي ۽ لهندا جي مائٽ ٿئي.

انهيءَ لحاظ سان سندس نسبت سنسڪرت مان بہ آهي. موجوده تحقيق جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي پنهنجي سر هڪ خودمختيار سنڌي پراڪرت ٻولي هئي، جا سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. وراچڊ ۽ پئِشاچي ان جون ڀينر ٻوليون آهن. اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ برصغير جي ڪا بہ ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل نہ آهي، پر سنسڪرت پاڻ اڏيچيہ پراڪرت جي تڪش شلا واري خطي جي مقامي لهجي جو سڌريل ۽ سنواريل

---

[631] لطف الله بدوي، ”تذڪره لطفي“، جلد اول، آر. ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1963ع، ص 5.

[632] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 1980ع، مهاڳ ص. ج.

[633] ايضاً، ص. ج.

[634] سراج ميمڻ، ”سنڌي ٻوليءَ بابت هڪ ليڪچر“، ماهوار ميگزين، روزانہ هلال پاڪستان، ڪراچي، سيپٽمبر 1983ع، ص 11-12.

روپ آهي، جنهن ڪي پهرين پاشا سڏيو ويو آهي ۽ پوءِ ان ڪي سنسڪرت (سنواريل ۽ سڌاريل) نالو ڏنو ويو. انهيءَ لحاظ سان چئبو ته سنڌي ۽ سنسڪرت جو بڻ بنياد هڪ ئي آهي، پر ساڳي وقت اهو به چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت کان آڳاٽي ٻولي آهي.[635]

ٿئين نظريي موجب محترم سراج ميمڻ لکي ٿو "سنڌي سنسڪرت جي ڄائي نه پر سنسڪرت سنڌي جي ڄائي آهي. مشرق توڙي مغرب جي تهذيب ۽ ٻولين جو اصل بنياد سنڌو ماٿر آهي، جتان سنڌ ملڪ جا ماڻهو اولهه طرف يعني بابل ۽ ميسوپوٽيميا وارن خطن ڏانهن پنهنجي تهذيب ۽ زبان کڻي ويا ۽ اتي پنهنجي تهذيب يا زبان کي ڦهلايائون.[636]

سراج ميمڻ صاحب جي خيال موجب "بابل ۽ سمير جي تهذيبن تي سنڌي تهذيب يعني موهن جي دڙي واري تهذيب جا اثرات اچن ٿا، جيڪا واپارين ۽ تاجرن معرفت اوڏانهن ڦهلي، سنڌي جيڪڏهن سنسڪرت لفظن جي مرحدن منت آهي ته سنسڪرت تي به سنڌيءَ جو ان کان به وڏو قرض آهي، سنسڪرت ته هڪ طرح سان سنڌي جي ڄائي آهي. سڌي طرح نه سهي اڻ سڌي طرح سهي."[637]

مٿين راين کان علاوه گريئرسن لکي ٿو ته: "سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ (سن 712ع) سنڌي ٻولي نه صرف ڳالهائي ويندي هئي، بلڪ لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ به مروج هئي."

آرين جي زماني ۾ قديم سنڌي ٻوليءَ سان ٽڪرجڻ بعد سنسڪرت فقط پنڊتن تائين محدود رهجي ويئي، جنهنڪري قديم سنڌي ٻولي نئين آريائي ٻولين تي اثرانداز ٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ سنسڪرت سان گڏجي ويا."[638]

مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو: "سنڌي ٻولي پنهنجي جهونائي ۽ چڱائي ڪري پنهنجي مٿي هڪ اهڙي امٽ ٻولي آهي، جنهن جي پاسي ۾ هندستان (۽ پاڪستان) جي ڪا به ٻولي بيهي نه ٿي سگهي".[639]

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي هڪ وضاحتي مراسلي ۾ لکيو آهي: "سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل نه آهي، پر سنسڪرت کان اڳ واري دؤر جي سنڌوماٿر جي قديم ٻولي آهي. لهندا (سرائيڪي) ۽ اتر سنڌ ۽ سنڌ ماٿر جون ڪوهستاني ٻوليون ان جون پيٽون آهن. اهي بودباش جي لحاظ کان هند آريائي ٻوليون آهن، پر بين هند آريائي ٻولين کان نراليون آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جي بناوٽ ۾ هند آريائي ۽ داردي ٻولين جي اثرن ڪي دخل آهي، خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي ساخت ۾ "سامي صفت" زبانن توڙي قديم ترڪي سٿين ۽ ايراني ٻولين جي اثرن کي به غالباً دخل آهي. نسبتاً پوئين دؤر ۾ خاص طور پالي پراڪرت جي شمالي هند واري محاوري ذريعي سنڌي توڙي بين سنڌ ماٿر وارين ٻولين ۾ سنسڪرت مان نڪتل لفظن جو وڏو ذخيرو داخل ٿيو. موجوده سنڌي ٻوليءَ جو خاڪو غالباً قبل اسلام واري قريبي دؤر (5 کان 7 صدي عيسويءَ) ۾ ٻڌيو. جڏهن ٻڌ ڌرم جي مهاين پنٿ جي ڌرمي ميلاپ توڙي راءِ گهراڻي ۽ برهمڻ گهراڻي جي سياسي مرڪزيت سنڌي ٻوليءَ جي اسرڻ لاءِ مکيه ڪارڻ هئا. سنڌي ٻوليءَ جي لساني تشڪيل ۽ ترقي اسلامي عربي دؤر (8ـ

---

[635] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي صورتخطي"، سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1969ع، ص 15ـ16.

[636] سراج ميمڻ، "سنڌي ٻولي"، عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد، 1964ع، ص پيش لفظ.

[637] سراج ميمڻ، "سنڌي ٻولي"، عظيم پبليڪيشن، حيدرآباد، 1964ع، ص پيش لفظ.

[638] Grierson, J.R. As. 1904 P-435, wacharangel, J. Altinalschi "Grammatically" vol.I, P. XVIII.

[639] وفائي، دين محمد، "سنڌ ۽ سنڌي زبان"، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڏهه سالا نمبر، حصو پهريون 55ـ65، ص 46.

10 صدي عيسويءَ) ۾ ٿي.[640]

هن سلسلي ۾ بشير احمد ظامي لکي ٿو: ”سرائيڪي زبان پنهنجي ليکي هڪ خودمختيار زبان آهي، جابر صغير جي سڀ کان پراڻي زبان آهي ۽ آرين جي اچڻ کان اڳ ڳالهائي ويندي هئي، جنهن مان سنڌي زبان، پنجابي، پشتو ۽ ڪشميري زبانون ڦٽي نڪتيون آهن“.[641]

جيتوڻيڪ هي رايو بشير احمد ظامي صاحب جي پنهنجي مادري ٻوليءَ سان محبت جو ثبوت مهيا ڪري ٿو. پر ان مان هي حقيقت بہ ظاهر ٿئي ٿي تہ سنڌي زبان برصغير جي سڀ کان پراڻي ۽ قديمي زبان آهي. ڇوتہ سرائيڪي زبان اصل ۾ سنڌي ۽ پنجابي زبان جي ميلاپ مان نڪرڻ[642] ۽ سنڌي زبان جي هڪڙي محاوري مان بدلجي هاڻ هڪ مڪمل زبان جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ظامي صاحب جو اصل اشارو سنڌي زبان ڏانهن آهي، جيڪا برصغير جي سڀ کان قديم ۽ آڳاٽي زبان آهي.

محترم آفاق صديقي لکي ٿو: ”بنيادي طور سنڌي زبان پنهنجي ساخت پرداخت، لب و لهجي، صوتي رنگ و آهنگ جي اعتبار سان هڪ قديم زبان آهي، جنهن جي قدامت جو رشتو هزارين سال پراڻي تهذيب ۽ ثقافت سان ملي ٿو.“[643]

ڊاڪٽر غلام علي الانا ٻئي هنڌ لکي ٿو: ”سنڌي ٻولي هڪ نهايت قديم ۽ تاريخي زبان آهي. برصغير پاڪ و هند جي تمام جهونين ٻولين ۾ هن جو شمار ٿئي ٿو. سنڌي زبان هڪ علمي ۽ سرمايہ دار زبان آهي، جنهن کي پنهنجي لغت، پنهنجو علم و ادب ۽ پنهنجو ثقافتي خزانو آهي. منجهس اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن جو وڏو ذخيرو آهي. هن ٻوليءَ کي پنهنجو هڪ معياري رسم الخط آهي.“[644]

سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت مختصر رايو ڏيڻ کان اڳ جڏهن اسان هن ٻوليءَ جو هن خطي جي ٻين قديم ٻولين سان ڀيٽ ۾ مختصر جائزو وٺنداسين تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ سنڌي ٻوليءَ جا سوين بلڪ هزارين لفظ انهن ٻولين ۾ مروج ٿيل آهن. انهن جي نحوي بناوت سنڌي ٻوليءَ جهڙي آهي. ڪجھ لفظ اهڙا بہ آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ مان ڪجھ بدليل صورت ۾ سنسڪرت ۾ شامل ٿي ويا آهن. مثلاً: ”ڏند“ مان ”دنت“، ”رات“ مان ”راتر“ ۽ واٽ مان ”واٽر“ وغيره.[645]

ان کان علاوه کي حرف اسان وٽ مرڪب هجڻ باوجود مفرد طور استعمال ٿين ٿا، سي بہ سنسڪرت ۾ مرڪب طور استعمال ڪيل آهن. مثلاً: ”ڊ“ ۽ ”ٽ“ بہ ”ر“ گاڏڙ مرڪب حرف سنسڪرت ۾ ”ڊر“ ۽ ”تر“ جي صورت ۾ شامل آهن. جيڪي ”چنڊ“ مان ”چندر“، ”پٽ“ مان ”پتر“، ”مائٽ“ مان ”ماتر“ يا ”مٽ“ مان ”متر“ ۽ ”ڇٽي“ مان ”ڇتري“ طور استعمال ڪيل آهن. جڏهن تہ ”ڊ“ ۽ ”ٽ“ جا ”ر“ گاڏڙ مرڪب حرف سنسڪرت قبول ڪونہ ڪري سگهي.

سنڌي ٻوليءَ جا ”مھ“، ”لھ“، ”ڻھ“، ”ڏھ“، ”نھ“ ۽ ”ڙھ“[646] جا ظاهري طور مرڪب پر حقيقت ۾ منفرد وسرڳ حرف توڙي ”ڄ“، ”ڃ“، ”ڳ“، ”ڱ“، ”ٻ“،

---

[640] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”وضاحتي مراحلو“، تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 2_3/1959ع، ص 152.

[641] بشير احمد ظامي، ”عمدهائي قديم ۾ سرائيڪي زبان ڪا ارتقا“، مرڪز سرائيڪي زبان تي ادب، ملتان، 1970ع، ص 18.

[642] لاشاري، رشيد احمد، ”سرائيڪي زبان“، ماهوار پيغام، نومبر 1971ع، ص 72.

[643] آفاق صديقي، ”گوهر لطيف“، سنڌ اطلاعات کاتو ڪراچي، آڪٽوبر، 1986ع، ص 71.

[644] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو موجوده مقام ان جو مستقبل ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ تجويزون“، تہ ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 4/1984ع، ص 44.

[645] مرليڌر جيٽلي، ”سنڌي ٻوليءَ جون مکيہ خصوصيتون“، تہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، 4/1988ع، ص 75.

[646] پروفيسر، جتوئي علي نواز حاجن خان، ”علم السان سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1983ع، ص 194.

”ڏ“[647] ڪان علاوه ”ڻ“ جا حرف بہ سنسڪرت ۾ مروج ڪونہ ٿي سگهيا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت يا ٻين ٻولين مان نڪتل نہ آهي. جيڪڏهن هي ٻولي سنسڪرت يا ان قسم جي حرفن واري ڪنهن ٻي ٻوليءَ مان نڪتل هجي ها تہ پوءِ اهي مرڪب ۽ مفرد حرف انهن ٻولين ۾ بہ ضرور موجود هجن ها. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻوليءَ کي سنسڪرت يا ٻين دراوڙي ٻولين جي ماءُ تہ چئي سگهجي ٿو پر ڌيءُ هرگز نہ. يا وري نہ ماءُ چئي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي وري ڌيءُ. جيتوڻيڪ انگريزي، فارسي، عربي ۽ ٻين پر وارين ٻولين جو ڪجهہ اثر هن زبان تي موجود آهي، جيڪو بعد ۾ مختلف دؤرن دوران ٿيندو رهيو پر ان جو مطلب اهو هرگز نہ آهي تہ هي ٻولي ڪا انهن ٻولين جي ڄائي آهي. لسانيات جي اصولن موجب تمدني، تهذيبي، جاگرافيائي، حڪمراني توڙي پاڙ ۾ گڏجڻ سبب سيئي ٻوليون هڪٻئي تي اثرانداز ٿين ٿيون ۽ ٿينديون رهنديون آهن ۽ هي سلسلو هميشہ جاري رهڻ جهڙو آهي، جنهن سبب نيون ٻوليون ۽ نوان محاورا وجود ۾ اچن ٿا. اها خوبي ٻولين جي وسعت ۽ شاهوڪار هجڻ جو ثبوت ليکبي آهي. ان ڪري برصغير بلڪ ايران، افغانستان، ترڪي، يونان، عربستان ۽ انگلستان جي تقريباً سيني ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ موجود آهن. انهن جي دؤر حڪومت ۾ انهن جي عالمن ۽ ليکڪن سنڌ جو حال احوال پنهنجن ڪتابن ۾ لکيو جن ۾ سنڌي شين، شهرن ۽ ماڻهن جا نالا شامل آهن، جيڪي اڳتي هلي خود انهن جي ٻولين ۾ مروج ٿي انهن جا ٿي ويا.

هوڏانهن واپار جي لحاظ سان اسلام جي آمد کان اڳ سنڌ جا هندو واپاري ۽ تاجر ايران، عربستان، بلخ ۽ بخارا تائين ويندا هئا. انهيءَ اچ وڃ ۽ واپاري ڏي وٺ جو اثر جيئن ملڪ جي اقتصادي حالت تي ٿيو هوندو، تيئن هن خطي جي ثقافت ۽ ٻوليءَ تي بہ ٿيو هوندو. ڪيترن ئي لفظن جي ڏي وٺ ٿي هوندي ۽ ڪيترائي سنڌي لفظ ايراني ۽ عربي لغت ۾ داخل ٿي ويا.[648]

سنسڪرت يا ٻين دراوڙي ٻولين جو جڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ سان تقابلي جائزو وٺنداسين تہ اسان کي سوين بلڪ هزارين لفظ اهڙا ملندا، جيڪي سنڌيءَ ڪان انهن ۾ ويجي شامل ٿيل معلوم ٿين ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ ۾ سنڌي ۽ دراوڙي ٻوليءَ جي هڪجهڙن لفظن جون لڙهيون ڏنيون آهن، جن مان هي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڪهڙا ۽ ڪيتري انداز ۾ لفظ انهن ٻولين ۾ شامل ٿي چڪا آهن.

لڙهي پهرين:

| سنڌي | دراوڙي | سنڌي | دراوڙي |
|---|---|---|---|
| پرائڻ | پيڙ | نِرڙ | نيڙ |
| سلڻ | شول | وائي | واي (وات) |
| ڪراڙو | ڪيڙو | سوڙهو | شرڪ |
| ڪوڙو | ڪارو | پڙ (جنڊ جو) | پيڙ- يڻ |
| ڪوٽڻ | ڪوٽ | اوڊڻ | اوڊ |
| منجي | مانري | ڪرنڊي | ڪلرنڊي |
| ٽڙي | ٽاڙي | اوڙاهہ | آڙ |

[647] ايضاً، ص 194.

[648] ڊاڪٽر غلام علي الانا، ”لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 1977ع، ص 148.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٽڙڻ | ٽيڙايو | ڪٽ | ڪٽ[649] |

لڙهي ٻي:

| سنڌي | بروهڪي | سنڌي | بروهڪي |
|---|---|---|---|
| منجهند | منجن | ڪڪڙا | ڪڪڙا |
| ڪوپري (مٽي جي) | ڪوپري | رنبي | رنبي |
| پني (ڇنگهہ جي) | پني | جُهڙ | جُرِ (ڪوهيڙو) |
| ڪُڙي | ڪُري | لَڪ | لَڪ |
| توٽ | توٽ | ارمان | ارمان |
| ٿوم | ٿوم | تنوار | توار |
| ڪاري (ڪاريندڙ) | ڪاري | ڪبڙ | ڪبر |
| ڳوٺري | گوٿري | پولڙو | بولؤ |
| ڏيڳي | ڏيگي | گنگو | گنگ |
| اوجهري | اوجرنڪ[650] | | |

سنڌي ٻوليءَ جي پيٽ جڏهن اسان اولهہ طرف وارين ٻولين سان ڪنداسين تہ اسان کي عربي، ترڪي، يوناني، فارسي ۽ انگريزي ٻوليون بہ سنڌي زبان کان متاثر نظر اچن ٿيون. مثلاً: عربيءَ ۾ ”جت“ مان ”زط“، جت سنڌ جي قديم قوم آهي، جيڪا هارون رشيد جي زماني جي وقت جنگي ڪاتي ۾ ملازم هئي.[651] اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جو لفظ ”ڪچ“ بہ چيڪ زبان ۾ استعمال ٿيندو آهي.

اٺين صدي عيسويءَ ۾ بغداد جي خليفن سنڌ مان ڪيترائي پنڊت ۽ ودوان پاڻ وٽ گهرائي ڪين تعليمي ۽ طبعي عهدن تي مقرر ڪيو. سنڌ جي پنڊتن ۽ وداونن بغداد ۾ رهي حساب ۽ طبعي ڪتابن جا عربيءَ ۾ ترجمو ڪيا. حڪومت طرفان انهن ڏينهن ۾ هڪ زبردست علمي ڪاتو قائم ٿيل هو، جنهن ۾ قسمين قسمين علمن جا ترجما ٻين ٻولين مان عربيءَ ۾ ڪيا ويندا هئا. انهيءَ وقت ڪيترائي سنڌي ۽ هندي اصطلاح، دوائن ۽ خوشبوئن جا نالا عربيءَ ۾ داخل ٿي ويا، جيڪي اڃا تائين ان ۾ موجود آهن.[652] جهازن مٿان جيڪي ”پلنگ“ پيل هوندا آهن، تن کي سنڌ ۽ هند جا رهاڪو پلنگ چوندا آهن تہ عرب ساڳي لفظ کي ”پلنج“ چوڻ لڳا. ساڳيءَ طرح عربيءَ ۾ ”چندن“ کي ”صندل“، ”ڪپور“ کي ”ڪافور“، ”ڪرن ڦل“ کي ”ڪرنفل“ (لونگ) ”پٽ“ (جيڪو چانورن وغيره مان رڌبو آهي)، ”بهط“، ”انب“ کي ”امبج“ چوندا رهيا.[653]

ڊاڪٽر غلام علي الانا تہ ڪجهہ حوالن سان عربي زبان ۾ سنڌي زبان جي لفظن جي پوري لڙهي ڏني آهي، جيڪا هيٺ ڏجي ٿي:

| | |
|---|---|
| شرعه | سڙهہ |

---

[649] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1980ع، ص 10.

[650] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1980ع، ص 11.

[651] حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ”آفتاب ادب“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1974ع، ص 43_44

[652] حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ”آفتاب ادب“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1974ع، ص 43_44

[653] ايضاً، ص 43_44

| | |
|---|---|
| سندان | سنداڻ |
| زط | ڄِت |
| طبقي | دٻڪي |
| ڪَخ | ڪک (طب جو لفظ) |
| عاڪره | آڪرو (واپارڪو لفظ) |
| قباله | ڪاٻارو (واپارڪو لفظ) |
| بوق | پوڪ |
| قَز | ڳَجُ |
| فوط (لونگي وارو رومال) | پٽ/ پوتو/ پوتي |
| شيت | ڇيٽ (ڪپڙي جو قسم) |
| صندل | چندن |
| بنيانيہ | واڻيا |
| ڪافور | ڪپور |
| دوينج | دنگي |
| هندول | هنڊول، هندورو |
| بزاز | بجاج "بازار" چونہ. بجاج جي معنيٰ آهي واپاري. |
| اَمبج | اَنب |
| نيلج | نيل، نير |
| بلنج | پلنگ (جهاز جي مٿان پيل هوندو آهي)[654] |

محترم شرف الدين اصلاحي سنڌي حرف "ٻ" جي انگريزي، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ شامل ٿيڻ بابت لکي ٿو:

هي "ٻ" سنڌي لفظن جي شروع ۾ اچي ٿي، وچ ۾ اچي ٿي ۽ آخر ۾ بہ اچي ٿي. هندي الفاظ تہ هونئن بہ سنڌي ٻوليءَ جا اصلي ڇڏيل لفظ آهن. عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ بہ تبديليءَ کان پوءِ هي "ٻ" داخل ٿي آهي.

"اٻاٻ" ۽ "اُٻس" سنڌي لغت مطابق اصل ۾ عربيءَ ۾ "حبس" ۽ "حباب" آهن. "دٻدٻو" ۽ "ٻانگ" فارسيءَ ۾ "دبدبہ" ۽ "بانگ" آهن. "ٻالاس" انگريزيءَ ۾ "بيلنس (Balance) آهي.[655]

---

[654] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو 1987ع، ص 369.

[655] شرف الدين اصلاحي، "اردو سنڌي ڪي لساني روابط"، نيشنل بڪ فائونڊيشن، لاهور، ڇاپو ٻيو 1976ع، ص 132.

مولانا ابوالجلال ندوي لکي ٿو:

”واديءَ سنڌ جي باري ۾ جيئن جيئن تحقيقات جو دائرو وسيع ٿيندو وڃي ٿو تيئن نت نوان انڪشاف ٿي رهيا آهن. دنيا جي هن قديم ترين سرزمين ۾ نہ صرف شاندار تهذيب جا بيش بها خزانا دفن آهن، بلڪ هي بہ ثابت ٿيو آهي تہ سرزمين عرب ۽ سرزمين سنڌ جو هڪٻئي سان تهذيبي ۽ ثقافتي رشتو رهيو آهي ۽ عربي زبان بہ سنڌي زبان جي ئي ترقي يافتہ شڪل آهي.“[656]

پروفيسر علي نواز حاجن خان جتوئي لکي ٿو:

”يورپ جي گهومو/ خانہ بدوش قوم جپسين جي زبان بہ ڦريل سنڌي آهي. يورپ جي ڪيترن ملڪن جهڙوڪ جرمني وغيره ۾ انهن کي اڄ بہ سنڌي سڏيو وڃي ٿو.“[657]

سنڌيءَ کان سنسڪرت معرفت ٻين يورپي ٻولين ۾ ڪيترن ئي لفظن جي شامل ٿيڻ بابت ڪاڪو ڀيرومل آڏواڻي لکي ٿو:

”عيسوي پندرهين صدي ۽ سورهين صدي عيسويءَ ۾ پورچوگيزن ڊچن، فرينچن ۽ انگريزن هڪٻئي پنيان واپار سانگي هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون تہ منجهائن ڪن سنسڪرت تي ڌيان ڏنو. هنن ڏٺو تہ سنسڪرت ۾ گهڻي ئي اهڙا لفظ آهن، جي ساڳيا ڪيترن ئي يورپي ٻولين ۽ پارسيءَ ۾ آهن.“

مثلاً: سنسڪرت ماتر (ماتا، ماءُ) ۽ ”پواتر“ (پاءُ) جا اُچار پارسيءَ ۾ مادر ۽ برادر ۽ انگريزيءَ ۾ مدر (Mother) ۽ ”برادر“ (Brother) آهن. اهڙا ٻيا ڪيئي ساڳيا لفظ ڏسي حيران ٿيا، پر سمجهي نٿي سگهيا تہ اهي لفظ يورپ، ايران ۽ هندستان ۾ ڪيئن عام ٿيا.[658]

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي لکي ٿو:

”ايران جي هاڻوڪي فارسيءَ ۾ بہ حصا ڏڪئي ۾ ڏکيا ۽ چند ۾ چند عربي لفظن جا موجود آهن. ايرانين محسوس ڪيو تہ سندن زبانن ۾ نون اصطلاحن ۽ جديد ايجادن جي لاءِ پاڻ وٽ لفظن جو پورو ذخيرو موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري هنن بنا هٻڪ عربي زبان جي مدد لاءِ دل کولي ورتي ۽ ايتري ورتي، جنهن جي حد ۽ حساب مشڪل آهي. نتيجو هي نڪتو آهي، جو ايراني زبان (فارسيءَ) جي ماهرن اندازو لڳايو آهي تہ اڄڪلهہ جي ايراني فارسي بہ حصا، عربي آهي ۽ هڪ حصو فارسي.[659]

فارسي زبان جي عربي زبان کان متاثر هجڻ مان ثابت ٿئي ٿو تہ اها سنڌي زبان کان اچا وڌيڪ متاثر هوندي، ڇوتہ عربيءَ جي مقابلي ۾ هو سنڌيءَ کي وڌيڪ ويجهي آهي.

حڪيم فتح محمد انگريزي، فرينچ ۽ جرمنيءَ جهڙي عالمگير زبانن مٿان ڌارين ٻولين جي اثرن جي وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ انهن ٽنهي زبانن کي ڳولي ڦولي ۽ جاچي جوچي ڏسبو تہ انهن ۾ وڏو حصو ڌارين ٻولين جو ئي آهي. ٽنهي زبانن جي ماهرن اندازو لڳايو آهي تہ وڏو حصو لئٽن (Latin) ۽ يوناني (Greek) زبانن مان ئي آيل آهي. باقي فرينچ، انگريزي ۽ جرمنيءَ جو آهي. تنهن کان سواءِ منجهن عربي، عبراني، ترڪي ۽ فارسيءَ جو بہ گهڻو دخل

---

[656] مولانا ابوالجلال ندوي، مقالو: ”قديم سنڌي مهرون“، ماهوار سائنس ڊائجسٽ ڪراچي، مارچ 1985ع، ص 104.

[657] پروفيسر، جتوئي علي نواز حاجن خان، ”علم السان سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1983ع، ص 187.

[658] آڏواڻي، ڀيرومل، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1980ع، ص 1_2.

[659] حڪيم، فتح محمد سيوهاڻي، ”آفتاب ادب“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1974ع، ص 33_34.

ٿو ڏسجي، جن مان ڪي سامي (Semitic) زبانون سڏيون وڃن ٿيون ۽ يورپي زبانن لاءِ بلڪل ڌاريون آهن.[660]

حڪيم صاحب انگريزي زبان ۾ دوائن بابت عربيءَ ۾ شامل ٿيندڙ "قولنج" (پيٽ جو سور) مان "ڪالڪ" (colic) "ڪباب" مان ڪيوب (cubib) "آفيم" مان "اوپيم" (Opium) "صندل" مان "سينٽل" (santal)، "ڪچو" مان "ڪچا" (kutcha)، "پڪو" مان "پڪا" (pucca)، ۽ "اک" مان "لئڪ" (Lac) شامل آهن.[661]

پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب ڪجھ اهڙن لفظن جي لڙهي ڏني آهي، جنهن مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو ته. سنڌي ٻوليءَ جا ڪهڙا لفظ ڪهڙين تبديلين سان يورپ جي ڪهڙين ڪهڙين ٻولين ۾ شامل ٿي چڪا آهن. لڙهي هيٺ پيش ڪجي ٿي:

| انگريزي | جرمن | فرينچ | اطالوي | اسپيني | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| فوٽ | فوس | پيي | پئيدي | پي | پير |
| ٽو | ٽراءِ | دو | دئي | دوس | ٻه |
| ٿري | ڊراءِ | تروا | تري | تري | ٽي |
| مي | مِش | مُوا | مي | مي | مونکي |

مٿين لفظن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته انهن لفظن ۾ انگريزي، جرمن، فرينچ ۽ اسپيني زبانون رشتيدار آهن. خود سنڌي ٻه سنڌن ماءٽياٽي پئي معلوم ٿئي. چئبو ته اها مٿي ماٽتي آڳاٽي آهي. جرمن، ڊچ، انگريزي، سئڊش وغيره ٻوليون پاڻ ۾ ويجھيون عزيز آهن. انهن کي جرماني زبانون سڏيو وڃي ٿو.

فرينچ، اطالوي، اسپيني ٻوليون پاڻ ۾ ويجھيون عزيز آهن. انهن کي رومانين زبانون سڏيو وڃي ٿو. جرماني ۽ رومانين زبانن جو وري مٿي رشتو ملي ٿو تنهنڪري ٻنهي کي گڏي يورپين زبانون سڏجي ٿو. ايراني ۽ هندي زبانون پاڻ ۾ ويجھو عزيز آهن. تنهنڪري ان کي گڏي انڊو ايراني زباني سڏجي ٿو. اهي وري انڊو يورپي ٻولين سان ٿورو مٿيرو مائٽ لڳن ٿيون. تنهنڪري انهن سيني زبانن کي انڊو يورپين زبانون سڏجي ٿو.[662]

نج آڳاٽن سنڌي لفظن جو ذخيرو هزارن ۾ آهي، جن جو سنسڪرت سان واسطو ڪونهي. انهن لفظن جو وجود ثابت ڪري ٿو ته سنسڪرت کان ٻه ڪا آڳاٽي ٻولي هئي، جنهن جا هيترا سارا لفظ اڄ ٻه اسان وٽ موجود آهن.[663]

فارسي زبان ۾ ڪجھ سنڌي پهاڪن جي هئڻ جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب لکي ٿو:

"ڪي پهاڪا سنڌي صورت ۾ آهن ۽ ظاهريءَ ۾ فارسيءَ مان ترجمو ٿيل معلوم ٿين ٿا. پر ان لاءِ ڪو تاريخي ثبوت نه آهي، ته اهي فارسيءَ مان ترجمو ٿيا يا سنڌيءَ مان. سنڌي پهاڪا نسبتاً پراڻا آهن ۽ فارسي سنڌيءَ کان ورتا آهن.[664]

انگريزي زبان سنڌ جي هڪ قديم بروهي زبان جنهن ۾ دراوڙي زبان جا لفظ شامل آهن.[665] کان ٻه متاثر نظر اچي ٿي. زبان جي امر کان مصدر

---

[660] ايضاً، ص 34.

[661] ايضاً، ص 37_41

[662] پروفيسر، جتوئي، علي نواز حاجن خان، "علم السان سنڌي زبان"، سنڌالاجي، ڄام شورو 1983ع، ص 182.

[663] ايضاً، ص 182.

[664] پروفيسر، جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، "سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر"، سنڌالاجي، ڄام شورو، مئي 1980ع، ص 48.

[665] Deny Bray, "The brahui Language", Culcuta, 1909, p.1-14.

ٻڄڻ واري ترڪيب حقيقت ۾ انهيءَ بروهي زبان کان ورتي آهي. مثلن ”ڪن“ (ڪاءُ) مان ”ڪننگ“ (ڪائڻ) امر مان اسم مصدر جوڙيو ويجي ٿو. اهڙيءَ طرح انگريزيءَ ۾ به ”اِنگ“ جوڙي اسم مصدر ڪيو ويجي ٿو. مثلاً (ايٽ) ”Eat“ ڪاءُ مان ”Eating“ ڪائڻ. هي ترڪيب ٻنهي زبانن ۾ ساڳي آهي. قدامت جي لحاظ کان بروهي زبان انگريزي زبان کان گهڻو اڳ واري قديم سنڌ جي هڪ زبان آهي، ان ڪري چئي سگهبو ته انگريزي زبان ۾ ”اِنگ“ سان امر کان مصدر جوڙڻ واري اها ترڪيب بروهي زبان کان ورتل آهي. انگريزي زبان ۾ ڪيترائي بروهي زبان جا لفظ شامل نظر اچن ٿا. مثلاً: ”استار“ (تارو) ”Star“ ”نن“ ”Non“، (رات)، ”Night“ ”دي (ڏينهن) ”Day“ ”پن“ (نالو) ”Pin“ هي اهي لفظ آهن، جيڪي قديم زماني کان بروهي زبان ۾ رائج آهن، جڏهن ته انگريزيءَ جو ان وقت نالو ۽ نشان به ڪونه هو.[666]

اهڙيءَ طرح بروهي زبان مان ”جُپ“ انگريزي ”جمپ“، ”مَچ“ کي ابتي معنيٰ ۾ ”much“ ۽ سوڙ (ڪٽو) کي ”Soar“ ڪري ورتو ويو آهي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ اڳي ”مان“ ”ago“ ”منجھ“ مان (Among) ۽ ”ڪٻٽ“ مان ڪٻرڊ (Cupboard) ڪٻبينيٽ ڪري ورتو ويو آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ”آفتاب ادب“ ۾ عربي، فارسي، ترڪي ۽ انگريزي زبانن جا سوين لفظ سنڌيءَ ۾ داخل ٿيل ڏيکاريا آهن. پر مٿين حوالن ۾ قدامت جي لحاظ کان ڏٺو ويجي ته اهي لفظ اصل ۾ سنڌي ٻوليءَ جا آهن، جيڪي بعد ۾ انهن زبانن ۾ شامل ٿي ويا، ڇوته سنڌي زبان جي موجوده صورتخطي توڙي علمي ۽ ادبي ارتقا مٿين زبانن جي صورتخطي علمي ۽ ادبي ارتقا جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻي پوءِ ٿي آهي، ان ڪري انهن لفظن کي مٿين زبانن جو سمجهيو پيو ويجي.

ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ عظمت بابت لکي ٿو: برصغير پاڪ و هند جو نالو به ”سنڌ“ تان پيو. ”سنڌ يا ”سنڌو“ اصل ۾ ”سن+ ديو“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، چندر مان چنڊ. ديوتا ”سن“ اصل ۾ سميري ٻوليءَ جو لفظ آهي جا سنڌ جي آڳاٽي ٻولي هئي ۽ ان جا ڪيئي لفظ اڄ به سنڌي ٻوليءَ ۾ موجود آهن. سنڌو درياهه جو نالو مهراڻ (مهه- روان). ”سنڌو“ (سن+ ديو) جو فارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو آهي، جنهن جو مطلب آهي، وهندڙ چنڊ. اهوئي سبب آهي جو چين، يونان ۽ روم جي لکتن ۾ سنڌ کي ”سنتو“ (سن+ ديو)، ”سنڊوس“ (سنڊ+ وس) ۽ ”سنٿوس“ (سن+ ٿوس) جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. انهي تشبيهه جي تصديق چانڊوڪي رات جي درياهه جي ديدار مان ٿئي ٿي. آريا قوم جو چندرونسي قبيلو سنڌ ۾ ئي پيدا ٿيو هو جن کي بعد ۾ پئچالن (پنجاب مان آيلن) شڪست ڏيئي پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. فارسي ٻوليءَ ۾ ”س“ کي سولائيءَ سان ”هه“ ۾ بدلايو ويندو آهي، ان ڪري ايراني ماڻهو ”سنڌ کي جو سندن قبضي ۾ هو ”هند“ سڏيندا هئا. اهو ساڳيو قائدو ايرانين پنهنجي ديوتا ”آهورا“ سان لاڳو رکيو جو اصل ۾ آسوري قوم جو خدا ”آشورا“ يا ”آشور“ هو. يوناني جڏهن برصغير سان تعلق ۾ آيا، تڏهن هنن ايرانين جي رکيل نالي ”هند“ کي ڦيرائي ”اِنڊ“ ڪيو پوءِ آهستي آهستي يورپي قومن وٽ ”انڊي“ ۽ ”اِنڊيا“ مشهور ٿيو.[667] ”سنڌ“ لفظ جي ٻئي معنيٰ آهي ”سائو ملڪ“.

ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب وڌيڪ لکي ٿو: ”ڏسڻ ۾ ايندو ته انڊونيشيا جو ملڪ جنهن ۾ جاوا، سوماترا، ٻالي، سيليبس، بورنيو وغيره اچي وڃن ٿا، تنهن جو نالو پڻ سنڌ ۽ سنڌو جي نالي پٺيان رکيل آهي. اصل ۾ اهو ”انڊس- نوسيا“ (Indusnesia) آهي، جنهن جو مطلب آهي، سنڌو جو پراڙ وارو ملڪ. ان ڪري قديم دؤر ۾ سنڌو مهذب درياهه کي اوير ۾ مهذب دنيا جي حد سمجهيو ويندو هو. آريانا (افغانستان) جي ٻوليءَ ۾ ”سنڌ“ نالو هڪ عظيم وهڪري لاءِ استعمال ڪيل آهي، جنهن ۾ ڪڪ، پن، وڻ ٽڻ، گهر جايون وغيره سڀ وهي وڃن ۽ اهو محاورو سنڌ سان گهڻي قدر مليو اچي، جنهن ۾ ڪيئي نسل ۽ قومون، قبيلا ۽ ڪٽنب

---

[666] رحيمداد مولائي شيدائي، ”تاريخ قلات“، بلوچ اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1983ع، ص 194.

[667] پٺاڻ، ممتاز ڊاڪٽر، ”سنڌ جي عظمت“، ماهوار نئين زندگي، ڪراچي، فيبروري، 1971ع، ص 9-10.

وهي مليا ميٽ ٿي ويا ۽ انهن جو ڪوبہ نشان نہ رهيو آهي. عظيم سنڌ انهن کي مٽائي هڪ نئين نسل ۽ قوم کي جنم ڏنو جيڪا فقط سنڌي آهي ۽ سنڌ ان جي پاڪ ۽ پوتر ماءُ آهي.[668]

مولائي شيدائي لکي ٿو: "ايراني "س" کي "هہ" مان پنهنجي لهجو ڦيرائي "هند" ڪيو هي لفظ پوءِ رومن صرف ۽ نحو جي چرخي تي چڙهي "انڊ" ٿيو جو پوءِ قلابازيون کائيندو بدلجي انڊيا ٿيو ۽ اڄا تائين مغربي زبانن ۾ مروج آهي."[669]

سرجان مارشل طرفان تصويرن ذريعي تحقيق ٿيل ٻن جلدن جو حوالو ڏيندي مولانا ابوالجلال ندوي ٻئي هنڌ لکي ٿو: تصويرن ذريعي هن سنڌي ماڻهن جو مذهب لکيو آهي. ان تي بحث ڪري سگهجي ٿو پر ڳالهہ نهايت واضح ۽ مؤثر دليلن سان ثابت ڪئي اٿس تہ تحرير جي زبان ڪهڙي بہ هجي، سنسڪرت يا ڪا ٻي آريائي زبان ڪونہ ٿي سگهي ٿي. چوتہ هي تمدن هندستان ۾ آرين جي زماني کان مدتون اڳ جي شيءِ آهي. باوجود سخت محنت جي هو هن نتيجي تي پهتو آهي تہ تحرير جي زبان معلوم ڪونہ ٿي سگهي، پر گمان غالب آهي تہ دراوڙي زبانن مان ڪا هڪ هجي تہ ڪو عجب نہ آهي.[670]

محترم علي احمد بروهي لکي ٿو: چين ولايت جي آڳاٽي اتهاس ۾ هندوستان جو نالو "شن- ڌو" (Shindho) چاٽايل آهي، جنهن کان مراد آهي "سنڌو جو ديش". ياد رهي تہ هندوستان کي "انڊيا" جو نالو اسان جي سنڌو يعني "انڊس" ڏنو جيئن تہ يوناني "س" جي اکر توڙي اُچار کان محروم هئڻ ڪري "س" بجاءِ الف يعني "ا" استعمال ڪندا هئا. اهڙي اُچار دنيا پر ۾ جتي بہ انڊو، انڊس، انڊيا، انڊيانا يا سنڌو، سنڌوا، سنڌومانا، سيتا سنڌو يا هندو، هندوا ۽ هند جو لفظ اُچاريو ٿو وڃي تہ پڪ ڄاڻو تہ اهڙي اکر توڙي اُچار جو سرچشمو يا بنياد "سنڌو" آهي.[671]

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ٻئي هنڌ دنيا جي ٻولين جي هڪ ٻئي برادريءَ بابت هيئن لکي ٿو:

ٻولين جي ماهرن ۽ فلالاجي (Philology) جي عالمن ڪن لفظن جي هڪجهڙائيءَ سبب دنيا جي زبانن جا ٽي قسم مقرر ڪيا آهن. اهي ئي ٽي قسم دنيا جون بنيادي زبانون آهن، ٻيون هزارين زبانون انهن مان ئي ڦٽيون آهن. 1. آريائي يا آرين (Aryan)، 2. توراني يا ترينن (Turanian)، 3. سامي يا سيميٽڪا (Semitica).

پهرين قسم جي زبانن مان هي آهن سنسڪرت، فارسي، انگريزي، فرينچ ۽ لئٽن وغيره.

ٻئي قسم مان چيني، تاتاري ۽ ترڪي وغيره.

ٽئين قسم مان عربي، عبراني، ڪلداني ۽ سرياني وغيره.

دنيا ۾ جيئن سڀ انسان انسانيت جي ڪري هڪٻئي جي برادريءَ ۾ آهن، فقط جدا جدا ملڪن ۾ رهڻ ڪري ئي جدا جدا نمونو ۽ ڏار ڏار رهت سهت رکن ٿا. تيئن سڀني انسانن جون ٻوليون بہ قريب هڪ ئي ڪل مان آهن. جيتوڻيڪ جدا جدا ملڪن ۾ وڃي هنن جدا جدا روپ ورتو آهي.[672]

حڪيم صاحب جو ڏنل پهرئين قسم جي ٻولين لاءِ آرين (Aryan)، ٻولين جو حوالو، جنهن ۾ سنسڪرت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. تنهن مان هي

---

[668] ايضاً، ص 10.

[669] مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1985ع، ص 4.

[670] مولانا ابوالجلال ندوي، "قديم سنڌي مهرون"، ماهوار سائنس ڊائجسٽ، ڪراچي، مارچ 1985ع، ص 107.

[671] علي احمد بروهي، "سنڌ، سنڌو ۽ سنڌالاجي"، روزانہ هلال پاڪستان، ڪراچي، 29 ڊسمبر 1987ع، ص 3.

[672] حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، "آفتاب ادب"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1974ع، ص 52-53.

حقيقت سامهون اچي ٿي تہ سنسڪرت دنيا جي ٻولين ۾ سڀ کان آڳاٽي زبان آهي. جڏهن تہ محترم سراج ميمڻ ۽ مولانا ابوالجلال ندويءَ جي مٿين حوالن مان هي ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي زبان سنسڪرت زبان کان بہ آڳاٽي آهي. تنهنڪري اهوئي چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي زبان دنيا جي سڀ کان آڳاٽي بلڪ پهرئين ٻولين مان هڪ آهي. گنگارام سمراٽ جي نظر ۾ سنڌي ٻولي سنڌو سنسڪرتي ٻولي آهي، جنهن مان ٻوليءَ جي قدامت جو پتو پوي ٿو جيڪا آمريڪا کنڊ تائين وڃي پهتي.

هو لکي ٿو: ايجپٽ مان سرپيٽري کي اتي جي پهرين راڄ ونش جون شيون مليون آهن ۽ هڪ قسم جي پراچين پڻ ملي آهي. جيڪا ايجپشن، مصري چٽر اکشرن (Hierogryph) جي ماءُ هئي. اهي شيون ۽ لپي سنڌو سنسڪرتي لپيءَ جون ٻچڙيون ثابت ٿيون آهن. عجب جي ڳالهہ اها آهي تہ پئسفڪ وڏي سمنڊ جي نيڪر ٽي ۽ ايسٽرڪيو (Ester Islam) مان ٿورا ورهيہ اڳ هڪ حيرت انگيز پراچين لپيءَ ۾ لکيل ليک مليا آهن. ان لپيءَ جي جاچ ڪندي معلوم ٿيو آهي تہ اها لپي سنڌو لپيءَ جي ڌيءَ هئي ۽ ڊاڪٽر لٽنگن جهڙي ودان چيو آهي تہ "موهن جو دڙو" سنسڪرتي وارا لوڪ پراچين ڪال ۾ پئسفڪ سمنڊ ۾ آمد و رفت ڪندا هئا ۽ اها انهن جي ئي لپي ۽ سنسڪرتي ايسٽر ڪيو جي ڪنڌرن ۾ ملي آهي. اتر آمريڪا جي پراچين مان جاتيءَ جي سنسڪرتي جي آثارن تي بہ سنڌو سنسڪرتي جي ڇاپ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ڏکڻ آمريڪا جي پيرو (Peru) جي انڪا (Inca) سنسڪرتي بہ ان اوائلي روپ ۾ ايسٽر آئلنڊ سنسڪرتيءَ جي ڌيءَ ثابت ٿي آهي. ان موجب چوڏاري پرٿويءَ تي مڙني پراچين سنسڪرتيءَ جي حول ۾ سنڌو سنسڪرتيءَ جو ڦهلاءُ ڏسجي ٿو.[673]

اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون تہ حضرت آدم عليہ السلام جيڪو دنيا جو پهريون انسان هو هڪ خيال مطابق سنڌ ۾ پيدا ٿيو. سنڌ ۾ ئي ان کي اولاد ٿيو ۽ سنڌ ۾ ئي ان تي دنيا جي پهرين وحي نازل ٿي. هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هو يا هن جو خاندان ڪهڙي ٻولي ڳالهائيندو هو. سنڌ جي ناتي سان چئي سگهجي ٿو تہ هو يا هن جو خاندان هتان جي ئي ٻولي ڳالهائيندو هوندو ۽ ان خاندان مختلف دؤرن ۾ هتان ئي دنيا جي علائقن ڏانهن پکڙجي پنهنجي تهذيب ۽ ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ڪيو هوندو.

هاڻ جڏهن اسان آدم جي نالي ۽ ان سان نسبت رکندڙ لفظن جملن ۽ پهاڪن جو سنڌي ٻوليءَ جي روشنيءَ ۾ لساني جائزو وٺنداسين تہ اسان کي ڪافي اهڃاڻ اهڙا ملندا جن مان چئي سگهبو تہ هو سنڌي ڳالهائيندا هوندا.

آدم کان "آدم"، "آدمي" ۽ "آدميت" جا لفظ سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوتن جي اصول موجب وجود ۾ آيا آهن. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جا ابتدائي لفظ چئي سگهجن ٿا. اهي نحوي بناوتون اسان کي اولهہ توڙي اوڀر جي ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪونہ ملنديون. جن جي معنيٰ "ماڻهو" يا "انسان" ۽ انسانيت جي نڪرندي آهي. ان کان علاوه "آدم ذات"، "آدم بوءِ"، "آدم قد"[674] ۽ ٻين ڪيترن ئي ٻتن لفظن کان علاوه "آدم سر الاهي آه"، "ڏاڏي آدم جو سن" ۽ "ڏاڏي آدم جو اولاد" جهڙا پهاڪا بہ هن ئي ٻوليءَ جو خوبيون آهن. جيڪي آدم جي پنهنجي ٻولي هئڻ جو ثبوت پيش ڪن ٿا. مختلف قومن ۽ ٻولين جو ثقافتي جائزو وٺندي، اسان کي "آدم" جو نالو صرف سنڌي ٻوليءَ ۾ ثقافتي نالي جو ثبوت پيش ڪري ٿو. ٻي ڪنهن بہ قوم يا زبان ۾ "آدم" نالي کي ثقافتي حيثيت حاصل نہ آهي. هزارين سال گذرڻ باوجود اڄ بہ صرف سنڌي ٻولي ۽ سنڌين ۾ "آدم خان" جو نالو قائم و دائم آهي. هن نالي سان سنڌ ۾ ڪي ذاتيون قائم

---

[673] گنگارام سمراٽ، "سنڌو سَئووير"، سهجپور بوگما، احمد آباد (ڀارت)، 1979ع، ص 101_102.

[674] بلوچ، ڊاڪٽر، نبي بخش، "جامع سنڌي لغات"، حصو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1960ع، ص 29.

آهن. مثلاً ”آدم رئيس“[675] وغيره.

ٽالپورن جي دؤر حڪومت ۾ هڪ ٽالپور نواب نالي آدم خان ٽالپور جو اولاد اڄ تائين ”آدماڻي“ نالي پنهنجي ذات سڏائي ٿو جنهن مان علي بخش خان آدماڻيءَ کي شهدادپور ۽ ميهڙ ۾ جاگيرون به مليون هيون. جنهن 1867ع ۾ وفات ڪئي. انگريزن جي فتح وقت مير شيرمحمد خان آدماڻي ۽ ميرخان محمد خان آدماڻي وٽ به جاگيرون هيون.[676]

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ آدم جي نالي ڪيئي شهر ۽ مقام به موجود آهن. مثلاً: ”آدم خان پنهور“، ”ٽنڊو آدم“، ”آدم پور“، ”آدم پير“ (بلوچستان) ۽ ”آدم شاهه جي ٽڪري“ وغيره. سڀ کان اهم نقطو هي آهي ته ”آدم“ جو لفظ يا نالو سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻن مختلف معنائن ۽ مفهومن جي جملن جي حيثيت رکي ٿو. زهد ۽ تقويٰ، ڪشف ۽ پرهيزگاريءَ جا صاحب روحانيت جي لحاظ کان پنهنجي تبليغ ۾ اڪثر ”آدم“ جي نالي کي استعمال ڪندا رهندا آهن. اهو هيئن ته آدم جي بوتي کي تيار ڪرڻ بعد رب پاڪ آدم جي روح يا ساهه کي حڪم ڏيندي چوي ٿو ”آدم“ معنيٰ اي آدم جا ”روح“ يا ”ساهه“!! اچ هن بوتي ۾ گهڙ!! يا داخل ٿيءُ. ان طرح آدم جو روح ربي حڪم موجب ان ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ آدم انسان ٿي جيئرو ٿئي ٿو. ساڳيو جملو ان جي نالي جي حيثيت به اختيار ڪري ٿو. ٻئي جملي موجب انسان جيئن ته هڪ فاني شيءِ آهي، ان جي حياتيءَ تي پل پر جو اعتبار ڪونه آهي. ان ڪري ”آدم“ جو لفظ هڪ مڪمل چوٽي بلڪ پهاڪي جهڙي جملي جي حيثيت ۾ استعمال ٿئي ٿو. مثلاً: (آ + دم) يعني اهو ”دم“ يا ”ساهه“ جيڪو هڪ پيرو جسم اندر وڃي ٻاهر نڪري ٿو ان تي ڪوبه اعتبار ڪونهي ته ڪو اهو ٻيهر اچي هن آدم جي بوتي ۾ داخل ٿئي ۽ اهو دم انسان جو آخري ”دم“ به ثابت ٿي سگهي ٿو.

پهرئين جملي تي غور ڪرڻ سان اسان کي ”آدم“ جو نالو هڪ جملي جي صورت ۾ انسان ذات سان سنڌ ۾ پهريون وحي طور نازل ٿيڻ جي اهڃاڻ جو واضح ثبوت فراهم ڪري ٿو جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو هو. ان ڪري گمان غالب آهي ته سنڌي ٻولي دنيا ۾ انسان ذات جي پهرين ٻولي جي حيثيت رکي ٿي، جنهن کي روحاني حيثيت به حاصل آهي. اهوئي سبب آهي جو دنيا جي پهرين ٻولي هئڻ سبب هن زبان ۾ ”آدم“ جي نالي سان ايترا لفظ، ٻٽا لفظ، جملا، پهاڪا ۽ چوٽيون موجود آهن، جيڪي ٻي ڪنهن به پيغمبر جي نسبت سان ڪنهن به ٻوليءَ ۾ موجود نه آهن.

مٿين حوالن ۽ حقيقتن جي پيش نظر چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي ٻوليءَ مان بعد ۾ دنيا جون سڀ موجوده ٻوليون وجود ۾ آيون ۽ ايندڙيون رهيون ۽ آئنده ايندڙيون رهنديون.

اسان جي انهيءَ نظريي کي گنگارام سمراٽ جي هن نظريي ويتر يقيني بڻائي ڇڏيو آهي. هو لکي ٿو: اسان کي ڄاڻ ڪانهي ته آدم سڀ کان اول ڪهڙي ڀاشا کان واقفيت ٿيو مگر اها ڳالهه بلڪل صاف چئي سگهون ٿا ته ان جي ڀاشا سيني ٻولين کان وڌيڪ مڪمل ۽ اظهار ڪرڻ ۾ سيني کان وڌيڪ واضح (صاف) ۽ پُرسڌ هوندي. ڇو ته الله تعاليٰ فرمايو آهي ته: ”علم آدم الاسما ڪلها“ آدم کي سڀ نالا سيکاريا ويا!! ڪيترو نه سرل ۽ سپاويڪ بيان آهي ان ڪري اسين وري به وشواس سان چئون ٿا ته مٿي ڄاڻايل انسان جي هڪ اوائلي ڀاشا فقط ويد ڀاشا (سنسڪرت) ئي هئي ۽ آهي. آدم جي ڀاشا به فقط سنسڪرت هئي، ڇو ته عربي روايتن موجب به حضرت آدم جو نزول به اول ڀارت ۾ ٿيو. ڀارت ۾ جتي ٿيو اهو سنسڪرت ڀاشي پرديش هو. ان ڪري هن سنسڪرت ئي ڳالهائي هوندي، جا ڄاڻندو هو. وڏي ڳالهه ته آدم نه هندو هو نه مسلمان نه عيسائي. پر ايشور جو خلقيل هڪ پرش ۽ حوا هڪ

---

[675] بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1970ع، ص 477.

[676] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1983ع، ص 599.

استري هئي، ان ڪري اسين سنسڪرت ساهتيہ ۾ آدمي يا آدم منش تا چئون.[678]

گنگارام سمراٽ جي هن نظريي کي سامهون رکندي، اسان جو يقين ويتر پختو ٿئي ٿو تہ، حضرت آدم سنڌي ٻولي ڳالهائيندو هوندو. سمراٽ جي هن نظريي موجب اهو يقين ٿيو تہ آدم هن ئي خطي جي ڪا ٻولي ڳالهائيندو هوندو، پر سوال پيدا ٿئي ٿو تہ، ڪهڙي سنسڪرت يا سنڌي. مٿي اسين مختلف محققن جي حوالن سان اهو ثابت ڪري آيا آهيون تہ سنڌي ٻولي سنسڪرت جي ڌي نہ آهي، جيئن سمراٽ سمجهي ٿو بلڪ سنسڪرت سنڌي جي ڌيءَ آهي، جيڪا اڄ دنيا جي خطي ۾ ڪٿي بہ ڪونہ ٿي ڳالهائي وڃي ، تڏهن يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ حضرت آدم سنسڪرت نہ بلڪ سنڌي ٻولي ڳالهائيندو هوندو، جنهن جو لساني جائزو اسان خود ان جي نالي جي نسبت سان ڪيترن ئي لفظن، پٽن لفظن، جملن، پهاڪن ۽ چوڻين جي صورت ۾ مٿي پيش ڪري چڪا آهيون.

سنڌي ٻوليءَ جي اهميت جو اندازو هن حقيقت مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ هن ٻولي ۽ خطي دنيا کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙو بين الاقوامي شاعر ڏنو ۽ هي خطو انساني تهذيب جو دنيا ۾ سڀ کان اولين مسڪن رهيو آهي. تازو مهرڳڙهہ ضلعي ڪڇي بلوچستان ۾ کوٽائيءَ مان لڌل شين جي پرک جي بنياد تي چيو ويو آهي تہ اها ڏهہ هزار سال قديم سنڌي تهذيب آهي. هي شهر هن وقت تائين کوٽائيءَ ذريعي لڌل شهرن ۾ سڀ کان قديم شهر لکيو وڃي ٿو. هن کان اڳ اسرائيل جي هڪ ڳوٺ ”چيري چو“[679] کي اهو اعزاز حاصل هو. مهرڳڙهہ سبيءَ جي ويجهو ڪڇي ضلعي جو سنڌي ٻوليءَ وارو علائقو آهي.

هيءَ زبان دنيا جي قديم ترين زبان هئڻ جي حيثيت سبب پاڻ وٽ وڏو علمي ۽ ادبي ذخيرو رکي ٿي. منجهس ايتري تہ صلاحيت ۽ وسعت موجود آهي جو هي دنيا جي قديم ترين تهذيب ۽ تمدن جي وارث آهي. هن زبان کي نبي ڪريم صلعم ۽ ان جي اصحابن ٻڌو ۽ ڳالهايو. هن زبان جي پرورش ۾ محدثن، راوين، عالمن ۽ سنڌ جي ڪيترن حاڪمن نمايان ڪردار ادا ڪيو. هن زبان کي اهو شرف بہ حاصل آهي جو سڀ کان اڳ آخوند عزيزالله طرفان قرآن شريف جو هن زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو.[680]

هن ٻوليءَ ۾ هر سڌرندڙ ٻوليءَ وانگر ٻين ننڍين توڙي وڏين ٻولين جا مخصوص لفظ وٺي پاڻ ۾ جذب ڪري هميشہ لاءِ پنهنجو ڪرڻ جي تمام گهڻي صلاحيت موجود آهي. اهوئي سبب آهي جو هن عظيم ٻوليءَ جي نہ صرف لغت ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو بلڪ هي زبان پنهنجون سياسي حدون اورانگهي پري پري تائين مختلف علائقن ۾ مختلف محاورن جي صورت ۾ ڳالهائي وڃي ٿي.

هن ٻوليءَ ۾ اهڙيون تہ چاشنيون موجود آهن، جنهن جو مثال ٻي ڪنهن بہ ٻوليءَ مان ڏئي ڪونہ ٿو سگهجي. چوتہ هي ٻولي حقيقت ۾ هڪ اهڙو اونهون سمنڊ آهي، جنهن ۾ اَملهہ موتي ڳولڻ لاءِ جيترو اونهو وڃبو تہ اوترا اَملهہ موتي هرهنڌ ملندا رهندا، پر ان جو انت ڪٿي ۽ ڪڏهن بہ ڪونہ ملندو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو: سنڌي ٻولي علم، عقل ۽ پروسي جو هڪ اٿاهہ ساگر آهي. هيءَ ٻولي سماج جي اندر ۾ درياهہ شاهہ جيان وهندي، ماٺهو ماٺهوءَ کي ڏڍائيندي، آباد ۽ سکيو رکندي، هلندي ويندي، تان جو محبتن ۽ ميلاپن، ڏولاپن ۽ ويڇن، مهڻن ۽ مهميزن، رَمزن ۽ رازن، ڏاهپن ۽ عقلن، طعنن

---

[678] گنگارام سمراٽ: سنڌو سووينيئر سهج پور بوگما احمد آباد (ڀارت) 1979ع. صفحو 363.

[679] جمناداس اختر، ”قديم سنڌ اور اسڪي روابط“، مڊويڪ ميگزين، روزانہ جنگ، ڪراچي، 12 آگسٽ، 1987ع، ص 15.

[680] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ان جو ماضي حال ۽ مستقبل“، صدارتي تقرير، تہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، ڏهہ سالہ نمبر 55_65. ص 56_57 ۽ ڏسو ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مقالو نئين زندگي حيدرآباد _ جنوري _ فيبروري، 1981ع، ص 47.

۾ ٽوڪن، حرفن ۾ حيفن، حقيقتن ۾ حڪمتن جا گفتا نهي ٻوليءَ کي اٿاهه سمنڊ جهڙو ڪري ڇڏين.[681]

ٻوليءَ جي سڄڻن پنهنجي وس آهر ڪافي محنت ڪئي آهي ۾ اڃا به ڪري رهيا آهن. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته هن زبان جي ترقي ۾ ترويج لاءِ اڃا به وڏيڪ ۾ سائنسي بنياد جي تحقيق ڪرڻ گهرجي. سرڪاري توڙي علمي ۾ ادبي ادارن طرفان هن زبان جي هر هڪ محاوري جو صرف نحوءِ صوتيات جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺي، هن جي لڪيل اهميت کي نروار ڪجي، ڇوته جيترا محاورا هن زبان ۾ موجود آهن. اوترا منهنجي خيال موجب ٻي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪونه آهن. منهنجي مشاهدي موجب هن زبان ۾ اٽڪل 12 وڏا محاورا سنڌ توڙي ان جي چوڌاري بلوچستان، پنجاب ۾ هندستان جي ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۾ راجستان جي علائقن ۾ ڳالهايا وڃن ٿا، جيڪي معياري، اترادي، ماڇڪي، جغدالي، فراڪي، ڪيتراٽي، ڪوهستاني، لاسي، جدگالي، لاڙي، ڳيچي ۾ اٽڪي، پارڪري ۾ ٿري نالن سان مشتمل آهي.

---

[681] ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1978ع، ص 33_134.

مولائي شيدائي هن ٻوليءَ جي يارهن شاخن جي وضاحت ڪئي آهي. هو لکي ٿو: ”سنڌي زبان جنهن جون يارهن شاخون هن ريت آهن. 1. لهندا معنيٰ اولهندي واري زبان، 2. سرائيڪي يا جتڪي، 3. ڪيتراڻيءَ جا لهندا سان مشابهت رکي ٿي. 4. اُبي، 5. وچولي، 6. لاڙي، 7. ٿريلي، 8. لاسي، 9. ڪڇڪي، 10 موڪاڪي يا لوڙي چيني ۽ 11. جڳدالي. مملڪت پاڪستان اندر هن زبان جو دائرو ڪشمير کان ڪڇ تائين ۽ ٿر کان وٺي مڪران جي دشت نديءَ تائين وسيع آهي.[682]

جيڪڏهن اسان جا اديب، محقق زبان جي اونهي سمنڊ ۾ ٽُٻي هڻي، حقيقي ڳولا ڪن ته هزارين املهه موتي ملي پون ۽ سوين لڪيل حقيقتون سامهون اچي وڃن، جن سان هن ٻوليءَ جي عظمت ۽ اهميت ۾ نه صرف اضافو ٿي سگهندو بلڪه ان جو ادب به قيمتي موتين سان مالامال ٿي پوندو.

سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي

لساني جاگرافي:

ٻولين جي لساني جاگرافيءَ جي مطالعي لاءِ اسين مٿي چئي آيا آهيون ته، ٻوليءَ جي جاتل سڃاتل حدن اندر مختلف ايراضي يا علائقن ۾ يا مختلف سماجي پنگتن ۾ موجود انهن آراڏاين يا اختلافن جو ذڪر اچي وڃي ٿو جيڪو اڀياس دوران مطالعو ڪندڙ کي ڏسڻ يا ٻڌڻ ۾ اچي ٿو جنهن کي عرف عام ۾ محاورو چيو ويچي ٿو. قديم سنڌ جو علائقو موجوده سنڌ کان تمام گهڻو وڏو ۽ وسيع هو جنهن ۾ هڪ طرف ڪشمير کان ڪاٺياواڙ تائين ته ٻئي طرف راجستان کان قنڌار تائين سمورو علائقو سنڌ جي سلطنت ۾ شامل هوندو هو جنهن جا حاڪم سنڌي زبان ڳالهائڻ وارا هئا.[677]

حاڪمن جي ٻولين جي اثرن سبب سنڌي ٻولي موجوده سنڌ جي حدن کان گهڻو اڳتي وڌندي رهي، جو ته هن ٻوليءَ ۾ ٻين پرواري ٻولين جا لفظ وٺي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي تمام گهڻي خاصيت موجود آهي. ان ڪري هن ٻوليءَ تي عربي، فارسي، ترڪي، انگريزي، افغاني، هندي، ڪاٺياواڙي، گجراتي، بلوچي، بروهي ۽ سرائيڪي ٻولين جو اثر نمايان آهي، جنهن سبب هي ٻولي هميشه ترقي ڪندي اڳتي وڌندي رهي ٿي.

مختلف ٻولين جي اثرن سبب سنڌي ٻولي مختلف علائقن ۾ مختلف محاورن ۾ ڳالهائي پيئي وڃي، جيڪي نه صرف سنڌ اندر بلڪ سنڌ جي سياسي حدن کان ٻاهر پنجاب، بلوچستان، ڪڇ ۽ راجستان جي علائقن ۾ ڳالهايا وڃن ٿا ۽ معياري اترادي، ماڇڪي، جڳدالي، فراڪي، ڪيتراڻي، ڪوهستاني، لاسي، جدگالي، لاڙي، ڪڇي، ڍاٽڪي، پارڪري ۽ ٿري نالن سان مروج آهن.[678]

هيٺ اسين سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن جو لساني جاگرافيءَ جي مٿي بيان ڪيل اصولن موجب مختصر جائزو پيش ڪندا سين.

محاورن جو صوتيات جي روشنيءَ ۾ جائزو:

هر هڪ ٻوليءَ جو پنهنجو صوتياتي نظام هوندو آهي. صوتيات لسانيات ۾ اهم حصي جي حيثيت رکي ٿو. چو ته ٻولين جو ظاهري لاڳاپو آوازن سان آهي، تنهن ڪري ٻولين جو لساني جائزو وٺڻ لاءِ سڀ کان اڳ صوتيات تي بحث ڪرڻو پوي ٿو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب صوتيات بابت لکي ٿو:

---

[682] رحيمداد مولائي شيدائي، ”جنت السنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو، 1983ع، ص 22.

[677] مير معصوم بکري، مترجم: مخدوم امير احمد، ”تاريخ معصومي“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1985ع، ص 44-45 ۽ ڏسو واحد بخش جو ڪتاب، ”سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1986ع، ص 4.

[678] بروهي، داد محمد خادم، ”سنڌي ٻولي ۽ ان جا محاورا“، پيغام ڪراچي، فيبروري 1988ع، ص 21.

”گفتگوءَ واري ٻولي (spoken language) آوازن جي تواتر (succession of sounds) مان ٺهي ٿي. اهي آواز پنهنجن شاخن سميت ڳالهائڻ جي عضون (organs of speech) جي مدد سان اُچاريا ويندا آهن ۽ اهي (متواتر آواز) ڳالهاءَ جي آوازن (speech sounds) ۽ آوازن جي گهڪي (Glides) مان ٺهندا آهن.[679]

علمِ صوتيات اهو علم آهي، جنهن جي مدد سان ڳالهائڻ جي آوازن (انفرادي طور ڳالهايل) توڙي ڳالهائڻ جي ٻين جُزن جو جائزو وٺي سگهجي ٿو ۽ جملن ۾ انهن جي استعمال (function) ۽ تقسيم (distributions) جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو.[680] علم آواز (Phonetics) ۾ فقط هي ڏسڻو آهي ته ڪل ڪيترا آواز ڪنهن خاص ٻوليءَ ۾ استعمال ٿين ٿا ۽ ڪهڙي قسم جا آهن. انهن آوازن جون ذاتي ۽ اضافي خصوصيتون ڪهڙيون آهن. گويا انهن آوازن کي ٻوليءَ کان الڳ ڪري پوءِ علم طبعي ۽ علم بدن موجب بيان ڪيو ويندو آهي. هر ٻوليءَ ۾ انهن جو تعداد مختلف آهي، پر اهي ٻين ٻولين ۾ ڪيئن ملي لساني ڪارج ڪن ٿا. اها علمي شاخ صوتيات کي لسانيات سان ملائي ٿي.[681]

محاورن جو مطالعو به لسانيات جي هڪ اهم شاخ آهي، جنهن لاءِ صوتيات جي علم جي ڄاڻ نهايت ضروري آهي.[682] هاڻ جڏهن اسين صوتيات جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي مختلف محاورن جو جائزو وٺنداسين ته اسان کي هر هڪ محاوري ۾ ڪافي فرق محسوس ٿيندو. ڪيترائي آواز ڪجهه بدليل ۽ ڪجهه فرقن سان استعمال ٿيندي نظر ايندا.

پڙهيل طبقي کي ڇڏي باقي ڳالهائيندڙن جي ٻوليءَ جي استعمال مان اسان کي ڪافي آواز بدليل محسوس ٿين ٿا، ڇوته پڙهيل طبقو پنهنجي زبان کي معياري ٻوليءَ طور استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن ته اڻ پڙهيل مجبوراً پنهنجي ماحول واري ٻولي ڳالهائيندو رهندو آهي، ان ڪري اڻ پڙهيل طبقي جي ٻوليءَ ۾ عام طور ف= ق، ز= ج، ذ= د، گهه= گ، پ= ب، ي= ج، د= ت، ش= س ۽ هه= ء جي اچارن ۾ بدلجن ٿا. اهڙي قسم جا ڪجهه لفظ محاورن جي ترتيب سان پيش ڪجن ٿا:

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| معياري | زنجير | ڪاغذ | يتيم | ڪوشش | آزاد | گهوڙو | پاءُ | فوتو |
| اترادي | زنجير | ڪاغذ | يتيم | ڪوشش | آزاد | گهوڙو | پاءُ | فوتو |
| ماڇڪي | جنجير | ڪاڳر | جتيم | ڪوشيش | آزاد | گهوڙو | پاء | ڦوٽوُ |
| فراڪي | خنجير | ڪاڳر | جتيم | ڪوشيش | آزات | گهوڙو | پا | ڦوٽوُ |
| جغدالي | خنجير | ڪاغذ | جتيم | ڪوشش | آزات | گوڙو | پا | ڦوٽوُ |
| ڪيتراڻي | زمزير | ڪاغذ | يتيم | ڪوشست | آزات | گوڙو | با | ڦوٽو |
| ڪوهستاني | زنجير | ڪاغذ | يتيم | ڪوشيش | آزاد | گهوڙو | پاء | ڦوٽوُ |
| لاسي | جنجير | ڪاغذ | جتيم | ڪوشيس | آزات | گوڙو | باء | ڦوٽوُ |
| جدگالي | جنجير | ڪاغذ | جتيم | ڪوشيس | آزات | گوڙو | با | ڦوٽو |
| لاڙي | زنجير | ڪاڳر | جتيم | ڪوشش | آزاد | گهوڙو | پاء | فوٽو |
| ڪڇي | جنجير | ڪاگر | جتيم | ڪوشش | آجاد | گوڙو | باء | ڦوٽو |

[679] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي صوتيات“، ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد، 1967ع، ص 1.

[680] Ward.C, “The Phonetics of English”, W. Heffer and sons ltd: Cambridge England, 1962, p-32.

[681] جتوئي، علي نواز حاجن خان، ”علم السان سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1983ع، ص 75.

[682] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي صوتيات“، ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد، 1967ع، ص 7.

| | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| تري | خنجير | ڪاڳر | جتيم | ڪوشيس | آجات | گهوڙو | با | قوتو |

اهڙيءَ طرح ڪجهه محاورن ۾ حرف "هہ" جو اضافو ٿئي ٿو ۽ ڪٿي وري ساڳين لفظن مان حرف "هہ" حذف ڪيو وڃي ٿو. ڪٿي حرف "ي" جو اضافو ٿئي ٿو تہ ڪٿي حرف "ج" جو وڌاء بہ ٿي وڃي ٿو پر ڪٿي ڪٿي تہ لفظن جا حرف اڳتي پوئتي ڪري استعمال ڪيا وڃن ٿا. انهيءَ ردوبدل ۾ بہ ڪجهہ حرفن جو محاورن ۾ حذف ٿيڻ شامل آهي. هيٺ محاورن جي ترتيب سان ڪجهہ لفظ پيش ڪجن ٿا. جن جي مطالعي مان مٿي ذڪر ڪيل قيرقار آسانيءَ سان معلوم ڪري ٿي سگهجي.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| معياري | ڪهڙو | جهڙو | تهڙو | اُهڙو | اِهڙو |
| اترادي | ڪيڙهو | جيڙهو | تيڙهو | اوهڙو | ايڙهو |
| ماڇڪي | ڪيهڙو | جيهڙو | تيهڙو | اوجهو | ايجهو |
| جڳدالي | ڪيڙهو ڪيجهو | جيڙهو جيهو | تيڙهو | اوجهو | ايجهو |
| فراڪي | ڪيڙو ڪيجهو | جيڙو جيهو | تيڙو | اوڙو اوجو | ايڙو ايجو |
| ڪيتراڻي | ڪيجو | جيڙو | تيڙو | اوجو | ايجو |
| ڪوهستاني | ڪيهڙو | جيهڙو | تيهڙو | اوهڙو | ايهڙو |
| لاسي | ڪيڙو | جيڙو | تيڙو | اوڙو | ايڙو |
| جدگالي | ڪيڙو | جيڙو | تيڙو | اوڙو | ايڙو |
| لاڙي | ڪيهو ڪيڙو | جيهو جهڙو | تيهو تيڙو | اوهو اوڙو | ايهو ايڙو |
| ڪڇي | ڪيهو | جيهو | تيهو | اوهو | ايهو |
| تري | ڪيئو | جيئو | تيئو | اوئو | ايئو |

سنڌي اُچارن جي نظام (صوتيات) مطابق ڪن اُچارن جي پاڻ ۾ مٽ سٽ هلندي آهي ۽ اڄ تائين اها رائج آهي. ان جو مثال "ء" ۽ "ي" جي مٽ سٽ آهي.[683] ان لحاظ کان جڏهن اسان صوتيات جي روشنيءَ ۾ محاورن جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان کي ڪيترن ئي لفظن مان حرف "ي" حذف ٿيل نظر اچي ٿي ۽ حرف "ء" جو اضافو ٿئي ٿو پر ڪٿي وري حرف "ي" کي حذف ڪونہ ٿو ڪيو وڃي، بلڪ حرف "ء" جو اضافو ضرور ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح ڪجهہ لفظن ۾ "ي" جو اضافو ٿي وڃي ٿو. هيٺ ان قسم جا مثالي لفظ پيش ڪجن ٿا.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| معياري | ٿيا | هُئا | ولايت | جڳايو | چڙهايو |
| اترادي | ٿيا | هُيا۔ ها | ولايت | جڳايو | چڙهايو |
| ماڇڪي | ٿيا | هُيا۔ ها | ولايت | جڳايو | چڙهائو |
| جڳدالي | ٿئا | هُيا۔ ها | ولائيت | جڳائو | چڙهائو |
| فراڪي | ٿئا | آها | ولائيت | جڳائو | چڙهائو |
| ڪيتراڻي | ٿيئا | آها | ولائيت | جاڳائو | چڙهائو |
| ڪوهستاني | ٿيا | هُيا۔ ها | ولايت | جڳايو | چڙائو |

---

[683] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "رسالي ۾ جامع مستند متن لاءِ صورتخطي"، تہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1986/4ع، ص 46.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| لاسي | ٽئا | ها | ولائت | جڳائو | چڙهائو |
| جدگالي | ٽيئا | ها | ولائيت | جڳائو | چڙائو |
| لاڙي | ٽيا | هئا | ولايت | جڳايو | چڙهائيو |
| ڪڇي | ٽئيا | هئيا | ولائيت | جڳائيو | چڙهائيو |
| ٽري | ٽئيا | هئا | ولائت | جڳايو | چڙائيو |

محاورن ۾ ڪجھ لفظ اهڙا بہ آهن، جن ۾ ”ي“ جو تہ اضافو ٿئي ٿو پر ان سان گڏ حرف ”هہ“ حذف ڪري ان بدران ”ء“ جو اضافو ڪيو وڃي ٿو.

اهڙيءَ طرح ڪجھ لفظن ۾ حرف ”و“ جو اضافو ڪري، ان جي حرف ”هہ“ بدران ”ء“ جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً:

| معياري | اترادي | ماڇڪي | جغدالي | فراڪي | ڪيتراڻي | ڪوهستاني | لاسي | جدگالي | لاڙي | ڪڇي | ٽري |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ارادو | ارادو | ايرادو | ايرادو | ايرادو | ايرادو | ارادو | ايرادو | ايرادو | ايرادو | ايرادو | ايرادو |
| اشارو | اشارو | ايشارو | ايشارو | ايشارو | ايشارو | اشارو | ايشارو | ايشارو | ايشارو | ايشارو | ايشارو |
| اِهو | اِيهو | ايهو | اِيهو | اِيئو | اِيئو | ايهو | يِئو | يِئو | اِيهو | اِيئو | اِيئو |
| اهُو | اُوهو | اُوهو | اُوهو | اوئو | اوئو | اوهو | اُوئو | اُوئو | اوُهو | اُوئو | اُوئو |
| سڌجي | سڌجي | سڌيجي | سڌيجي | سڌيجي | سڌيجي | سڌجي | سڌيجي | سڌيجي | سڌجي | سڌئجي | سڌئيجي |
| نشان | نشان | نيشان | نيشان | نيشان | نيشان | نشان | نيشان | نيشان | نشان | نيشان | نيشان |

محاورن جو نحو جي روشنيءَ ۾ جائزو:

نحو ان علم کي چئبو آهي، جنهن سان ٻوليءَ جا صحيح ۽ پوريءَ طرح ڳالهائڻ ۽ لکڻ جا طريقا معلوم ڪري سگهجن تہ ٻولي ڪيئن ٿي ڳالهائي وڃي. حرف، لفظ ۽ جملا ڪيئن ٿا ٺهن ۽ ڪهڙي نموني ٿا استعمال ٿين. ان کان علاوه نحو مان حرفن، لفظن، جملن ۽ اصطلاحن جي زمانن ۽ گرامر جي لحاظ سان صحيح يا غلط هجڻ بابت پتو پوي ٿو.

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

”علم نحو جي اصلي معنيٰ آهي پاسو ۽ اصطلاحي معنيٰ اٿس حرف. هڪٻئي جي پاسي ۾ بيهاري لفظ جوڙجن ۽ جملا هڪٻئي جي پاسي ۾ بيهاري بيان يا تقرير يا دليل جوڙڻ، انهيءَ ڪري نحو جي رواجي معنيٰ ٿي دستور يا طرز يا قانون جن موجب حرف، لفظ ۽ جملا پاڻ ۾ گڏجن ٿا ۽ موافقيت رکن ٿا ۽ هڪٻئي تي عمل هلائين ٿا.“[684]

آڏواڻي ڀيرومل لکي ٿو:

”نحو معنيٰ دستور يا ريت، اصطلاحي معنيٰ موجب علم نحو اهو علم آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي تہ جملا ڪيئن ٿا ٺاهجن ۽ هرهڪ جملي جي لفظن جو هڪٻئي سان ڪهڙو لاڳاپو آهي. جملن جي بناوٽ ۽ تفريق يا ڇيد ۽ بيهڪ جي نشانين بابت ذڪر سڀ نحو ۾ اچي وڃن ٿا.“[685]

مولوي ڊاڪٽر عبدالحق لکي ٿو:

”جملي ۾ لفظن جو هڪٻئي سان باهمي تعلق هوندو آهي، جيئن هر شيءِ جو ظاهر ۽ باطن هوندو آهي. تيئن لفظن جو بہ ٿئي ٿو. ظاهر تعلق اهو

---

[684] مرزا قليچ بيگ، ”سنڌي وياڪرڻ“، ڀاڱو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع، ص 2.

[685] آڏواڻي ڀيرومل، ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1985ع، ص63.

آهي، جنهن جو تعلق حرف سان آهي ۽ باطن اهو آهي جنهن ۾ لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم تي بحث ڪجي، ان بحث کي ”نحو“ چئبو آهي.[686]

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪوبہ اهڙو حرف ڪونهي، جيڪو بغير ڪنهن حرف علت يا اعراب جي لفظن ۾ ڪم ايندو هجي. هن ٻوليءَ جا ڪل ٻاونجاهہ حرف آهن، جيڪي علت ۽ اعرابن جي مدد سان لفظن، پڻ لفظن ۽ جملن جي صورت ۾ جوڙجي استعمال ڪيا وڃن ٿا. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ لفظن کي جوڙڻ وقت منجهن حرف علت ۽ اعراب جو هجڻ لازمي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو رسم الخط جيڪو ڪافي سوچ ويچار بعد 1853ع ۾ تيار ڪيو ويو. تقريباً سوا سؤ سالن کان نافذ العمل آهي، تنهن جو جڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جي پروارين مختلف ٻولين جي اثرن سببان وجود ۾ ايندڙ محاورن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺون ٿا تہ اسان کي هي رسم الخط ڪافي حد تائين نامڪمل محسوس ٿئي ٿو ڇو تہ اها هڪ واضح حقيقت آهي تہ هر ليکڪ تي پنهنجي خطي ۾ استعمال ٿيندڙ زبان جو زياده اثر ٿئي ٿو. ڳالهائڻ توڙي لکڻ سنڌس ان محاوري کان متاثر هوندو. رسم الخط جوڙڻ وارن جي اڪثريت حيدرآباد ۽ لاڙ علائقي سان تعلق رکي ٿي، ان ڪري اهي انهن علائقن جي ٻوليءَ جا ماهر تہ چئي سگهجن ٿا، پر اهو ضروري نہ آهي تہ اهي سموري سنڌ ۽ ان کان ٻاهر استعمال ٿيندڙ محاورن جا ماهر بہ هجن. اهوئي سبب آهي، جو انهن جي تحريرن ۾ لاڙي لهجو ڪتب آندل آهي ۽ لاڙي لهجو علمي ۽ ادبي ڪتابن ۾ زياده استعمال هيٺ رهيو جنهن ڪري ان کي معياري زبان سڏيو ويو.[687]

رسم الخط تيار ڪرڻ وارن ۾ ڪجهہ غير سنڌي بہ شامل هئا، جن کي سنڌ جي سياسي حدن کان ٻاهر دور دراز علائقن جي سنڌي محاورن ۾ استعمال ٿيندڙ مختلف آوازن ۽ حرفن جي چڱيءَ طرح ڄاڻ ڪونہ هئي، جيڪي آواز ۽ اُچار وچولي سنڌ ۾ مروج هئا، تن جي بنياد تي انهن کي عربي رسم الخط جي مدد سان نيون صورتون مقرر ڪري 52 حرف جوڙيا ويا. جنهن جي نتيجي ۾ دور دراز علائقن جا ڪي حرف مرڪب حرف ۽ وسرگ مفرد حرف رسم الخط ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويا، جيڪي اڄ تائين ضرورت هوندي بہ شامل ٿي ڪونہ سگهيا آهن، جنهن سبب ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ نہ صرف اهي رڪاوٽ بڻيل آهن بلڪ اهم مسئلو پڻ آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي پهرين صاحب ديوان مرحوم خليفو گل محمد ”گل“ هالائي (1811ع-1858ع) سال 1958ع ۾ بمبئيءَ مان پنهنجو ديوان ڇپرايو هئائين، جنهن ۾ هن موجوده صورتخطي جوڙڻ واري ڪاميٽيءَ طرفان ڪجهہ سهو ٿيڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن سبب ڪيترائي اُچار شڪلين جي مقرر نہ ٿيڻ ڪري رهجي ويا آهن. انهيءَ لاءِ هن ٻن بابن ۾ دليل ۽ چارٽ بہ ڏنا آهن. پنهنجو ديوان 55 اکرن تي ترتيب ڏنو اٿس، جيڪي هن طرح آهن:

ا ب ٻ پ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث ج جهہ ڄ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر رهہ ڙ ز س ش ص ض ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ گهہ ڳ ڱ ل لهہ م ن نهہ ڻ و هہ ي.

سندس جوڙيل رسم الخط ۾ موجوده صورتخطي جيان ”ء“ ڪونهي. انهيءَ کي شامل ڪرڻ سان صورتخطيءَ ۾ 56 اکر ٿين ٿا. ڀانئجي ٿو تہ ”علم السان“ ۾ چڱي مهارت رکندو هو.[688] اهوئي سبب آهي جو هن صورتخطيءَ ۾ ٿيل سهو جي نشاندهي ڪئي آهي، جيڪا ڪافي حد تائين معقول ٿي لڳي. هالائي مرحوم جي ج هہ ز رهہ گهہ لهہ نهہ ۽ گهہ اصل ۾ ”گهہ ۽ ج هہ اصل ۾ ”جهہ“ آهي ”ل هہ ۽ ن هہ اصل ۾ ”لهہ“ ۽ ”نهہ“ آهن. ” ڙ “ اسان وٽ عام طور مروج آهي. ”ڏ“ اصل ۾ ”ڏ“ آهي. باقي ”رهہ“ غالباً لاڙ علائقن ۾ ڪٿي مروج هجي، جنهن جي هن نشاندهي ڪونہ ڪئي آهي.

---

[686] مولوي عبدالحق، ڊاڪٽر، ”اردو صرف و نحو“، اردو اڪيڊمي، ڪراچي، جولاءِ 1969ع، ص 11.

[687] ميمڻ، عبدالغفور، سنڌي، ڊاڪٽر، ”نثري ادب“، ماهوار پيغام، ڪراچي، نومبر، ڊسمبر 1988ع، ص 16.

[688] خليفو گل محمد هالائي، ”ديوان گل“، بمبئي، 1958ع، ص 2-3.

منهنجي مشاهدي موجب سنڌي ٻوليءَ جي مروج 12 محاورن ۾ تقريباً 12 ٻيا حرف استعمال ٿي رهيا آهن. جن کي رسم الخط ۾ شامل ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. جيئن هن ٻوليءَ کي اڃا وڌيڪ زرخيز بڻائي ترقي ڏياري سگهجي. انهن مان ڪجهه حرفن کي رسم الخط ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪجهه محققن خاص طور ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جن به نشاندهي ڪئي آهي. تنهنڪري ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته انهن 12 حرفن جي حقيقت ۽ اهميت کي تسليم ڪندي کين رسم الخط ۾ جاءِ ڏيئي صورتخطيءَ کي مڪمل ڪري نه صرف ٻوليءَ کي ترقي ڏياري وڃي، بلڪ ٻوليءَ جي لغت ۾ اضافو ڪندي ان جي اهميت کي وڌايو وڃي.

رسم الخط ڪو آسماني صحيفو نه آهي جو ان ۾ ڪو واڌارو يا اصلاح ڪونه ٿي سگهي ٿو. هر ارتقا پذير ٻوليءَ ۾ ان جي حقيقي ترقيءَ لاءِ پيش ٿيندڙ جديد ضرورتن کي تسليم نه ڪرڻ حقيقتن کان انحراف جي مترادف آهي، تنهن ڪري ٿڌي دل سان انهن حرفن جو جائزو ورتو وڃي ۽ ضرورت موجب انهن کي جاءِ ڏني وڃي. اڳتي انهن حرفن تي مختلف محاورن ۾ استعمال ٿيڻ جي لحاظ سان تفصيلي بحث ڪيو ويندو. راقم الحروف انهن لاءِ هيٺيون صورتون تجويز ڪيون آهن.

### ”ز ل ٿ ٿ ڊ ڍ ل ن ڻ ڏ ڙ م“.

سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن جو نحوي جائزو وٺبو ته مختلف محاورن ۾ اسان کي حرف ”ز“ ۽ حرف ”ل“ جو استعمال نظر اچي ٿو. هي ٻئي حرف اسان جي ٻوليءَ ۾ فارسي، بلوچي بروهي ۽ کيتراٽي ٻولين مان اچي شامل ٿيل لڳن ٿا. جيئن ته مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته ڀر وارين ٻولين جو هڪٻئي تي اثر ٿئي ٿو جنهن سبب محاورا وجود ۾ اچن ٿا. اهوئي سبب آهي جو مٿيان ٻه حرف اسان جي ٻوليءَ جي ڪجهه محاورن ۾ نظر اچن ٿا.

حرف ”ز“:

هي حرف اسان کي فارسي، ڪوهستاني، لاسي، جدگالي، جغدالي، فراکي ۽ کيتراٽي محاورن ۾ استعمال ٿيندي ملي ٿو. هي حرف ائين لڳي ٿو ته ڄڻ اصل ۾ سنڌي زبان جو ئي حرف آهي، ڇوته جڏهن ڪو حرف ڪنهن ٻولي يا ان جي ڪنهن محاوري ۾ پوريءَ طرح استعمال ٿيندو هجي ته پوءِ ان کي ان ٻوليءَ جو حرف سمجهڻ گهرجي. هن حرف جي استعمال بابت ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

خَزَڪ: هي لفظ اصل ۾ سبي خطي جي هڪ پناڻ قوم جي هڪ شاخ ”خجڪ“ جو نالو آهي، جيڪو ٻولين جي اثرن سبب ”ج“ جو حرف ”ز“ ۾ بدلائي ”خزڪ“ ٿيو آهي. اهڙيءَ طرح فراکي محاوري جا ڪجهه ٻيا لفظ مثلاً ”دشمن“ بدران ”دزمن“ ”گوشت“ بدران ”گوزد“، ”بُوجرو“ بدران ”بُوزو“ ۽ ڪنهن جيت جي آواز ”ڇِرچر“ بدران ”ڇيزو“ يا ”ڇزڪو“ طور استعمال ٿين ٿا. مٿين لفظن ۾ حَرف ”ز“ ”دَشمن“ ۽ ”گوشت“ جي ”ش“، ”بوجرو“ ۾ ”ج“ ۽ ”ڇِر ڇر“ ۾ ”ر“ بدران اختيار ڪيو ويو آهي.

ڪراچي ۽ لسٻيلي جي علائقن ۾ به حرف ”ز“ جو استعمال عام ٿئي ٿو جنهن کي سنڌي الف ب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ تجويز ڏيندي محترم ج. ع منگهاڻي ڪجهه ان جا مثال به ڏنا آهن.

جهڙوڪ: ”بوز“ وار، ”بُوزو“= ننڍو ٻار ”بُزونگي“= ريشمي ڪپڙو ڪاٺڻ وارو ڪيڙو ”پُز“= دوا لڳل ڪپهه ”ڇِزڪو“= ٻوٽن جو آواز ”مِزڪو“= جهيٽو آواز ”ڪِزڪو“= ٻارن جو گهٽو روئڻ ”ڪازوڙو“= ڪانگن جو گڏيل آواز ”گِزجڻ“= ڪاڏو خراب ٿيڻ ”ڪِزجڻ“ سڪڙجڻ= ”گِزڪا“ ڪنڌ ۽ گيهه ۾ پڪل ماني ڪاٺڻ جو

آواز. ”گانزو“= ڪمزور ٻار ۽ ”زڻ زڻ“= مشين جو آواز وغيره.[689]

توجهه سان غور ڪيو وڃي تہ اهو حرف اسان کي خود معماري توڙي ٻين عام محاورن ۾ بہ ملي سگهندو. مثلاً: ”مِزگان“، ”ٽيليويزن“، ”زوب“ (فورٽ سنڊيمن) ۽ ”ازدها“ وغيره.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي صاحب جن پنهنجي ڪتاب ”تحقيق لغات سنڌي“ ۾ بہ ”ازدها“[690] لفظ لاءِ ڪم آندو آهي. ان کان علاوه تحفة الڪرام“ ۾ ”مازندران“[691] شهر جي نالي ۾ ڪم آندو ويو آهي. سنڌي ادب ۾ اڪثر اهو حرف ڪم آندو وڃي ٿو جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي صرف هاڻ پوريءَ طرح اسان جي ٻوليءَ جي رسم الخط ۾ جاءِ حاصل ڪري چڪو آهي، پر اسان ان کي صورتخطيءَ واري پٽيءَ ۾ جاءِ ڏيڻ کان قاصر رهيا آهيون.

حرف ل:

هي آواز اصل ۾ بروهي زبان جو هڪ حرف آهي ۽ بلوچستان جي بروهين جي سنڌ سان ڳنڍيل علائقن جي سنڌي زبان ۾ ڳالهايو وڃي ٿو. خاص طور خضدار، سبي، بارکان، لسٻيلو نصير آباد ۽ ڪڇي ضلعي جي ڪيتراٽي، فراڪي، جغدالي، لاسي، ۽ ڪوهستاني محاورن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

هي حرف بروهي زبان ۾ ”مل“= پٽ ”خل“= مارڻ ۽ سور، ”اِل“= بخار، ”ميل“= رڍ، ”تُول“= ويهہ، ”قروال“= ڪير، = ”اِلہ مل“= سوٽ جي معنائن ۾ ڪم اچي ٿو. هن جو اچار ”ل“ ۽ ”ٿ“ جي وچ تي صرف ”ز“ ۽ ”ش“ جي گڏيل آواز جهڙو ئي استعمال ٿئي ٿو.

ان حرف جي استعمال تي غور ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ اهو حرف مٿي ذڪر ڪيل قومن جي ٻوليءَ ۾ ”ل“ ۽ ”هہ“ جي وچ تي ”ز“ جهڙي اُچار ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڪڇي ۽ ٽري محاورن تي غور ڪبو تہ اهو حرف انهن علائقن ۾ بہ لاسي، ڪوهستاني، جغدالي، فراڪي ۽ ڪيتراٽي محاورن وانگر جذب ٿي چڪو آهي. مٿي ذڪر ڪيل قومن وانگر هاڻ سماٽ قومون بہ ان حرف کي انهن علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي حرف طور استعمال ڪن ٿيون. جيتوڻيڪ هي حرف بروهي ۽ ٻيل قومن کان سواءِ ٻين قومن وارا جلد استعمال ڪري ڪونہ سگهندا آهن، پر انهن قومن سان گڏ رهڻ سبب اهي آسانيءَ سان ان حرف کي استعمال ڪري ٿا سگهن. اهوئي سبب آهي جو اهو حرف سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿئي ٿو جنهن مان ان حقيقت جو پتو پوي ٿو تہ هي حرف بہ حرف ”ز“ وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي جاءِ والاري چڪو آهي. تنهنڪري ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ قديم سنڌين جي هن حرف کي بہ صورتخطيءَ ۾ قبول ڪيو وڃي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪل ڏهہ اعرابون آهن، جن جي مدد سان ٻوليءَ ۾ اِملا، لفظ ۽ جملا جڙن ٿا. اهي اعرابون، اڳياڙين توڙي پڇاڙين ۾ ڪم آنديون وڃن ٿيون. مختلف محاورن تي غور ڪبو تہ ڪيترن ئي محاورن ۾ لفظن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڪافي فرق سان استعمال ٿيندي محسوس ٿين ٿيون. خاص طور معياري ۽ لاڙي محاوري کان سواءِ تقريباً سيني محاورن جي ڪافي لفظن جون پڇاڙيون ساڪن ٿيو وڃن ۽ اَ اِ اُ پڇاڙيون حذف ٿي وڃن ٿيون.

اِملا جوڙڻ: ٻوليءَ ۾ حرفن کان ننڍا لفظ جوڙڻ جي عمل کي علم املا چئبو آهي. ان کان پوءِ هڪڙن لفظن مان ٻيا لفظ جڙن ٿا. هن عمل کي اشتقاق چئبو آهي. اهڙيءَ طرح لفظن مان جملا جوڙڻ يا ٺاهڻ واري سموري عمل کي علم نحو چيو وڃي ٿو.

معياري محاوري ۾ لفظ ”ڪَٽَ“ = ڪ+ ٽ ۾ اعراب ”اَ“ استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح لفظ ”گڏهُ“ ۾ گ+ ڏهُ= گڏهُ ۾ اعراب ”اُ“ استعمال ٿيل آهي.

---

[689] ج. ع. منگهاڻي، ”سنڌي الف ب جو سوال“، روزانہ هلال پاڪستان، ڪراچي، ماهنامہ ميگزين، ڊسمبر، 1982ع، ص 62.

[690] سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”تحقيق لغات سنڌي“، فردوس پرنٽنگ پريس، حيدرآباد، 1955ع، ص 21.

[691] مير علي شير قانع، ”تحفة الڪرام“، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع، ص 494.

جڏهن ته لفظ ڇتِ= ۾ ڇ + ت = ڇتِ ۾ اعراب ِا“ ڪم آندل آهي. هاڻ جيڪڏهن اسين مختلف محاورن ۾ انهن لفظن جي جڙجڙ بعد اُچارن تي غور ڪنداسين ته اهي ٽيئي حرف اسان کي معياري ۽ لاڙي محاوري کان سواءِ باقي سڀني محاورن ۾ ساڪن ٿيل پڇاڙين سان استعمال ٿيندي ملن ٿا. مثلاً؛ ”ڪَٿَ“ بدران ”ڪَٿ“، ”گَڏهُ“ بدران ”گَڏهه“ ۽ ”ڇتِ“ بدران ”ڇت“ وغيره.

ان کان علاوه ڪي لفظ مختلف محاورن ۾ مختلف نموني اچاريل ملندا. هيٺ اسين ”گڏهُ“ جو مثال پيش ڪريون ٿا. هي لفظ يا نالو جدا جدا نموني استعمال ٿيڻ کان علاوه ڪجھ محاورن ۾ ته استعمال ۾ ئي ڪونه ٿو ٿئي مثلاً: اترادي ۾ ”گَڏَهه“، ماڇڪيءَ ۾ ”گڏاهه“ جغدالي ۾ ”گڏاهه“، فراڪيءَ ۾ ”گڏاهه“، ڪيتراڻي ۾ ”خَر“، ڪوهستانيءَ ۾ ”گڏا“، لاسيءَ ۾ ”گڏا“، جدگاليءَ ۾ ”گڏا“، ۽ ”ڪَر“ لاڙيءَ ۾ ”گَڏَهُ“، ڪڇيءَ ۾ ”گڏهه“ ۽ ٿري ۾ ”گڏهه“ وغيره.

اهڙي قسم جي لفظن جي استعمال وقت جڏهن حرفن جون پڇاڙيون حذف ٿي وڃن ٿيون، تڏهن سوال هي پيدا ٿئي ٿو ته انهن جي مذڪر ۽ مؤنث جي خبر ڪيئن پئجي سگهندي. تنهن لاءِ هي وضاحت ضروري آهي ته جنهن لفظ جي پڇاڙي حذف ٿيڻ جي صورت ۾ جڏهن مذڪر يا مؤنث جي حقيقت واضح نه هجي، تنهن کي مؤنث يا مذڪر واضح ڪرڻ لاءِ ڪجھ ٻين حرفن يا لفظن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو.

مثلاً: ”مَڪِ“= م+ ڪ پڇاڙي /اِ/

هاڻ هن لفظ کي ٻين محاورن ۾ جڏهن پڇاڙيءَ ”اِ“ حذف ٿئي ٿي ته ان کي مذڪر يا مؤنث طور واضح ڪرڻ لاءِ ان ۾ اضافي حرف جوڙيو وڃي ٿو. مثلاً: ”مَڪِ“ بدران مؤنث ”مَڪي“ ۽ مذڪر لاءِ ”مڪو“ ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح ”گڏهُ“ جي ”هه“ ساڪن ٿيڻ جي صورت ۾ مذڪر لاءِ ”نر“ ۽ مؤنث لاءِ ”مادي“ يا ”ڪوتي“ ۽ ”اٺ“ لاءِ ”ڏاچي“ جا لفظ گڏائي استعمال ڪيا وڃن ٿا. مطلب ته ڪنهن حرف علت ڳنڍڻ بدران نئون لفظ ظاهر ڳنڍڻو پوي ٿو جيئن ان کي واضح طور سمجهي سگهجي.

لفظن جي جوڙجڪ:

هر ارتقا پذير ٻوليءَ ۾ ٻين ٻولين مان حرف ۽ لفظ وٺي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي اهليت هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي ٻوليءَ ۾ به ٻين پروارين ٻولين مان لفظ توڙي حرف حاصل ڪري پنهنجو ڪرڻ جي تمام گهڻي اهليت موجود آهي، جنهن سبب هي ٻولي نه صرف هڪ عظيم ۽ وسيع ٻولي جي حيثيت رکي ٿي، بلڪ انهن خوبين سبب ان جا ڪيترائي محاورا وجود ۾ اچي چڪا آهن، جيڪي ان جي عظمت جي ساک پرين ٿا.

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

”سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترا بي انداز عربي ۽ فارسي لفظ گڏجي پيا آهن جو گهڻو ڪري نج سنڌي ۽ عربي لفظن جي سڃاڻپ به مشڪل ٿي پئي آهي. سنڌي لکڻ جي اکرن يا صورتخطيءَ کي ’عربي سنڌي‘ ٿا چئون. گهڻا علمي لفظ عربيءَ جا ڪم اچي ويا آهن. رڳو ٿوري عرصي کان ڪي ٿورا نالا سنسڪرت ٻوليءَ جا ڪم اچڻ لڳا آهن. تنهن ڪري ’صرف ۽ نحو‘ جي بيان ڪرڻ ۾ اڪثر عربي واري ترتيب ۽ ترڪيب ڪم اچي ٿي.[692]

صرف نحو ۽ عربي يا فارسيءَ جو سنڌيءَ ۾ جيتري قدر دخل آهي اهو لغت جي وسيلي معلوم ٿي سگهندو ته ڪهڙا لفظ عربي ۽ فارسيءَ جا آهن. هيٺ نموني طور اُچارن جي وضاحت لاءِ ڪي حرف ڏجن ٿا، جيڪي مختلف صورتن ۾ بدلجي ڪم اچن ٿا. سڀ ڪنهن ٻوليءَ ۾ اهو دستور آهي ته ٻي ٻوليءَ جا لفظ وٺي اُن جا ڪي حرف يا اُچار بدلائي ڪم آڻبا آهن، جيئن ”گ“ کي ”ڳ“ ڪري سنڌيءَ ۾ ڪم آندائون ”ب“ کي ”ٻ“، ”ج“ کي ”ڄ“ ۽ ”غ“ کي ”گ“ وغيره.[693]

---

[692] مرزا قليچ بيگ، ”سنڌي وياڪرڻ“، ڀاڱو ٻيو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع ص 1_2.

[693] مرزا قليچ بيگ، ”سنڌي وياڪرڻ“، ڀاڱو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1940ع ص 40.

اهڙيءَ طرح جيڪڏهن لفظن جو مطالعو ڪنداسين تہ اسان کي مختلف بدليل صورتون نظر اينديون. مثلاً: عربيءَ جو لفظ "بَصَل"، "بصِر" آهي "قينچي"= ڪينچي"، "چاقو"= "چاڪو" آهي، جنهن مان اسان کي لفظن جي نحوي بناوتن جو پتو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح جڏهن اسان انهن ئي لفظن جو محاورن جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺنداسين تہ ڪافي فرق محسوس ٿيندو. هيٺ "بصر"، "ڪينچي" ۽ "چاڪو" لفظ جو مثال پيش ڪجي ٿو جنهن مان واضح فرق نظر اچي ٿو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| معياري | بصر | ڪينچي | چاقو |
| اترادي | بصر | ڪينچي | چاڪون |
| ماڇڪي | بصل | ڪئينچي | چاڪون |
| جڳدالي | بصل | ڪئينچي | چاخون |
| فراڪي | وصل | ڪئينچي | چاخو |
| ڪيتراٽي | بصل- وصل | ڪئينچي | چاخون |
| ڪوهستاني | بصر | ڪئينچي | چاخون |
| لاسي | وصل | ڪينچي | چاخون |
| جدگالي | وصل | ڪِنچي | چاخون |
| لاڙي | بصر | ڪينچي | چاقو |
| ڪڇي | بصل | ڪئينچي | چاڪون |
| ٿري | بصل | ڪئينچي | چاڪون |

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي مفرد صوتيا بہ آهن. جيڪي اسان جي صورتخطيءَ ۾ ٻن جدا جدا حرفن جي شڪل ۾ لکيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ اهي حرف ڳالهائڻ وقت مفرد حرفن جي حيثيت رکن ٿا. پر لکڻ ۾ انهن کي الڳ الڳ ٻن ٻن حرفن ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم علي نواز حاجن خان جتوئي ۽ مرحوم محمد سومار شيخ جن پنهنجن تصنيفن ۾ انهن جي مفرد حرف هجڻ جي ڪجھ وضاحت ڪندا رهيا آهن. اهي حرف هي آهن:

**ڏھ، ڙھ، نھ، لھ، ٽھ، مھ وغيره.**

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب انهن حرفن جي پاڙ ۾ جزوي اِدغام جي هيئن وضاحت ڪئي آهي.

"اِدغام جون بہ صورتون آهن. هڪ "ڪلي اِدغام" ۽ ٻيو "جزوي اِدغام". ڪُلي اِدغام واري صورت ٺ، ٿ، ڦ، ک ۽ ڇ اُچارن جي آهي، جن ۾ "ھ" جو اُچار مڪمل طور سمائجي چڪو آهي. ان جي پرک اها آهي جو انهن اچارن جي پويان ٻي "ھ" اچي سگھي ٿي. جيئن ٺهڻ"، "ٿهرڻ"، "ڦهڪائڻ"، "ڪهڻ" ۽ "ڇُهڻ". اِدغام جزوي واري صورت "ڀ" (ٻھ) "ڌ" (دھ) "ڍ" (ڊھ)، جھ، گھ، ڏھ، ڙھ، مھ، نھ، لھ ۽ ٽھ اُچارن جي آهي، جن ۾ "ھ" جو ادغام مڪمل طور نہ بلڪ جزوي طور سمايل آهي يا "ٽر" ۽ "ڊر" جن ۾ "ٽ" ۽ "ر" ۽ "ڊ ۽ ر" جو ادغام جزوي طور ٿيل آهي. ان جزوي ادغام جي حيثيت بہ ڄڻ هڪ منفرد اُچار واري آهي. ٻئي طرح ائين چئجي تہ ڏھ، ڙھ، مھ، لھ، نھ، ٽھ، ٽر، ڊر. مان هرهڪ مستقل صوتيو آهي. معنيٰ تہ اها ٻن اچارن جي نہ پر فقط هڪ ئي اچار جي تحريري صورت آهي. سنڌي الف ب کي مرتب ڪرڻ وقت اهو ضروري هو تہ شروع کان ئي ڀ، ڌ، گھ، جھ، وانگر انهن ائن اُچارن لاءِ بہ اٺ جدا اکر شامل ڪيا وڃن ها. بهرحال هاڻوڪي صورتخطيءَ کي مدنظر رکندي، اسان چونداسين تہ جيئن گھ هڪ اکر آهي، ۽ جھ بہ هڪ اکر آهي. تيئن "ڏھ" بہ هڪ اکر آهي، زھ بہ هڪ اکر آهي، ۽ ٽر بہ هڪ اکر آهي. اهڙيءَ طرح باقي مھ، نھ، لھ، ٽھ، ڙھ ۽ ڊر وغيره بہ جدا جدا اکر آهن. انهن اضافي اکرن تي جڏهن زبر زير يا پيش ڏبو تہ پهرين جُز تي

ڏبو مگر اهو ٻنهي جُزن سان لڳندو.[694]

ڊاڪٽر صاحب انهن اکرن جي لفظن جا مثال ڏيندي:

ڪڏهن، پڙهڻ، سامهون، ڪانهي، ڳالهہ، ماٺهو، وَٽر ۽ ڊريڙا[695] جا لفظ بہ ڏنا آهن. شاعري جي وزن جي گهٽ وڌائي ۽ تور بابت هو لکي ٿو: ”انهن لفظن جو وزن بہ انهن مستقل صوتين جي لحاظ سان توربو. البتہ جيڪڏهن انهن اکرن ۽ آوازن جي ”ٻئي جُز“ کي جدا ڪري پڙهبو تہ پوءِ ٻن جدا اکرن واري صورت پيدا ٿيندي، جيئن تہ ”ڪڏ+ هين“، اتي، ’ڏ ۽ هہ بہ جدا حرف ٿيندا ۽ وزن بہ جدا ٿيندو.[696]

ڏ هہ، مهہ، لهہ، تهہ، نهہ ۽ ڙهہ جا مرڪب حرف مفرد طور استعمال ڪرڻ لاءِ پنجابي زبان ۾ بہ مثال موجود آهن، جن کي محققن طرفان مفرد صورت ڏيڻ تي زور ڏنو تو وڃي.[697]

مفرد حيثيت ۾ استعمال ٿيڻ باوجود اسان انهن لاءِ ڪا مفرد صورت مقرر ڪونہ ڪري سگهيا آهيون. جڏهن تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ انهن مفرد حرفن کي بجاءِ جدا جدا صورتن ۾ استعمال ڪرڻ جي ڪا مفرد صورت ڏيئي استعمال ڪريون، ڇوتہ حقيقت آخر حقيقت آهي، جنهن کي تسليم ڪرڻ ۾ عار نہ ڪرڻ گهرجي.

انهن حرفن کي جڏهن اسان جا شاعر ٻن حرفن ۾ استعمال ڪن ٿا، تہ پڙهڻ وقت اهي هڪ حرف جي صورت ۾ استعمال ٿين ٿا. ان ڪري شعر جي وزن ۾ فرق ٿيڻ سبب وزن ٽٽي پوي ٿو ۽ پيش ڪرڻ وقت جهول پيدا ٿئي ٿو ان ڪري انهن حرفن کي هڪ مستقل مفرد صورت ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم صنف شاعريءَ جو مونجهارو ختم ٿي سگهي ۽ اسان جي صورتخطيءَ بہ وڌيڪ ترقي ڪري سگهي. راقم انهن حرفن لاءِ ”ڏهہ“ بدران ”ڏ“ ”ڙهہ“ بدران ”ڙ“، ”نهہ“ بدران ”ن“، ”ٹهہ“ بدران ”ڻ“، ”لهہ“ بدران ”ل“ ۽ ”مهہ“ بدران ”م“ جون صورتون تجويز ڪيون آهن، جن جي پڙهڻ توڙي لکڻ ۾ وڏي آساني پيدا ڪري ٿي سگهجي.

مٿين مفرد حرفن سان اسان جي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ جڙجن ٿا، جيڪي لکت ۾ ٻن حرفن جي صورت ۾ استعمال ڪيا وڃن ٿا. اهي حقيقت ۾ وسرگ اچارن وارا مفرد حرف آهن. جڏهن انهن حرفن جي مختلف لفظن جو مختلف محاورن ۾ نحوي جائزو وٺنداسين تہ اسان کي انهن ۾ ڪافي فرق محسوس ٿيندو، ڇوتہ اهي ڪيترن ئي جاين تي پنهنجي وسرگائي حيثيت بہ وڃائي مڪمل طور اوسرگ اچارن ۾ استعمال ٿين ٿا. جن مان ”هہ“ جو جزوي اچار بہ ختم ٿي وڃي ٿو. مثال طور:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| معياري | ڪَڏِهن | چاڙِهي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهہ | سامهون |
| اترادي | ڪَڏِهين | چاڙِهي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهہ | سامهون |
| ماڇڪي | ڪڏين | چاڙي | ٻانهو | ماٺهو | ڳالهہ | سامهون |
| جغدالي | ڪڏين | چاڙي | ٻانون | ماٺون | ڳال | سامون |

694 بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”شاهہ جي بيتن ۾ واين ۾ وزن ۽ قافيي جا معيار“، تہ ماهي مهراڻ، حيدرآباد، 1986/3ع، ص 42.

695 ايضاً، ص 43.

696 ايضاً، ص 43.

697 ميان محمد سعيد، ”سوکي پنجابي لپي“، ماهوار لهران“، لاهور، اپريل، 1989ع، ص 12.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| فراڪي | ڪڏي | چاڙي | ٻانون | ماٽون | ڳال | سامون |
| ڪيتراٽي | ڪَڏِ | چاڙِي | ٻانون | ماٽون | ڳال | سامون |
| ڪوهستاني | ڪڏين | چاڙي | ٻانهون | ماٽهون | ڳال | سامهون |
| لاسي | ڪَرِ | چاڙي | ٻانو | ماٽو | گال | سامون |
| جدگالي | ڪَر | چاڙي | ٻانو | ماٽو | گال | سامون |
| لاڙي | ڪڏِهين | چاڙهي | ٻانهو | ماٽهو | ڳالهہ | سامهون |
| ڪڇي | ڪڏئين | چاڙئي | ٻانو | ماٽو | ڳال | سامون |
| ٿري | ڪڏئين ڪيڏ | چاڙئي | ٻانو | ماٽو | گال | سامون |

ڪن محققن حرف ”جھ“ ۽ حرف ”گھ“ کي بہ مرڪب حرف چيو آهي، پر حقيقت ۾ اهي ٻئي مرڪب نہ بلڪ مفرد وسرگ حرف آهن. ڊاڪٽر غلام علي الانا انهن حرفن بابت لکي ٿو:

”اهي حرف مرڪب نہ بلڪ مفرد آهن، ڇوتہ انهن ۾ ”ھ“ حرف ڪنهن ڌار آواز جي نمائندگي ڪونہ ٿو ڪري، جنهن مان ڇٽي سگهجي ٿو تہ اهي ٻئي حرف مرڪب حرف نہ آهن“.[698] اهي ٻئي حرف اسان جي ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۾ وسرگ کان اوسرگ نہ ٿي سگهن ٿا، پر مرڪب ڪنهن بہ صورت ۾ ڪونہ آهن. انهن حرفن ۾ بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ”ھ“ جو اچار ڪلي طرح ادغام ٿي چڪو آهي، پر ظاهري طرح ان جي صورت ٻن حرفن جهڙي آهي، جنهن سبب انهن کي مرڪب ڪوٺيو پيو وڃي.“

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا ٻيا بندشي حرف آهن، منجهن گسڪيدار آواز بجاءِ ”ر“ جو لرزيدار آواز سمايل آهي،[699] پر اسان جي صورتخطيءَ ۾ اهي مفرد طور ڏنا ويا آهن. حالانڪ غور ڪجي تہ اهي واضح طور مرڪب صورت ۾ ملن ٿا، جيڪي مختلف لفظن ۾ استعمال ٿيڻ وقت ننڍڙي گڏيل ”ر“ سان اچارجي استعمال ٿين ٿا. اهڙن حرفن مان ”ڊ“، ”ڍ“ ۽ ”ٽ“ حرفن بابت تہ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مرحوم محمد سومار شيخ ۽ سرڳواسي پيرومل آڏواڻيءَ جن پنهنجن لکڻين ۾ ذڪر ڪيو آهي، پر راقم جي مشاهدي موجب چوٿون حرف ”ٺ“ بہ موجود آهي، جيڪو اسان کي ڪجهہ محاورن ۾ گڏيل ننڍي ”ر“ جي اُچار سان ملي ٿو. اهي چارئي حرف اسان جي ٻوليءَ ۾ سوين لفظن ۾ گڏيل ”ر“ سان استعمال ٿيندي ملن ٿا. هيٺ انهن جي مختلف محاورن جي لفظن ۾ استعمال ٿيڻ جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

1. حرف ”ڊ“: هي حرف معياري محاوري کان علاوه ڪڇي، ڪوهستاني، اترادي، ماڇڪي، جغدالي، فراڪي، لاسي، جدگالي، ڪيتراٽي محاورن ۾ بہ مرڪب طور استعمال ٿيندي ملي ٿو پر ڪٿي ڪٿي لاڙي، ٿري، محاورن ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. ان حرف جا ڪجهہ لفظ هي آهن: ”ڇَنڊ“، ڪنڊ“، ”نِنڊِ“،[700] ”ڊُڪائڻ“، ”ڏڊ“ ۽ ”ڊاهڻ“ وغيره. مٿي ذڪر ڪيل محاورن ۾ اهي ”ر“ سبب بدلجي ترتيبوار ”ڇَنڊر“، ”ڪَنڊر“، ”نِنڊر“، ڊُرڪائڻ“، ”ڏڊر“ ۽ ”ڊراهڻ“ ٿين ٿا.

[698] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي صورتخطي“، سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد، 1949ع، ص 61.

[699] جتوئي، علي نواز حاجن خان، ”علم السان سنڌي زبان“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1983ع، ص 68.

[700] شيخ، محمد سومار، ”ڪڇين جا قول“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1977ع، ص 53.

جڏهن ته جغدالي ۽ فراڪي محاوري ۾ ”ٻرڪائڻ“ ۾ ”ي“ جو اضافو ڪري ”ٻڙيڪائڻ“ طور استعمال ڪيو وڃي ٿو يعني ”ٻ“ مٿان استعمال ٿيندڙ پيش حذف ڪري ”ي“ کي ”زير“ مان استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان کان علاوه انهن لفظن جون اُ_اِ_اَ پچاڙيون به حذف ڪيون وڃن ٿيون.

2. حرف ”ٽ“: هي مرڪب حرف اترادي، ماڇڪي، جغدالي، فراڪي، ڪوهستاني، ڪيتراٽي ۽ لاسي محاورن ۾ استعمال ٿئي ٿو پر ڪٿي ڪٿي ڪڇي ۽ ٿري محاورن ۾ به ”ر“ جي اُچارن سان ڪم آڻجي ٿو. ان جا ڪجهه لفظ هي آهن: ”پٽ“ بدران ”پٽر“، ”مائٽ“ بدران ”مائٽر“، ”ڪٽي“ بدران ”ڪٽري“، ”ڪاٽ“ بدران ”ڪاٽر“، ”ڏاٽو“ بدران ”ڏاٽرو“ ۽ ”آڳاٽو بدران ”آڳاٽرو“ وغيره.

3. حرف ”ڍ“: هي حرف اترادي، ماڇڪي، جغدالي، فراڪي، ڪوهستاني ۽ لاسي محاورن ۾ ”ر“ گاڏڙ استعمال ٿئي ٿو. ڪٿي ڪٿي لاڙي ۽ ڪڇي محاورن ۾ به استعمال ٿئي ٿو. مرڪب صورت ۾ اهو صرف ”ڍو“ (ڪائڻ) بدران ”ڍرو“، ”واڍ“ (رسو) بدران ”واڍر“، ”وَڍ“ بدران ”وَڍر“ جي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو پر ان جي اعرابي پڇاڙي ٻين حرفن وانگر سڀني محاورن ۾ حذف ٿيل هوندي آهي.

4. حرف ”ٿ“: هي حرف جغدالي، اترادي ۽ فراڪي محاورن ۾ گڏيل نئڊي ”ر“ سان ملي ٿو جيڪو تمام ٿورن لفظن ۾ استعمال ٿئي ٿو. لفظ ”سٿو“ معنيٰ چڱويا ان مان نهندڙ ٻين لفظن جهڙوڪ: ”سٿا“، ”سٿيون“ ۽ ”سٿي“ وغيره ۾ استعمال ٿيڻ وقت اهي ”سُٿرو“، ”سُٿرا“، ”سٿريون“ ۽ ”سٿري“ طور ڪم اچن ٿا.

مٿي ذڪر ڪيل چارئي حرف ظاهري طرح مفرد ۽ حقيقت ۾ مٿي ذڪر ڪيل محاورن ۾ مرڪب طور ڪم اچن ٿا. پر انهن جي مرڪب طور استعمال ٿيڻ بعد ڪا به مخصوص صورت مقرر ٿيل نه آهي، جنهن سبب پڙهڻ وقت مرڪب ۽ لکڻ وقت مفرد هئڻ ڪري مونجهارو پيدا ٿئي ٿو. خاص طرح شاعريءَ جي بحر ۽ وزن ۾ ڪافي مونجهارو محسوس ڪيو وڃي ٿو جنهن کي ختم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

راقم طرفان انهن حرفن لاءِ ڪجهه مخصوص صورتون تجويز ڪيون ويون آهن. مثلاً: (1) ”ٻ“ لاءِ ”ٻ“، (2) ”ڍ“ لاءِ ”ڍ“، (3) ”ٽ“ لاءِ ”ٽ“[701] ۽ (4) ”ٿ“ لاءِ ”ٿ“ وغيره. انهن حرفن کي لفظن ۾ هن طرح استعمال ڪري سگهبو.

1. ٻ: ڪنٻ، ”جنٻ“ ۽ ”ٻڪڻ“.
2. ڍ: ”ڍو“، ”وڍ“ ۽ ”واڍ“
3. ٽ: ”چٽ“، ”ڏاٽو“ ۽ مائٽي
4. ٿ: ”سٿو“، ”سٿا“، ”سٿيون“ ۽ ”سٿي“.

جملن جي جوڙجڪ:

مٿي حرفن مان اِملا، لفظ ۽ مرڪب حرفن تي بحث ڪيو ويو آهي. هيٺ لفظن مان جملا جوڙڻ تي بحث ڪبو. ڳالهائڻ يا لکڻ وقت ڪجهه لفظن کي پاڻ ۾ گڏ استعمال ڪجي، جن مان ڪو مقصد سمجهه ۾ اچي تنهن کي جملو چئبو آهي.

جڏهن اسين ڳالهايون ٿا يا لکون ٿا، تڏهن ڪي لفظ ڪم آڻيون ٿا. لفظ گڏ اسين اهڙي طرح سٽيون ٿا، اهڙي هرهڪ سٽ کي جنهن مان پورو مطلب نڪري تنهن کي جملو چئبو آهي.[702] هيٺ ٻوليءَ جي مختلف محاورن جي ترتيب سان ڏنل جملن جي جوڙجڪ تي غور ڪبو ته اسان کي ڪافي فرق محسوس ٿيندو ۽ لفظن جي ساخت ۾ فرق نظر ايندو.

---

[701] بروهي داد محمد خادم، ”سنڌي صورتخطيءَ جو لساني جائزو“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، جولاءِ 1984ع، ص 11.

[702] مرزا قليچ بيگ ”سنڌي وياڪرڻ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڀاڱو پهريون، 1971ع، ص 1.

| | | |
|---|---|---|
| جملو پهريون: | معياري | آءٌ خط لکي رهيو آهيان |
| | اترادي | مان خط لکي رهيو هان |
| | ماڇڪي | مان خط لکدو پيو هان |
| | جغدالي | مان خط لکدو پَيو هان |
| | فراڪي | مان خط لکنو پَئو هان۔ آن |
| | کيتراڻي | مان خط لکنو پَئو هان۔ آن |
| | ڪوهستاني | مان خط لکدو پيو هان |
| | لاسي | مان خط لکدو پيو هان |
| | جدگالي | مان خط لکدو پَئو هان |
| | لاڙي | آءٌ خط لکي رهيو آهيان |
| | ڪڇي | آءٌ خط لکنو پئو هان |
| | ٿري | آءٌ خط لکي وئيو آئيان |
| جملو ٻيو: | معياري | پکي اُڏامي رهيو آهي |
| | اترادي | پکي اُڏري رهيو آهہ |
| | ماڇڪي | پکي اُڊردو پيو آ |
| | جغدالي | پکي اُڊردو پيو آ ۔ هَئي |
| | فراڪي | پکي اُڊرنو پَئو آ ۔ هي |
| | کيتراڻي | پکي اُڊرنو پئو اي |
| | ڪوهستاني | پکي اُڏردو پيو آهہ |
| | لاسي | پکي اُڊردو پيوءِ |
| | جدگالي | پکي اُڊردو پئوءِ |
| | لاڙي | پکي اڏامي رهيو آهي |
| | ڪڇي | پکي اُڊرنو رهو آئي |
| | ٿري | پکي اُڊرنو رهئيو آئي |
| جملو ٽيون | معياري | گڏ آهيون |
| | اترادي | گڏ اهيون |
| | ماڇڪي | گڏ ائيون |
| | جغدالي | گڏهون |
| | فراڪي | گڏَون |
| | کيتراڻي | گڏُون |
| | ڪوهستاني | گڏ اهيون |
| | لاسي | گڏون |
| | جدگالي | گڏون |
| | لاڙي | گڏ آهيون |
| | ڪڇي | گڏ آيون |
| | ٿري | گڏ آئيون |


سنڌي ٻوليءَ جو لساني نقشو
پيمانو:
۰ ۱۰۰ ۲۰۰ ۳۰۰ ۴۰۰
۱. لساني حد
۲. ضلعي حد
نقشو ۱
افغانستان
ايران
هندستان

محاورن جو نقشو:

**سنڌي ٻوليءَ جي هن نقشي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۽ انهن جي اندروني حدن جي واضح طور نشاندهي ڪئي ويئي آهي ۽ ٻاهرن ئي محاورن جي حدن کي ورهايو ويو آهي، جنهن کي ڏسڻ سان سيني محاورن جي نالن ۽ انهن جي حدن جي معلومات حاصل ٿئي ٿي.**

**(ڏسو نقشو_2)**




لفظ ''ڏڏ'' جو لساني نقشو:

**سنڌي ٻوليءَ جي نقشي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظ "ڏڏ" کي مختلف نالن سان استعمال ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي ۽ انهن نالن لاءِ مختلف نشانيون استعمال ڪري مختلف محاورن جي نسبت سان واضح ڪيو ويو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لفظ "ڏڏ"( ) کي اترادي ماڇڪي ۽ لاڙي محاورن ۾ "لسي" ( ) جڳدالي ۾ "جهارو" ( ) فراڪي ۽ ڪيتراڻي ۾ "ڏنورو"**

( ) ڪوهستاني ۽ لاسيءَ ۾ ”جهڙ“ ( ) جدگالي ۾ ”مهي“
( ) ڪڇي ۾ ”پاڪي“ ( ) محاوري ٿري ۽ ۾ ”پاڪئي“
( ) چيو وڃي ٿو. (ڏسو نقشو-3)




لفظ ”نوريئڙو“ جو لساني نقشو:

هن نقشي ۾ نوريئڙي جي مختلف نالن ۽ انهن جي آراڏاين جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي. جيئن تہ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ نوريئڙي جا مختلف نالا آهن. پر ڪٿي ڪٿي ساڳيو نالو مختلف آراڏاين سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. مثلاً: لاڙي، ڪڇي، ٿري ۽ معياري ۾ ”نوريئڙو“ ( ) ماڇڪيءَ ۾ ”ڳيلهڙ“ ( ) اتراديءَ ۾ ”نوريڙو“ ( ) جغدالي، لاسي ۽ جدگاليءَ ۾ ”نول“ ( ) ڪيتراڻي ۽ فراڪيءَ ۾ ”نولوُ“ ( ) ۽ ڪوهستانيءَ ۾ ”نورڙو“ ( ) چيو وڃي ٿو. (ڏسو نقشو-4)




لفظ ''اوهانجو'' جو لساني نقشو:

**هن نقشي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظ ”اوهانجو“ کي مختلف علائقن ۾ مختلف آراڏاين سان استعمال ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. مثلاً معياريءَ ۾ ”اوهان جو“ (  ) اترادي، جڳدالي ۽ ڪوهستانيءَ ۾ ”تهانجو“ (  ) ڪيٽراٽي، فراڪي، لاسي ۽ جدگاليءَ ۾ ”تانجو“ (  ) ماڇڪي ۾ ”تسانجو“ (  ) لاڙي ۾ ”اوانجو“ (  ) ۽ ٿري، ڪڇي محاورن ۾ ”آنجو“ ( ) طور استعمال ڪيو ويجي ٿو.** (ڏسو نقشو-5)

محاورن جو نقشو:




**محاورن جي مختلف لفظن جي لڙهي**

هن نقشي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ٻارهن ئي محاورن کي سنڌي ٻوليءَ جي نقشي ذريعي ڏيکاريو ويو آهي. (ڏسو نقشو-6)



مختلف محاورن ۾ جملن جو استعمال:

**سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن ۾ مختلف جملن جي استعمال جو جڏهن اسين جائزو وٺنداسين تہ اسان کي ڪافي فرق محسوس ٿيندو رهندو ۽ ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ بابت پڻ معلومات ملندي رهندي. هيٺين جملن کي اسين محاورن جي ترتيب سان چارٽن ذريعي پيش ڪريون ٿا، جن جي مطالعي سان اسان کي جملن جي لفظن جي آراڏاين جي معلومات ملي ٿي.**

جملو پهريون

| | |
|---|---|
| **معياري** | **هي ڪتاب منهنجو آهي** |
| **اترادي** | **هي ڪتاب مانجو آهي** |

| | |
|---|---|
| ماڇڪي | هي ڪتاب منهنجو اي |
| جغدالي | هي ڪتاب مِنجو اي هَئي |
| فراڪي | اي ڪتاب مينجو اي |
| ڪيتراٽي | اي ڪتاب مِينجوءِ |
| ڪوهستاني | هي ڪتاب مُنجو هي |
| لاسي | اي ڪتاب مِنجواِي |
| جدگالي | اي ڪتاب مِينجو اي |
| لاڙي | هي ڪتاب مُونجو آهي |
| ڪڇي | هي ڪتاب مونجو آئي |
| ٿري | هي ڪتاب موجو آئي |

جملو ٻيو:

| | |
|---|---|
| معياري | هي گهر ڳنهنجو هُيو |
| اترادي | هي گهر ڪينهنجو هو |
| ماڇڪي | هي گهر ڪينهندو هو |
| جغدالي | هي گهر ڪينئجو هو |
| فراڪي | اي گهر ڪينجو اَهو |
| ڪيتراٽي | اي گر ڪِٽجا اَئو |
| ڪوهستاني | هي گهر ڪينهنجو هو |
| لاسي | اي گر ڪنجو او |
| جدگالي | اي گر ڪيجو او |
| لاڙي | هي گهر ڪينهنجو هيو |
| ڪڇي | هي گهر ڪينجو هئيو |
| ٿري | اي گر ڪئينجو هئيو |

جملو ٽيون:

| | |
|---|---|
| معياري | اوهان ويهي رهو |
| اترادي | تهان ويهي رهو |
| ماڇڪي | تسان ٻيهي رهو |
| جغدالي | تهان ويهي رهو |
| فراڪي | تئان ويئي رئو |
| ڪيتراٽي | تان ويئي رئو |
| ڪوهستاني | تهان ويهي رهو |
| لاسي | توئان ٻيهي رهو |
| جدگالي | توئان ٻيئي رئو |

| | |
|---|---|
| لاڙي | اوان ويهي رهو |
| ڪچي | اوان ويئي رئو |
| ٿري | آن ٻيي رئو |

جملو چوٿون:

| | |
|---|---|
| معياري | هو پڙهندو آهي |
| اترادي | هو پڙهدو آ |
| ماڇڪي | هو پڙهدو آ |
| جغدالي | هو پڙهدو هَئي |
| فراڪي | هو پڙهنو هَئي |
| ڪيتراٽي | هو پڙهنوءِ |
| ڪوهستاني | هو پڙهندو آهہ |
| لاسي | يئو پڙهدوءِ |
| جدگالي | يئو پڙدوءِ |
| لاڙي | هو پڙهندو آهي |
| ڪچي | هو پڙهندو آئي |
| ٿري | هو پڙندو آئي |

سبيءَ جو خطو سنڌي ٻوليءَ جي تعليم کان خالي هئڻ جي باوجود سنڌي ادب کان خالي نہ آهي. خطي ۾ ڪيئي بلند پايي جا شاعر ٿي گذريا آهن, جن پنهنجي منڙي ٻوليءَ کي شعر و ادب جي خزاني سان مالامال ڪري ڇڏيو. ڪيئي شاعر زنده آهن, جيڪي پڻ ساڳي خدمت پيا انجام ڏين.

سموري بلوچستان ۾ اردوءَ جي تعليم رائج آهي. بلوچستان جي هن سنڌي ڳالهائڻ وارن علائقن ۾ بہ اردو تعليم مروج آهي. سنڌي ٻولي وڏي اڪثريت ۾ هئڻ جي باوجود هن خطي ۾ سنڌي تعليم جو ڪوبہ انتظام ڪونہ ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن خطي ۾ اردوءَ سان گڏ سنڌي تعليم جو انتظام بہ ڪيل هجي ها تہ هتي اديبن ۽ شاعرن جو تعداد تمام گهڻو هجي ها ۽ سوين نوان نوان اديب ۽ شاعر پيدا ٿيندا رهن ها.

سنڌي تعليم نہ هجڻ سبب خطي ۾ سنڌي ٻولي لکت ۾ ڪونہ ٿي اچي, ان ڪري سنڌي نثر خطي ۾ تمام گهٽ بلڪ نہ هجڻ جي برابر آهي. اهوئي سبب خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج ۾ رڪاوٽ پيل آهي. خطي جي ماڻهن کي سندن مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ سان گڏ بلوچستان جي ريڊيو ۽ ٽي- وي اسٽيشن تان سنڌي پروگرام ڏيڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن هن خطي جي علم و ادب ۽ تهذيب و تمدن کي اڳتي وڌائي سگهجي.

سنڌي تعليم نہ هجڻ جي باوجود خطي جي شاعرن پنهنجي وس آهر پنهنجي منڙي ٻوليءَ جي خدمت پئي ڪئي آهي. پنهنجي شاعريءَ کي سنڌي تعليم نہ هجڻ جي باوجود ڪاغذ جي سيني تي اتاري انهن مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي. خطي ۾ سنڌي تعليم نہ هئڻ ڪري سنڌي اخبارون يا رسالا ۽ يا پريس جي ڪابہ گنجائش ناهي, ان ڪري سندن ڪلام جي اشاعت بہ ناممڪن آهي. ان جي باوجود انهن پنهنجي نظم کي جمع پئي ڪيو آهي.

هن باب ۾ شاعريءَ جو جيڪو مواد پيش ڪيو ويو آهي, ان جو وڏو حصو سنڌي ادب جي اهم حصي جي حيثيت رکي ٿو ڇوتہ خطي جي شاعرن مان ڪي شاعر سنڌ ۾ هميشہ لاءِ اچي آباد ٿيا ۽ سندن شاعريءَ کي سنڌ جي ادبي ۽ اشاعتي ادارن طرفان اصلاح بعد شايع ڪري سنڌي ادب جو حصو بڻايو ويو.

جن شاعرن بلوچستان کي هميشہ لاءِ ڇڏي سنڌ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي, تن جي ٻولي توڙي شاعري بہ آهستي آهستي معياري حيثيت حاصل ڪري ورتي آهي. ان کان علاوه سندن شاعريءَ جو مواد مرتب يا شايع ڪرڻ وقت اشاعتي ادارن طرفان اصلاح ڪري معياري صورت ۾ شايع ڪيو ويو. اهڙيءَ حالت ۾ اسان لاءِ انهن جي شاعريءَ تي جغدالي يا فراڪي محاورن جي روشنيءَ ۾ لساني جائزو وٺڻ لاءِ ڪابہ گنجائش نہ رهي آهي. تنهن هوندي بہ اسان کي جتي ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ حرف يا لفظ محسوس ٿيو آهي, ان تي اسان بحث ڪيو آهي.

ان کان علاوه بلوچستان جي مقبول ترين شاعرن مان صوفي رکيل شاهہ جي رسالي ”بحرالعشق“, صوفي چيزل شاهہ جي رسالي ”بحرالعميق“ ۽ مولوي قادربخش جي رسالي ”گلزار ڪاپاري“ جي چوندڊ شاعريءَ تي بہ مختصر بحث ڪيو ويو آهي, جيڪي سنڌي ادب ۾ سونهري باب جي حيثيت رکن ٿا. جيتوڻيڪ اهي رسالا بہ سنڌ جي اشاعتي ادارن مان شايع ٿيا آهن. جتي اهي مواد کي معياري بنائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ جي باوجود معياري بڻائي ڪونہ سگهيا آهن, ڇوتہ گهڻين تبديلين سبب شاعريءَ جي مقصد, مفهوم يا وزن ۾ فرق ٿي پئجي سگهيو. ان ڪري انهن کي ساڳي ئي رنگ ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ خطي جي ڪجهہ غيرمقبول شاعرن جو بہ ڪجهہ مواد هٿ ڪري ان جو بہ مختصر لساني جائزو ورتو ويو آهي.

مشهور شاعرن جي چوندڊ ڪلام جو لساني جائزو:

پهرين ڀاڱي ۾ اسان خطي جي مشهور شاعرن جو مختصر تعارف پيش ڪري چڪا آهيون. هت انهن جي شاعريءَ مان چونڊ ڪلام جو لساني جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

عثماني احساني:

ڳالهه اڙانگي گور جي، ويهه مَ سار وهي،
ترس مَ ويهه تيار تي، ساٿيئڙا سنيهي،
هي حد هيبت جهڙي، ويندءِ گور ڳهي،
سڀون، وڇون، سهسين، تنڊڻ، نانگڻ ساڻ نهي،
ڏنگي جا ڏنگن سان، ويندءِ ڏيل ڏهي،
ڳري ويندءِ گور ۾، لڳين لحم لهي.[703]

احسانيءَ جو ڪلام وڏيڪ هٿ نہ اچي سگهيو آهي. ”تذڪره لطفي“ مان ورتل سندس مٿئين شعر جي جائزي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن جو ڪلام جغدالي محاوري جو آهي. پهرين سٽ ۾ ”گور“ قبر کي چيو اٿائين، ٻي سٽ ۾ ”سنيري“ بدران ”سنيهي“، پنجين سٽ ۾ ”ڏکي“ بدران ”ڏهي“ جو لفظ استعمال ڪيو اٿائين. اهڙيءَ طرح مجموعي طرح سان سندس لهجو جغدالي لڳي ٿو. سندس شعر ۾ موت جو ذڪر نمايان آهي،[704] جيڪو سندس دين سان لڳاءُ ڏيکاري ٿو. ٻوليءَ کان علاوه سندس پيشڪش جو لهجو بہ جغدالي نموني جو آهي.

فقير صاحبڏنو ٽنيو:

مدح:

اول اي سچا لهه سار سونهارا سيدا،
مجتبيٰ مختيار مرسل ماڙ ڪر يا محمدا،
تو بنا ناهي تڳڻ عاجز اپوجهن احمدا،
نور نرمل ڪر نظر مان تي نبي نور الهدا،
اغثنيٰ يا سيدا رس يا نبي خيرالبشر،
غور ڪر غمگين جو اي نور نافع نامور.

پلا تون پروسو ارحم اڙين آذار جي،

---

703 لطف الله بدوي، ”تذڪره لطفي“، جلد پهريون، آر. ايڇ احمد اينڊ برادرز حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1963ع، ص 213.

704 سيد فياض، محمود مدير، ”خاص تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪ و هند“، پنجاب يونيورسٽي، لاهور، 1971ع، ص 500.

تون نبين جو نبي آهين سچا سردار جي،
رهبرا روشن ڪيو آ ڪي سپو اسرار جي،
لڳ ڏسڻ ڏاتار تنهنجي تو سڪي سنسار جي،
اغثني يا سيدا رس يا نبي خيرالبشر،
غور ڪر غمگين جو اي نور نافع نامور.

تمامي ماهيت معلوم اٿو سرور سڄي،
ڏوهہ ڏوهاري ڏسي لائق آهيان تو در لڄي،
ڏي ڏسي تنهنجي تڏي پلا آيس تو در پڄي،
دست وٺ دلگير جو ڪڍ تار مان پرور پڄي،
اغثني يا سيدا رس يا نبي خيرالبشر،
غور ڪر غمگين جو اي نور نافع نامور.[705]

فقير صاحب جو ڪلام جغدالي محاوري جو آهي، جيڪو سندس شاعريءَ جي لهجي مان پيو معلوم ٿئي. پهرئين بند جي ٽين سٽ ۾ جيئرو رهڻ بدران "تڳڻ"، چوٿين سٽ ۾ مونتي بدران "مان تي" جا جغدالي لفظ ڪم آندا آهن. ٻئي بند جي ٽين سٽ ۾ "چوڻ" بدران سرائڪي ٻوليءَ جو "آکي" ۽ "سيني" بدران "سپو" جا لفظ استعمال ڪيا آهن. ٽئين بند جي پهرين سٽ ۾ "سيني جي" جي بدران "تمامي"، چوٿين سٽ ۾ هٿ بدران بلوچي زبان جو "دست" لفظ استعمال ڪيل آهي.

مدح:

بنام خدا عرض سڻ سيدا،
ڪريو ماڻ مسڪين جي مقتدا،
تون سرتاج سردار صاحب سدا،
سپو جڳ سلامي سندءِ سرورا،
پهچ پير درماندگان دستگير،
مريدن مدد ڪر محي الدين مير،
ڪنهين ڪي ڪنهين جو تڪيو واهہ ور،
وسيلو نہ آهي پلا تو ٻگر،
آهيان آيو اي پاڪ دولهہ تو دَر،

[705] لطف الله بدوي، "تذڪره لطفي"، ٻاڳو ڀيو آر. ايچ احمد ائنڊ برادرز، حيدرآباد، ڇاپو پهريون، 56-1955ع، ص 415.

کوئي دانهن جو داد ٿئي سيگهه تر.[706]

هن مدح جي چوٿين سٽ (پهرين بند جي) ۾ "سجو" بدران "سڀو"، ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ "ڪنهن" بدران ٻه ڀيرا "ڪنهين"، ٻين سٽ ۾ "بغير" بدران بلوچي زبان جو "ٻگر" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

بلوچستان جي شاعرن جي شاعري سنڌ مان ڇپجڻ وقت درست ڪري معياري لهجي ۾ شايع ڪئي ويئي آهي، ان ڪري انهيءَ ۾ مقامي محاورن جا لفظ گهٽ آهن، بلڪ نه هجڻ جي برابر آهن، جيئن اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

فقير صاحب جا ڪجهه پٽ پاراتي جا بيت بہ دستياب ٿيل آهن، جيڪي جغدالي محاوري ۾ چيل آهن، تن جو هت مختصر لساني جائزو ونجي ٿو.

ڳوڪ ڪئي ڪلواڙن پاروَين ٻجَ ۾،
ٻيا سپ ساوا ڍراوا سوڪ ٻنو ٻدار جو.

فقيرصاحب جي شعر چوڻ جو جهيلار ۽ لهجو جغدالي پيو ظاهر ٿئي. پهرين سٽ ۾ "وَئِن" بدران "وَين" ۽ ٻي سٽ ۾ "ڍاوا" بدران "ڍراوا" جو لفظ استعمال ڪيل آهي. هن لفظ جو "ڍر"، "ر" گاڏر "ڍ" آهي، جيئن "ڊ"، "ٽ" ۽ "ٺ" وارا حرف هن خطي ۾ استعمال ٿين ٿا.

او ڍاٽا ڙي او ڍاٽا پريا تنهجا ڀاٽا،
هڪڙا گنجا تہ هڪڙا ڪاٽا.

هن بند جي پهرين سٽ ۾ "تنهنجا" بدران "تنهجا" يعني "ن" حذف ٿيل استعمال ڪيو ويو آهي.

برخور دار نہ ڪٽدين ٻار،
توٽي وجين تار،
تہ ٻي سوڪ ٻنو سالار جو.

هن بند جي پهرين سٽ ۾ "ڪٽندين" بدران "ڪٽدين" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ "ن" حذف ٿيل آهي. ٻي سٽ ۾ "توڙي" بدران "توٽي" ۽ ٽين سٽ ۾ "بہ" بدران "ٻي" جا لفظ ڪم آندا ويا آهن، جيڪي جغدالي محاوري ۾ استعمال ڪجن ٿا.

ڪڪڙ ڳُنئون ڪراڙو،
لوڻ جي وڏئون لپ،
ٻوڙ تي پيو ٻاڙو،
واهو ويچارو،
سيدن جو سڙي ويو.

هن پاراتي جي پهرين سٽ ۾ "ڪنائون" بدران "ڪنئون" ٻي سٽ ۾ "وڏائون" بدران "وڏئون" جا لفظ استعمال ڪيل آهن، جن مان "الف" جو

[706] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "مداحون ۽ مناجاتون"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1959ع، ص 37 ۽ 42.

اُچار حذف ٿيل آهي.

ٽين سٽ ۾ ”ٿي پيو“ جا ٻه لفظ ”ٿيو“ بدران ڪم آندا ويا آهن. چوٿين سٽ ۾ ”واهو ويچارو“ جو صيغو هڪ ”بيجان“ شيءِ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي.

پنجين سٽ ۾ ”سڪي“ بدران ”سڙي“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي جو غير معياري آهي.

وئي ڪٿور پهرين پور، والي ورق وڃائين،
بالان ٿي تالان، هتي سڄ سدائين،
ڪنگ نه پڪو سنگ، روزي رب وڃائين،
تمبو ۾ تراران تو هٿن سان وڏائين.

هن بند جي ٻي سٽ ۾ ”تالان“ جو لفظ ”ڪنهن نه ڪم جو“ جي معنيٰ طور استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو حقيقت ۾ بروهي زبان جو لفظ آهي. چوٿين سٽ ۾ لفظ ”تراروَن“ بدران ”تراران“ استعمال ڪيو ويو آهي. جيڪو عدد جمع وقت ”اُون“ پڇاڙي بدران ”آن“ پڇاڙيءَ سان جوڙيو ويو آهي. هي ترڪيب جغدالي ءِ فراڪي محاورن ۾ استعمال ٿيندي آهي. شڪارپوري محاوري ۾ به پويان ”آن“ ايندو آهي.

نانڪ يوسف:
ڪافي:

چرنن جي آءٌ ڪيهڙي آهيان،
ٻيلي رمز هادي دل ريهڙي آهيان،
ڪي ٽا ڀانئن ڪٿي وسي ٿو
ڏيهه سندين جي ڏيهڙي آهيان،
سندن گولين جي گولين جي،
جوڙ جتين جي جيهڙي آهيان،
ادلي گدلي بدڪار بد ڪي،
پريم پرينءَ جي سا ڪيهڙي آهيان،
قادر مون ۾ عيب مڙيئي،
جيهي چئو آءٌ تيهڙي آهيان،
نانڪ يوسف جي يار در جي،
آهيريائي آءٌ ايهڙي آهيان .[707]

جغدالي محاوري واري هن ڪافيءَ جي ٽئين بند ۾ ”جهڙي“ بدران ”جيهڙي“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ”ي“ اُچار جو اضافو ٿيل آهي. چوٿين بند ۾ ”ڪهڙي“ بدران ”ڪيهڙي“ استعمال ٿيل آهي. ان ۾ به ”ي“ جو حرف وڌايو ويو آهي. پنجين بند ۾ به ”ي“ جو اضافو ڪري ”تيهڙي“

[707] عباسي، تنوير، مرتب: ”نانڪ يوسف جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1983ع، ص85.

استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح ڇهين بند ۾ بہ "اهڙي" بدران "ايهڙي" جو لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ پڻ "ي" جو اضافو ٿيل آهي. ساڳيءَ طرح اولهہ تر ۾ "ي" جو اضافو ٿيندو آهي. نهڙيا تر جا بہ "ي" جو اضافو ڪندا آهن.

تاج محمد تاجل بروهي:

ٿلهہ: نفس ندوري ڪي رولي ڏس،
يار اندر پهنجي ڳولي ڏس.

1ـ تقويٰ تڪبر قيذ ڪر ميان،
مانڪي ماري بند ڪر ميان،
نيڪي بدي ڪي تولي ڏس.......

2ـ جنهور جن جي جان ۾،
سر سهڻي انسان ۾،
تاڪ دري جو ڪولي ڏس.......

3ـ ڏاڍ سهي درويش ٿي،
طالب تن جا خويش ٿي،
رمز رندن جو ٻولي ڏس.....

4ـ "تاجل" گهولي يار تئون،
سونهن پريي سردار تئون،
عشق نبي جو ڪولي ڏس.....

جغدالي محاوري جي هن نعت ۾ ڪيئي لفظ معياريءَ کان فرق وارا نظر اچن ٿا. مثلاً: ٿلهہ جي ٻي سٽ ۾ "پنهنجي" بدران "پهنجي" لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن مان هڪ "ن" حذف ٿيل آهي. پهرئين بند ۾ "قيد" بدران "قيذ" استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو بروهي زبان کان متاثر آهي. بروهي زبان ۾ "قيذ" جي "د" "ذ" ڪري اچاري وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح "توري" لفظ بدران سرائيڪي زبان جو "تولي" استعمال ڪيو ويو آهي. چوٿين بند ۾ "گهوري" بدران سرائيڪيءَ جو "گهولي" لفظ ڪم آندو ويو آهي. ان کان علاوه "تان" بدران سرائيڪي وارو "تئون" لفظ استعمال ڪيل آهي.

نعت:

ٿلهہ: بندا ڇڏ غيبت آئون گلا،
سنگت مئون ڪونہ هلندو.

1. آهي الله هوندو الله،
ٿيندو سپ ڪجهہ فنا،
باقي سپ خاڪ ۾ رلندو.....

2. هڪو ويندو هڪو ويندو

امانت سو سنڀاليندو،
دلاسو ڪونہ ڪو ڏيندو،
هي لانگهو حق تي چلندو.....

3. گنهگار، هان "تاجل" چوي گنهگار،
ڏسان جو يار مٿي ديدار،
بشڪي پاڻ ٿو بشڪٺهار،
خوشي سچي هو سان ملندو......

هن نعت ۾ ڪجھ جغدالي محاوري جا لفظ نمايان آهن. ٽلھ ۾ "مان" بدران "مئون" استعمال ٿيل آهي، جنهن ۾ "آن" بدران "آئون" پڇاڙي ڏنائي ويئي آهي.

ٻئي بند ۾ "اڪيلو" بدران "هڪو" جو لفظ استعمال ڪيو آهي، جيڪو اڪثر سرائيڪي زبان ۾ ڪم اچي ٿو. ساڳي بند ۾ "هلندو" بدران سرائيڪيءَ جو لفظ "چلندو" ڪم آندو ويو آهي.

ٽئين بند ۾ "آهيان" بدران "هان" جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جنهن مان "آ" ۽ "ي" جو اچار حذف ڪيل آهي.

مولوي قادر بخش گولو:
مولود شريف:

ٽلھ: مرسل مير محمد ڪي دل ساھ گهڻو ساري،
1ـ لهڙيون سخت سمونڊ جون ڏورون ڏونگر ڏهڪاري،
پهچڻ مشڪل پنڌ پري جو ڳٽتي تي ڳاري،
2ـ جاڪون جيان تي اور اندر ۾ موهيون من ماري،
اچي سيد شل سڪرات ۾ ڏسي مُنهڙو ڏيکاري،
3ـ محبت ۾ ماندو مران تون ويھ نہ وساري،
صدقو حسن حسين جو هڪ گهڙي وجو گهاري،
4ـ مرسل توتي روز منجان صلواتان سينگاري،
مدامي تي ماڙ ڪيو ڪا نظر نهاري،
5ـ ساھ صحن تي ڏيئي مران شل شوقئون شوڪاري،
قادر بخش قريشيءَ تان قربان نہ سر واري.[708]

هن مولود شريف جو جائزو وٺبو تہ ڪيئي جغدالي لفظ ملن ٿا. ان کان علاوه مولود شريف جي جهيلار ۾ لهجو بہ جغدالي ٻوليءَ جو آهي.

---

[708] مولوي احمد خان گولہ "گلزار ڪاپاري"، (مولوي قادر بخش جو ڪلام)، سجاده نشين، عاشق آباد، نزد محبت پور، تعلقو جهٽ پٽ (بلوچستان)، سال درج نہ آهي. ص 5ـ6.

هن مولود شريف جي ٻئي بند ۾ ”جڏهن ڪان“ بدران ”جاڪون“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي، جو سرائيڪيءَ جو آهي.

چوٿين بند ۾ ”موڪليان“ بدران ”منجان“ سرائيڪيءَ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. ان ڪان علاوه ”صلواتون“ بدران ”صلواتان“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. ڪڇي محاوري ۾ بہ ”منجان“ چوندا آهن.

آخري بند ۾ ”شوق ڪان“ بدران ”شوقئون“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

مولود شريف:

ٿلهہ: ماڪي تنهنجي سڪ سيد شبروز آ سڄ ۾ سمر،

1ـ تون آن هادي هر راهہ جو، تون آن وسيلو ٻي واهہ جو،
تون آن شافي روز حشر.

2ـ آدم سڪون ڪئي سارهہ جڏي، توبهہ قبول ٿي هَس تڏي،
عيسيٰ منيو آ سون امر.

3ـ تون آن پيارو حق پاڪ جو، توتي ڇٽ لولاڪ جو،
تنهنجو جنت تنهنجو ڪوثر.

4ـ گدلو گناهن ۾ گار هان، ٻيڪس بنان تو ٻيڪار هان،
والي تنهنجي گهر جي واهر.

5ـ مرسل ملڪ انسان جن قربان ڪن جند جان تن،
پيرن هيٺون سيي اپ اختر.

6ـ قادر بخش تي ڪو ڪرم ڪيو دل گولي غلام تي نرم ڪيو،
ڏسان ڪين اڪن سان سخت سقر.[709]

هن مولود شريف جي ٿلهہ ۾ ”مونکي“ بدران ”ماڪي“ ۽ ”آهي“ بدران ”آ“ جا لفظ ڪم آندل آهن.

ٻئي بند ۾ ”جڏهن“ بدران ”جڏي“، ”تڏهن“ بدران ”تڏي“، ”هيس“ بدران ”هَس“ ۽ ”مڃيو“ بدران ”منيو“ جا لفظ ڪم آندل آهن.

هن بند ۾ ”جڏي“ ۽ ”تڏي“ حقيقت ۾ فراڪي محاوري وارا لفظ آهن، جيڪي هڪ جغدالي علائقي واري ماڻهوءَ ڪان چئجي ويا آهن. اهڙيءَ طرح ”هيس“ مان ”ي“ جو اچار حذف ڪري ”هس“ ڪري ڪم آندو ويو آهي، جڏهن تہ ”مڃيو“ جي ”ڃ“ بدران ”ن“ استعمال ڪري ”منيو“ ڪري چيو ويو آهي. هي صيغو بہ حقيقت ۾ فراڪي محاوري جو آهي. ڀانئجي ٿو تہ مولوي صاحب سبيءَ جي مٿين علائقي ۾ گهڻو رهيو هجي، جنهن جو اثر مٿس نمايان آهي.

ٽئين بند ۾ ”آهين“ بدران ”آن“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي، ان ڪان علاوه ”تنهنجو جنت“ سان مذڪر صيغو گڏيو آهي، حالانڪ جنت مونث آهي. شيخ اياز بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ”آن“ جو استعمال ڪندو رهيو آهي.

---

[709] مولوي احمد خان گولہ، ”گلزار ڪاپاري“، (مولوي قادر بخش جو ڪلام)، سجاده نشين، عاشق آباد، نزد محبت پور، تعلقہ جهٽ پٽ (بلوچستان)، سال درج نہ آهي. ص 6.

چوٿين بند ۾ ”آهيان“ بدران ”هان“ ۽ پيرا ۽ ”گم“ بدران ”گار“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

پنجين بند ۾ ”هيٺان“ بدران ”هيٺون“ ۽ ”سيني“ بدران ”سيي“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

آخري بند ۾ ”اڪين“ بدران ”اڪن“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي. مجموعي طرح سان مولوي صاحب تي سرائيڪي زبان جو گهڻو اثر نظر اچي ٿو.

ڏوهيڙا:

1_ طالب ٿي توحيد جو تون ڇن دوئي جو دام،
اڏري وڃ آڪيري ۾ جاتي تنهنجو ملڪ مدام،
سرمدي سلطان ٿي هٿ ڇو ٿين غير غلام،
ڪر قدر بخش قيام ذرڙي جان وري ذات ۾.

2_ ڪڏي ته عالم لدني هان پر ڪڏي آهيان نادان،
ڪڏي برهمڻ ساڌ سڏايان ڪڏي پڙهان قرآن،
ڪڏي ته لانگهن خاڪ لتڙ جان ڪڏي مٿي آسمان
ڪڏي نه پرسان ڪو ويهاري ڪڏي ساهن جو سامان،
ڪڏي گداگر گودڙيون ڪڏي تخت مٿي سلطان،
ڪڏي ته آدم ظالم هان ڪڏي رحم پريو رجهان،
ڪڏي وجودئون ويسارو ڪڏي هستي ۾ حيران،
جي ڪيان بات بيان ٿو ته ڪسجان قادربخش چوي

3_ ناهين سير سمونڊ ڪي آهي سمونڊ سارو سير،
وڙهوئي اوڏهن وڃي جاڏي ورپس وير،
موجان موجن ڪان مٿي ڏسي اٿي ساهه سرير،

پوءِ قادربخش فقير سارو سمونڊ سمايو.[710]

پهرئين ڏوهيڙي ۾ ”جتي“ بدران ”جاتي“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. ٻئي ڏوهيڙي ۾ هرهڪ سٽ ۾ ”ڪڏهن“ بدران ”ڪڏي“، ۽ ”آهيان“ بدران ”هان“، ”وجود ڪان“ بدران ”وجودئون“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

ٽئين ڏوهيڙي ۾ ”اوڏانهن“ بدران ”اوڏهن“، ”جيڏانهن“ بدران ”جاڏي“ ۽ ”موجون“ بدران ”موجان“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. ”موجون“ مان ”موجان“، ”اون“ مان ”آن“ پڇاڙي ۾ ملائڻ ڪري ٿيو آهي، جيڪا خطي ۾ مروج آهي.

صوفي رڪيل شاهه:

ڪافي:

[710] مولوي احمد خان گوله، ”گلزار ڪاپاري“ (مولوي قادر بخش جو ڪلام)، سجاده نشين، عاشق آباد، نزد محبت پور تعلقو جهٽ پٽ (بلوچستان)، سال درج نه آهي. ص 23_24.

مُنيس ڙي صورت نئي وسري، مان ساجن سچ تہ سچا توڙي
مان ساجن سچ سچاتوڙي، آيم نينهن نپائڻ ناتوڙي

هرجاءِ مان ٿي هڪ ڏسان، اٿم سچو ڪول ڪوهيارو ڙي،

ٻيو ور ڪندس ڪونہ ٻيو، مان پيچ پرين سان پاتو ڙي،

جوش خوش جاري جاڳيم، ازلي عشق الامبوڙي،

ڦوڪي آڙاهہ اندر ۾ جيڏيون، لالڻ مانڪي لاتوڙي،
سمجهہ پيم هي سور پرائي، دردن دود دکايو ڙي

سک قرار نہ صحت سمجهان، عشق تڏهن مان چاتو ڙي
اندر هو ٿي ٻاهر هو، اچي دل ۾ دوست سمايو ڙي،
رکيل ايها رمز سجاتي، ڏينهان رات اورا توڙي.[711]

صوفي رکيل شاهہ جي جغدالي محاوري واري هن ڪافيءَ ۾ پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ "مون" بدران "مان" ۽ ٻيءَ ۾ بہ "مان" جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ "مون" بدران "مان" ۽ ٻيءَ ۾ ساڳي "مان" ڪم آندل آهي. ٽئين بند جي پهرين سٽ ۾ "اُلو" يعني باهہ جو شعلو بدران "الامبو" ۽ ٻي سٽ ۾ ساڳيو "مونکي" بدران "مانکي" جا لفظ ڪم آندل آهن. شڪاپوري محاوري ۾ بہ 'مان کي' چيو ويندو آهي.

چوٿين بند جي پهرين سٽ ۾ "دونهون" بدران "دُود" جو لفظ ڪم آندو آهي، جيڪو بروهي زبان ۾ ڪم اچي ٿو. جڏهن تہ ٻيءَ سٽ ۾ ساڳيو "مون" بدران "مان" جو لفظ ڪم آندو ويو آهي.

پنجين بند ۾ "اها" بدران "اِيها" يعني ان ۾ "ي" جو اضافو ڪيو ويو آهي، جيئن سرائيڪيءَ ۾ ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح "رات ڏينهن" بدران "رات ڏينهان" جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. هونئن ڳالهائي ويندڙ ٻولي 'راتين ڏينهان' جتي ڪٿي ڳالهايو ويندو آهي.

ڪافي:

پڙهڻ پڙهاوڻ ناهي فقيري،
بنا وجود وڃائڻ جي،
واهہ محدث عالم سونهارا، زاهد زهد ڪرن استخارا،
عشق بنا تہ اجايا سي.
منجهہ غرور نهين وچ غالب، ڪرن دليل دنيا جا طالب،
هستي قيد رهائي سي.

[711] نثر لوڪومل، مرتب: "بحرالعشق"، (صوفي رکيل شاهہ جو رسالو)، ٽيڪنيڪل پرنٽرز ڪراچي، ڇاپو ٽيون، 1968ع، ص 175.

کشف قبور هيءَ کسب ڪماوڻ، دم اناالحق خيال جڳاوڻ،
عمل عامل ڪامل سي.
واھہ چئي رهبر راھہ بتائي، بحر انهين جي ڪنڌي نہ ڪائي،
ثابت سر سمجهاوڻ سي.
رمز رکيل وو اجان تي اولي، تون آهين ساڳي سانول تي ٻولي،
عبد احد حق حاصل سي.[712]

هن ڪافيءَ جي پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ "پڙهائڻ" بدران "پڙهاوڻ" جو لفظ ڪم آندو آهي، جيڪو سرائيڪي زبان جو آهي.
ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ "ڪن" بدران "ڪرن" جو لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ "ر" جو اضافو ٿيل آهي.
ٽئين بند جي پهرين سٽ ۾ "نهين وچ" جا ٻئي لفظ سرائيڪيءَ جا ڪم آندا ويا آهن. ان کان علاوه ساڳيو "ڪن" بدران "ڪرن" ڪم آندل آهي.
چوٿين بند ۾ "ڪئائڻ" بدران "ڪماوڻ" ۽ "جڳائڻ" بدران "جڳاوڻ" جا سرائيڪي لفظ ڪم آندا ويا آهن.
پنجين بند جي پهرين سٽ ۾ "انهيءَ" بدران "انهين" يعني "ن" جو اضافو ۽ "ءَ" جو اُچار حذف ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. ٻيءَ سٽ ۾ "سمجهائڻ" بدران سرائيڪيءَ جو "سمجهاوڻ" استعمال ڪيل آهي ۽ "سي" جيڪو رديف آهي، سو بہ سرائيڪي زبان جو آهي. وچولي جي سنڌيءَ ۾ بہ "اُنهين" چيو ويندو آهي.
مجموعي طرح سان سنڌي ٻوليءَ جي هن ڪافيءَ ۾ سرائيڪيءَ جو جهيلار ۽ لفظن جي گهڻائي نظر اچي ٿي.

ڪافي:

ڪونہ هٽ ٻيو هجي هجي، ٻاجهون تنهنجي يار پيارا،

1۔ سک پرين ڏي نئين ڪيم سونهون، درد اندر ۾ دکايم دونهون،
اوياھہ برھہ منجھ پجي پجي.

2۔ هن دل ۾ هڪ دلبر آيو، غرور زَناور سين سڏايو،
او چور هتي نہ ٿو ٻجهي ٻجهي،

3۔ منهنجا پرين مان وٽ هج تون هميشان ساھہ سمراٿم سانول توسان،
اوسِر بنا نہ ٻيو سجهي سجهي.

4۔ اڱڻ رکيل جي بيشڪ پايان، ويساھہ ٻڌي اهي دم تي ڪمايان،

[712] ايضاً، ص 193.

اوابر باران ڪيون گجي گجي.[713]

هن ڪافيءَ جي ٽلهہ ۾ ”ٻاجهان“ بدران ”ٻاجهون“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. جيڪو ”آن“ بدران ”اُون“ پڇاڙيءَ سان جڙيل آهي.

پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ ”نيئي“ بدران ”نئين“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ ”جانور“ بدران ”ڙَناور“ جو لفظ سرائيڪي زبان جو آهي، استعمال ڪيو ويو آهي.

ٽئين بند جي پهرين سٽ ۾ ”مون“ بدران ”مان“ ۽ ”هميشہ“ بدران ”هميشان“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. سڄيءَ سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻوليءَ ۾ ”جانور“ بدران ”جناور“ چيو ويندو آهي، پر بشرطيڪ اهو جانور خونخوار هجي.

ڪافي:

وڃن منزل يڪي ڪاهي،
عشاقن جي اڳيون چاهي.

1ـ ڪهن ووڙيون ورهن ۾، ڪن ڪي داد ٿيو هڪ دم ۾،
پائي جهاتي ڏنم هن ۾، لاڳاپا لوڪ جا لاهي.

2ـ ٻڌي سنڌرو سچي توڪل، پڳائون عقل جي اٽڪل،
وڃي ٿيا راز ۾ رَلمل، پيچي هستي چڱن ٻاهي،

3ـ جبل ڏونگر ڏسن ڏوري، سڪ ڪي پنڌ نزديڪ آ اوري،
گهوري سر يار تون گهوري، توٽي چڙهدا وڃي ڦاهي.

4ـ جهڙي رحمت تهڙي لعنت، ڪهڙي ڪاني ڪهڙي قدرت،
رکيل ڏس حال منجهہ حيرت، مستي منظور ڏس ڏاهي.[714]

هن ڪافيءَ جي ٽلهہ ۾ ”اڳيان“ بدران ”اڳيون“ پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ ”ڪنهن“ بدران ”ڪهن“، ٻئي بند جي ٻي سٽ ۾ ”مِلڻ“ بدران ”رَلمَل“، ٽئين بند جي ٻي سٽ ۾ ”توڙي“ بدران ”توٽي“ ۽ ”چڙهندا“ بدران ”چڙهدا“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. ”رَلمَل“ ملي هڪ ٿيڻ کي چيو وڃي ٿو.

جيتري قدر ’توڙي‘ جي بدران ’توٽين‘ جو لفظ وچولي ۾ ۽ ناري ۾ عام جام استعمال ٿيندو آهي.

حاجي پريل خان:

اول نام الاهہ جو جو قادر رب قهار،
خاوند پنهنجي خلق ۾ سيد ڪيو سردار،
سڀ تي نبي سرور ٿيو مڙني جو منهدار،
ڪريو هئي هئي حسين لاءِ جو اڙين جو آڏار،

---

[713] نثر لوڪومل، مرتب: ”بحرالعشق“، (صوفي رکيل شاهہ جو رسالو)، ٽيڪنيڪل پرنٽرز ڪراچي، ڇاپو ٽيون، 1968ع، ص 194.

[714] ايضاً، ص 186.

"پريل" تنهن پينار آهي روز الست کان.

—

چاليهين ڏينهن آيا حرم قتلگاهہ ۾،
تڏهن آسمان زمين هئي ماتم نگاهہ ۾،
ڪعبي ڪئي شڪل غرق لباس سياهہ ۾،
ماتم ۾ ماهہ سج تي سڙيو بارگاهہ ۾،
آل رسول آهہ ڪئون منهن تي نقاب هو،
پطرس ۽ جبرئيل جگر دل ڪباب هو.[715]

حاجي پريل جو هي شعر جغدالي محاوري کان متاثر آهي. پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ "جو جو" ٻہ ڀيرا ڪم آڻي جملي جي ترتيب صحيح رکي نہ سگهيو آهي، چوتہ جغدالي يا فراڪي يا ٻين غيرمعياري محاورن ۾ جملا اڳتي پوئتي ڪيل لفظن جي ترتيب سان جوڙيا وڃن ٿا. ان کان علاوه ٻئي بند جي پنجين سٽ ۾ "کان" بدران "ڪئون" جو جغدالي لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. ٽيڻ تہ ائين گهربو هو تہ پهرئين بند جي پنجين سٽ وارو "کان" بہ "ڪئون" رکيل هجي ها، پر مرتب يا شايع ڪرڻ وارن طرفان اهڙن لفظن کي اڪثر معياري ٻوليءَ ۾ آڻي پوءِ شايع ڪيو ويندو آهي. ان ڪري سموري شاعري معياري صورت اختيار ڪري وڃي ٿي. اترادي محاوري ۾ "ڪنئون" چيو ويندو آهي.

فيضل فقير:
ڪافي:

اکيون اداسي يار لئہ، وينيون رڙن روز شب،
1۔ اوجو ٻڌو هوءِ ٻول ميان، موتي ملڻ جو قول ميان،
هاڻي وري نا رول ميان، آئي ملڻ جي مد بهار.
2۔ وينين وجي چا ڪئون پري، موتي ملڻ جي نا ڪري،
هت مفت ٿي ماندي مري، سڪ سوز منجهہ تنهنجي طلب.
3۔ جي تون اچين آءَ ناهيان، تنهنجي اڳيئون مون چاهيان،
اولو اکين جو لاهيان، توکي ڏسان شرقُ غرب.
4۔ مئي جي مدائن ڏي نہ ڏس، پنهنجي نظر سان پاڻ پس،
"فيضل" قلوبئون لاهہ ڪس، سيني اندر تي سير سپ.

جغدالي محاوري جي هن ڪافيءَ جي پهرئين بند ۾ "اهو جو" بدران "اوجو"، "نہ" بدران "نا" ۽ "مند" بدران "مد" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. ٻئي بند ۾ "ڇاکان" بدران "ڇاڪئون" ۽ ساڳيو "نہ" بدران "نا" جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

---

[715] مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، "ياد رفتگان"، پهريون ڇاپو هالا، جنوري 1953ع، ص 12.

ٽئين بند ۾ ”اڳيان“ بدران ”اڳيئون“، ”انتظار“ يا ”اوسيئڙو“ بدران ”اولو“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. جن مان ”اولو“ لفظ سرائيڪي زبان سان تعلق رکي ٿو.

چوٿين بند ۾ ”منداين“ بدران ”مدائن“، ”قلوب ڪان“ بدران ”قلوبئون“ جا لفظ استعمال ٿيل آهن. ”قلب“ بدران هن ”قلوب“ جو لفظ ڪم آندو آهي، جيڪو جغدالي محاوري جو آهي.

ڪافي:

1ـ لڳم عشق عجب اسرار، عقل ويو هوش هجي،
2ـ عشق سڄڻ جي اڄم مچايو چمڪ حسن چوڏارـ ويم هڪ تار وڃي
3ـ ميهن محبت جو برهہ وسايو گل قل ٿيو گلزارـ اديون سي سار سڄي
4ـ ميخاني ۾ محب ڏٺوسي، عين اناالحق يارـ خودي نيئي نيهہ ڪڄي
5ـ ”فيضل“ سارو يار سمايو صوفي صاف ستارـ ويم سپ پول پڃي.

سندس هن ڪافي جي پهرئين بند ۾ ”هجي“ جو لفظ هن ”ختم ٿيڻ“ يا ”گم ٿيڻ“ بدران ڪم آندو آهي. سندس ٻوليءَ جو جهيلار ۽ لهجو جغدالي پيو معلوم ٿئي.

ڪافي:

1ـ برهہ ٻاري ٻاهہ اندر، دل ۾ ڪيم دردن ڏڙي،
چمي اکن تي ٻار جا، سرتيون ڪيم هي سور سپ.
2ـ هجر مون هي هي ڪيون، پينر پڇايم پاندڙي،
رند ڏسي رڙندي وتان، پانهڻ پِٽون ڪيم پير پپ،
3ـ ناهہ ڪيم ”فيضل“ فڪر، ڏيئي غير کي توڙون تڙي،
سوري سهانگو سو لڳين، دردن وڌم ڪاڙهي قلب.[716]

هن ڪافيءَ جي پهرئين بند ۾ ”اکين“ بدران ”اکِن“، ”ڪنيم“ بدران ”ڪيم“ جا لفظ ڪم آندل آهن. جن مان ترتيبوار ”ي“ ۽ ”ن“ حذف ٿيل آهن.

ٻئي بند ۾ ”مان“ بدران ”مون“ ۽ ”پهڻ“ بدران ”پانهڻ“ يعني ”الف“ ۽ ”ن“ جو اضافو ڪري استعمال ڪيو آهي.

ٽئين بند ۾ ”توڙ ڪان“ بدران ”توڙون“ استعمال ڪيو آهي، جيڪو سرائيڪي زبان جي صيغي ”آون“ سان استعمال ڪيل آهي. سنڌيءَ ۾ ”آن“ جو صيغو ”ڪان“ بدران ڪم آڻجي ٿو. ٿري محاوري بہ ”پهڻ“ جي بدران ”پانهڻ“ استعمال ٿيندو آهي.

گل محمد ”زيب“ مگسي:

غزل:

مئي رنگين آ دارون دلن جي درد هجران ۾،
اهو نسخو لڌو آهي ارسطو طلب يونان ۾.
جهين کي ورهہ جي وحشت وٽي سي خوش رهن سچ ۾،

---

716 مسٽر نورالحق، جکراٽي، تپيدار، (ڳڙهي خيرو) وٽان، فيضل فقير جي قلمي بياض تان ورتل.

آهي بازار ۾ آهو کي غم راحت بيابان ۾.
پرين پرديس ۾ ٻه ٿم، تصور تنهنجي صورت جو
قفس ۾ دل کي وندرايان ٿو مان ياد گلستان ۾.[717]

زيب مگسي جي هن غزل تي نظر وجهون ٿا ته اسان کي هي محاورو جغدالي معلوم ٿئي ٿو سندس جهيلار ۾ لهجو به جغدالي پيو معلوم ٿئي.

سندس غزل جي پهرئين بند ۾ "آهي" بدران "آ"، "دوا" بدران "دارون" ۽ "دلين" بدران "دلن" جا لفظ استعمال ڪيل آهن. ان کان علاوه "مئہ" بدران "مئي" ڪم آندل آهي.

ٻئي بند ۾ "جنهن" بدران "جهين" ڪم آندل آهي، جنهن مان هڪ "ن" حذف ڪري "ي" جو اضافو ڪيو ويو آهي. جغدالي علائقي ۾ "جنهن" بدران "جيئن" به ڪم آندو وڃي ٿو.

ٽئين بند ۾ "اٿم" بدران "ٿم" ڪم آندو ويو آهي، يعني ان جو "الف" حذف ڪيو ويو آهي.

سنڌي زبان جي پراڻن مخطوطن ۾ به "جنهن" جي بدران "جنهين" استعمال ٿيندو پئي آيو آهي.

سيد چيزل شاهه:
ڪلام:

ٿلهہ: لک کيان شڪران،
منهنجي اڱڻ تي ڪيئن تون آئين
1۔ ايڏيون پلايون تنهنجون پايان،
چئي ٻين کي چا ته ٻڌايان،
سر ڪيان قربان،
اهڙو وري ناتو ڪيئن تو لائين.
2۔ انگ اصل ڪئون اڳي ئي آهي،
هن ۽ هن سان منهنجو چاهي،
دل ڪيئي ويران،
هاڻي وري پاڻ کي چو تو لڪائين.
3۔ وَنَحُنُ آقرب پاڻ چئي ويو
اولو اکين جو ڪيئن ته لهي ويو
ٿيو ظاهر عين عيان،
لاحد واريون تو رمزان رلائين.

[717] اياز قادري، ڊاڪٽر، "سنڌي غزل جي اوسر"، پاڪوبيو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1984ع، ص 280.

4۔ چيزل سڏ نہ ڪا سار لڏائون،
پيار ڏيئي ڪيئن مچ ۾ وڏائون،
درد جو ٻڌ داستان،
ماندي سان مل چو ٿو ستائين.[718]

جغدالي محاوري جي هن ڪلام جي ٿلهہ واري پهرين سٽ ۾ "شڪرانو" بدران "شڪران" جو لفظ ڪم آندل آهي.

ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ "ڪان" بدران "ڪئون" جو لفظ ڪم آندل آهي، جنهن ۾ آن بدران "آئون" واري جغدالي پڇاڙي استعمال ڪئي ويئي آهي.

ٽئين بند ۾ "انتظار" يا "اوسيئڙو" بدران "اولو" ۽ "رمزون" بدران "رمزان" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. عام سنڌيءَ ۾ بہ "اوسيئڙو" لفظ استعمال ڪرڻ سان گڏوگڏ ساڳئي معنيٰ ۾ "اولو" بہ چيو ويندو آهي.

ڪلام:

ٿلهہ: عشق ڪيو اثبات،
نفس عقل جون ويون سڀ ڳالهيون،
1۔ پاڻ وڃائي پڌر پياسي،
جاڏي ڪاڏي عين ٽياسي،
ڪاڏي وئي ظلمات،
نينهن تنهنجي جون آهن نراليون،
2۔ عشق چڏيا سڀ لڙ ئي لاهي،
هر جاءِ حاضر هڪ اهو آهي،
سمجهڻ ساري صفات،
خاص انهيءَ جون آهن خياليون،
3۔ چيزل ناهي اصلي اولو،
سڪ وارن ڪان سمجهڻ سولو،
عشق وڏي آ آفات،
اول آخر ڪئون اهي تنهنجيون چاليون.[719]

هن ڪلام جي پهرئين بند ۾ "جيڏانهن" ۽ "ڪيڏانهن" بدران "جاڏي" ۽ "ڪاڏي" جا جغدالي لفظ ڪم آندل آهن. اترادي محاوري ۾ بہ ائين ئي

---

718 فتح چند ڪارڙا، "بحرالعميق"، (چيزل شاهہ جو رسالو)، فتح ڪلاٽ هائوس، جيڪب آباد، 1987ع، ص 76.
719 ايضاً، ص 86.

چيو ويندو آهي.

ٻئي بند ۾ ”جهڳڙا يا ”جهيڙا“ بدران ”لُڙ“ جيڪو ”گوڙ“ لاءِ ڪم ايندو آهي، استعمال ڪيو ويو آهي.

ٽئين بند ۾ ”لاءِ“ يا ”ڪاڻ“ بدران ”ڪان“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي. ان ڪان علاوه ”آفت“ بدران ”آفات“ ۽ ”ڪان“ بدران ”ڪئون“ جا لفظ به ڪم آندا ويا آهن.

ڪلام:

ٽلهه: دم نه هٽڙي رهندس،
فتح پور ويندس ويندس.

1ـ جا تي آهي ڪار قتل جي،
سر اڏي تي ڏيندس.

2ـ پنڌ پوئن جي پيرين پيادي،
سهجئون سڪ مان سڏيندس

3ـ طالب طمع ڪئون جيڪي تارڪ،
حال انهن کي چوندس.

4ـ ”چيزل“ صدقو سڪ وارن تئون،
پير تنهن جا چمندس.[720]

هن ڪلام جي پهرئين بند ۾ ”جتي“ بدران ”جاتي“، ٻئي بند ۾ ”سهجان“ بدران ”سهجئون“، ٽئين بند ۾ ”ڪان“ بدران ”ڪئون“ ۽ چوٿين بند ۾ ”تان“ بدران ”تئون“ جا لفظ ڪم آيل آهن، جيڪي جغدالي محاوري سان تعلق رکن ٿا. ”سهجئون“، ”ڪئون“، ”تئون“ لفظن ۾ ”آن“ پڇاڙيءَ بدران ”اَئون“ پڇاڙي جوڙي استعمال ڪئي ويئي آهي. ”جاتي“ اترادي محاوري ۾ به مروج آهي.

ڪلام:

ٽلهه: شاهه رڪيل ته فتح پور وارو
ناڙي ۾ جنهن جو نعرو آ.

1ـ عالم ۾ اقطاب سڏائي،
تو ڪئون سوا نه ڪو چارو آ....

2ـ دوست اچي ڏي ڪا دلداري،
سڪندي عمر وئي آ ساري،

---

720 ايضاً، ص 96.

دل كئون دم نہ وسارو آ....

3۔ چيزل تنهنجو در نہ ڇڏيندس،

قدمن تئون قربان ٿيندس،

صدقو سر هي سارو آ.... .[721]

هن ڪلام جي ٽلهہ واري حصي توڙي ٻين بندن ۾ ”آهي“ کي ”آ“ طور استعمال ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح ٽئين بند ۾ ”تان“ بدران ”تئون“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. اترادي محاوري ۾ اهي لفظ ائين استعمال ٿيندا آهن.

نور محمد پروانه:

غزل:

هي زمانو آ ووٽ جي بازيءَ جو ٻيو ڪجهہ نہ پڇو،
نوٽن سان انسان آ راضي جو ٻيو ڪجهہ نہ پڇو.
هرڪو ڏسو ووٽ لئہ اکيون ڳاڙهيون ڪيون پيو ڦري،
ووٽ جي ڳال کئون ناهي خلاصي جو ٻيو ڪجهہ نہ پڇو.
ليڊر تہ ان لئہ جهلن ٿا لٺ ائون جيل،
پير صاحب پريشان آ ماضيءَ جو ٻيو ڪجهہ نہ پڇو.
پيسي جو مالڪ چوي تہ ووٽ ڀي آ هڪ ڏنڊو،
ناهي پرواهہ هن کي عوام جي ماضيءَ جو ٻيو ڪجهہ نہ پڇو.
چوي ”پروانو“ ڳال حق جي هر ڪينهن کي هر دم،
وقت آ هاڻي ڏسو يار برائيءَ جو ٻيو ڪجهہ نہ پڇو .[722]

جغدالي محاوري جي هن غزل جي پهرئين بند ۾ ”آهي“ بدران ”آ“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جنهن مان ”هي“ جا ٻہ حرف حذف ٿيل آهن.

ٻئي بند ۾ ”کان“ بدران ”کئون“ لفظ ڪم آندو ويو آهي. ان کان علاوه ”آزادي“ بدران ”خلاصي“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جيڪو بروهي زبان ۾ اڪثر آزاديءَ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪجي ٿو.

آخري بند ۾ ”کنهن“ بدران ”ڪينهن“ جو لفظ ڪم آندل آهي، جنهن ۾ ”ي“ حرف جو اچار وڌايل آهي.

سنڌ سان گهڻي اچ وڃ سبب پرواني صاحب جو لهجو معياري حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، ان ڪري ان ۾ جغدالي لفظ گهٽ آهن، پر اتي سنڌيءَ ۾ ’ڪينهن‘ جو لفظ اچاريو آهي.

ملڪ محمد رمضان بلوچ:

[721] ايضاً، ص 146.

[722] نورمحمد پرواني کان روبرو ورتل.

غزل:

هي دل جو قافلو تاراج تو ڪيو آ.
هستي مٿائي ساري محتاج تو ڪيو آ.
منهنجي مزاج پرسي بارگران گذري،
دشمن جو منهجي سامهون استمزاج تو ڪيو آ.
سڀ ناز پٺي ڪيا مون، پر تون نہ ڪجهہ گهٽايو،
محفل پري مان منهجو اخراج تو ڪيو آ.
رمضان ڪي رنجائڻ واجب نڪي مناسب،
ناز و ادا جو جنهن کي آماج تو ڪيو آ.

جغدالي محاوري ۾ چيل هي غزل قدري معياري لڳي ٿو. تنهن هوندي بہ ان ۾ جغدالي محاوري جا ڪجهہ اهڃاڻ موجود آهن. بلوچ صاحب غزل ۾ ”ن“ غنان اڙدوءَ وارا رکيا آهن.

غزل جي ٻئي بند ۾ ”منهنجي“ بدران ”منهجي“ استعمال ڪيل آهي، جنهن مان هڪڙو ”ن“ حذف ٿيل آهي، اهڙيءَ طرح سان ٽئين بند ۾ ”منهنجو“ بدران ”منهجو“ استعمال ٿيل آهي. ٽئين بند ۾ ”ڪنيا“ بدران ”ڪيا“ استعمال ٿيل آهي، ان مان بہ ”ن“ حذف ٿيل آهي.

ملان ۽ مواليءَ جو جهيڙو:

ملان: ملان چيو موالي کي، تون ٻڌ هي حقيقت،
چڏي راهہ رسول جي وٺو قرين منجهہ ڦِڪت،
جاڳڻ سان ڪجهہ جار ڪر اندر ۾ البت،
مٽان ٿيئي ڪا مروت اچ منجهہ مسيت جي.
موالي: مسيتن ۾ ونڃڻ ملان، اسان موالي منجهہ مکان،
ٻنگ پي پڙ ٿياسي، اي نفس جا نادان،
واحد وسي هرهڪ ۾، تون دل ۾ ڌر ڌيان،
اوهو مالڪ مهربان، جو بشڪيندو بدن کي.

ملان ۽ مواليءَ جي جهيڙي واري هن شاعريءَ ۾ بہ جغدالي محاوري جا لفظ ملن ٿا. ان کان علاوه لکڻي اردوءَ واري استعمال ٿيل آهي. يعني غني وارا ”نون“ ۽ ننڍي ”ڏ“ جا اردوءَ وارا حرف بہ استعمال ڪيل آهن. ”ڏ“ بہ اڙدوءَ وانگر ”دهہ“ ڪري لکيو ويو آهي. بلوچ صاحب جي تعليم اردو زبان ۾ حاصل ڪيل آهي، ان ڪري هن پنهنجي سنڌي لکڻيءَ ۾ اردوءَ کان متاثر لفظ ۽ حرف استعمال ڪيا آهن.

”مسجد“ بدران علائقي جي محاوري موجب ”مسيت“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. ”وڃڻ“ بدران ”ونڃڻ“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي. حقيقت ۾ ”ج“ جو حرف ڪانئس غلط لکجي ويل ٿو ڀانئجي. ڇوتہ جڏهن اڳيان ”ن“ جو اُچار شامل ڪيل آهي تہ پوءِ ”ج“ اچڻ گهرجي ها، جنهن ۾ هڪ نقطي بدران

۾ ايا ڪري ڏنا اٿس.

”اهو“ لفظ بدران ”اوهو“ استعمال ڪيو اٿائين، جنهن ۾ ”و“ جو اضافو ڪيل آهي. ”و“ جو اچار ”اهو“ جي الف ڪي پيش جي اچار هئڻ سبب استعمال ڪيو ويجي ٿو ڇوته سرائيڪي زبان ۾ به ان طرح ڪم آندو ويجي ٿو. ”بخشيندو“ بدران ”بشڪيندو“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ ”خ“ بدران ”ڪ“ استعمال ڪيل آهي.[723] ’بشڪ‘، ’بشڪت‘، ’بشڪ ڪرڻ‘ ’امام شيڪ‘ جهڙا لفظ سڄي سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾ ڪتب ايندا آهن.

عبدالعزيز جروار:
غزل:

آ قصور يار جو اڄ يار جون ڳالهيون ڪيون،
ناحق ويجي ٿو وخت پير مننار جون ڳالهيون ڪيون،
وخت وڏو فرقت ۾ هليو ايهو سور سڀ سيني جهليو،
منهنجو محب مونسان مليو مننار جون ڳالهيون ڪيون.
منهنجو نماڻو يار آهہ، خاموش حيادار آهہ،
دشمن سندس في النار آهہ، حيادار جون ڳالهيون ڪيون
ڪر عفو مولا پير ڪي، وخت نزع دلگير ڪي،
قلمو پڙاهج مير ڪي پو ”جروار“ جون ڳالهيون ڪيون.[724]

هن غزل جو غور سان جائزو وٺبو ته اسان کي ان ۾ جغدالي جهيلار ۽ لهجو نظر اچي ٿو ڇوته جروار پاڻ جغدالي علائقي جو رهاڪو آهي.

غزل جي پهرئين بند ۾ ”آهي“ بدران ”آ“ استعمال ڪيل آهي. ان کان علاوه ”وقت“ بدران ”وخت“ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ”ق“ بدران ”خ“ جو استعمال ڪيل آهي.

ٻئي بند ۾ ”اهو“ بدران ”ي“ جو اضافو ڪري ”ايهو“ استعمال ڪيل آهي.

ٽئين بند ۾ ساڳيو ”آهي“ بدران ”آ“ يا ”آهہ“ استعمال ڪيل آهي.

چوٿين بند ۾ ساڳيو ”وقت“ بدران ”وخت“، ”پڙهائج“ بدران ”پڙاهج“ ۽ ”پوءِ“ بدران ”پو“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن. ”پڙهائج“ مان ”ء“ حذف ڪري ان جاءِ تي ”هہ“ جو استعمال ڪيل آهي. جڏهن ته ”پوءِ“ ۾ به ”ء“ جو حذف ٿيل آهي. لطيف سائينءَ به ”ايها ۽ ”جيها“ جا لفظ استعمال ڪيا آهن.

ارباب خان کوسو:
غزل:

پاڪ نظرن جي اشاري ساڻ منهنجي دل اڙي،
هڪ لڳو آ جگر ۾ ٻيو ويو جي ۾ جڙي،

---

[723] ڪانئس ورتل.

[724] ايضاً.

درد تنهجو آهہ دل ۾ ننڍ نيٽن نہ اچي،
رات ڏينئن روئندوهان آءِ اگهڻ منهجي لڙي،
درد سان ساري حقيقت تو کيان اظهار مان،
آءِ مونڏي يار پيارا گڏ گذارين کا گهڙي،
رنگ گلابي آ تنهجو لب تنهجا آهن کاغذي،
لبريز پيالو ڏي پري ارباب کي سهڻا اچي.[725]

ارباب کوسي جو هي غزل جغدالي محاوري ۾ چيل آهي. سندس بيت چوڻ جو جهيلار بہ ظاهر آهي. غزل جي پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ ”منهنجي“ بدران ”منهجي“ يعني ”ن“ حذف ڪيل آهي، ٻي سٽ ۾ ”آهي“ بدران ”آ“ ۽ ”جيءُ“ بدران ”جي“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ ”تنهنجو“ بدران ”تنهجو“ يعني ”ن“ حذف ڪيل آهي، ٻي سٽ ۾ ”ڏينهن“ بدران ”ڏينئن“، ”آهيان“ بدران ”هان“، ”منهنجي“ بدران ”منهجي“ جا جغدالي لفظ استعمال ٿيل آهن.

چوٿين بند جي پهرين سٽ ۾ ”تنهنجي“ بدران ساڳيو ”تنهجو“ ۽ ”تنهجا“ جا جغدالي لفظ استعمال ڪيل آهن. جيتوڻيڪ هاڻ جيڪب آباد (سنڌ) ۾ رهي ٿو. ان هوندي بہ ڳالهائڻ سان سندس جهيلار جغدالي ٻيو معلوم ٿئي.

بروهي غوث بخش فراقي:

گيت:

رکيل شاهہ پيارو فتح پور وارو،
چوڏهين صديءَ ۾ هنيو تو نعارو،
چيزل کي همٿ آ ڏيارو،
ميلو پنهنجو سالانو ڪرايو
واهہ واهہ ايئو تنهجو نوري نظارو،
رکيل شاهہ پيارو فتح پورو وارو....
عرش تک آ تنهجي رسائي،
سوالي جيڪي آيا تن جي پڄائي،
سيد آن تون نبي جو پيارو،
چوڏهين صديءَ ۾ هنيو تو نعارو،
رکيل شاهہ پيارو فتح پور وارو....
هرکو آ تنهجي در جو صداگر،

---

[725] ڪانئس ملاقات دوران ورتل.

"فراقي" بي آهن گهر جو گداگر،
مريد ڏين ٿا تنهجي در جو ٻهارو،
رکيل شاهه پيارو فتح پور وارو....

فراڪي محاوري جي هن گيت جو جڏهن اسان لساني جائزو وٺون ٿا ته اسان کي معياري کان ڪافي فرق معلوم ٿئي ٿو. مثلاً پهرئين بند جي ٽئين سٽ ۾ "همت" بدران "همٿ" ۽ "ڏياريو" بدران "ڏيارو" جا لفظ ڪم آندل آهن. ان کان علاوه "همت" سان مؤنث صيغو "ڏياري" اچڻ گهرجي ها پر ائين ناهي. اهڙيءَ طرح چوٿين سٽ ۾ "پنهنجو" بدران "پنهجو" يعني "ن" حذف ڪيل استعمال ڪيو آهي، "ساليانو" بدران "سالانو" استعمال ڪيو آهي، جنهن جي "ي" حذف ڪيل آهي.

پنجين سٽ ۾ "اِهو" بدران "ايئو" ۽ "تنهنجو" بدران "تنهجو" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ "تائين" بدران "تڪ" جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جيڪو سرائيڪي ٻوليءَ جو آهي. "تنهنجي" بدران "تنهجي" يعني "ن" حذف ڪيل ڪم آندو ويو آهي. ٽئين سٽ ۾ "آهين" بدران "آن" جو لفظ ڪم آندل آهي.

ٽئين بند جي پهرين سٽ ۾ "آهي" بدران "آ"، "تنهنجي" بدران "تنهجي" ٻي سٽ ۾ "ٻ" بدران "ٻي"، "آهي" بدران "آ" ۽ ٽين سٽ ۾ "تنهنجي" بدران "تنهجي" استعمال ٿيل آهي.

نظم:

خدا جو ڏسو خاص پيارو سڪندر،
هٽي وينو ڏاڍر ۾ نعارو سڪندر،
سوالي سوين روز در تي اچن ٿا،
پچائين ٿو تن جو مرادان وجن ٿا،
چون ٿا پلن کان پلارو سڪندر....
اچي باوضو نيڪ نيت جو جيڪو
ملي فيض تن کي جاٽي خدا ٿو
ڪري قرب سان ٿو ايشارو سڪندر....
"فراقي" بي آ تنهجو گدلو گداگر،
ثنا ٿو ڪري صدق دل سان ثناگر،
ڏيو گنج پنهجي مان وارو سڪندر.

هن نظم جو جڏهن اسان جائزو وٺون ٿا ته اسان کي فراڪي محاوري جا ڪافي لفظ ملن ٿا. مثلاً: "مرادون" بدران "مرادان"، "اشارو" بدران "ايشارو"، "آهي" بدران "آ"، "تنهنجو" بدران "تنهجو" ۽ "پنهنجي" بدران "پنهجي" لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه سندس لفظن جي ادائگي يا

پيشڪش جو انداز بہ غير معياري آهي ۽ سندس لهجي ۽ جهيلار مان فراڪي محاوري جا اهڃاڻ ملن ٿا.

غزل:

زماني جي ڏسي حالت در و ديوار ڏڙڪن ٿا،
آ پندرهين صدي ظاهر عجب آثار ڏڙڪن ٿا.
اڃون بازار جي اندر ٿا ملي هر شيءِ مهانگي ٿي،
وڃون ڪاڏي چئون ڪينهن ڪي ويچار ڏڙڪن ٿا.
باقي مان ڪٽ بچائي آ، آخر ساهہ بي ڪپائيندس،
مگر اڻ ۾ پنهجا هي رشتيدار ڏڙڪن ٿا.
آهہ هوند هونگ هوندي جي سچي جو چا ٿئي ساٿي،
حياتيءَ جا ڏکيا ڏينئڙا پيا صد بار ڏڙڪن ٿا.
ڏسو ڪن ڪي شمع مان ۽ اتم سندا ڪيتي ڪپڙا،
سوچي سمجهي بدن ڪٽبو گلن جا خار ڏڙڪن ٿا.
”فراقي“ ڪو فرق ناهي صرف حالت غريبي آهي،
هائي افسوس جي ماڪان منهجا ڪي يار ڏڙڪن ٿا.

هن غزل جي پهرئين بند جي ٻي سٽ ۾ ”آهي“ بدران ”آ“، ٻي بند جي ٻي سٽ ۾ ”ڪيڏانهن“ بدران ”ڪاڏي“ ۽ ”ڪنهن“ بدران ”ڪينهن“ ٽئين بند جي پهرين سٽ ۾ ”مون“ بدران ”مان“ ، ”بہ“ بدران ”بي“ ٻي سٽ ۾ ”پنهنجا“ بدران ”پنهجا“، چوٿين بند جي ٻي سٽ ۾ ”ڏينهڙا“ بدران ”ڏينئڙا“ ۽ آخري بند جي ٻي سٽ ۾ ”مونکان“ بدران ”ماڪان“ ۽ ”منهنجا“ بدران ”منهجا“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن. جيڪي فراڪي محاوري جي نشاندهي پيا ڪن.

غزل:

حسينن جي پيار سان غضب جو پيار ٿيندو آ،
ايشارن ئي ايشارن ۾ وڏو واپار ٿيندو آ.
اگر سهڻن جي محبت ۾ ويو جو هوش آ نڪري،
خبر ڪيڙي هئي مانکي، تہ ايڙو آزار ٿيندو آ.
اگر دلبر ستائين ٿا، ڪرڻ بهتر صبر آهي،
مگر الفت ۾ سهڻن جو بدن بيمار ٿيندو آ.
صرف منهجي مقدر ۾ لکيل آهہ وڏو صدمو،
صنم مانڏي ڏسي، ٿورو گهڻو بيزار ٿيندو آ.
”فراقي“ ڪي مليو آهہ صنم سنگدل قسمت سان،

نيايان مان وينو هر دم سندم اقرار ٿيندو آ .[726]

هن غزل جي پهرئين بند ۾ ”آهي“ بدران ”آ“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، بلڪ اهو هر جاءِ تي ”آ“ ڪري ان کي رديف طور استعمال ڪيو ويو آهي. ٻي سٽ ۾ ”اشارا“ بدران ٻه پيرا ”ايشارا“ استعمال ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ”ي“ جو اضافو ڪيل آهي.

ٻئي بند جي ٻي سٽ ۾ ”کهڙو“ بدران ”ڪيڙو“ ۽ ”اهڙو“ بدران ”ايڙو“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن، جن ۾ ”هـ“ بدران ”ي“ جو اچار استعمال ڪيو ويو آهي.

چوٿين بند جي پهرين سٽ ۾ ”منهنجي“ بدران ”منهجي“ يعني ان مان ”ن“ جو اچار حذف ڪري اچاريو ويو آهي. ٻي سٽ ۾ ”مون ڏانهن“ بدران ”مانڏي“ ڪم آندو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح آخري بند ۾ ٻه ”آهي“ بدران ”آهہ“ ۽ ”آءِ“ بدران ”مان“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

فراقي صاحب سان ملاقات وقت سندس ڳالهائڻ جو جهيلار ساڳيو فراڪي محاوري وارو پيو محسوس ٿئي، حالانڪ سندس چوڻ موجب ڪافي سال سيوهڻ ۾ رهندي ٿيا آهن.

عام شاعرن جي ڪلام جو لساني جائزو:

عام شاعرن ۾ خطي جا اهي سنڌي شاعر اچي وڃن ٿا، جن بابت سنڌي ادب ۾ اڳي ڪٿي به ذڪر ڪونہ ٿيو آهي، جيئن اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون تہ خطي جا سنڌي شاعر پنهنجي ڪلام کي ڪنو ڪندا رهيا آهن، پر اشاعتي ادارن جي نہ هجڻ سبب سندن ڪلام ۽ تعارف شايع ٿي ڪونہ سگهيو آهي.

مطالعي دوران اسان کي ڪجهہ اهڙا بہ شاعر مليا آهن، جن جو مختصر تعارف ۽ ڪلام جو مختصر لساني جائزو هت پيش ڪجي ٿو.

ڪرم شاهہ:

پاڻ ڳوٺ منڙي ضلعي ڪڇي جو رهواسي هو. پيري مريديءَ باوجود مزدوري ڪري گذاريندو هو. مريدن کان ڪجهہ وٺڻ وڏو عيب سمجهندو هو. تمام نيڪ سيرت ۽ شڪل شبيهہ جو تمام سهڻو هوندو هو. شوقيہ طور سنڌيءَ ۾ شاعري ڪندو هو. پنهنجو ڪلام پاڻ ڳائيندو بہ هو. زماني بابت سندس چوڻ هو تہ هن زماني ۾ ماڻهن کان چڱائي ختم ٿي ويئي آهي ۽ هت هرڪو مسافر جي حيثيت رکي ٿو. سندس شاعري فراڪي محاوري ۾ چيل آهي. سندس پيدائش ۽ وفات جي تاريخ ڪونہ ملي سگهي آهي.[727]

ڪلام سيد ڪرم شاهہ:

ٿلهہ: ڇڏي يار زماني ڪئون اڄ ياري وئي،
سڪ پيار محبت ساري وئي.
يار زماني جا مُون تي ڪلني،

---

[726] صوفي رکيل شاهہ جي ميلي تي فتح پور ۾ ڪانئس ورتل شاعري.

[727] اڪبر لاشاري ناڙي واري کان مليل مواد.

پرپٺ گلا هت کوڙ چوني،

اوئي يار نہ چٹبا ايئي خوار چوني،

جن کئون هوش چڏي هوشاري وئي،

چڏي يار زماني کئون اج ياري وئي....

مٿي مائٽي ادي برادر مئون وئي،

کيڙي زماني جي ڳال ساري کيان،

اچي پيو تہ پٽن ۾ جدائي پئي،

چڏي يار زماني کئون اج ياري وئي....

تنجي ياد کرڻ سان لهندا گناہ،

کرم شاهہ ياد کر تون الاء،

اوئي کربلا وارا سچا امام،

جنن توڙ جٹانن جي ساري کئي،

چڏي يارن ماني کئون اج ياري وئي.. .[728]

فراکي محاوري جي هن ڪلام جو لساني جائزو ونبو تہ اسان کي معياريءَ کان ڪافي فرق محسوس ٿئي ٿو. هن ڪلام تي مجموعي طرح سان سرائيڪي زبان جو تمام گهڻو اثر نظر اچي ٿو. ڪلام جي پوري شاعريءَ ۾ ”کان“ ۽ ”مان“ بدران ”کئون“ ۽ ”مئون“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

ٽلهہ ۾ ”ويئي“ بدران ”وَئي“ بہ پيرا ڪم آندو ويو آهي.

پهرئين بند ۾ ”مُنهن“ بدران ”مُون“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ”ن“ ۽ ”هہ“ حذف ڪري ”و“ جو اضافو ڪيل آهي. ”اُهي“ بدران ”اوئي“ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن مان ”هہ“ حذف ڪري، ان بدران ”ء“ جي استعمال سان گڏ ”و“ جو اضافو ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ”اِهي“ بدران ”اِيئي“ ۾ بہ ساڳيو ”هہ“ بدران ”ء“ جي استعمال سان گڏ ”ي“ جو اضافو ڪيو ويو آهي. ”اُهي“ ۾ ”و“ جو اضافو ”الف“ مٿان پيش جي اُچار سبب ڪيل آهي. جڏهن تہ ”اِهي“ ۾ ”ي“ جو اضافو ”الف“ هيٺان زير جي اُچار سبب ڪيل آهي. ان کان علاوه ”هوشياري“ جي ”ي“ بہ حذف ڪئي ويئي آهي، جيڪا اڪثر ان قسم جي لفظن مان ڪئي ويندي آهي. ٻئي بند ۾ ”مٿي مائٽي“ وارا ”ٿ“ حرف ”ر“ گاڏر مرڪب حرف آهن. جيڪي هن خطي ۾ واضح طور استعمال ڪيا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح ”ڪهڙي“ بدران ”ڪيڙي“ لفظ استعمال ڪري ان جي ”هہ“ حذف ڪري ”ي“ جو استعمال ڪيو ويو آهي، جيئن سرائيڪي ۾ ٿئي ٿو.

ٽئين بند ۾ ”گناهہ“ ۽ ”الاهہ“ واري ”هہ“ حذف ڪري ”ء“ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ لفظ ”تنهنجي“ بدران ”تنجي“ ڪم آندو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ”جهانن“ لفظ ۾ ”هہ“ بدران ”ء“ جو حرف استعمال ڪيو ويو آهي.

---

[728] ايضاً

حافظ محمد صالح تنيو:

محمد صالح پٽ ڏني بخش تنيو سن 1917ع ۾ ڳوٺ تنيو تعلقي لهڙي ضلعي ڪڇي ۾ پيدا ٿيو. 14 سالن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائين. ننڍي عمر کان ئي شاعري ۽ ڳائڻ وڄائڻ جو شوق هيس. ڳائڻ وڄائڻ جو شوق استاد ارباب خان کوسي جي شاگرديءَ ۾ اچي شروع ڪيائين. پوئين وقت ۾ ٺيڪيداري شروع ڪيائين. 1987ع ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪلام جغدالي محاوري ۾ چيل آهي.

غزل:

ٿلهه: شونق جي هر شهر ۾ برهيہ جي بازار آ،
صورت جو سودو هلي ٿو حسن جو واپار آ،
سرمو پائي سيند نائي صبح جو سهڻا اٿن،
مُونئن مکين ٿا مشڪ عمبر بدن بوءِ بهار آ،
وار ڪارا نانگ نيارا ويڙهه ٿا واسنگ ڪن،
ڳل گلابي لعل لب چشمن ڏنو چمڪار آ،
سڪ جو سودو آ، اِيهو صالح سهڻا ٿا ڪرن،
غم غصي جو جت ڪم ناهي پيار ئي پيار آ.[729]

غزل جي ٿلهه ۾ ”شوق“ بدران ”شونق“ پهرئين بند ۾ ”سينڌ“ بدران ”سيند“، ”ناهي“ بدران ”نائي“، ”منهن“ بدران ”مونئن“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. ٻئي بند ۾ ”اکين“ بدران ”چشمن“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو بلوچي زبان جو آهي. ٽئين بند ۾ ”اهو“ بدران ”ايهو“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي.

اقبال شاهين:

محمد اقبال سن 1949ع ۾ پنهنجي ڳوٺ لهڙي تعلقي ۽ ضلعي ڪڇي ۾ حافظ محمد صالح تنيي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ميٽرڪ تائين لهڙي هاءِ اسڪول کان تعليم حاصل ڪري، ان ئي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. سندس تخلص ”شاهين“ آهي، پنهنجي والد وانگر ڳائڻ وڄائڻ سان گڏ سنڌيءَ ۾ شاعري بہ ڪري ٿو. سندس غزل جي ڪجهہ بندن جو لساني جائزو پيش ڪجي ٿو.

غزل:

سنسار ڇڏي سارو هڪ يار ڪيم توکي،
محبوب پانجي من جو مختيار ڪيم توکي،
توکئون نہ جدا ٿيو هان، توکئون نہ جدا ٿيندم،
پوئي پريت جي ڏاگي ۾ پانجو هار ڪيم توکي.
پارت ٿي پرين پيارا مجبور محبت جي،

---

729 کانئس ورتل.

دلدار دکي دل جو غمخوار کيم توکي.
"شاهين" زماني ۾ ٻيا پي تہ حَسين آهن،
پر ساري حسينن جو سردار کيم توکي. [730]

جغدالي محاوري جي هن غزل ۾ "پنهنجو" بدران "پانجو" ۽ "پنهنجي" بدران "پانجي" جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. ٻئي بند ۾ "توکان" بدران ٻہ ڀيرا "توکئون" ڪم آندو ويو آهي. "آهيان" بدران "هان" ۽ "ٿيندس" بدران "ٿيندم" جا لفظ استعمال ڪيل آهن. آخري بند ۾ "ٻہ" بدران "پي" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

عبدالقادر:

عبدالقادر جو وڌيڪ احوال ڪونہ ٿو ملي، سندس هڪ بيت هٿ آيو آهي، جنهن جو جائزو وٺڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو جغدالي علائقي جو رهاڪو هو. تحصيل اوستہ محمد جي هڪ شاخ ٻالان جو نالو پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آندو اٿس. ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هو نصير آباد ضلعي جو رهاڪو هو.

ٿلهہ: مان تہ ٻن ڏيان هن سارِن کي۔ رنان روئارن ٻارن کي،
1۔ جڏين رومبن تي هتئون هلن ٿيون۔ سٽڻان گوڏي متي اوهي نين ٿيون،
ڏس ڊونبيون ڪيئن ٿين ٿيون۔ هاٽي پِٽن پانهجي مارن کي...
2۔ جڏين رومبي تي هتئون هلن ٿيون۔ روئي توکي هو پٽن ٿيون،
ڏسي جان پانهجي هو روئن ٿيون۔ هاٽي ورتيون هل پانهجي مارن کي...
3۔ پانهجي مردن ڪان سارو ڏينئن هلن۔ پانهجن ڪڙمين کي پاڻ هٽن،
ڏسي هيڏي هوڏي هتڙو ڪٽن۔ سينو لوڏي ڏيکارن يارن کي...
4۔ عبدالقادر چوي پوکان تيار ٿيون۔ ايهي واهہ لنگهي اسانجون ساريون پليون،
هن سارن ڪئون ٻالان جون جوٽاريون پليون۔ گهٽو ٻہ هي تہ چوان حيا وارن کي۔ [731]

جغدالي محاوري جي هن بيت جي ٿلهہ ۾ "سارين" بدران "سارن" "رنون" بدران "رنان" جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

پهرئين بند ۾ "جڏهن" بدران "جڏين"، "هتان" بدران "هتئون"، "سٽڻون" بدران "سٽڻان"، "اهي" بدران "اوهي"، "پنهنجي" بدران "پانهجي" جا لفظ ڪم آندل آهن. ٻئي بند ۾ "پنهنجي" يا "پنهنجو" بدران "پانهجي" ۽ "پانهجو"، "هتان" بدران "هتئون" جا لفظ ڪم آندل آهن. ٽئين بند ۾ "پنهنجي" کي "پانهجي"، "ڏينهن" کي "ڏينئن" ۽ "هيڏانهن هوڏانهن" کي "هيڏي هوڏي" ۽ "ڏيکارين" کي "ڏيکارن" استعمال ڪيو ويو آهي. چوٿين بند ۾ "اهي" کي "ايهي"، "کان" کي "ڪئون" استعمال ڪيو ويو آهي.

حبيب الله دايو:

پاڻ اصل ۾ ڊاڍير جو هو. سندس وڌيڪ احوال هٿ اچي نہ سگهيو آهي. سندس شاعري فراکي محاوري ۾ آهي. سندس ٻہ بند هيٺ پيش ڪجن ٿا:

---

[730] سندس والد حافظ محمد صالح تنيي کان ورتل.

[731] اڪبر لاشاريءَ کان مليل.

1ـ سنيون سنيون ڪونجان نخري سان لڏن،
هيٺ لئن ڪينڪي متي چوڳ چڳن،
چُومب پري رت جي سيني سور لکن،
چوي ٻـ حق حبيب الله جو پانداڙيم پکين سان.

2ـ هن خيالي بيخوديءَ ۾ عشق جو آزار ٿيو
مرض ايڙو پيو نـ پانيان جين ماکي بيمار ڪيو.[732]

پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ ”سنهيون سنهيون“ بدران ”سنيون سنيون“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن، جن مان ”هـ“ حذف ڪيل آهي. ”ڪونجون“ بدران ”ڪونجان“ استعمال ڪيل آهي. ٻي سٽ ۾ ”لهن“ بدران ”لئن“ يعني ”هـ“ بدران ”ء“ جو اچار استعمال ڪيو ويو آهي. ٽين سٽ ۾ ”چهنب“ بدران ”چومب“ يعني ”هـ“ بدران ”و“ جو استعمال ڪيل آهي.

ٻئي بند جي ٻي سٽ ۾ ”اهڙو“ بدران ”ايڙو“ جو لفظ ڪم آندل آهي، جنهن ۾ ”هـ“ بدران ”ي“ جو استعمال ڪيل آهي. لفظ ”جنهن“ بدران ”جين“ استعمال ٿيل آهي، جنهن مان ”ن“ ۽ ”هـ“ بدران ”ي“ استعمال ڪئي ويئي آهي، ۽ ”مونکي“ بدران ”ماکي“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

محمد مراد ڏومڪي:

هي 15 اپريل 1930ع تي ڳوٺ مراد واهـ، تعلقي لهڙي، ضلعي ڪڇي ۾ پيدا ٿيو. ڪيس ننڍي هوندي کان شاعريءَ جو شوق هو. سنڌيءَ سان گڏ بلوچيءَ ۾ بـ شاعري ڪندو هو. سندس وڌيڪ احوال ڪونـ ملي سگهيو آهي. سندس هڪ گيت هٿ آيو آهي، جيڪو مختصر لساني جائزي سان پيش ڪجي ٿو.

ٿلهـ: اڳين عاشقن پونين کان ڪين چڏي آ۔ هاڻي ماکي عشق جي لڳي آ.
1ـ تنجو عشق بي آ ايڙو جين لئرن ۾ لڙي ٻيڙو،
انن چولن منجهہ جهولي پري آ، هاڻي ماکي عشق جي لڳي آ.
2ـ تنجي عشق جي تارئون قران ٿو جين پرواني وانگي پچان ٿو،
جين شمع شوا تي جلي آ، هاڻي ماکي عشق جي لڳي آ.
3ـ تنجي صورت آ بلند بالا، ايئو منجو عقيدو ائون خيالا،
تنجي تابش چنڊ ڪئون تکي آ، هاڻي ماکي عشق جي لڳي آ.
4ـ مان بي سلطان دربار وجان ٿو ويئي ويئي دعائون گهران ٿو
محمد مراد دوستن سان جهلي آ، هاڻي ماکي عشق جي لڳي آ.[733]

هي گيت فراکي محاوري ۾ چيل آهي، جنهن جي جهيلارءِ لهجي مان فراکي محاوري جون جهلڪيون نظر اچن ٿيون. گيت جي ٿلهـ ۾ ”ڪاڻ“

---

[732] فنڪار عمر شاد بروهيءَ کان مليل.
[733] ڊاڪٽر غلام سرور ابڙو (منڙي) کان مليل.

يا ”لاءِ“ بدران ”ڪان“، ”آهي“ بدران ”آ“ ۽ ”مونکي“ بدران ”ماکي“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

پهرئين بند جي پهرين سٽ ۾ ”تنهنجو“ بدران ”تنجو“، ”اِهڙو“ بدران ”ايڙو“، ”جيئن“ بدران ”جِين“، ”لهرن“ بدران ”لئرن“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. ٻي سٽ ۾ ”انهن“ بدران ”اُنن“، ”چولين“ بدران ”چولن“، ”آهي“ بدران ”آ“ ۽ ”مونکي“ بدران ”ماکي“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن. ”آهي“ ۽ ”مونکي“ ترتيبوار هرهنڌ ”آ“ ۽ ”ماکي“ طور استعمال ڪيل آهن.

ٻئي بند ۾ ”تنهنجي“ بدران ”تُنجي“، ”تاران“ بدران ”تارئون“، ”جيئن“ بدران ”جين“، ”روشنيءَ“ بدران ”شُوا“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن. ”شوا“ بروهي، بلوچي ۽ سرائيڪيءَ ۾ روشنيءَ کي چيو وڃي ٿو.

ٽئين بند ۾ ساڳيو ”تنهنجي“ بدران ”تُنجي“، ”اِهو“ بدران ”ايئو“، ”مُنهنجو“ بدران ”مِنجو“، ”۽“ بدران ”ائون“ ۽ ”ڪان“ بدران ”ڪئون“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

چوٿين بند ۾ ”ٻہ“ بدران ”ٻِي“، ”ويهي ويهي“ بدران ”ويئي ويئي“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن. جن مان ”هہ“ حذف ٿيل آهي.

هن گيت جي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ شاعر نيٺ فراکي لفظ استعمال ڪيا آهن. جن تي سرائيڪي زبان جو اثر تمام گهڻو ٿيل آهي.

اڪبر لاشاري:

اڪبر پٽ گامڻ خان لاشاري 1913ع ۾ ڳوٺ گلڻ، تحصيل ۽ ڀاڳ ضلعي ڪڇيءَ ۾ ڄائو. سندس والد جي صحبت جي اثر سبب شعر و شاعري ۽ ڳائڻ شروع ڪيائين. پنهنجا بيت پاڻ ڳائيندو بہ آهي. يڪتاري ۽ چپڙيءَ تي ڳائڻ وڄائڻ جو استاد سندس والد هو. سندس سنڌي شاعري جغدالي محاوري ۾ چيل آهي.

بيت:

مُنجي نيٽن ۾ آ منا نور واهہ،
تنجي عشق کيو چڪناچور واهہ،
اندر مُنجي ۾ تي آڳ ٻري،
تنجي ڏسڻ سان منجو هان ٺري،
تنجي عشق ڪيا دک دور واهہ...
داد ڪجان امداد ڪجان،
ڪڏين تہ اڪبر کي ياد ڪجان،
تنجن سور ڪيا دک دور واهہ... [734]

بيت جو لساني جائزو ونجي ٿو تہ ان ۾ ڪيئي جغدالي محاوري جا لفظ ۽ اُچار ملن ٿا. ٿلهہ ۾ ”منهنجي“ بدران ”مُنجي“ ۽ ”تنهنجي“ بدران ”تنجي“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن.

پهرئين بند ۾ ساڳيو ”منهنجي“ ۽ ”تنهنجي“ لاءِ ”منجي“ ۽ ”تنجي“ جا لفظ ڪم آندل آهن. ”آگ“ بدران ”آڳ“ ۽ ”هانءُ“ بدران ”هان“ جا لفظ

---

[734] ڪانئس ورتل.

ڪم آندل آهن. ”هانءُ“ جي ”ءُ“ اچار ڪي حذف ڪيو ويو آهي. جيئن اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون, جيڪو جغداليءَ ۾ حذف ٿئي ٿو. ٻئي بند ۾ ”ڪجان“ ۽ ”ڪجان“ جو اُچار استعمال ڪيو ويو آهي. جنهن مان ”ۀ“ جو اُچار حذف ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح ”ڪڏهن“ بدران ”ڪڏين“ استعمال ڪيل آهي. ”تنهنجن“ بدران ”تنجن“ استعمال ڪيو ويو آهي.

غزل:

ادا تنجي گاڏي وهي روزگار سان,
جوڙو ڏاندن جو جنسار سان,
پنجاليون اٿس پريت جون,
ڏورٽي سندو چئو آزار سان,
منجي گاڏي جو مُنجو ادا موڪرو,
هن دُري سندي آڏار سان.
سارو بار اٿس سرائي تي ادا,
ايهي ڦيٿا ڦرن فراڪ سان,
اڪبر چوي شوق منجهئون,
هن قبي واري جي آڏار سان.

هي غزل بہ جغدالي محاوري جو اٿس, جنهن ۾ ”منهنجي“ ۽ ”منهنجو“ ڪي ”منجي“ ۽ ”منجو“ ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. ”پچاڙيون“ بدران سرائيڪيءَ ۾ ”پنجاليون“, ”ويڪرو“ بدران ”موڪرو“ جا لفظ شامل ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح ”اِهي“ بدران ”ايهي“ ۽ ”منجهان“ بدران ”منجهئون“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن, جيڪي اڪثر جغدالي محاوري ۾ ان طرح سان استعمال ڪيا وڃن ٿا. ان ڪان علاوه ”فراڪ“ هن ”شوق“ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي.

# باب چوٿون

# خطي ۾ مروج لوڪ صنفن جو لساني جائزو

1- پهاڪا:

دنيا ۾ اهڙي ڪا ٻه ٻولي ڪانهي، جنهن ۾ پهاڪا نه هجن ۽ نه وري ڪو اهڙو دؤر ٿي سگهي ٿو جيڪو پهاڪن کان خالي هجي. پهاڪن مان نه رڳو وقت جي تاريخ جو پتو پوي ٿو[735] بلڪ ملڪ جي عادات ۽ اطوار رفتار ۽ گفتار، رسم ۽ رواج، ڪمال ۽ زوال، حرفت ۽ بدعت جو به جيئن جو تيئن پتو پوي ٿو. مطلب ته پهاڪا پنهنجي سماج جي آئيني جي حيثيت رکن ٿا. پهاڪن جو بنياد ڏندڪٿائون، مذهبي قصا، تاريخي واقعات، عام قصا، ڪهاڻيون ۽ نقل نظير ئي ٿي سگهن ٿا.[736] پهاڪا ٻهڳڻ جا ٻول سنڌ جي سياڻپ جو آئينو آهن.[737] گهڻا پهاڪا ته هر دؤر تي ٺهڪي اچن ٿا.

پهاڪو اڪثر لفظي معنيٰ بدران ٻي معنيٰ ۾ ڪتب آندو ويجي ٿو. اهو ٻيو مطلب ئي اسان کي گهربل هوندو آهي، ڪجهه لفظي معنيٰ ۾ به استعمال ٿين ٿا، جن کي چوٽي چئبو آهي.[738]

بلوچستان جو هي خطو به سنڌي پهاڪن کان خالي نه آهي، جيڪي ان علائقي جي رهواسين جي عڪاسي ڪن ٿا. سنڌ جي پهاڪن تي ڪافي ڪم ٿيو آهي، پر بلوچستان ۾ موجود پهاڪن تي ڪو به ڪم ڪو نه ٿيو آهي، جن کي ڪنو ڪرڻ جي ضرورت هئي، ان خيال سان اسان ڪوشش ڪري هت اهڙن پهاڪن کي لساني بحث هيٺ آندو آهي، جن تي اڳ ۾ ڪم ڪونه ٿيو آهي. انهن مان ڪي پهاڪا پنهنجي عوامي مقبوليت سبب پوري سنڌ ۾ مروج ٿي چڪا آهن ۽ ڪي سنڌ جي پهاڪن سان هڪجهڙايون رکن ٿا، جن جي هت وضاحت به شامل ڪئي ويئي آهي.

1- بنگاهي جهيڙو:

هي پهاڪو جغدالي علائقي ۾ جهل مگسيءَ جي علائقي سان تعلق رکي ٿو. بنگاهه جهل مگسيءَ جي اتر طرف هڪ واديءَ جو نالو آهي. هن علائقي ۾ هڪ ٻيري رند، جمالي، چانڊين ۽ مگسين جي وچ ۾ ڇتي جنگ لڳي هئي، جنهن ۾ سوين جانيون ضايع ٿيون هيون. ماڻهن جي اهڙي ڪشت و خون بعد سنڌي ٻوليءَ ۾ هي پهاڪو مقبول ٿيو.[739] جڏهن به ڪنهن سخت جنگ جو ذڪر ٿئي ٿو ان وقت ”بنگاهي جهيڙي“ جو مثال ڏنو ويجي ٿو جيڪو هاڻ مقبوليت سبب سنڌ تائين مشهور ٿيو آهي.[740]

2- موسن شاهه جي ڇٽي:

ڪڇي ضلعي جي ڳوٺ شاهه پور جي سيدن مان سيد محسن شاهه پنهنجن جت قوم جي هارين کي زبردستي نماز پڙهائڻ جي ڪوشش ڪندي

---

[735] سنڌيلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”پهاڪن جي پاڙ“، پاڪستان پرنٽنگ پريس، لاڙڪاڻو ڇاپو ٻيو 1969ع، ص ب ه اکر.

[736] ايضاً، ص ب ه اکر.

[737] ايضاً، ص ب ه اکر.

[738] جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، ”پهاڪا چوڻيون ۽ محاورا“، ماهوار پيغام، ڪراچي، جولاءِ-آگسٽ، 1988ع، ص 9.

[739] بشير احمد وارثي، ”تذڪره مگسي مع تاريخ“، مدير اعليٰ رهبر سنڌ، رتوديرو 1957ع، ص32، ۽ پڻ ڏسو لالا هيتورام جي ”تاريخ بلوچستان“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1973ع، ص194.

[740] چانڊيو مجيد، مقالو: ”بنگاهي جهيڙو“، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، 6-11-1983ع، ص 3.

کين روزانہ نماز پڙهائڻ تي مجبور ڪندو هو. جتن يا علائقي جي ماڻهن هن مجبوريءَ کي ”سيد محسن جي چٽيءَ“ جو نالو ڏيئي ڇڏيو. جنهن بعد ۾ موسن[741] شاھ جي چٽي نالي سان هڪ پهاڪي جي حيثيت حاصل ڪري ورتي.[742]

3- نه صافين نه ڪڙڪين:

هي پهاڪو فراڪي محاوري جو آهي. صافي ۽ ڪڙڪ سبيءَ کان ڇٹن پنجن ميلن جي مفاصلي تي ٻن ڳوٺن جا نالا آهن. صافي ۽ ڪُڙڪ علائقي جي ٻن پٺاڻ قومن جا نالا بہ آهن. جيڪي پنهنجن گهرن ۾ بہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. هي پهاڪو علائقي جي هڪ فقير جو آهي. حقيقت هيئن آهي تہ هڪ دفعي ٻنهي ڳوٺن ۾ خيرات پئي هلي، فقير خيرات جو احوال ٻڌي صافين جي ڳوٺ پهتو جتي ديڳيون اجا چاڙهيون ڪونہ ويون هيون. هن کي بک بہ ڏاڍي لڳل هئي. جڏهن معلوم ٿيس تہ ڪڙڪن جي ڳوٺ ۾ بہ خيرات جو بندوبست آهي، جيڪو اتان بہ اڍائي ميل پري هو. هو يڪدم اوڏانهن روانو ٿيو. جڏهن اتي پهتو تہ خيرات ختم ٿي چڪي هئي. هن کي ٻيهر خيال ٿيو تہ هاڻ صافين ۾ ديڳون تيار ٿيڻ واريون هونديون، سو پڳو اوڏانهن، پر اتي بہ هن جي پهچڻ کان اڳ خيرات ختم ٿي چڪي هئي. تڏهن ماڻهن چرچي طور هن ڳالھ کي پهاڪي جي صورت ڏيئي ڇڏي تہ ”نہ صافين جو نہ ڪڙڪن جو رهيو“.[743]

هي پهاڪو سنڌ جي پهاڪي ”ڌوٻي جو ڪتو نہ گهر جو نہ گهاٽ جو“ سان مشابهت رکي ٿو.

4- ڪاٺي ڪوري ڪاٺي تراران:

هي پهاڪو بہ فراڪي محاوري واري علائقي جو آهي. علائقي ۾ ٻن بلوچ قبيلن جي وچ ۾ زبردست جنگ لڳي، هر ڪو پنهنجن ماڻهن جي مدد لاءِ ترارون کڻي جنگ طرف ڀڄڻ لڳو. ڪن ماڻهن اتان جي وينل ڪورين کي چيو تہ ”توهان بہ هلو ساٿ ڏيو ۽ وٺو ترارون“ تنهن تي ڪورين وراڻيو ”ڪاٺي ڪوري ڪاٺي تراران“ يعني ”ڪٺي ڪوري ڪٺي ترارون“ علائقي جي محاوري سبب اهو مٿين شڪل اختيار ڪندي پهاڪي طور مشهور ٿيو. هي پهاڪو سنڌ جي ”ڪاڏي ڪوري ڪاڏي ترار“ پهاڪي سان مشابهت رکي ٿو.

5- جوهي کان لوهي نه واهي نه اوهي:

هي پهاڪو جغدالي علائقي سان تعلق رکي ٿو جيڪو هن خطي جي ڪاڇي واري علائقي روهہ جبل جي آسپاس جو آهي. جوهي کان روهہ جبل وڃڻ لاءِ وچ تي لوهي شهر ڏانهن ويندڙ رستو ۽ علائقو اچي ٿو. تنهن تي آڳاٺو ڪابہ وسندي ڪانہ هوندي هئي، جنهن سبب ان علائقي کي لاوارث علائقو سڏيو ويندو هو. ان لاوارثيءَ سبب علائقي جي نسبت سان ”جوهي کان لوهي نہ واهي نہ اوهي“ پهاڪو وجود ۾ آيو.[744] جيڪو جغدالي محاوري ۾ ”جوئي ڪئون لوئي نہ وائي نہ اوئي“ طور استعمال ڪيو ويندو آهي.

6- مراد ڳنجي جو ڦاهو:

هي پهاڪو جغدالي محاوري واري علائقي سان تعلق رکي ٿو ۽ ان وقت استعمال ڪيو وڃي ٿو. جڏهن ڪو ماڻهو هوندي سوندي ناشڪريءَ جو مظاهرو ڪري. قناعت ۽ صبر کان ڪم نہ وٺي. هن پهاڪي جو پسمنظر هن ريت آهي. ڪلهوڙن جي دؤرِ حڪومت ۾ ناڙي ۽ ڪڇي علائقي جو نائب مراد ڳنجو نالي هڪ سماٽ هو جيڪو ڳنداواھ ۾ رهندو هو.

ان زماني ۾ بہ اڄ وانگر مٿين جابلو علائقي جا بروهي سردين کان بچڻ ۽ مالداريءَ جي خيال سان جبلن کان هيٺ لهي ڪڇيءَ جي هن علائقي ۾

---

741 ”موسن“ جغدالي محاوري جي اثر سبب محسن کان بدلجي موسن ٿيو آهي ۽ ”شا“ اصل ۾ ”شاھ“ جو لفظ آهي، جنهن جي ”ھ“ محاوري ۾ حذف ٿيل آهي.

742 قريشي، عبدالرزاق، ”مشاهير جيڪب آباد“، شاهين بوڪ ڊيپوٽ، جيڪب آباد، 1973ع، ص25.

743 بروهي، داد محمد خادم، ”سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني ايياس“، (ايم. اي) سنڌي، سال 1984ع لاءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پيش ڪيل مونوگراف، ص 107.

744 احمد خان مدهوش، ”ڪاڇو ڪيئن آهي“، ماهوار پيغام، ڪراچي، آڪٽوبر نومبر، 1986ع، ص 71.

آباد ٿيندا هئا. ان دوران ريڍيءِ ٻاڪري مال طرفان سماٽن جي فصلن کي پهتل نقصان جي فرياد تي ڪلهوڙن جو هي حاڪم مراد گنجو بروهين تي طرح طرح جا ظلم ۽ زيادتيون ڪندو هو جن ۾ ڦاهي جي سزا به شامل هئي. اهڙيءَ طرح ٿوري ٿوري ڏوهه لاءِ ڦاهي جهڙي وڏي سزا علائقي ۾ ناپسند ڪئي ويئي، جنهن سبب ان مقبوليت حاصل ڪندي هڪ نيم تاريخي پهاڪي جي صورت اختيار ڪئي. جغدالي محاوري ۾ اهو پهاڪو "مراد گنجي جو ڦائو" ۽ بروهي زبان ۾ "مراد گنجه ناپائو" طور مشهور آهي.[745] ڦاهو لفظ مان "هه" حذف ڪري "ء" استعمال ڪئي وجي ٿي.

7- سنڌ چورا پال:

هي پهاڪو هن خطي ۾ مروج آهي، ڇوته هن خطي جا اڪثر بروهي ۽ بلوچ خاندان اونهاري جي موسم ۾ لڏپلاڻ ڪري سنڌ طرف اچن ٿا ۽ اتي پنهنجو گذر سفر ڪن ٿا. سياري ۾ هو واپس پنهنجي جابلو علائقن ۾ وڃي آباد ٿين ٿا. ان روزگار ۽ گذر سفر ڪرڻ سبب هن علائقي ۾ سنڌ لاءِ مٿيون پهاڪو وجود ۾ آيو آهي.[746]

8- چانديا مگسي جهيڙو:

هي پهاڪو به جغدالي علائقي سان تعلق رکي ٿو جيڪو چانڊين ۽ مگسين جي قديم جهيڙن سبب وجود ۾ آيو آهي ۽ اڪثر جهيڙن جهڳڙن وقت مثال طور پيش ڪيو ويندو آهي.[747] ٻئي قومون جابلو قومون آهن، هڪٻئي سان دنگئي هئڻ ڪري اڪثر جنگيون ڪندا رهندا هئا. ان جنگين کي علائقي جي محاوري ۾ "ماهو" به چئجي ٿو.[748] جنهن جو مقصد خونريزي آهي "جهيڙو" کي "جيڙو" جي اُچار سان استعمال ڪبو آهي يا وري ائين چئبو آهي ته فلاڻا پاڻ ۾ چانديا مگسي لڳا پيا آهن.

9- ٻڙي ته ٻڙي نه ته دائودخان پٽي:

هي پهاڪو فراڪي محاوري واري علائقي جو نيم تاريخي پهاڪو آهي، جيڪو علائقي ۾ سخاوت ۽ اعليٰ ظرفيءَ جي لحاظ کان مقبول آهي. علائقي جي ڪنهن حاڪم دائودخان پٽي جي نالي سان نسبت رکندي، مشهور آهي.[749] دائودخان پٽي علائقي جو هڪ بهادر پناڻ حڪمران هو ۽ توڪل جو ترهو ۽ڏي هر ڪم ڪندو هو. ان ئي خيال سان ماڻهن ان جي ان خاصيت کي پهاڪي جي حيثيت ڏيندي، پهاڪي طور استعمال ڪن ٿا ته ڪم ٿيو ته ٺيڪ آهي نه ته دائودخان وانگر بيفڪر رهجي. يعني "ٻڙي ته ٻڙي نه ته دائود خان پٽي" جو پهاڪو ڪم آڻجي ٿو. هي پهاڪو سنڌ جي "ٻڙي ته ٻڙي نه ته اسماعيل خان جي ڦٽي" پهاڪي سان هڪجهڙائي رکي ٿو. انهيءَ کان علاوه سنڌ ۾ چئبو آهي ته "ٻڙي ته ٻڙي، نه ته دال روٽي گهٽي".

10- رنن ڪيڙا جمعا، چورن ڪيڙون عيدان:

هي پهاڪو فراڪي علائقي جو آهي، جيڪو انهن زالن ۽ ٻارن لاءِ ڏنو ويندو آهي، جيڪي زالون رنڙ ٿي ويون هجن ۽ اهي ٻار جيڪي ڇورا هجن. رنن زالن جا مڙس مري چڪا هجن، تن جون ڪهڙيون خوشيون ٿي سگهن ٿيون. اهڙيءَ طرح جن ٻارن جا والدين وفات ڪري چڪا هجن، تن جون عيدون ڪهڙيون هونديون. فراڪي محاوري ۾ "ڪيڙا"، "ڪهڙا" بدران ۽ "ڪيڙيون"، "ڪهڙيون" بدران ۽ "عيدان" جا لفظ "عيدون" بدران استعمال ڪيا ويا آهن. هن پهاڪي جو مقصد انهن سان همدردي به ظاهر ڪرڻ آهي، جيڪي امداد جا حقدار آهن.

---

[745] مهر دل پروانه، "براهوئي زبان نا لوڪ ادب"، هفته روزه ايلم، مستونگ، 3_2_1989ع، ص 8.

[746] قاضي، محمد يعقوب، عليزئي، "بلوچستان ۾ سنڌي زبان و ادب"، هفت روزه ايلم، مستونگ، 3فيبروري، 1989ع ص 2.

[747] ملڪاڻي منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ"، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1977ع، ص 35.

[748] سنديلو عبدالڪريم، "پهاڪن جي پاڙ"، پاڪستان پرنٽنگ پريس، لاڙڪاڻو ڇاپو ٻيو 1969ع، ص 65.

[749] انور رومان، پروفيسر، مترجم: "بلوچستان ڪي قبائل"، جلد دوم، گزيٽيئر، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87_1986ع، ص 157.

11- ڏٺي پير پنيون مرادان:

هي پهاڪو جغدالي محاوري سان تعلق رکي ٿو ۽ ان دوست لاءِ چيو ويندو آهي. جيڪو پنهنجي ڪنهن ڪم سانگي ڪنهن دوست وٽ ويندو هجي، پر اهو ڪيس دلاسا ڏيئي واپس ڪري ڇڏيندو هجي. اها ڳالهہ جڏهن گهڻن ماڻهن کي پئجي ٿي، تڏهن مٿيون پهاڪو مثال طور پيش ڪجي ٿو تہ ان پير کي ڏٺوسين ۽ آزمايوسين اهو مرادون پوريون ڪري ڪونہ سگهندو، ان ڪري هاڻي تون ڪو ٻيو بندوبست وڃي ڪر. "پَنيون"، پوري ٿيڻ کي چئجي ٿو. هيءُ پهاڪو باقي سڄيءَ سنڌ ۾ بہ ڏنو ويندو آهي.

12- جٽ اَئون ڦٽ ٻڏا پلا:

چوٽي آهي تہ ڪو بيوقوف مست ماڻهو جنهن کي ڇڏي ڏيڻ سان هو نقصان ڪندو هجي ۽ ڦٽ جنهن کي پٽي نہ ٻڌبي تہ اهو خراب ٿي نقصان ڏيندو رهندو. انهن ٻنهي ڳالهين کي ملائي جغدالي محاوري ۾ هي پهاڪو استعمال ڪيو وڃي ٿو. پهاڪي ۾ "اَئون" جو لفظ "۽" بدران استعمال ڪجي ٿو.

13- هڪ اڻ هوند ٻيو حفال ٻڇڙا:

جغدالي علائقي ۾ هي پهاڪو ان ماڻهوءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو جيڪو ڪائڻ پيئڻ لاءِ لاچار هجي، پر ان حالت باوجود بہ برا ڪم ڪندو وتو هجي. "حفال" جو لفظ هت "افعال" لاءِ ڪم آندل آهي. هي پهاڪو پوري سنڌ ۾ مروج آهي، رڳو لفظ "افعال" ڪم اچي ٿو.

14- وائڙي ڪتي واء تي مالڪ جاڻي شڪار تي:

هي پهاڪو ان بيڪار ماڻهوءَ لاءِ ڏنو وڃي ٿو جيڪو پنهنجي ليکي گهمندو وتندو رهي ۽ عام ماڻهو ان کي ڪنهن ڪم سانگي گهمندو رهڻ سمجهندا هجن، پر حقيقت ائين نہ هجي. ان لاءِ مٿيون پهاڪو جوڙي استعمال ڪيو وڃي ٿو. "واء" جو لفظ "واءُ" بدران ڪم آندو ويو آهي، جيڪو جغدالي محاوري ۾ استعمال ٿئي ٿو.

15- بار گڏهه تي هِينگي ڪوتي:

جغدالي علائقي جي هن پهاڪي جو پسمنظر هن طرح آهي تہ ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي غريب ماڻهوءَ جي اڪثر مدد ڪندو رهندو هو پر هن جو هڪ دوست سندس اِها ڪار پسند ڪونہ ڪندو هو ۽ اڪثر ڪيس ٽوڪيندو رهندو هو. تنهن تي هڪ ڀيرو ٽئين دوست ان لاءِ هي مثال ڏيندي ڪيس ٽوڪيو تہ "بار گڏهہ تي هينگي ڪوتي"، "هينگي" جو لفظ "چِنگهي" معنيٰ لاءِ استعمال ڪيل آهي. سموري پهاڪي جو مقصد هي آهي تہ خرچ هڪڙو ڪري تہ تڪليف ٻئي کي ٿئي ٿي. هي پهاڪو "ڏنيجي گڏهہ سور ٿئي ماتيءَ کي"[750] پهاڪي سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

16- بيڪاري ڪئون بيگاري پلي:

هي پهاڪو ڪنهن بيڪار وقت گذارڻ بدران ڪنهن بيگار ۾ گذارڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي. مقصد اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪو ائين بيڪار بي روزگار ٿي پنهنجو وقت اجايو پيو وڃائي. ان ڪان ڪنهن جي بيگار ۾ ڪم ڪرڻ وڌيڪ بهتر شيءِ آهي. "ڪئون" جو لفظ "ڪان" بدران استعمال ڪيل آهي. سياڻن جو قول آهي تہ حرڪت ۾ برڪت آهي، ان ڪري هي پهاڪو مقبول ٿيو آهي.

17- هڪ وٽي نہ ٻيو جوتن سوڙو جهوليءَ ۾:

هي پهاڪو ان ماڻهوءَ لاءِ ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪنهن دوست کي وٽندو بہ نہ هجي، پر اهو ان جي باوجود ان ڪان مختلف حجتون پوريون ڪرڻ چاهيندو هجي. اهڙيءَ طرح ماڻهوءَ کي طنزيہ اهو پهاڪو چئي ٻڌائبو آهي تہ جيئن آئنده ائين نہ ڪري سنڌ ۾ چوندا آهن تہ "جٽ کي منهن ڏي تہ جتين سوڙو ڪٽ تي."

18- هر ڏينهن جامپر جو جمعو:

---

[750] آڏواڻي، سلامتراءِ، "گل شڪر"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع، ص 10.

هي پهاڪو جغدالي علائقي ۾ مروج آهي، جيڪو ڪنهن عياش عورت لاءِ چيو ويجي ٿو جيڪا هر روز پنهنجي عادت پوري ڪري ٿي. ان ڪري ان ڳالهه مقبوليت حاصل ڪئي ته جامپر جو هر روز جمعو آهي. ”جامپر“ لفظ ”عياش“ بدران استعمال ڪيل آهي.

19- دمبورو وڄائي ٿَڪم:

فراڪي محاوري جو هي پهاڪو سنڌ جي پهاڪي ”رڏن اڳيان رباب وڄائڻ“[751] سان هڪجهڙائي رکي ٿو. هي پهاڪو اڪثر ڪري ان وقت استعمال ٿيندو آهي، جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي ڪا ڳالهه مڃرائڻ لاءِ گهڻا وس ڪري پر هو نه مڃي، تڏهن هي چئبو ته ”دمبورو وڄائي وڄائي ٿَڪم“ پر ڪجهه نه ٿيو. سڀ ڪوششون بيڪار ويون. فراڪي محاوري ۾ ”ٿَڪس“ لاءِ ”ٿَڪم“ جو لفظ استعمال ڪيو ويجي ٿو.

20- هڪ الله جي نالي ٻيو حلوي سان:

ڪنهن فقير اچي گهر وارن کان ماني گهري، ماني وٺڻ بعد هن حلوو گهريو. تنهن تي ڪنهن چيو ته هڪ الله جي نالي ٻيو حلوي سان. هي پهاڪو ان لاءِ به ڪم ايندو آهي، جو ڪو ماڻهو ڪنهن تي ڪو ٿورو ڪري، ان جي باوجود هو ٻي حجت به منجهس رکيو اچي. تڏهن ٿو ڪ طور ائين چئجي ٿو.

21- بروهڪي ٽوٽي/ ٻروچڪي ٽوٽي:

هي پهاڪو به هن ئي علائقي جو آهي. ان جو پسمنظر هن طرح آهي ته هڪ بروهي ٻيو ڄاموٽ پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئا. هڪ دفعي ڄاموٽ پنهنجي گهر جي مَنهه لاءِ بروهيءَ کان ٽوٽي ونئي آيو ۽ مَنهه ۾ هٽي مَنهَه تيار ڪيائين. پر پوءِ اهو بروهي روزانو ماني کائڻ وقت سندس گهر ۾ ويهي پنهنجي ٽوٽيءَ جي تعريف ڪري ماني کائي هليو ويندو هو. ڄاموٽ بروهيءَ جي ان روش کان اچي تنگ ٿيو. نيٺ هڪ ڏينهن ڪاوڙ ۾ اچي مَنَهه ڍاهي ٽوٽي ڪڍي ڏنائينس ۽ چيائين ته مهرباني ڪري اڳتي هٽ نه ايندو ڪر. اها ڳالهه جڏهن ماڻهن ٻڌي تڏهن کان ان ڳالهه ”بروهڪي ٽوٽي“ نالي هڪ پهاڪي جي صورت اختيار ڪئي.[752] سنڌ طرف ”ٻروچڪي ٽوٽي“ مشهور آهي.[753]

22- ٻروچڪي جنگهه:

هڪ ڀيري هن خطي ۾ سنڌي ۽ ٻروچ جي وچ ۾ اچي ملهه جو مقابلو ٿيو. پهرين ملهه سنڌيءَ هڻئين، ٻروچ چيو ته ٻي ملهه جنهن هڻئين ان ڪٽيو. اهڙيءَ طرح ٻي ملهه به سنڌي هڻئين. پر ٻروچ چا ڪيو جو هينان ئي پنهنجي جنگهه سنڌيءَ مٿان رکي ڇڏي ۽ ٻروچڪي ڏاڏر رکي چوڻ لڳو ته ملهه مون دسي آهي. ڏس منهنجي جنگهه تنهنجي مٿان آهي!! سنڌي گهڻو ٿڪيو پر ٻروچ پنهنجي ٻروچڪي زور تي شرط کٽي ويو. بعد ۾ ماڻهن ان ڳالهه کي مشهور ڪيو جيڪا هاڻ هڪ پهاڪي جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي.

23- پناڻڪو قرض:

هن خطي ۾ مقبول پهاڪو آهي. هن جو پسمنظر هن طرح آهي ته پناڻ اڪثر پنهنجو واپاري ڪپڙو قرض تي وڪڻندا آهن ۽ مقرر ڪيل مدي تي اچي در وٺندا آهن. هڪ ڀيري چا ٿيو جو مقرر مدت کان اڳ گهر وارا جاءِ وڪڻي ٻئي طرف هليا ويا. پناڻ اچي نون ويهڻ وارن کي سوڙهو ڪيو. آخر جهڳڙو ٿيو. ماڻهن ان ڳالهه کي ايترو ته مشهور ڪيو جو ان ڳالهه پهاڪي جي حيثيت حاصل ڪري ورتي. انهن پناڻن ۾ اها عادت به آهي ته مقرر مدت تي چابه ٿئي هو پنهنجا پيسا جيستائين وصول ڪونه ڪندا اوستائين ڪين ڪونه ڇڏيندا ۽ جهڳڙندا رهندا. پناڻڪي قرض بابت خطي ۾ هي روايت[754] به

---

[751] آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ، ”گل شڪر“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع، ص 111.

[752] بروهي، داد محمد خادم، ”سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني اڀياس“، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو ۾ ايم اي سنڌي لاءِ پيش ڪيل مونوگراف، سال 1984ع، ص 107.

[753] روايت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو.

[754] روايت ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو.

مروج آهي تہ جڏهن پناڻ پنهنجو قرض وٺڻ آيو تہ ڪيس ٻڌايو ويو تہ اهو ماڻهو فوت ٿي چڪو آهي. پناڻ چيو تہ مان ڪيس ڪونہ ڇڏيندس مون کي هڪ ڏنڊو ڏيو ۽ ان جي قبر ڏيکاريو. ماڻهن سمجهيو تہ هي تمام ڏکيو لڳو خبر نہ آهي تہ قبرستان جي ڪهڙي حالت ڪندو. ان ڪري مجبور ٿي، ٻين اهو قرض لاٿو. اهڙيءَ طرح "پناڻڪو قرض" هڪ پهاڪي جي حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي.

24- واڻڪي ملهہ:

هي پهاڪو حقيقت ۾ ياڳ شهر جو آهي. قصو هيئن آهي تہ هڪ ڀيري ملهہ جو مقابلو ٿيو جنهن ۾ هڪڙي ٻروچ سيني پهلوانن کي ملهون هٽي ۽ ميدان تي ٻيهي سيني کي رعب سان دعوت ڏيڻ لڳو تہ آهي ڪو باقي بچيل وڙهڻ وارو؟ پر ڪوبہ ڪونہ پيو اٿي. اتي هڪڙو هندو ملهہ ڏسڻ لاءِ آيو هو. سو ناهوڪو پهلوان پيو لڳي، ماڻهن ان کي همت ۽ دلاسا ڏيئي وڙهڻ لاءِ آماده ڪيو. اتفاق سان هندو ٻئي ملهون ٻروچ کي هٽي ويو. وڏي واهہ واهہ ٿي وئي. ٻروچ جي وڏي بيعزتي ٿي پيئي ۽ خار مان هندو کي ڏسڻ لڳو. هندو ٻروچ کي خار مان پاڻ ڏانهن ڏسندي اچي ڊنو ۽ روئڻ لڳو. ماڻهو حيران ٿيا تہ خوش ٿيڻ بدران هندو روئي ٿو. سبب پڇيائونس، پهرين تہ هو ٻڌائي ڪونہ پيو. آخر جڏهن مجبور ٿيو. تڏهن ڏڪندي ڏڪندي ٻڌايائين تہ ٻروچ جي بي عزتي ٿي آهي ۽ هاڻي هو مونکي اُڦٽ ماريندو، ان ڪري روئان ٿو. تنهن تي ماڻهو سڀ کليا ۽ هن ڳالهہ کي ايترو تہ مشهور ڪيائون جو ان هڪ پهاڪي جي حيثيت حاصل ڪري ورتي.

25- پانجو گهر هنگي پر، ٻئي جو گهر ٽڪ ڪئون ڏر:

هي پهاڪو بہ ياڳ جي آسپاس سان تعلق ٿو رکي. هن پهاڪي جو پسمنظر هن طرح آهي تہ ماڻهو پنهنجي گهر ۾ ڇابہ ڪري، توڙي ان کي هنگي پري تہ ڪابہ ڳالهہ نہ آهي، پر هو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي گهر ۾ آهي تہ اتي هن کي ٽڪ اڇلائڻ کان بہ ڊڄڻ گهرجي، ڇوتہ اهو پرايو گهر آهي. ان خيال سان ماڻهن ان ڳالهہ کي هڪ پهاڪي طور مشهور ڪري ڇڏيو آهي. "پانجو" لفظ "پنهنجو"، "ڪئون" جو لفظ "کان" ۽ "ڏر" جو لفظ "ڊڄ" بدران استعمال ڪيو ويو آهي.

26- ٻروچڪو ٽوٽو:

هي پهاڪو هن علائقي جي جغدالي محاوري سان تعلق رکي ٿو. اصل ۾ آڳاٽي وقت ۾ حڪيمن ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ سبب اڪثر ماڻهو جهونن ٻروچن کان ماڻهن توڙي جانورن جو علاج ڦل، دعا، ٽوٽو دونهون يا ڏنڀ سان ڪرائيندا هئا، جنهن سان اتفاق سان فائدو بہ ٿي ويندو هو. ان ڪري اها ڳالهہ ٻروچڪو ٽوٽو جي نالي سان مشهور ٿيندي پهاڪي جي صورت اختيار ڪري ورتي، جيڪا اڄ بہ اڳ وانگر مقبول آهي، ڇوتہ ٻهراڙين ۾ اڃا تائين ساڳيءَ طرح سان علاج پيو هلي.

27- مُڪُر ماءُ وارو آسرو:

هن پهاڪي جو پس منظر هن طرح آهي جو مڪر مڇي جو ساهہ تمام دير سان ختم ٿيندو آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ مڪر کي ٽڪر ٽڪر ڪري جڏهن ديڳڙيءَ ۾ وجهبو آهي، تڏهن بہ اهي گوشت جا ٽڪر تپش کان چرندا پرندا آهن، ان ڪري عام ماڻهن ۾ اها ڳالهہ هن سان مقبوليت حاصل ڪئي آهي تہ مڪر جي ماءُ کي پنهنجي ٻچي تي پورو يقين آهي تہ هو جيئرو ٻچي نڪرندو. ايتري تائين جو هو ان کي ديڳڙيءَ ۾ پچڻ تائين ساريندي رهندي آهي. ان ڪري هن ڳالهہ کي "مُڪُر ماءُ وارو آسرو" واري پهاڪي طور مقبوليت حاصل ٿي، جيڪو گهٽي تائين ڪنهن کي آسرو رکڻ تي ٺوڪ طور بہ چيو وڃي ٿو.

28- ماءُمري رکائي ڏيءَ گهري ڏهي:

جغدالي محاوري جو هي پهاڪو سنڌ جي ”گهر ۾ غرقي ٻہ مس اٿس دم هٽي ٿو نوڙهيءَ جو“[755] سان هڪجهڙائي رکي ٿو. مقصد ان جو هي آهي تہ گهر ۾ کائڻ لاءِ پورو ڪجهہ نہ هجي ۽ ڏي پيئي نوابن وارا نخرا ڪري ۽ طعام چٽي گهري. اهڙي ماڻهن لاءِ هي پهاڪو جوڙيو ويو آهي. هن پهاڪي ۾ ”ماءُ“ بدران ”ماء“ ۽ ”ڏيءَ“ بدران ”ڌي“ جا جغدالي لفظ استعمال ڪيل آهن.

2- چوٽيون:

چوٽيون سنڌي ٻوليءَ ۾ اصطلاحي حيثيت رکن ٿيون. جيڪي اسان جي وڏڙن، سياڻن، سالڪن، سگهڙن ۽ درويشن پنهنجي وقت جي حالتن پٽاندر جوڙيون آهن. چوٽيون علائقي جي ماحول جي عڪاسي ڪنديون آهن. چوڻ ان ڪي جوڙڻ وارا پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي عادتن، رسم و رواج، رهڻي، ڪهڻي ۽ ماحول ۾ ٿيندڙ ڪن اهم حادثن ۽ موقعن کي مثال طور پيش ڪن ٿا، جيڪي بعد ۾ عام ماڻهن جي اصطلاح لاءِ مثال بڻجي وڃن ٿيون. چوڻ ڪي چوٽيون اصطلاحي، تہ ڪي طنزيہ، ڪي مثالي تہ ڪي دعائيہ هونديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو اهي واقعا ۽ حادثا بعد ۾ ماڻهن لاءِ مثالي چوٽيون ۽ پهاڪا بڻجي وڃن ٿا.

چوٽين کي اصطلاح بہ چئبو آهي. جيڪي هزارن جي تعداد ۾ اسان جي ٻوليءَ ۾ مروج آهن. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هن سلسلي ۾ لکي ٿو: ”اصطلاحن جو استعمال تقرير توڙي تحرير، نثر توڙي نظم کي دلنشين بڻائي ٿو. ٻن چئن لفظن جي ننڍڙي جملي ۾ مفصل مطلب سمايل هوندو آهي، جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي دل ۽ دماغ تي ايترو تہ جلد اثر پيدا ڪري ٿو جو داستانن ٻڌائڻ سان ڪري نہ سگهجي. هن مان اهو مطلب وٺڻ نہ کپي تہ عبارت ۾ اصطلاح ئي اصطلاح هجن. چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ نہ رڳو عبارت ثقيل ٿي پوندي، پر اصطلاحن جو مفهوم بہ فوت ٿي ويندو. مطلب تہ اصطلاح اسان جي ٻوليءَ جي سونهن ۽ سرمائي سان گڏ اظهار خيال لاءِ جڙ اثرائتا الفاظ ۽ اشارا آهن، جيڪي اندر ۾ ويهي وڃن ٿا.“[756]

چوٽين جي ظاهري معنيٰ ۾ ئي ٻيا اصلاحي پهلو نڪرن ٿا، جيڪي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ وجود ۾ اچن ٿا. سنڌ ۾ اهڙي قسم جون سوين چوٽيون مروج آهن، جن تي سنڌي ادب ۾ ڪجهہ ڪم ٿيو آهي، پر سبيءَ جي هن خطي ۾ مروج چوٽين تي اڳ ۾ ڪم ڪونہ ٿيو آهي، جن کي گڏ ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندي، اسان هت ڪجهہ اهڙيون چوٽيون لساني جائزي سميت پيش ڪري رهيا آهيون.

انهن مان ڪي چوٽيون پنهنجي عوامي مقبوليت سبب سنڌ جي علائقن تائين مروج ٿي چڪيون آهن. جن کي اتان جو سمجهيو پئي ويو پر سنڌي ادب ۾ انهن تي غالبن اجا تائين قلم ڪونہ کنيو ويو آهي. ان ڪري اسان اهڙين چوٽين کي زيربحث آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

1- اٿ پانجي پيشاب ڪئون ترِڪي:

جغدالي محاوري جي هي چوٽي ڪنهن بيوقوف ماڻهوءَ لاءِ ڏبي آهي، جنهن کي ڪا سمجهہ نہ هجي ۽ هو ابتا سبتا ڪم ڪندو رهي. ان ڪري انهن کي اٿ جهڙو بيوقوف ڏيکارڻ لاءِ هي پهاڪو ڏجي ٿو. هن چوٽيءَ ۾ ”پنهنجي“ بدران ”پانجي“ ۽ ”ڪان“ بدران ”ڪئون“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

2- چمڙي وڃي دمڙي نہ وڃي:

هي چوٽي هن علائقي ۾ ڪنجوس ماڻهن لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي، جيڪي ماڻهو پئسو بچائڻ لاءِ پنهنجي جان کي بہ جوکم ۾ وجهن ٿا.

---

[755] آڏواڻي سلامتراءِ، ”گل شڪر“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع، ص 177.

[756] سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”اصطلاحن جي اصليت“، اسلم پبليڪيشن، نزد پاور هائوس، لاڙڪاڻو 1987ع، ص 1_2.

3- ڪل نه ڪارو مٺو ڪينجي ڪڍ لڳي:

هي چوڻي انسان ذات لاءِ ڏبي آهي، جيڪو جڏهن لاهي پائي ڪنهن جي ڪڍ لڳندو آهي، تنهن کي ضرور نقصان رسائيندو آهي، ان ڪري ان کان بچڻ جي تلقين ڪندي هي چوڻي ٺاهي ويئي آهي. چوڻي ۾ ”ڪينجي“ جو لفظ ”ڪنهن جي“ ۽ ”ڪارومٺو“، ”انسان“ بدران ڪم آندو ويو آهي.

4- پيسو وڃي پت نه وڃي:

هي چوڻي پت وڃائڻ وارن کي تلقين ڪرڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي، ڇوته ڪي ماڻهو ڪوڙا ٺڳ ۽ ٻي لچا ٿين ٿا ۽ هو پئسي لاءِ پنهنجي عزت به وڃائي ويهن ٿا. اهڙي ماڻهن جي اصلاح لاءِ هي چوڻي جوڙي ويئي آهي ته جيئن هو سمجهي سگهن ته عزت جي اهميت پئسي کان وڌيڪ آهي.

5- واندو ڪتو به گندو:

هي چوڻي انهن ماڻهن جي اصلاح لاءِ جوڙي ويئي آهي، جيڪي ڪوبه ڌنڌو وغيره ڪونه ٿا ڪن ۽ پنهنجن مائٽن لاءِ آزار بڻيل هجن. انهن کي ڪتن کان به خراب ڪري پيش ڪرڻ ۽ غيرت ڏيارڻ لاءِ هي چوڻي وجود ۾ آئي آهي.

6- ساڳي ماني ساڳ سان:

هي چوڻي سنڌ جي ”ساڳيا لاٿون ساڳيا چُڳهه“ پهاڪي سان هڪجهڙائي رکي ٿي. هن چوڻيءَ جو مقصد هي به آهي ته ڪنهن انسان کي پئسو هٿ اچي وڃڻ تي مغرور نه ٿيڻ گهرجي، ڇوته رب پاڪ ڪنهن وقت به ناراض ٿي ان کي اڳين حالت تي آڻي سگهي ٿو. جيئن پهاڪو چئجي ٿو.

7- چربي سان چڙجي نه:

چربي سان چڙڻ غلطي آهي، ڇوته هو چربو آهي، جيڪو چڙندو، تي سگهي ٿو اڳتي هلي ان جي بيعزتي به ٿي پوي. ان ڪري ان احتياط ڪرڻ لاءِ هي چوڻي وجود ۾ آئي آهي ته ”چربي سان چڙجي نه“.

8- جو چلهه تي سو دل تي:

هي چوڻي سنڌ جي ”اڳيان ويا وسري پويان لڳا مصري“ واري چوڻيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿي. هن جو مقصد هي آهي ته جيڪو ويجهي آهي، صرف ان کي ياد ڪرڻ يا وسارڻ درست نه آهي، جيڪي ڪجهه پري ٿي ويا آهن. انهن کي به ياد ڪرڻ گهرجي، ڇوته انهن جو به حق لڳي ٿو. هي چوڻي سنڌ ۾ به عام جام آهي.

9- گهر ڄاٽي ڪئون چڙو چڱو:

هي چوڻي ماڻهن کي گهر ڄاٽو ٿي شادي ڪرڻ کان روڪڻ جي تلقين ڪرڻ لاءِ جوڙي ويئي آهي، ڇوته گهر ڄاٽو اڪثر پنهنجي سس سهري، سالين، سالن توڙي گهرواريءَ جو محتاج رهي ٿو. ان کي اتي ڪابه عزت ڪونه هوندي آهي. چوڻيءَ ۾ ”ڪان“ بدران ”ڪئون“ ۽ ”غيرشادي شده“ بدران ”چڙو“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

10- مالڪ نه مالڪي:

هي چوڻي ”ڏڻ ته ڏٽي نه ته وِڪڻ ڪٽي“ سان هڪجهڙائي رکي ٿي. ڇوته ڪابه شيءِ جيڪڏهن وڃي ته ان جو خيال ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي لاوارث ڪري نه ڇڏجي. اهڙن ماڻهن کي تلقين ڪرڻ لاءِ هي چوڻي جوڙي ويئي آهي.

11- حياتيءَ تي ڪيڙو اعتبار:

هي چوڻي عام ماڻهن کي نيڪي ڪرڻ يا پنهنجو جائز مقصد پورو ڪرڻ لاءِ چئي وڃي ٿي، ڇوته زندگيءَ تي ڪوبه اعتبار نه آهي. ان ڪري جيترو جلد ٿي سگهي نيڪ ڪم يا پنهنجو جائز مقصد پورو ڪري وٺجي. چوڻيءَ ۾ ”ڪهڙو“ بدران ”ڪيڙو“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي.

12- چندرو چندري کي سئو ڪوهن تي ڳولي لهي:

هر ماڻهو پنهنجي طبيعت يا هم پيشه ماڻهوءَ سان ياري دوستي رکي ٿو. مثلاً موالي موالي سان ۽ چور چور سان وغيره. اهڙن ماڻهن جي دوستيءَ تي

هي چوڻي جوڙي ويئي آهي. هن چوڻيءَ ۾ ”چنبرو“ ۽ ”چنبري“ لفظن ۾ ”ٻ“ جو حرف ”ر“ گاڏڙ مرڪب حرف آهن. ”ڳولي“ جو لفظ ”ڳولهي“ بدران استعمال ڪيو ويو آهي. سنڌي محاوري ۾ وري ائين چيو ويندو آهي ته ”چنبو چنبي ڪي نه سهي“.

13- ڳوهه ڪي ڳُتي ڪٽي ته ڍيڍن جا گهر تاڙي:

هڪڙي ڳوهه ڍيڍن[757] جي گهر جي پرسان اچي پهتي ته هنن هڪدم ان کي پڪڙي پچائي کائي ڇڏيو. ڪنهن ماڻهوءَ هي چوڻي جوڙي ڇڏي ته ڳوهه ڪي جڏهن ڪتي ڪٽندي آهي ته ڍيڍن جا گهر تاڙيندي آهي. هي چوڻي هاڻ اهڙن ماڻهن لاءِ به ڏني ويجي ٿي، جيڪي پنهنجي بيوقوفيءَ سبب پاڻ کي خطري وارين ڳالهين کان ڪونه ٿا بچائين ۽ ان طرف وڃن ٿا ۽ پنهنجو خيال ڪونه ٿا ڪن.

14- انڌو اچي سڄن کي ڪٽي وڃي:

ڪنهن وقت اوندهه ۾ سڄا ڪا شيءِ ڳولي نه سگهيا، پر اها شيءِ انڌي اچي لڌي، تڏهن سڄن تي ٽوڪزنيءَ لاءِ هي چوڻي وجود ۾ آئي آهي.

15- مينئن ونرو ناڙي سائي:

جغدالي محاوري جي هي چوڻي ان وقت استعمال ڪئي ويجي ته جڏهن ناڙيءَ جو علائقو برسات سبب آباد ٿئي ٿو ۽ ماڻهو خوشحال ٿي پنهنجي رب جو شڪرانو ادا ڪن ٿا. هن چوڻيءَ ۾ ”مينهن“ بدران ”مينئن“ ۽ ”وُنو“ بدران ”وُنرو“ جا لفظ ڪم آندل آهن. جڏهن ته ”وُنو“ ۾ ”ٺ“ جو حرف، ”ر“ گاڏڙ مرڪب حرف آهي، جيڪو هن خطي ۾ استعمال ٿئي ٿو. جيئن ”ٻ“، ”ڍ“ ۽ ”ٽ“ جهڙا ”ر“ گاڏڙ مرڪب حرف استعمال ڪيا وڃن ٿا. حرف ”ٺ“ جي مرڪب هئڻ بابت مٿين باب ۾ واضح طور بحث ڪيل آهي.

16- پرائي ٻوڙ تي اٺو ٻڌي هلڻ:

هي چوڻي انهن ماڻهن لاءِ جوڙي ويئي آهي، جيڪي پنهنجي همت کان ڪم نه وٺندي هر ڪم ٻين جي آسرن تي ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن کي اڪثر ناڪامي ٿئي ٿي. ان ڪري انهن کي پنهنجي همت ڪرڻ جي تلقين لاءِ هي چوڻي وجود ۾ آئي آهي، جيئن، ”آپڻي گهوٽ ته نشا ٿيوَئي“[758] پهاڪو آهي. ان طرح هي چوڻي ڪم آندي وڃي ٿي. سنڌ ۾ وري چيو ويندو آهي، ”پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي.“

17- وڻ وڻ جي ڪاٺي:

هي چوڻي مختلف ماڻهن بابت استعمال ٿئي ٿي. چوته هر ماڻهو پنهنجي طبيعت ۽ قسم جو هوندو آهي. ان لاءِ انهن جي ڀيٽ ”وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ“ سان ڏني ويجي ٿي، چوته هرهڪ ڪاٺيءَ جو رنگ، سواد، افاديت پنهنجي هوندي آهي. هي چوڻي ڪنهن ماڻهن جي ميڙ وقت چئي ويجي ٿي.

18- ڪاريءَ وارا ڪک:

ڪي چور وڏي مصيبت کان پوءِ ڪنهن گهر ۾ گهڙيا ۽ اندر ڏٺائون ته ڪا شيءِ ڪانهي، تنهن تي ڪنهن چيو هت ته ڪاري وارا ڪک به نه آهن. ان قسم جي ڳالهين کي واضح ڪرڻ لاءِ هاڻ هي چوڻي استعمال ڪئي ويجي ٿي.

19- ما مري ڏي ڪان، ڏي مري چڱهن ڪان:

ڪا ڇوڪري پنهنجي ماءُ جو خيال نه ڪندي هئي ۽ هو پنهنجي يار جي فڪر ۽ خدمت ۾ رهندي هئي. ماڻهن ان ڳالهه کي ناپسند ڪندي هي چوڻي ٺاهي ورتي. چوڻيءَ ۾ ”ماءُ“ بدران ”ما“، ”لاءِ“ بدران ”ڪان“ ۽ ”يارن“ بدران ”چَڱهن“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن، جيڪي هن خطي ۾ مروج آهن.

20- سُڪن سان ساوا ٻي سڙن:

---

[757] ڍيڍن= باگڙي يا ڀيل قومون جيڪي اڪثر ڳوهون کائين ٿيون.

[758] سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”پهاڪن جي پاڙ“، پاڪستان پرنٽنگ پريس، لاڙڪاڻو ڇاپو ٻيو، 1969ع، ص 5.

هي چوڻي ان وقت استعمال ڪبي آهي، جڏهن قصور وارن سان گڏ بي قصور به تڪليف ۾ اچي وڃن ٿا. ان حالت کي جهنگ جي باھ سان تشبيھ ڏني وڃي ٿي، جتي سڪن وڻن سان گڏ ساوا وڻ به سڙي رک ٿي وڃن ٿا.

21- ڪانئو چڪي رک سؤ تي:

هي چوڻي ان وقت جوڙي ويئي، جڏهن ڪنهن ڊرائيور غيرضروري طور پنهنجي گاڏي جي اسپيڊ سئو تي رکي گاڏي هلائي ايڪسيڊنٽ ڪري وڌو. ان طرح هاڻي طنزيہ طور عام ماڻهو هي چوڻي استعمال ڪندا رهن ٿا.

22- هديرو گل ڪرڻ:

هي چوڻي ان وقت استعمال ٿئي ٿي، جڏهن ڪو ماڻهو ٻئي ڪنهن کي ايترو نقصان پهچائي جو اهو ختم ٿي وڃي، يا ڪو ماڻهو واپار يا ڌنڌي ۾ سخت نقصان کائي، ان لاءِ ائين چئبو آهي تہ "هديرو گل ڪري ڇڏيئين" يا "هديرو ئي گل ٿي ويس"، "هديرو گل ٿيڻ"، "ڪم لاهي ڇڏڻ" يا "ڪم لهي وڃڻ" جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويجي ٿو.

23- ٽِڪي اگهاڻي:

ڪنهن مصيبت کان بچڻ وقت چئبو آهي تہ تنهنجي ڪا "ٽِڪي اگهاڻي" آهي. يعني خيرات قبول ٿي آهي.

ان کان علاوه ڪانگيرا ڪرڻ= پاڻ جهڙا پيدا ڪرڻ، رات منڌرات= اويلو وقت. ڏينهن شينهن = ڏينهن جو بيپرواھ هجڻ. ڪٽي گهٽ ڪاسو= ذري گهٽ عقل جو انڌو بيوقوف ۽ بي واھ ناهي، لاچاري جي معنيٰ ۾ بہ چوڻيون استعمال ٿين ٿيون.

3- تڪيہ ڪلام:

سنڌي ٻوليءَ جا تڪيہ ڪلام بہ پهاڪي يا چوڻيءَ جي حيثيت رکن ٿا. چوتہ انهن ۾ طنز مزاح يا اصلاحي پهلو شامل هوندا آهن. جنهن جي استعمال ڪرڻ سان ٻڌڻ وارو ضروري ڪانہ ڪا اصلاح ڪري وٺندو آهي. عام ماڻهن جي روزمره واري زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ وقت ڪي ماڻهو مستقل عادت طور ڪي لفظ بار بار هر ڳالھ سان گڏائي استعمال ڪن ٿا، جن کي عام طور تڪيہ ڪلام چئجي ٿو.

انهن لفظن ۾ ڪي لفظ نصيحت آميز آهن تہ ڪي دعائيہ آهن. ڪي طنزيہ آهن تہ ڪي پِٺ پاراتي تي مبني آهن، جن کي ٻڌڻ وارو متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي ڪونہ ٿو سگهي. سنڌي ٻوليءَ جي اهڙن تڪيہ ڪلامن مان ٻوليءَ جي وسعت جو بہ پتو پوي ٿو.[759] هر هڪ علائقي جي تڪيہ ڪلامن ۾ فرق آهي، چوتہ اهي تڪيہ ڪلام پنهنجي علائقي جي ماحول، رسم و رواج، اٿڻي ويهڻي ۽ پروارين ٻولين کان متاثر هوندا آهن، جن جي ٻڌڻ سان علائقي جي تهذيب ۽ تمدن جا اهڃاڻ نظر اچن ٿا.

سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ڪيئي تڪيہ ڪلام عام طور مروج آهن، پر سبيءَ جو هي خطو بہ اهڙن تڪيہ ڪلامن کان خالي نہ آهي، جيڪي هن خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. ان خيال کي پيش نظر رکندي، اسان هت هن خطي جي ڪجھ اهڙن تڪيہ ڪلامن کي لساني جائزي سميت پيش ڪرڻ ضروري ٿا سمجهون.

1- ڪاري جا: هي تڪيہ ڪلام حقيقت ۾ "ڪاري رن جا پٽ" جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو ويجي ٿو جيڪو طنزيہ تڪيہ ڪلام آهي. "ڪاري" مثان مونث جو "ءَ" وارو اچار هن تڪيہ ڪلام کان حذف ٿيل آهي.

---

[759] بروهي، داد محمد خادم، "سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني اڀياس"، ايم. اي سنڌي مونوگراف، سنڌ يونيورسٽي، جام شورو 1984ع، ص 113.

2- گهر ساوا: هي تڪيه ڪلام دعائيه آهي، جنهن جو مقصد ڪيس دعا ڪرڻ آهي ته تنهنجو گهر سائو ۽ سرسبز هجي.

3- بيخئي سادو آن: "صفا سادو آهين" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل هن تڪيه ڪلام جو لفظ "بيخَئي" بروهي زبان جو آهي، جنهن جي معنيٰ "اصل" ۽ "صفا" يا "مڪمل" آهي. هي عام رواجي تڪيه ڪلام آهي.

4- خانه خراب: هي تڪيه ڪلام پٽ پاراتي وارو تڪيه ڪلام آهي، جيڪو بروهي، بلوچي توڙي پشتو ٻولين کان سنڌي ٻوليءَ ۾ به اچي شامل ٿيو آهي.

5- ڪِني رن جا پُٽ: هي تڪيه ڪلام طنزيه قسم جو آهي، جنهن جو مطلب "گندي رن جا پُٽ" آهي. هن ۾ "ڪنيءَ" لفظ جو "ءَ" اُچار حذف ٿيل آهي.

6- چنبرا ڪم لاٿو هئي: پٽ پاراتي واري هن تڪيه ڪلام جي معنيٰ آهي "ذري گهٽ سِر نيو هُيَئه". "چنبرا" جو لفظ "ٻ"، "ر" گاڏڙ مرڪب حرف آهي ۽ "هُيُئه" بدران "هَئي" استعمال ٿيل آهي.

7- ڏنورا: هي عام رواجي تڪيه ڪلام آهي، جيڪو هرهڪ ماڻهو کي چيو ويجي ٿو جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي گار، پِٽ يا خراب ڳالهه نه آهي. "ڏنورو"، لسي کي چيو ويجي ٿو.

8- اَمبل: هي به عام رواجي تڪيه ڪلام آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "همراهه" يا عام "ماڻهو". هي بروهي زبان جو لفظ آهي. هيءُ لفظ سنڌ جي علائقي مهراڻي ۾ تمام گهڻو استعمال ٿيندو آهي.

## 4- ڳجهارتون:

"ڳجهارت" سنسڪرت ٻوليءَ مان نڪتل آهي. "ڳجهار = گهُيه" (اونهو) + ارٿ (مطلب) مان نهيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي تمام اونهي مطلب واري حقيقت، يعني اها حقيقت جنهن ۾ اونهي رمز رچيل هجي.[760]

سنڌي لوڪ ادب ۾ ڳجهارت وڏي اهميت رکي ٿي، جنهن ۾ اهڙو ته ڳجهه رکجي ٿو جو ان کي پيچڻ لاءِ وڏي ذهني جاکوڙ ڪرڻي پوي ٿي. سنڌ ۾ مروج ڳجهارتن تي ڪافي ڪم ٿيو آهي. ٻوليءَ جي سڄڻن ان تي محنت ڪري هن صنف کان سنڌي ادب کي مالا مال ڪري ڇڏيو آهي.

ڳجهارتن جا قسم[761]

ڳجهارت

سرائتي يا سريليون ڳجهارتون — بي سريون يا سر کان ٻاهر ڳجهارتون

سنڌ وانگر بلوچستان جو هي خطو به ڳجهارت جهڙي اهم لوڪ ادب جي فن کان محروم نه آهي، جنهن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪندي، مون ڪوشش ڪري اهڙين ڳجهارتن کي لساني بحث هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن تي اڳ ۾ قلم ڪونه کنيو ويو آهي. ٿي سگهي ٿو

[760] سنديلو عبدالڪريم ڊاڪٽر، "وينجهار"، شاهه محمد الهه بخش عباسي، لاڙڪاڻو 1960ع، ص 14. ۽ پڻ ڏسو سندس "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1986ع، ص 35.

[761] سنديلو عبدالڪريم، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1986ع، ص 46.

تہ انهن مان ڪي پنهنجي مقبوليت سبب سنڌ تائين اثرانداز ٿيون هجن. جن ڪي سنڌ جي ڳجهارتن مان سمجهيو ويو هجي.

هت خطي جون ڪجهہ سريليون ۽ ڪجهہ بي سريون ڳجهارتون پيش ڪيون ويون آهن. جن ڪي پڙهڻ سان علائقي جي ٻولي ۽ ماحول جو پتو پوي ٿو.

سريليون ڳجهارتون:

1- ڳجهارت:

ڏيڻي: پُنُون تہ وڻ آهو

پر پانجي ذاتن ڪان.

پيڇڻي:

پُنون تہ قابل آهو

پر پانجي جوبن ڪان.

فراڪي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ پنهون کي وڻ ڪري پيش ڪيو ويو آهي. جيڪو پنهنجن ذاتن لاءِ ٻڌايو ويو آهي. ڳجهارت جي پيڇڻيءَ ۾ پنهون کي "قابل" وڻ نالي ٻڌايو ويو آهي. جيڪو هڪ (قابلي) ٻير جو قسم آهي. جڏهن هو قابل آهي تہ پوءِ پنهنجن زالن "جوبن" لاءِ يعني ذات جوبن لاءِ قابل آهي.

هن ڳجهارت ۾ "پنهون" بدران "پُنون" لفظ استعمال ڪيل آهي. جنهن ۾ "هہ" جو اچار حذف ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح "پانجي"، "پنهنجي" بدران ڪم آندو ويو آهي. جنهن مان "ن" ۽ "هہ" جو اچار حذف ڪري "الف" جو اضافو ڪيو ويو آهي.

2- ڳجهارت:

ڏيڻي: راند جي نہ ڪر.

نہ تہ وڻ نہ ڪري وجهانءِ.

پيڇڻي:

ترپا نہ ڏي.

نہ تہ ٿُورو نہ ڪري ڇڏيانءِ.

هن ڳجهارت ۾ راند لاءِ ترپا يا ٽينگ ڏيڻ ٻڌايل آهي. جڏهن تہ "وڻ" لاءِ "ٿُورو" ڪرڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. يعني جواب ۾ وڻ کي ٿُرڙ ڪرڻ يا ڇانگڻ يعني ان جون ٽاريون ڪپڻ جو اشارو ڪيل آهي.

هي ڳجهارت بہ فراڪي محاوري جي آهي. جنهن ۾ "ترپا" ۾ موجود "ٽ" ۽ "ر" جا حرف "ر" گاڏڙ مرڪب "ٽ" آهي ۽ "ٿُورو" جو لفظ اصل ۾ "ٿُرڙ" ڪرڻ يعني ڇانگڻ لاءِ استعمال ڪيل آهي. وڻن جون ٽاريون سياري ۾ لاهبيون آهن تہ جيئن اُس حاصل ڪري سگهجي. ان کي ٿُرڙ ڪرڻ بہ چيو وڃي ٿو. ٿُورو ڪرڻ جي ٻئي معنيٰ اونڌو ڪرڻ آهي.

3- ڳجهارت:

ڏيڻي: آئين راند جيئن.

ڏنئي ٻال جيئن.

تو ڇو پوڳ جو.

پيڄڻي: آئين اوچتو

ڏنئي سُتي

تو چو دهلين

ڏيڻي جو مطلب: آئين راند ڪندو ڏنئي ٻارن وانگر پوءِ تون چو پڳين؟

پيڄڻيءَ جو مطلب: آئين اوچتو نچندو ڪڏندو ڏنئي ستي، يعني سُتل ڏسي چو دهلين چو ڊنين؟

هن ڳجهارت ۾ ”ٻار“ بدران ”ٻال“ سرائيڪي زبان جو لفظ ڪم آندل آهي. ”تون“ بدران ”تو“ يعني ”ن“ جو اچار حذف ڪري استعمال ڪيل آهي، جيڪي جغدالي محاوري جا اُچار آهن.

4- ڳجهارت:

ڏيڻي: نالو چڙيو نالي تي،

سڏيئي نالي ڪي.

پيڄڻي: ڪبڙ چڙيو ڪبڙ تي،

سڏي جي ڪبڙ ڪي.

ڏيڻيءَ جو مطلب: نالو نالي تي چڙهي نالي ڪي ئي سڏڻ لڳو.

پيڄڻي جو مطلب: ڪبڙ نالي هڪ ماڻهو ڪبڙ تي چڙهي ٻئي ڪبڙ نالي ماڻهوءَ ڪي سڏڻ لڳو.

فراڪي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ ”چڙهيو“ بدران ”چڙيو“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جنهن ۾ ”هہ“ جو اچار حذف ڪيل آهي.

5- ڳجهارت:

ڏيڻي: رک ڪاسبي جي من ۾، مندي مان نہ ڪجان،

ڏٽي پوچان جان، ونان نال نالي اوڏي.

پيڄڻي: رک عمر جي من ۾، ڪاري مان نہ ڪجان،

مارن ڏي پوچاجان، ونان عزت سان اوڏي.

ڏيڻيءَ جو مطلب: اي الله!! ڪاسبي يعني عادتي جي من ۾ رحم وجھہ تہ جيئن منهنجي مان ۾ ڪا گهٽتائي نہ ٿئي ۽ مالڪ وٽ پهچاءِ جان جيئن نالي سان اوڏانهن وڃان.

پيڄڻيءَ جو مطلب: اي الله!! عمر جي من ۾ رحم وجھہ تہ جيئن هو منهنجي مان ۾ ڪا حرڪت نہ ڪري ۽ مونکي پنهنجي عزت ۽ مان سان پنهنجي مان وٽ پهچائجان.

فراڪي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ ”ڪجانءِ“ بدران ”ڪجان“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جنهن مان ”ءِ“ جو اُچار حذف ٿيل آهي. لفظ ”پهچائجان“ بدران ”پوچاجان“ استعمال ٿيل آهي. ”وڃان“ بدران ”ونان“ يعني ”ڃ“ بدران ”ن“ جو حرف ڪم آندو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ”اوڏانهن“ بدران

"اوڏي" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

6- ڳجهارت:

ڏيڏي: پانجا پانجن تي پوڳھ نہ سسئي.

پيڇٽي: پو ڳوڙا ڳلن تي هار نہ سسئي.

ڏيڏي جو مطلب: پنهنجا پنهنجن تي پوءِ ڳوڙها نہ ڳھ يعني وهائي نہ سسئي. هو هاڻ هليا ويا.

پيڇٽي جو مطلب: پنهنجا ڳوڙها پنهنجن ڳلن يعني ڳٽن تي هاٽي نہ وهائي هو هاڻ هتان هميشہ لاءِ هليا ويا آهن.

جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ لفظ "پنهنجا" بدران "پانجا" ۽ "پنهنجن" بدران "پانجن" جا لفظ ڪم آندل آهن. "پوءِ" بدران "پو" "وهائڻ" بدران "ڳھڻ" يعني "ڳھ" جا لفظ ڪم آندل آهن. اهڙيءَ طرح "ڳوڙها" بدران "ڳوڙا" يعني "ھ" حذف ڪيل لفظ ڪم آندو ويو آهي.

7- ڳجهارت:

ڏيڏي: وکر نہ رک سسئي، پوکجي پنهل ڪاڻ.

پيڇٽي: سرمو نہ پاءِ سسئي، سوء رک پنهل ڪاڻ.

ڏيڏيءَ جو مطلب: اي سسئي تون پنهل جي وڃڻ ڪان پوءِ عيش عشرت نہ ڪر. ان جي وڃڻ جي غم جو ڪو انتظام ڪر.

پيڇٽي جو مطلب: اي سسئي تون پنهل جي وڃڻ ڪان پوءِ سرما وغيره نہ پاءِ ۽ غم جو فڪر ڪندي سوءَ رک. چوتہ مرڻ واري جي غم ۾ بہ ڏک جو ڪو انتظام ڪبو آهي.

جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ "لاءِ" بدران "ڪاڻ"، "شوق" بدران "وِکر" جا لفظ ڪم آندل آهن. لفظ "پاءِ" بدران "پائي" ۽ "سُوءَ" بدران "سُوء" جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

8- ڳجهارت:

ڏيڏي: من ۾ آئي تہ ان جي چا ڪجي،

پيڇٽي: محبت نائي تہ ٽِڪي چا ڪجي.

ڏيڏي جو مطلب: جيڪڏهن دل ۾ محبت آهي تہ اَن يعني ڪائڻ پيئڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي.

پيڇٽي جو مطلب: جيڪڏهن دل ۾ محبت نہ آهي تہ پوءِ اتي رهي يا ٽِڪي چا ڪجي. "ان" يعني ڪائڻ پيئڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي.

جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ لفظ "آهي" بدران "آئي" ۽ "ناهي" بدران "نائي" ڪم آندل آهن. يعني ٻنهي لفظن مان حرف "ھ" حذف ٿيل آهي.

9- ڳجهارت:

ڏيڏي: ڪڻ ڪاٺ جو

هڻ شهر ڪي.

پيڇٽي: ڪڻ ٺپو

هڻ ديري ڪي.

ڏيڏي جو مطلب: ڪاٺ جي ڪا شيءِ ڪٽي شهر ڪي وڃي هڻ.

پيجِڙيءَ جو مطلب: ڪاٺ جو ٽپو ڪٽي. ان جي ڍيري ڪي ديري ۾ وجي هٽبو آهي.

هي ڳجهارت جغدالي محاوري جي آهي، جنهن ۾ سبي ۽ جهيلار محسوس ڪري سگهجي ٿو. ڇوته "ڪَڙُ"، "هَڙُ"، "ڪاٺُ" ۽ "شهر" جون "اُ" پڇاڙيون حذف ڪري استعمال ڪيل آهن. جيڪي خطي جي ٻنهي محاورن ۾ مروج آهن.

10- ڳجهارت:

ڏيڙي: ڪڪ وٺتر تي،

مينجا لاتا اباڻن،

پيجڙي: پڪڙا ڪوتڙن تي،

مينجا اڏيا اباڻن.

ڏيڙي جو مطلب: ڪڪ ۽ ڪاٺيون وهٽ تي منهنجن اباڻن لڳايا.

پيجڙي جو مطلب: پڪڙا ۽ منهڙا منهنجا، منهنجن اباڻن وهٽ يعني ڪونڙن ۽ ڳڏهن تي اڏي ڇڏيا.

فراڪي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ "وٺتر" لفظ اصل ۾ "وهٽ" آهي، جنهن جي "هـ" حذف ٿي "ء" ۾ تبديل ٿيل آهي. جڏهن ته "ٿر" اصل ۾ "ر" گاڏڙ مرڪب "ت" جو حرف آهي. لفظ "مينجا" "منهنجو" بدران ڪم آندل آهي. اهڙيءَ طرح "لاتا" يعني "لڳايا" يا "اڏيا" جي معنيٰ ۾ آندل آهي.

11- ڳجهارت:

ڏيڙي: حاڪماڻ ڏي تِنن ڪي،

جي مال جي ڪن.

پيجڙي: سلام ڏي تنن ڪي،

جي پڇا ڪن

ڏيڙي جو مطلب: حڪم ڏي تن کي، جيڪي حرص ۽ لالچ جي ڪن.

پيجڙي جو مطلب: سلام ڏي تن کي، جيڪي ڪنهن مطلب سان پڇا ڪن.

جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت جي لهجي ۽ جهيلار مان محاوري جو پتو پوي ٿو. هن ڳجهارت ۾ "تن" "بدران "تِنن" جو لفظ ڪم آندل آهي، جيڪو تنهن جو جمع آهي.

12- ڳجهارت:

ڏيڙي: پڪي ناهي عضوو ٿو ڦري،

پيجڙي: چانهہ ناهي مٿو ٿو ڦري.

ڏيڙي جو مطلب: پڪي ناهي ان ڪري عضبو ٿو ڦري.

پيجڙي جو مطلب: (پڪي) چانهہ ناهي مٿو ٿو ڦري.

پڪي= چانهہ پڪي، (چانهہ هڪ پکيءَ جو نالو آهي)

**عضبو= مٿو.**

**چانھ نہ ملڻ سبب ڪن موالين جو مٿو ڦرندو آهي. جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ ”عضبو“ بدران ”عضوو“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جنهن ۾ ”و“ جو اُچار ”ب“ بدران ڪم آندو ويو آهي.**

بي سريون ڳجهارتون:

1- ٽريچڪ ٽريچڪ ٽن جنگهن تي ڪاٺ ڪلهي تي ٿوپ مٿي تي:

**هن ڳجهارت جو حل آهي ٽن جنگهن واري لوهي چلھ تي ديڳڙيءَ جو ڍڪڻ سميت رکيل هئڻ.**

**جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت ”ٽِريچَڪ“ جي لفظ ۾ ”ٽر“ حقيقت ۾ ”ر“ گاڏڙ ”ٽ“ جو مرڪب حرف استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح ”ٽن“ واري ”ٽ“ بہ ساڳي آهي.**

2- اچو قبو شاهه جو جينکي نه دري نه دروازو:

**هن ڳجهارت جو حل آهي ”ڪڪڙ جو آنو“ جنهن ۾ ڪوبہ سوراخ وغيره نہ آهي، جنهن کي دري يا دروازو چئي سگهجي.**

**جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ ”جنهن کي“ لفظ بدران ”جينکي“ استعمال ٿيل آهي، جنهن ۾ ”ن“ ۽ ”ھ“ حذف ٿيل آهن.**

3- هيترڙو پناڻ، هيڏي پڇ ساڻ.[762]

**هن ڳجهارت جو حل آهي ”سئي ڌاڳو“، جنهن ۾ سئي کي پناڻ ۽ ڌاڳي کي پڇ سان مشابهت ڏني ويئي آهي.**

**هي ڳجهارت فراڪي محاوري سان تعلق رکي ٿي، ڇوتہ ان ۾ پناڻ جو ذڪر ٿيل آهي. ان کان علاوه ”هيترو“ لفظ ۾ ”ڙو“ پڇاڙيءَ ۾ ملائي ان کي اجا ننڍو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جيڪا ڳجهارت جي ڳجھ سان تعلق رکي ٿي.**

4- جِين چڪيس تِين نندِي:

**هن ڳجهارت جو حل آهي، پن واري ”ٻيڙي“ جيڪا جيئن ڇڪبي هلبي تيئن ننڍي ٿيندي رهندي.**

**فراڪي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ ”جيئن“ بدران ”جِين“ ۽ ”تيئن“ بدران ”تِين“ جا لفظ ڪم آندل آهن، جن ۾ ”ء“ جو اُچار حذف ٿيل آهي. ان کان علاوه ”ڇڪِينس“ بدران ”ڇِڪيس“ جو لفظ استعمال ٿيل آهي، جنهن ۾ ”ن“ جو اُچار حذف ٿيل آهي.**

5- ٻُجهارت ٻجهڙي جينکي ڪن نه پڇڙي:[763]

**هن ڳجهارت جو حل آهي ”ڏيڏر“ جنهن کي ”ڪن“ ۽ ”پڇ“ ڪونہ ٿين ٿا. ان ڪري هي ڳجهارت جوڙي ويئي آهي.**

**جغدالي محاوري جي هن ڳجهارت ۾ ”ٻجهارت“ جو لفظ اصل ۾ ڳجهارت لاءِ استعمال ٿيل آهي. هن خطي ۾ ڳجهارت ڪونہ ٿو چيو وڃي. ان ڪري ”ٻجهارت“ جو لفظ ”ڳجهارت“ بدران استعمال ڪيل آهي.**

**”جنهنکي“ لفظ بدران ”جينکي“ استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن مان ”ن“ ۽ ”ھ“ جا ٻئي اُچار حذف ڪيل آهن.**

5- پرولي:

**پرولي هڪ ڳجهارتي هنر ۽ فن آهي، پرولي سنڌي لوڪ ادب جي هڪ پراڻي شاخ آهي. پروليءَ کي هنديءَ ۾ ”پهيلي“ چون. دراصل سنسڪرت**

---

[762] فراڪي محاوري واريون ڳجهارتون الهداد پٽ عبدالحڪيم پنهڻ سبي واري کان ورتيون ويون آهن.

[763] جغدالي محاوري واريون ڳجهارتون ڦليجي واري پريل سومري کان ورتيون ويون آهن.

”پرھيلڪا“ مان نڪتل آھي، جنھن جي معنيٰ آھي، ڪنھن بہ وستو (شيءِ، چيز) يا وشيہ جو اھڙو بيان جو ٻيءَ وستو يا وشيہ سان ٺھڪي اچي ۽ گھڻي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ ان کي پيچي سگھجي.[764]

سگھڙ ڪا شيءِ، نظارو ۽ حادثو وغيره ڏسي تمثيل ۽ سوال ذريعي لڪ ڪرائي ٿو. ٻيو نيندڙ تمثيل ۽ سوال سھي ڪرڻ بعد انھيءَ پاسي پيرو کڻندو آھي. ھھڙين پرولين ۾ عقل جي دوڙ کپي، ڇوتہ پرائو عقل سھي ڪرڻ ڪا اَڪَ جي ماکي لاھڻي ناھي.[765] ان ڪري پرولين کي سمجھڻ تمام ڏکيو آھي. سنڌ ۾ مختلف قسمن جون پروليون مروج آھن، پر ھن خطي ۾ ڪي ٿوريون پروليون مطالعي دوران ھٿ آيون آھن.

پروليون بہ لوڪ ادب جو سرمايو آھن. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ڪن گھڻ گھرن ان تي ڪافي ڪم ڪيو آھي. ھن خطي ۾ موجود ڪجھہ پرولين کي اسان طوالت کان بچڻ خاطر مختصر طرح لساني جائزي سميت پيش ڪري رھيا آھيون. ٿي سگھي ٿو تہ انھن مان ڪي پروليون پنھنجي مقبوليت سبب سنڌ تائين اثر رکنديون ھجن، پر ڪوشش ڪري اسان انھن پرولين کي بحث ھيٺ آندو آھي، جن تي سنڌ ۾ اڳ ڪم ڪونہ ٿيو آھي.

پروليون:

1- پرولي:

ڏيڻي: ھي زحمت وڪوڙيا مِينجا پرين.

ھو زحمت ڏسڻ نہ ڏين،

سدا خوش وسن بہ مِينجا پرين.[766]

پيڇڻي: ھي ڪوڙ وڪوڙيا مِينجا پرين،

ھو رتي ڏسڻ نہ ڏين،

سدا خوش وسن شل مِينجا پرين.

ڏيڻي جو مطلب: ھي زحمت ۽ تڪليف ۾ ڦاٿل منھنجا پيارا پنھنجون اھي تڪليفون ڏسڻ ڪونہ ٿا ڏين. دعا آھي تہ شل اھي سدا خوش گذاريندا رھن.

پيڇڻي جو مطلب: ھي ڪوڙھہ ۾ ورتل منھنجا پيارا پرين پنھنجون تڪليفون ۽ بيماريون ڏسڻ ڪونہ ٿا ڏين. شل اھي ھروقت خوش گذاريندا رھن.

فراڪي محاوري جي ھن پروليءَ ۾ ”مُنھنجا“ بدران ”مِينجا“ جو لفظ ڪم آندل آھي. ”ڏِين“ جو لفظ اصل ۾ ”ڏِيَن“ طور استعمال ٿيل آھي، ڇوتہ ”ڏين“ ھن خطي ۾ استعمال ڪونہ ٿو ٿئي. اھڙيءَ طرح ”وَسِين“ بدران ”وَسن“ جا لفظ شامل ڪري استعمال ڪيا ويا آھن.

2- پرولي:

ڏيڻي: پاڻي منجھہ ھياسي، پوڪاٺ لڳوڙي جيڏيون.

---

[764] سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”وينجھار“، شاھہ محمد الھہ بخش عباسي، لاڙڪاڻو 1960ع“ ص 1 ۾ پڙ ڏسو سندس ڪتاب، ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1986ع، ص 7.

[765] ايضاً،

[766] فراڪي محاوري واريون پروليون، الھداد ٻٽ عبدالحڪيم ذات پنھڻ، سبي واري کان ورتل آھن.

**پيڇٽي: هِيَہن منجھ هياسي پوتڪر لڳوڙي جيڏيون.**

**ڏيڻيءَ جو مطلب: پاٽيءَ ۾ هياسي جتي ڪاٺي لڳي ڙي جيڏيون.**

**پيڇٽي جو مطلب: هِيہن منجھ هياسي جتي ڪاٺي جو تڪر لڳوڙي جيڏيون، جنهن سبب اسان چرڪي راند ختم ڪئي سي.**

**جغدالي محاوري جي هن پروليءَ ۾ "هياسين" بدران "هياسي" جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جنهن مان "ن" جو اُچار حذف ٿيل آهي. "پاٽي" بدران "هيہا" يا "هيہن" جو لفظ ڪم آندل آهي، جيڪو اصل ۾ پاٽي اندر بغليون هڻندي راند ڪيڏڻ کي چيو ويجي ٿو.**

3- پرولي:

**ڏيڻي: عضبي جي نہ ڪر سسئي، پکي جا هوت ويا،**

**پيڇٽي: سُڏُڪ نہ سسئي، پوهنجون هوت ويا.**

**ڏيڻي جو مطلب: اي سسئي عضون ڪان ڪم نہ وٺ تنهنجا هوت هاٿي هليا ويا.**

**پيڇٽي جو مطلب: سُڏَڪ نہ سسئي يعني ڏڪ= ببا يعني "عضوا" يا سُڏُڪ= روئڻ، هو هوت جي هلي وڃڻ لاءِ جيڪا روئي ٿي، تنهن لاءِ سالڪ چئي ٿو تہ هاڻ رو نہ تنهنجا پکي يا "هنجون"= "پيارا" سپ هليا ويا آهن.**

**جغدالي محاوري جي هن پروليءَ ۾ "سُڏَڪ" معنيٰ سڏڪي روئڻ لاءِ ڪم آندل آهي. هوڏانهن "عضون" بدران "ڏُڪ" يعني "بُبا" جو مامر رکيل آهي.**

4- پرولي:

**ڏيڻي: ڪڻ ڪاٺ جو هڻ پوک ۾،**

**پو ڪپڙو ڙي.**

**پيڇٽي: ڪڻ ڏنبو هڻ پينگ ۾،**

**پوصا فوڙي.**

**ڪاٺ تہ ڏنبو**

**پوک تہ سائي پينگ**

**ڪپڙو تہ صاف (پينگ وارو)**[767]

**جغدالي محاوري جي هن پروليءَ ۾ "پوءِ" بدران "پو" جو لفظ ڪم آندل آهي. جڏهن تہ "ڏنبو"، "ڪاٺ" لاءِ "پينگ" "پوک" لاءِ ۽ "ڪپڙو" "صافي" لاءِ استعمال ڪيل آهن.**

5- پرولي:

**ڏيڻي: اچا نہ آچ مان گاهي نہ هلدي سانءِ،**

[767] جغدالي محاوري واريون پروليون مَنجني سامت ڪُنري (ضلعو ڪڇي) واري ڪان ورتل آهن.

پيڄڻي: وٺا نہ مانجھ سومرا مان ٻڪين پيندي سانءِ.

مطلب: اڇا= وٺا، آڇ= مانجھ، هلندي= پيئندي، گاهي= ٻڪين

جغدالي محاوري جي هن پروليءَ ۾ ”هلندي“ بدران ”هلدي“، ”پيئندي“ بدران ”پيندي“ ۽ ”گاهي“، ”ڪڏهن“ بدران استعمال ٿيل آهن. ”هلندي“ ۽ ”پيئندي“ مان ”ن“ ۽ ”ء ن“ حذف ڪري ترتيبوار ”هلدي“ ۽ ”پيندي“ ڪري استعمال ڪيل آهي.

## باب پنجون

# لوڪ ادب جو لساني جائزو

لوڪ ادب کي نج "دهقاني ادب" به چئي سگهجي ٿو. اهو لوڪ ادب ئي آهي، جنهن ۾ عوام جي عين بين تصوير چِٽيل آهي، جا ڪنهن به وقت انهن انگن اکرن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. هي عوام جي احساسن ۽ جذبن، امنگن ۽ اڌمن جي پونجي آهي، جا دميل ديگ جيان لوڪ ادب جي جملي جنسن صنفن جو هڳاءُ ۽ هڳسان ڏيندي پئي رهي آهي.[768]

لوڪ ادب تاريخ جي ضخيم ڪتابن مان نه ملندو. ڇاڪاڻ ته ان جو جنم اتي نٿو ٿئي، پر ان جو سرچشمو عوام آهي، جا سينا انهن املهه ۽ اٽلپ خزانن جا "امين" آهن. عوام جي زندگي سادي، تنهن ڪري سندن ٻول به سادا، عوام جو ماحول سادو، تنهن ڪري سندن خيال به سادا، پر انهن سادن ٻولن ۽ خيالن ۾ جا بلندي رهي ٿي، سا سندن ڀڏ جو قوي دليل آهن. جيڪو به ٻول ٻوليندا، سو چِٻي چِٽي، وهجائي ويچاري، ڳِٽي ڀِهي ۽ تلي سلي، جنهن ۾ سندن روشن خيالي ۽ قوتِ مشاهده عالي پئي للڪاريندي. اهي پنن اڳهاڙا، پيرين پيادا ڪڙي ڪِهه لڳل، ليڙن لپيٽيل ساري قوت قرار ، جڏهن به سادي خزاني وارا موتي هاريندا، تڏهن ڀڏندڙ دنگ رهجي ويندا.[769]

لوڪ ادب عوام جي زندگيءَ جو آئينو هوندو آهي، جنهن ۾ سندن اٿڻي ويهڻي جو پتو پوي ٿو. هي هڪ اهڙو خزانو آهي، جنهن کي هر وقت سانڍڻ جي ضرورت آهي. لوڪ ادب کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. يعني نظم ۽ نثر. نظم ۾ لوڪ گيت ۽ نثر ۾ لوڪ ڪهاڻيون اچي وڃن ٿيون.[770]

1- لوڪ گيت:

"لوڪ گيت" هر ملڪ ۽ ان جي ٻوليءَ جي لوڪ ادب جو اهم ۽ قيمتي سرمايو آهي. سنڌي لوڪ گيت سنڌ جي ثقافت ۽ قوم جي عوامي ادب جو آئينو آهي، جنهن مان سندن عام زندگيءَ جو عڪس نظر اچي ٿو.[771]

لوڪ گيتن ۾ محبت ۽ وڇوڙي جي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪيو ويجي ٿو. شادين، محفلين ۽ ميڙن ۾ لوڪ گيت جا راڳ آلاپيا ويندا آهن. خوشين کان علاوه ماحول جي ڪن اهم واقعن ۽ حادثن کان متاثر ٿي به عام ماڻهو لوڪ گيت جوڙي آلاپيندا رهن ٿا.

سنڌ جا لوڪ گيت سڄي سنڌ ۾ عام طور مقبول ۽ مروج آهن ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ۽ هر ڳوٺ، هر وستي ۽ واهڻ ۾ موقعي جي مناسبت سان

---

[768] سنڌيلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1986ع، ص 1.

[769] ايضاً.

[770] ايضاً، ص 2.

[771] بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، "لوڪ گيت"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 1.

ڳايا وڃن ٿا.

سنڌ ۾ لوڪ گيتن جون اٽڪل 50 يا 55 کن صنفون مروج آهن. پر سنڌ کان ٻاهر خاص طور بلوچستان جي هن خطي ۾ اهي سيئي صنفون مروج ڪونہ ٿي سگهيون آهن, ڇوتہ هن علائقي ۾ ٻين ٻولين وارا قبيلا بہ وڏي تعداد ۾ مستقل طور رهائش پذير آهن, جن جي ٻولين جي لازمي اثرن ۽ ماحول سبب اهي سڀ صنفون مروج ٿي نہ سگهيون آهن. تنهن هوندي بہ مطالعي دوران جيڪي ڪجهہ صنفن بابت معلومات ۽ مواد هٿ اچي سگهيو آهي, تنهن جو مختصر طرح جائزو پيش ڪجي ٿو.

سهرا:

سهرن کي لاڏا بہ چيو وڃي ٿو. سنڌ جي وچولي ۽ لاڙ واري علائقي ۾ سهرن کي ڳيچ ۽ ڳيو بہ چيو وڃي ٿو جيڪو شادين يا خوشين جي موقعن تي اڪثر ڪري عورتون ڳائين ٿيون. سرائيڪي زبان ۾ سهرن کي "ڳاوڻ" چيو وڃي ٿو.[772]

سهرا لفظ جي معنيٰ آهي "موڙ". موڙ ڪيترن ئي قسمن جهڙوڪ: گلن, مٽڪن, موتين, لونگن, ڦوٽن ۽ زريءَ وغيره جا هوندا آهن, جيڪي گهوٽ کي سرگس ۽ نڪاح وقت ٻڌائيندا آهن ۽ ان وقت خاص ڪري ٻهراڙين ۾ عورتون راڳن ۽ گيتن جي ڌم لڳائي ڇڏينديون آهن. سهرن ڳائڻ جو رنگ ۽ ڍنگ پنهنجي نوعيت جو آهي. چار يا پنج سهرا ڳائيندڙ عورتون گڏجي دهل يا ڍولڪ تي سوز ڀرئي سريلي آواز سان رنگ رچائي ڇڏينديون آهن.[773] دهل نہ هجي تہ ٿالهہ يا ٿالهي تي بہ لئي ڪن.[774]

سنڌ وانگر هي خطو بہ سهرن کان خالي نہ آهي, جتي شادين مرادين ۽ ٻين خوشين جي موقعن تي عورتون رسم ۽ محل موقعي جي مناسبت سان ڳائينديون آهن. لوڪ ادب جي هي صنف خطي جي مقبول ترين صنف ليکي وڃي ٿي, جيڪا سماٽن کان علاوه ٻين قومن ۾ بہ مقبول آهي.

هتي نموني طور ٻنهي محاورن جا ڪجهہ سهرا لساني جائزي سان پيش ڪجن ٿا.

سهرا:

پٽ ڄمڻ جا سهرا:

(1) ٽلهہ: آيو گل خاب ۾ سانديو هَمر ساهہ ۾

عطر گلاب ۾ چندن چوغان ۾

1_ مان تہ پنڙو کنيم هر هر پنڙو لوڏيم

آيو گل خاب ۾ سانديو هَمر ساهہ ۾

عطر گلاب ۾ چندن چوغان ۾

2_ هٿ ادل جي سونا ٻانا ميندي جوڙ بنايو

آيو گل خاب ۾ سانديو هَمر ساهہ ۾

---

[772] بلوچ, نبي بخش, ڊاڪٽر, "ڳيچ", سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1963ع, ص 11.

[773] نظاماڻي, الهہ بخش, "سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ", انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ڄامشورو, 1971ع, ص 59.

[774] سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر, "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو", انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ڄام شورو, 1986ع, ص 364.

عطر گلاب ۽ چندن چوخان ۽

3۔ الاھ پٽ ڏنا ڏنا، صدقو رسول تئون،
آيو گل خاب ۽ سانديو ھَمر ساھ ۽
عطر گلاب ۽ چندن چوغان ۽ .[775]

جغدالي محاوري جي هن سهري جي ٽلهہ ۾ "خواب" بدران "خاب" "هُيمُ" بدران "هَمر" جا لفظ ڪم آندل آهن.

ٻئي بند ۾ "مينديءَ" بدران "ميندي" جو لفظ استعمال ڪيل آهي. جنهن مان "ءَ" جو اُچار حذف ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح "ٻڌايو" بدران "ٻنايو" استعمال ڪيل آهي.

ٽئين بند ۾ "تان" بدران "تئون" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي، جيڪو هن خطي ۾ آن" پڇاڙيءَ بدران "آئون" پڇاڙيءَ سان استعمال ڪيو وڃي ٿو. ان طرح جا ٻيا لفظ مثلاً: "مان"، "ڪان"، ۽ "مئون" يا "ڪئون" طور جوڙي استعمال ڪيا وڃن ٿا.

(2) اديون ماڪي ميوو مليو آ دربار مئون،
رڪيل شاھ ڏنو آ، ماڪي دربار مئون.

1۔ لالڻ سائين ماڪي بشڪيو آ،
مولڻ سائين ماڪي بشڪيو آ.
اديون ماڪي ميوو مليو آ دربار مئون....

2۔ ماڪي ٻانئين گڙائي ڏي راٽا،
مينجا الله وڏايا ٿن اباٽا،
ماڪي ميوو مليو آ دربار مئون،....

3۔ الاھ هي ڏينئڙو ڏيڪارو،
ماڪي ننديڙو ڏٺارو،
اديون ماڪي ميوو مليو آ دربار مئون... .[776]

فراڪي محاوري جي هن سهري جي ٽلهہ ۾ "مونکي" بدران "ماڪي"، "مان" بدران "مئون" جا لفظ ڪم آندل آهن.

پهرئين بند ۾ "بخشيو" بدران "بَشڪِيو" جو لفظ ڪم آندل آهي.

ٻئي بند ۾ "ٻانهين" بدران "ٻانئين" يعني ان جي "هہ" بدران "ء" ڪم آندل آهي. "گهرائي" بدران "گڙائي" استعمال ٿيل آهي. اهڙيءَ طرح "منهنجا" بدران "مينجا" ۽ "آهن" بدران "ٿِن" جا لفظ استعمال ٿيل آهن.

---

[775] مائي شريفان سومري ڦليجي واريءَ کان ورتل.

[776] مائي ايمٺان سومري سبيءَ واريءَ کان ورتل.

ٽئين بند ۾ ”ڏينئڙو“ جو لفظ ”ڏينهڙو“ بدران ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ ”هہ“ بدران ”ء“ استعمال ڪيل آهي. ”ڏيڪاريو“ بدران ”ڏيڪارو“ يعني ”ي“ حذف ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. ”ڏياريو“ بدران ”ڏئارو“ يعني ”ي“ بدران ”ء“ استعمال ڪري پوئين ”ي“ حذف ڪئي ويئي آهي.

طهر وقت چيل سهرو:

(1) ايندئي ماما، ٻڏدِئِي ڳانا، بِسم الله ڪري...
بسم الله ڪي، جينجي امڙ ٺري، بسم الله ڪري
1ـ ايندئي جياٽون ڪٽائي ڏاجو
وڃائي باجو بسم الله ڪري..
2ـ اباٽا جو ايندا، خوش ٿي ويهندا،
بسم الله ڪري، جيجل امڙ ٺري بسم الله ڪري...
3ـ رهہ ڙي جيجل ما، من ملي موڪل،
ايندئي ماما ٻڏدئي ڳانا، بسم الله ڪري.. .[777]

جغدالي محاوري جي هن سهري جي ٿلهہ ۾ ”ٻڏرءِ“ بدران ”ٻڏدَئي“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي ۽ ”جنهنجي“ بدران ”جينجي“ جو لفظ ڪم آيل آهي، جنهن مان ”ن“ ۽ ”هہ“ حذف ڪيل آهي.

پهرئين بند ۾ ”جياٽيون“ بدران ”نياٽون“ يعني ”ن“ بدران ”ج“ استعمال ڪئي وئي آهي ۽ ”ي“ حذف ڪري لفظ ڪم آندو ويو آهي.

ٽئين بند ۾ ”ماءُ“ بدران ”ما“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن مان ”ءُ“ جو اُچار حذف ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح ”ايندءِ“ ۽ ”ٻڌندءِ“ بدران ”اينڌئي“ ۽ ”ٻڌ دئي“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. ”ٻڌندءِ“ مان ”ن“ بہ حذف ڪيل آهي.

(2)

ٿلهہ: هئن ٻَنڌو ڳانا، مِينجي ننيڙي ڪي....
پيرن ٻَنڌو ڳانا، مِينجي ننيڙي ڪي....
1ـ ننيڙو ٿيو مامن وارو، پيارو ٿيو چاچن وارو،
هٿن ٻنڌو ڳانا، مِينجي ننيڙي ڪي ....
2ـ ٻانئين گهڙائي ڏي، پٽ مِينجا سوٽا،
هٿن ٻنڌو ڳانا، مِينجي ننيڙي ڪي...
3ـ هٿ ادل جي سونا ڳانا، ٻڌنا توکي چاچا ماما،

---

[777] مائي شريفان سومري ڦليجي (ضلعي ڪڇي) واريءَ کان ورتل.

هٿن ٻنڌو ڳانا، مِينجي نندڙي کي.... .[778]

فراڪي محاوري جي هن سهري جي ٽلهہ ۾ "ٻڌو" بدران "ٻنڌو"، "منهنجي" بدران "مِينجي" جا لفظ ڪم آندل آهن. يعني پهرئين لفظ ۾ "ن" جو اضافو ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ٻي لفظ ۾ "ن" ۽ "هہ" حذف ڪري "ي" جو اضافو ڪيو ويو آهي.

پهرئين بند ۾ "مُنهنجي" بدران ساڳيو "مِينجي" ڪم آندو ويو آهي.

ٻئي بند ۾ "ٻانهين" بدران "ٻانئين" استعمال ڪري ان ۾ "هہ" بدران "ء" جو اُچار شامل ڪيو ويو آهي. "ٻڌندا" بدران "ٻڌنا" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي. يعني هن لفظ مان "د" حذف ڪيو ويو آهي. جيئن هن محاوري ۾ اڪثر ڪري اسم حاليہ جي اهڙن لفظن مان حذف ڪيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح "سهڻا" لفظ بدران "سوئڻا" جو لفظ ڪم آندل آهي، جنهن ۾ "هہ" بدران "ء" شامل ڪري "و" جو اضافو ڪيو ويو آهي.

مڱڻي جا سهرا:

ٽلهہ: مڱڻو مِنجي پٽ جو پنيون مرادان گهوٽ جون.

1۔ دهري ادل جي سون جي،
مِنجي سوهڻي مور جي،
مڱڻو مِنجي پٽ جو پنيون مرادان گهوٽ جون.....

2۔ نٽ بولي واري لعل ڪنوار،
سوهڻن ڳلن واري لعل ڪنوار.
مڱڻو مِنجي پٽ جو پنيون مرادان گهوٽ جون...

3۔ راڄ سڏايم مڱڻي تي،
ڪاڄ ڪرايم موقعي تي ،[779]
مڱڻو مِنجي پٽ جو پنيون مرادان گهوٽ جون.....

جغدالي محاوري جي هن سهري جي ٽلهہ ۾ "منهنجي" بدران "مِنجي" جو لفظ ڪم آندل آهي، جنهن مان "ن" ۽ "هہ" جا حرف حذف ڪيل آهن. اهڙيءَ طرح پوريون ٿيون يا "پڳيون" بدران "پُنيون" جو لفظ ڪم آندل آهي. "مرادان"، "مرادون" بدران ڪم آندو ويو آهي، جنهن ۾ "اون" پڇاڙي بدران "آن" پڇاڙي شامل ڪيل آهي.

پهرئين بند ۾ "سهڻي" بدران "سوهڻي" جو لفظ ڪم آندل آهي. يعني "س" مٿان پيش جي اچار سبب "و" جو اچار استعمال ڪيل آهي.

ٻئي بند ۾ ساڳيءَ طرح "سهڻن" جي لفظ کي "سوهڻن" استعمال ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه "ڳٽن" بدران "ڳلن" جو لفظ ڪم آندل آهي.

ٽلهہ: اديون ڏئو مبارخان، اديون ڏئو مبارخان،

---

[778] مائي ايمٺان سومري سبيءَ واريءَ کان ورتل.

[779] مائي شريفان سومري ڦليجي (ضلعي ڪڇي) واريءَ کان ورتل.

ماکي ڏئو مبارخان، پٽن جون پنڙيون مرادان.....

1. چاڙي گهوٽ گهوڙي تي،
سونا سيج جوڙي تي.
لونگڙي کلن تي رکايان، پٽن جون پنيون مرادان....
اديون ڏئو مبارخان.....

2. ميندي مليرئون گهرايان،
مُنڊري لاڙئون ناريان،
پلپل ناچو نچايان، پٽن جون پنيون مرادان.....
اديون ڏئو مبارخان......

3. سومر رات تنجو مگڻو
خوش رهنو مينجو سوڻو
کوٽي کئون عطر آنايان، پٽن جون پنيون مرادان....
اديون ڏئو مبارخان......[780]

فراکي محاوري جي هن سهري جي ٿلهہ ۾ ”ڏيو“ بدران ”ڏئو“، ”مبارکون“ بدران ”مبارخان“ ۽ ”مونکي“ بدران ”ماکي“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن.
پهرئين بند ۾ ”چاڙهي“ بدران ”چاڙي“ ۽ ”کلهن“ بدران ”کلن“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. يعني ٻنهي مان ”هـ“ حذف ٿيل آهي.
ٻئي بند ۾ ”ملير کان“ بدران ”مليرئون“، ”لاڙ کان“ بدران ”لاڙئون“، ”منڊي“ بدران ”منڊري“ ۽ ”نهرايان“ بدران ناريان“ جا لفظ ڪم آندل آهن.
ٽئين بند ۾ ”تنهنجو“ بدران ”تُنجو“، ”رهندو“ بدران ”رهنو“(د حذف)، ”منهنجو“ بدران ”مينجو“، ”سهڻو“ بدران ”سوڻو“، ”کوٺڙ“ بدران ”کوٽي“ ”کان“ بدران ”کئون“ ۽ ”آڻايان“ بدران ”آنايان“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. ”آنايان“ ۽ ”گهرايان“ بدران ”آناوان“ ۽ ”گهراوان“ بہ استعمال ٿين ٿا.

ٻُڪيءَ جا سهرا:

(1) اباٽا سڏايان ٻکي تي، ادل جي ڪاڄ تي،
مدت مولا سر تي، فخر آ راڄ تي،

1. بينسر ادل جي گهڙايان،
لاڙئون مان گهُرايان،
اباٽا سڏايان ٻکي تي، ادل جي ڪاڄ تي.....

2. منڊي منجي سون جي،

---

[780] مائي ايمٺان سومري سبيءَ واري کان ورتل.

سکر کئون گهرايان.

اباڻا سڏايان پڪي تي ادل جي کاج تي... .[781]

جغدالي محاوري جي هن سهري جي ٽلهه ۾ "پکيءَ" بدران "پکي" استعمال ڪيل آهي، جنهن مان "ءَ" جو اچار حذف ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح "مدد" بدران "مدت" ۽ "ڪاڄ" بدران "کاج" استعمال ٿيل آهن.

پهرئين بند ۾ "لاڙ کان" بدران "لاڙئون" جو لفظ ڪم آندل آهي، جنهن ۾ "آن" بدران "آئون" پڇاڙي استعمال ٿيل آهي.

ٻئي بند ۾ "منهنجي" بدران "مِنجي" يا "مُنجي" استعمال ٿئي ٿو "کان" بدران "کئون" جو اچار ڪم آندو ويجي ٿو.

(2) توکي ميندي لاوان، اباڻن کي گهراوان.....

1_ مينجا پٽ سوٽا،
توکي ڪنئار سان ملاوان،
توکي ميندي لاوان، اباڻن کي گهراوان......

2_ ٽوپي تنجي پَٽ جي،
کوٽي کئون آناوان،
توکي ميندي لاوان، اباڻن کي گهراوان....

3_ منڊي تنجي سون جي،
سکر کئون ناراوان،
توکي ميندي لاوان، باڻن کي گهراوان... .[782]

فراکي محاوري جي هن سهري جي ٽلهه ۾ "لڳايان" بدران "لاوان" ۽ "گهرايان" کي "گهراوان" طور استعمال ڪيو ويو. ڇوته هي علامت سرائيڪي زبان کان ورتل آهي، جنهن ۾ "يان" جي پڇاڙي "وان" طور ڪم آڻجي ٿي.

پهرئين بند ۾ "منهنجا" بدران "مينجا"، "سهڻا" بدران "سوٽا"، "ڪنوار" بدران "ڪنئار"، "ملايان" بدران "ملاوان" جا لفظ ڪم آندا ويا آهن.

ٻئي بند ۾ "تنهنجي" "بدران "تنجي"، "ڪوٽڙ" بدران "کوٽي"، "کان" بدران "کئون" ۽ "گهرايان " بدران "آناوان" جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

ٽئين بند ۾ "تُنهنجي" بدران "تُنجي"، "کان" بدران "کئون" ۽ "نهرايان" بدران "ناراوان" جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. "نهرايان" جي "هه" ۽ "ي" حذف ڪري "و" جو اضافو ڪري "ناراوان" ڪيو ويجي ٿو. اها جوڙجڪ سرائيڪي زبان جي آهي، جيئن اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون.

شاديءَ جا سهرا:

781 مائي شريفان سومري ڦليجي (ضلعي ڪڇي) واريءَ کان ورتل.

782 مائي ايمڻان سومري سبي واريءَ کان ورتل.

ڻلهہ: آيو ڙي مَنجو ناڙي جو نواب، [783]
بينسر جوڙائي نهري، ناڙي جو نواب....

1ـ سوهڻا آهستي آهستي، دل جا گل کلدا،
گل کوني تي کلدا، گل ماڙي تي کلدا،
آيو ڙي منجو ناڙي جو نواب،
بينسر جوڙائي نهري، ناڙي جو نواب.....

2ـ سوهئل جون اکيون، ڪجل رنگ لايو،
آهستي آهستي سوهڻا، دل جا گل کلدا،
گل کوني تي کلدا، گل ماڙي تي کلدا....

3ـ ادل جا سونا ڳانا، حسن رنگ وڌايو،
آهستي آهستي سوهڻا، دل جا گل کلدا،
گل کوني تي کلدا، گل ماڙي تي کلدا... . [784]

جغدالي محاوري جي هن سهري جي ٽلهہ ۾ ”منهنجو“ بدران ”مُنجو“ لفظ استعمال ڪيل آهي.

پهرئين بند ۾ ”ڪلندا“ بدران ”ڪُلدا“ جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جنهن مان ”ن“ جو حرف حذف ٿيل آهي.

ٻئي بند ۾ ”سوهڻن“ ”سهڻل“ بدران يعني ”و“ جو ان ۾ اضافو ڪري استعمال ڪيو ويو آهي.

سهري جو لهجو ۽ جهيلار جغدالي آهي. ان کان علاوه پنهنجي علائقي ياڳ ناڙي جو ان ۾ ذڪر ڪري علائقي جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي.

ٽلهہ: سونٽو پيلي گهوڙي تي سدا چڙنو آ،
سپائي سان ڪٽنو آ، نوڪر واڳ وٺنو آ،

1ـ سوني مندي ٺارائي، پاڻ هيڏي اِينو آ،
سونٽو پيلي گهوڙي تي سدا چڙنو آ،
سپائي سان ڪٽنو آ ...........

2ـ مينجا جيئين لاڏل، سوب تہ تنجي آ،
ٻي جي حاجت نائين سوب تہ تنجي آ،
سونٽو پيلي گهوڙي تي سدا چڙنو آ،

783 ”ناڙي جو نواب“ عزت ۽ احترام طور چئبو آهي.

784 مائي شريفان سومري ڦليجي (ضلعي ڪڇي) واريءَ کان ورتل.

سپائي        ساڻ        ڪٽنو        آ................ .[785]

فراڪي محاوري جي هن سهري جي ٽلهه ۾ ”سهڻو“ بدران ”سوڻٽو“، ”چڙهندو“ بدران ”چڙنو“، ”ڪٽندو“ بدران ”ڪٽنو“، ”وڻندو“ بدران ”وڻنو“ ۽ ”سپاهي“ بدران ”سپائي“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن. ”چڙهندو“، ”ڪٽندو“ ۽ ”وڻندو“ مان ”د“ جو حرف حذف ڪري استعمال ڪيو ويو آهي. ”چڙهندو“ ۽ ”سپاهي“ لفظن مان ”هہ“ جو اُچار بہ حذف ٿيل آهي.

پهرئين بند ۾ ”نهرائي“ بدران ”نارائي“، ”هيڏانهن“ بدران ”هيڏي“ ۽ ”ايندو“ بدران ”اِينو“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

ٻئي بند ۾ ”منهنجا“ بدران ”مِينجا“، ”سوپ“ بدران ”سوپ“ تنهنجي“ بدران ”تُنجي“، ”ناهين“ بدران ”نائين“ ۽ ”سهڻو“ بدران ”سوڻٽو“ جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. انهن لفظن ۾ اڪثر وسرگ حرف اوسرگ ڪري اُچاريا وڃن ٿا.

لولي:

لولي سنڌ جي سري ۾ رهندڙ ”جتن“ ۽ ٻين پاڙيسري قبيلن جو لوڪ گيت آهي.[786] جيڪو سرائيڪي ٻوليءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿو ڏسجي. محبت ۽ مجاز لوليءَ جو بنيادي نُڪتو آهي. زالون توڙي مرد پنهنجي منهن وندر ۽ وروند طور يا پاٽي پرڻ، مال چارڻ، ٻنيءَ ۾ رونبي يا لاباري وقت، توڙي محفلن ۽ مجلسن ۾ ڳائين. محبت ۽ مجاز کان سواءِ ٻين عنوانن تي پڻ چيون وڃن ٿيون.[787]

سنڌ خطي ۾ آسانيءَ خاطر هن گيت جي مڙني روايتن کي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (الف) عام مشهور روايتي لوليون، جي اڪثر سرائيڪي زبان ۾ چيل آهن. (ب) واقعاتي لوليون ۽ (ج) شاعرن جون چيل لوليون جي سنڌي ٻوليءَ ۾ چيل آهن.[788] پر سنڌ کان ٻاهر هن لوڪ گيت جون ايتريون روايتون ملڻ مشڪل آهن، ڇوتہ انهن علائقن ۾ ٻين ٻولين وارا قبيلا بہ رهائش پذير آهن، جن تي اثرن سبب سنڌ جي لوڪ ادب جون سڀ لوڪ صنفون مروج نہ آهن. جيئن تہ اتان جي سنڌي ٻولي انهن ٻولين کان گهڻي متاثر آهي. تيئن اهي صنفون بہ يا تہ متاثر آهن يا مرڪز کان گهڻو پري هئڻ سبب مروج ئي ڪونہ ٿي سگهيون آهن.

لولي سنڌ جو عام ۽ پيارو گيت آهي، جو سنڌي توڙي سرائيڪيءَ ۾ چيو ويندو آهي. لولين جي ٻَڌَ ۽ نفسِ مضمون مان معلوم ٿيندو تہ لولي جو بنيادي نڪتو آهي، جذبن، امنگن ۽ احساسن جو اظهار. يقين آهي تہ اهو جذبو پهريائين ان کي ٻچي لاءِ پيدا ٿيو هوندو.[789]

هر قوم ۾ مائرون پنهنجي ٻچن کي اڪثر ڪري روئڻ وقت لوليون ڏيئي سمهارينديون آهن، ڇوتہ ماءُ جي لولي ٻار لاءِ ننڊ آڻيندڙ ”ستي“ هوندي آهي، جنهن کان هن جا سڀ ڏک ۽ درد دفع ٿي ويندا آهن ۽ هو ننڊ جي گود ۾ آرامي ٿي ويندو آهي. لاڙ ۾ هن صنف کي ”لولي“، ”اوراٽو“، ”اولاٽو“ ۽ ”ٻولڻو“ بہ چيو ويندو آهي.[790]

---

785 مائي ايمڻان سومري سبيءَ واريءَ کان ورتل.

786 بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”لوڪ گيت“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 116.

787 ايضاً، ص 116.

788 ايضاً، ص 116.

789 سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو تحقيقي جائزو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، 1986ع، ص 323.

790 الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1977ع، ص 282.

سبيءَ جو هي خطو بہ لولي جي هن صنف کان خالي نہ آهي، جتي ان جو نالو صرف ”لولي“ آهي. ”اوراٽو“، ”اولاٽو“ يا ”ٻولٽو“ نالا هن خطي ۾ مروج ڪونہ آهن ۽ نہ وري خطي ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڪو قسم مروج آهي.

لوليءَ ۾ مائرون اڪثر پنهنجي ننڍڙن ٻارن کي پنهنجي ٿڃ وات ۾ ڏيئي منڙن ٻولن سان ننڊ ڏيارڻ جون ڳالهيون پيار ۽ محبت ڀريل آواز سان الاپينديون آهن، جنهن جي سر ۽ سواد سان ننڍين ٻارن جون نہ صرف تڪليفون رفع دفع ٿي وڃن ٿيون، بلڪ هو هڪدم ننڊ بہ پئجي ويندا آهن. جيڪڏهن ٿڃ چڏيل ٻار هوندو تہ پوءِ ان کي پيينگهي يا ڪپڙن جي ٺهيل گگوٽي ۾ وجهي لوڏن سان لوليون ڏنيون وڃن ٿيون. هت خطي ۾ مروج ٻنهي محاورن جي اهڙي قسم جي هڪ هڪ لولي لساني جائزي سميت پيش ڪجي ٿي.

لوليون:

لولي ڏيان منڙي کي،
لولي ڏيان ٻچڙي کي.
1ـ پيينگهو لوڏان ٻچڙي جو
جهولو جهُولان منڙي جو
لولي ڏيان منڙي کي .....
2ـ منجو ٻچڙو پيارو
اکين جو آ تارو
لولي ڏيان منڙي کي.....
لولي ڏيان ٻچڙي کي.....
3ـ ننڊ ڪندو آ سارو ڏيئنئن،
اڄ جو آ پيارو ڏيئنئن،
لولي ڏيان ٻچڙي کي..... .[791]

جغدالي محاوري جي هي لولي ٻار کي ننڊ ڪرائڻ وقت ڏني وڃي ٿي. ان جي پهرئين بند ۾ ”لوڏيان“ بدران ”لوڏان“، ”جهوليان“ بدران ”جهُولان“ مان ”ي“ جو اُچار حذف ڪري استعمال ڪيو ويو آهي.

ٻئي بند ۾ ”منهنجو“ بدران ”مُنجو“ ۽ ”آهي“ بدران ”آ“ جو لفظ ڪم آندو ويو آهي.

ٽئين بند ۾ ”ڏينهن“ بدران ”ڏيئنئن“ استعمال ڪيل آهي، جنهن مان ”هہ“ حذف ڪرڻ بعد ”ء“ جو اُچار شامل ڪيو ويو آهي. جغدالي محاوري ۾ بہ فراڪي وانگر ڪڏهن ڪڏهن ”هہ“ جو اُچار حذف ڪيو وڃي ٿو.

[791] مائي شريفان سومري ڦليجي واريءَ کان ورتل.

(2)

| | | | |
|---|---|---|---|
| لولي | مِينجي | ٻچڙي | کي، |
| لولي | مينجي | منڙي | کي، |
| گوري | وَنان | ٻچڙي | تئون، |
| ساء | ڏيوان | منڙي | کي، |
| لولي | مينجي | ٻچڙي | کي، |
| لولي | مينجي | منڙي | کي..... |
| ٻچڙو | نندڊان | ڪنو | آ، |
| منڙو | ٻُبا | پينو | آ، |
| لولي | مينجي | ٻچڙي | کي، |
| لولي | مينجي | منڙي | کي.... .[792] |

فراڪي محاوري جي هي لولي ٻه ٻار کي روئڻ وقت ننڊ ڪرائڻ لاءِ ڏني ويجي ٿي. لولي جي ٿلهه ۾ "منهنجي" بدران "مينجي" جو لفظ ڪم آندل آهي. پهرئين بند ۾ "گهوري"، بدران "گوري"، "وجان" بدران "وَنان"، "تان" بدران "تئون"، "ساهه" بدران "ساء" ۽ "ڏيان" بدران "ڏيوان" جا لفظ ڪم آندا ويا آهن. ٻئي بند ۾ "نندڊون" بدران "نندڊان"، "ڪندو" بدران "ڪنو"، "آهي" بدران "آ"، "پيئندو" بدران "پِينو" جا لفظ استعمال ڪيل آهن. "ڪندو" ۽ "پيئندو" مان "د" جو حرف حذف ڪيل آهي. جيئن محاوري ۾ اڪثر ٿئي ٿو پر "پيئندو" لفظ مان ته "د" سان "گڏ" "ء" جو اچار ٻه حذف ڪيو ويو آهي.

جمالو:

جمالو سنڌ جو مشهور ۽ آڳاٽو عوامي ناچ توڙي لوڪ گيت آهي. جمالو ناچ ۾ هڪڙو ڄڻو ڳائڻ جا ٻول چوندو ته ٻيا ساٿي "هو جمالو" جي وراڻي الاپيندا رهندا.[793] سنڌ وانگر هي گيت سبيءَ جي خطي ۾ ٻه مروج آهي، جنهن کي مردن کان علاوه زالون ٻه گڏجي اڪثر خوشين جي موقعي تي ڳائينديون آهن.

جمالي ۾ سونهن جي تعريف جهڙوڪ، وارن، ڏندن، چپن ۽ اکين جو ذڪر ڪيو ويجي ٿو. ان کان علاوه ان جي پڳ، جُتي، لڪڻ، منڊي ۽ ڪپڙن جي تعريف جو ذڪر ٻه ڪيو ويجي ٿو.[794] جيئنتوڻيڪ جمالي جي تعريف بابت سموري سنڌ وانگر هن خطي جون مصراعون ۽ ٻول ٻه ساڳيءَ طرح جا آهن،

---

[792] مائي ايمڻان سومريءَ سبيءَ واريءَ کان ورتل.

[793] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "لوڪ گيت"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 3، ۽ پڻ ڏسو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو ڪتاب، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1986ع، ص 397.

[794] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "لوڪ گيت"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 3، ۽ پڻ ڏسو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو ڪتاب، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1986ع، ص 397.

ان جي باوجود انهن ۾ خطي جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جا واضح نشان ملن ٿا. ڇوته هي هڪ لوڪ گيت آهي، جنهن جي ڳائڻ وارا اڪثر پنهنجي ماحول جي ترجماني ڪندا رهندا آهن، جيڪو هڪ فطرتي عمل آهي.

سنڌ طرف جمالو کي چئن حصن ۾ ورهايو ويجي ٿو (الف) جمالي جي جدائي (ب) جمالي جو موٽي اچڻ (ج) جمالي جا متفرقا گڏيل ٻول ۽ (د) جمالي جو ڳيچ،[795] پر هن خطي ۾ اڪثر جمالي جي روشنيءَ بابت ڳيچ ڳايا وڃن ٿا. جن جو مختصر طور محاورن جي لحاظ سان لساني جائزو پيش ڪجي ٿو.

جمالو:

هي سنڌ جو سڀ کان وڌيڪ مشهور لوڪ گيت آهي، جو ناچ سان ڳائبو آهي. سڄو گيت حسن واري جي تعريف بيان ڪري ٿو. هن ۾ ”هو جمالو“ وارا ٽي طور هر بند کان پوءِ دهرائبو آهي.[796]

سنڌي ٻوليءَ جي هن صنف کان سڀيءَ جو خطو بہ مالامال آهي، جنهن ۾ علائقي جي ماحول جي عڪاسي بہ ٿيل آهي. هت نموني طور ٻنهي محاورن ۾ هن صنف تي چيل ڪجھ بند لساني جائزي سميت پيش ڪجن ٿا.

جغدالي محاورو:

منجو ڪٽي آيو خيرسان،
هو جمالو.
مجو لڙي آيو ياڳ ڏي،
هو جمالو
سوني منڊي ڇيچ ۾،
هو جمالو
ڳاڙهو رومال هٿ ۾،
هو جمالو
منجو جمالو جتن جو،
هو جمالو
تنجا وار گهنڊيدار الا،
هو جمالو
نيري لانگ مزيدار الا،
هو جمالو

---

[795] ايضاً، ص 4.

[796] الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1977ع، ص 44.

منجو جمالو جتن جو
هو جمالو
ٻاڙهو رومال هٿ ۾
هو جمالو
سائو لهڪڻ هٿ ۾
هو جمالو
منجو جمالو جتن جو
هو جمالو

جغدالي محاوري ۾ چيل هن جمالي مان علائقي جي زبان ۽ ثقافت جا نشان ملن ٿا. "پاڳ"، "نيري لانڪ"، "ٻاڙهو رومال" ۽ "سائو لڪڻ" علائقي جي تهذيب جي عڪاسي ڪن ٿا. جمالي ۾ "منهنجو" بدران "مُنجو"، "تنهنجو" بدران. "تنجو" ۽ "لڪڻ" بدران "لهڪڻ" جا جغدالي لفظ استعمال ٿيل آهن.

فراڪي محاورو:

مينجو ڪتي آئو خير سان،
هو جمالو
سيوي جي شهر ۾
هو جمالو
سوني منڊي چيچ ۾
هو جمالو
سنڌي ٽوپي مٿي تي،
هو جمالو
هو جمالو.... هئي هئي جمالو
هو جمالو
تنجا وار گهنڊيدار الا،
هو جمالو
تنجون ڳاليون مزيدار الا،
هو جمالو
هو جمالو.... هئي هئي جمالو

هو جمالو[797]

فراڪي محاوري ۾ چيل هن جمالي جو لساني جائزو وٺبو تہ معياري سنڌيءَ کان ان ۾ وڏو فرق ملي ٿو. جمالي ۾ "منهنجو" بدران "مينجو"، "آيو" بدران "آئو"، "تنهنجو" بدران "تنجو"، "تنهنجون" بدران .تنجون"، "ڳالهيون" بدران "ڳاليون" جا لفظ استعمال ڪيل آهن. لهجو ۾ جهيلار بہ نمايان آهي، جنهن ڪي ٻڌڻ شرط محاوري ڪي محسوس ڪري ٿو سگهجي.

ٻيلڻ:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "ٻيلڻ" جي صنف ڪي سنڌ جي لوڪ گيتن ۾ شمار ڪندي لکي ٿو تہ: "ٻيلڻ" خاص طرح اتر سنڌ ۾ اولهہ طرف ڪاڇي وارن جو هڪ لوڪ گيت آهي. نظم جي نموني ۾ مضمون جي لحاظ کان "عام روايتي لولي" سان ملندڙ آهي. البتہ ٻنهي جي آلاپڻ ۾ فرق آهي. "ٻيلڻ" ٻن مصرعن وارن نظم آهي، جنهن جي مصرع ڪي لاهڻيءَ وقت ٻيو ٻيرو يا ٻيلينڊا يا آلاپيندا آهن، جنهن ڪري ئي غالبن هن تي ٻيلڻ نالو پيو آهي.[798]

حقيقت ۾ "ٻيلڻ" لوڪ نہ بلڪ هڪ عام گيت آهي. اسان ڪي مطالعي دوران معلوم ٿيو آهي تہ. "ٻيلڻ" ۾ "ٻيلر" اصل ۾ هڪ سگهڙ جو نالو آهي، جيڪو بلوچستان جي ڪڇي ضلعي ۾ "ڇٽ"[799] شهر جي پيچوها خاندان جو هڪ فرد هو ۽ خطي جو مشهور و مقبول عوامي شاعر ۽ فقير منش سگهڙ سڏيو ويندو هو. چوڻ هو اڪثر ڪري پنهنجي ماحول جي ترجماني ڪندي پنهنجا ٻول پاڻ ٻوليندو رهندو هو. جنهن ڪري سندس عام شاعريءَ ڪي بہ سندس ئي نالي جي نسبت سان "ٻيلڻ" ئي پڪاريو ويندو هو. هي نالو مشهور ٿيندي بعد ۾ سنڌ طرف شاعريءَ جي هڪ صنف جي نالي جي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب هن صنف تي بہ "ٻيلڻ" نالي پوڻ بابت پنهنجي بيان ۾ يقيني خيال جو اظهار نہ ڪندي لکيو آهي تہ. مصرع ڪي ٻيو ٻيرو الاپڻ سبب اهو نالو مقبول ٿيو اٿس. ڊاڪٽر صاحب غالباً ۽ يا جا لفظ استعمال ڪري شڪ جي گنجائش پيدا ڪري ڇڏي آهي.[800]

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جن بہ "ٻيلڻ" لفظ "ٻليءَ" لفظ مان نڪتل جو گمان ڄاڻايو آهي.[801]

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ٻيلڻ جي شاعري خطي ۾ وڏي مقبوليت رکي ٿي، پر ان صنف جو نالو صنف جي اصل خالق جي نالي جي ئي نسبت سان قائم ٿيو آهي.

ٻيلڻ نالي جي قائم ٿيڻ بابت "ٻيلڻ" جي هڪ سرائيڪي گيت جي هڪ بند مان بہ اسان کي هڪ اشارو ملي ٿو جيڪو ڊاڪٽر صاحب لوڪ گيت ۾ ڏنو آهي. مثلاً:

ٻيلڻ وِي هُڻ تيڏي ٻيلڻ ٻيئي ڳاوي،
رمزان دي مارِي سَسِڙي بارڙي چاوي.

---

[797] مائي ايمنان سومري سبيءَ واري کان ورتل.

[798] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "لوڪ گيت"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 221.

[799] ڇٽ = ڇتر "ٽ" حرف "ر" ڳاڙ حرف آهي.

[800] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، "لوڪ گيت"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 221.

[801] سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو، 1986ع، ص 385.

هن نظم ۾ "بيٽي" ۽ "دي ماري" جا لفظ اصل ۾ مؤنث نہ بلڪ مذڪر آهن. جيڪي هن پاڻ پنهنجي ڪنهن محبوب لاءِ ڇيا آهن. جنهن ۾ هن پنهنجو نالو ونندي پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ سندس ٻوليون ويهي ڳائڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي.

ڊاڪٽر صاحب هي بہ لکيو آهي تہ "ٻيلڻ" جو گيت صرف سرائيڪي زبان ۾ آهي. حالانڪ ٻيلڻ جا اسان کي ڪجهہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيا نظم بہ مليا آهن. جن مان هڪ ۾ هن بروهين طرفان سندس سماٽن سان جنگ ۽ ڏاڍائيءَ جو هيئن ذڪر ڪيو آهي:

"بروهين باوو ڪيو سڏايئون سارو جهالاوان.
مڙني ويهي پاڻ ۾ ڪيئون قسم قرآن."

ڇٽ علائقي بابت پنهنجي ٻولن ۾ هن شهر جي جمعي نالي هڪ ماڻهوءَ جي نادان ڏيئن کي کوهہ مان پاڻي ڀرڻ جي هن طرح هدايت ڪئي آهي:

"ڇٽ سنديون ڇوڪريون پانجاري ۾ پائي،
جمعو ڇئي جڙن[802] کي سير وجهو ساهي،
مٽان چوري چنائي ڏيئي چوٽ چڙهہ کي."

هڪ ٻي جنگ بابت پنهنجن پيچوهن جي ڪاهلي ۽ باروزئي پٺاڻن جي ڏاڍائين جي شڪايت هن طرح ڪئي اٿس:

پهلو منڊائين سان مقابلو امالڪ اڙائي،
پشيمان ٿيو جيئو ويچارو ويس ايمان ڇڏائي،
پڳدار پيچو هن جو ويئو آ پُوڪ وَهائي،
پُٺڪو ڏيئي باروزئي نڪتا ڪونہ ٻڏائي،
ٻيلا ن[803] ڪري پروچ آيا ڪري ڪوڙائي،
بہ تي ڏينهن عظيم خان کي وڏئو ن[804] منجهہ رهائي،
بختيار خان موتي آيو ڏس لهڙي لجائي.

ڇٽ شهر جي ڀرسان پيچوها سماٽن ۾ "ٻيلائي" شاخ جي نالي هڪ ڳوٺ بہ قائم ٿيل آهي. جن مان هي سگهڙ نالي وارو شاعر ۽ بزرگ ليکجي ٿو. پاڻ هڪ اهل الله فقير هو ۽ سندس دعائيہ ۽ پِٽ پاراتي واري شاعري فوري طور تي رب وٽ قبول پئجي ويندي هئي. اهوئي سبب آهي جو اڪثر علائقي جا ماڻهو ڪانئس دعائون گهرائيندا رهندا هئا. پر شهر ۾ علي، سفر ۽ سلمان نالي ٽن شرارتي رئيسن جي ڏاڍائين کان پوءِ تمام گهڻو تنگ ٿيل هو. علائقي ۾ سندس نالي مشهور روايتن موجب ڪجهہ وقت برسات نہ پوڻ ڪري ڏڪار اچي پيو جنهن تي انهن شرارتي ڪانئس برسات لاءِ دعا گهرڻ لاءِ چيائون. پر پاڻ انهن کان نفرت ڪرڻ ۽ سندن غلط لهجي ۽ رويي سان دعا گهرڻ واري حڪم تي دعا گهرڻ کان انڪار ڪندا رهيا، هڪڙي ڏينهن صلاح ڪري انهن

---

[802] جڙن= نادانن.

[803] ٻيلان= گڏجي

[804] وڏئون= وڏائون.

ڪيس ٻڌي اس تي اڇلائي ڇڏيو ۽ چيائونس تہ جيستائين برسات لاءِ دعا ڪونہ گهرندين اوستائين ڪونہ ڇڏيندا سين.

فقير انهن کان سخت نفرت ۽ جلالي طبيعت سبب دعا گهرڻ لاءِ بالڪل تيار نہ هو. آخر جڏهن سمجهيائين تہ هاڻ موت اچي ويجهو ٿيو آهي، تڏهن پنهنجي زندگيءَ جي آخري دعا ۽ پٽ پاراتي وارو هيٺيون بيت چيائين.

ٻيلو ٻڏو ٻاجهہ تي، علي ڇڏيو آن،
سفر اَئو ن[805] سليمان جا پرور لاٿا پَن،
تڏي ن[806] نرد و[807] من، جڏي ن[808] رئيسن ۾ راڙو پوي.[809]

روايتن موجب بيت چوڻ کان پوءِ ٿورئي وقت ۾ علائقي مٿان زبردست جهڙ چانئجي ويو ۽ سخت برسات شروع ٿي وئي. طوفان ۽ ڪنوڻين جا ڪڙڪاٽ لڳي ويا ۽ اهڙو تہ ٻوڙو اچي پيو جو پاڻ اتي ئي ٻڏي مري ويو رئيسن مان عليءَ اَن ۽ گهر ٻار ڇڏي اهڙو تہ ڀڳو جو وري ان جو ڪو ڏس پتو ڪونہ پيو. سفر ۽ سليمان ان طوفاني ٻوڏ ۽ برسات ۾ جاءِ ڪرڻ سبب هيٺان اچي مري ويا ۽ رئيسن جي گهر ۾ اهڙو تہ راڙو پيو جو ٻوڏ ۽ مينهن باوجود پري پري جا ماڻهو احوال معلوم ڪرڻ لاءِ اتي اچي پهتا. شهر ۾ اهڙي تہ تباهي مچي وئي جو هي واقعو ۽ بيت علائقي جو هڪ يادگار واقعو ۽ بيت ليکجڻ ۾ آيا ۽ هوڏانهن جن هنڌن تي برسات گهٽ پئي سا سندس بيت موجب ماڻهن لاءِ وڏي ٻاجهہ جو سبب بڻجي پيئي. علائقو سرسبز ۽ آباد ٿي پيو ۽ ماڻهو سکيا ۽ ستابا ٿيا.

سندس هن بيت ۾ ”ٻيلڻ“ پاڻ کي ٻيلو چيو آهي، جيڪو شريفن ۽ چڱن لاءِ ٻاجهہ تي هميشہ لاءِ ٻڏي ويو. اسان جي خيال ۾ هن بيت سبب جيڪا مشهور ۽ يادگار تباهي آئي اها بہ سندس بيتن کي ”ٻيلڻ“ نالو ڏيڻ جو سبب بڻي آهي.

روايتن موجب اڄ کان اٽڪل ستر سال اڳ ”ٻيلڻ“ جي موت وارو هي مشهور واقعو رونما ٿيو. ان وقت سندس عمر اٽڪل ستر اسي سال کن هئي. سندس ڪيئي رشتيدار اڄ بہ چٽ شهر ۽ ان جي آسپاس موجود آهن.

مورو:

مورو اصل ۾ بلوچستان جي سنڌ سان ڳنڍيل ڪاڇي واري علائقي جي لوڪ شاعريءَ جي هڪ صنف آهي. سندس مقبوليت بلوچستان کان وڏي سنڌ تائين پکڙجي وئي آهي، ان ڪري هن لوڪ گيت کي سنڌ جو هڪ لوڪ گيت سمجهيو وڃي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان بابت لکي ٿو تہ: مورو اصل ۾ سنڌ جي ڪوهستاني علائقي جو لوڪ گيت آهي، پر ان لوڪ گيت جو دائرو ڪوهستاني علائقي کان ٻاهر سنڌ، لسٻيلي، قلات ۽ مڪران تائين آهي. هڪ روايت موجب هي گيت خاص طرح جوکيا، برفت، بروهي، ٻالاري ۽ گبا قوم جو ورثو آهي.[810]

هي گيت محبت ۽ مجاز، وڇوڙي ۽ بيقراري، وصال ۽ ملاقات، نياپا ۽ سنيها موڪلڻ جي موضوعن تي سمايل هوندو آهي، جيڪو اڪثر مرد توڙي

---

[805] اَئون= ۽
[806] تڏين= تڏهن.
[807] نردو= نَرندو.
[808] جڏين= جڏهن.
[809] ماستر محمد حسن قريشي چٽ واري کان ورتل مواد.
[810] بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”لوڪ گيت“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 50.

زالون ڳائين ٿيون. انهيءَ ڪري هن گيت کي "سينهڙو" ۽ "ليهڙو" بہ چيو وڃي ٿو.[811] سنڌ ۾ هن گيت وڏي مقبوليت حاصل ڪئي آهي، پر بلوچستان جي سنڌ سان گڏيل ڪوهستاني علائقي ۾ بہ عام ملي ٿو ان کان علاوه جغداليءَ کان فراڪي علائقن ۾ بہ ڪٿي ڪٿي ان جا اهڃاڻ ملن ٿا.

ڊاڪٽر سنديلي هن لاءِ بلوچستان جو هڪ لوڪ گيت هئڻ بابت هيٺين لکيو آهي: "هي لوڪ گيت ڪوهستاني علائقي ۾ مقبول آهي، خصوصاً لاسي، ڪوسا، جوڪيا، برفت ۽ بروهي وغيره ڳائي ڪچهرين ۾ منڊل مچائيندا آهن. اهي قومون جيئن سنڌ جي مختلف حصن ۾ ويون يا سنڌ جون قومون ڪوهستان طرف واپار سانگي ويون تہ اهو گيت (مورو) ٻڌي پاڻ وٽ رائج ڪيائون. تنهن ڪري هينئر سنڌ جي اولاهين حصي کان علاوه ساري سنڌ ۾ مشهور آهي."[812]

هيٺ نموني طور جغدالي ۽ فراڪي محاورن ۾ مروج هڪ هڪ مورو پيش ڪجي ٿو:

جغدالي مورو:

مورو ناهين ٿورو، راڻل مورو وڻي ڳاوان
تنجي هان ٻاني، تون آن منجو جاني،
مورو ناهين ٿورو.........

1- هربي هربي تنجا پورچون ٿا راڻل،
مورو ناهين ٿورو.........

2- جبل مٿي گڊ دلبر ماڪي سڏ،
مورو ناهين ٿورو.........

3- ناڙي جو وهي پاٽي، الا ٿيندئي ساٽي،
مورو ناهين ٿورو.........

جغدالي محاوري ۾ چيل هن موري جي ٿلهہ ۾ "ڳايان" بدران "ڳاوان" لفظ ڪم آندل آهي، جنهن ۾ "ي" حرف بدران "و" حرف جو استعمال ٿيل آهي. "تنهنجي" بدران "تنجي"، "آهيان" بدران "هان"، "ٻانهي" بدران "ٻاني"، "آهين" بدران "آن" ۽ "منهنجو" بدران "مُنجو" جا لفظ ڪم آندل آهن.

پهرئين بند ۾ "هر هر" بدران "هربي هربي"، "تنهنجا" بدران. "تنجا" لفظ استعمال ڪيل آهن.

ٻئي بند ۾ "مونکي "بدران" "ماڪي" جو لفظ ڪم آندو ويو آهي. جڏهن تہ "گڊ" اتان جي هڪ جانور جو نالو آهي، جيڪو ڦاڙهي وانگر ٿئي ٿو.

ٽئين بند ۾ "الاهہ" بدران "الا" جو لفظ ڪم آندل آهي، جنهن مان "هہ" جو حرف حذف ڪيل آهي، جيڪو مٿين علائقن ۾ اڪثر حذف ٿئي ٿو.

فراڪي مورو:

مورو نائين ٿورو، سوڻل مورو وڻي ڳاوان
هل تہ هلون ڪوٽي، سوڻل مِينجو موٽي
مورو ناهين ٿورو.........

---

811 ايضاً، ص 50.

812 سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 392.

1۔ سوٽھو اِينو ريل ۾، ڪوتي واري ميل ۾،
مورو نائين ٿورو.........

2۔ ٽڪر مٿي مِين، سوٽھي لاتا ڏِين،
مورو نائين ٿورو.........

3۔ بولان جي ٿدي هوا، لڳي تي ماڪي دوا،
مورو نائين ٿورو......... .[813]

فراڪي محاوري جي هن موري جي ٿلهہ ۾ "ناهين" بدران "نائين" "سهڻل" بدران "سوٽڻل"، "ڳايان" بدران "ڳاوان" "ڪوئٽہ" بدران "ڪوتي"، "منهنجو" بدران "مِينجو" جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن.

پهرئين بند ۾ "سسڻ" بدران "سوٽھو"، "ايندو" بدران "اِينو" "ڪوئٽہ" بدران "ڪوتي" جا لفظ استعمال ٿيل آهن.

ٻئي بند ۾ "مينهن" بدران "مِين"، "سهڻي" بدران "سوٽھي"، "ڏينهن" بدران "ڏِين" جا لفظ ڪم آندل آهن.

ٽئين بند ۾ "ٿڌي" بدران "ٿدي"، "مونکي" بدران "ماڪي" جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

ڏهس:

ڏهس بہ لوڪ ادب جي هڪ صنف آهي، جا سنڌي سگهڙ پائيءَ جو آڳاٽو ۽ نج نمونو آهي. لوڪ ادب جي اهائي هڪ صنف آهي جا مواد جي لحاظ کان بنهہ ٿوري، بلڪ نهايت قيمتي آهي، جيترو لفظي ذخيرو هن صنف مان ملي ٿو اوترو ٻي ڪنهن بہ صنف ۾ ملڻ مشڪل بلڪ ناممڪن آهي، انهيءَ ڪري لغوي خيال کان هي صنف لوڪ ادب جي جملي صنفن مان پهرين صف جي مُهڙ ٻيهڻ جي هرطرح لائق آهي.[814]

"ڏهس" اصل ۾ آهي "ڏَهہ+ س" ڏهہ سنسڪرت "دشن" آهي ۽ "س" نسبتي علامت آهي. يعني ڏهن واري (صنف). اصطلاح ۾ اها صنف جنهن ۾ هڪ اسم جا ڏهہ مختلف هم معنيٰ الفاظ آندل هجن، جن سان محبوب جي ڪنهن خوبي يا وصف کي پيش ڪيو ويو هجي يا محبوب بابت ڪا ڳالهہ چيل هجي.[815]

سبيءَ وارو خطو بہ هن صنف کان خالي نہ آهي، جنهن ۾ خطي جي ٻولين جو اثر گهڻو آهي. خاص طور فراڪي محاوري واري ڏهس ۾ بروهي ۽ بلوچيءَ جا لفظ گهڻا ڪم آندل معلوم ٿين ٿا، ڇوتہ اتي سنڌي زبان تي انهن ٻولين جو گهڻو اثر موجود آهي.

هت نموني طور جغدالي ۽ فراڪي محاوري جا ٻہ بند پيش ڪجن ٿا.

جغدالي محاورو:

ڪوهہ، پهاڙ، پربت، جبل، ائون، چپر، چاٽي،
روهہ، مش، ڏونگر، ٽڪر، ڏاري، ايندم، هاٽي.

هن بيت ۾ ڪوهہ، پهاڙ، پربت، جبل، چپر، چاٽي، روهہ، مش، ڏونگر ۽ ٽڪر جبلن جا نالا استعمال ڪيل آهن. "روهہ ۽ ڪوهہ" بلوچي ۽ "مش" بروهي زبان

---

813 مائي ايمنا سومري سبيءَ واري کان ورتل.

814 سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 178.

815 سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، 1986ع، ص 178 ۽ پڻ ڏسو سندس "ڏهس نامو"، اسلم پبليڪيشن، لاڙڪاڻو 1971ع، ص الف.

جا لفظ آهن. ان کان علاوه ”۽“ بدران ”ائون“ جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.

فراڪي محاورو:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اکون، | اکان، | تنجا، | واهه | هنينا، | نظر | عين | چشم، |
| خن | خماري، | نور | نماٽا، | چاهه | تنجا | نيڻ | چَم. |

اکين بابت چيل هن بيت ۾ اکون= اکيون (سنڌي) اکان= اکيان (سرائيڪي)، نظر (سنڌي)، عين (عربي)، چشم (فارسي)، خن (بروهي)، نور ۽ نيڻ (سنڌي) ۽ چم (بلوچي) لفظ ڪم آندل آهن.

ان کان علاوه ”تنهنجا“ يا ”تنهنجون“ بدران ”تنجا“ ۽ ”مِنيون“ بدران بروهي زبان جو لفظ ”هَنينا“ ڪم آندل آهي، ٿي سگهي ٿو ته هن جو جوڙيندڙ بروهين جي ڳوٺن جو وينل هجي، جنهن کي بروهي زبان جي ڄاڻ هجي.

سينگار:

لوڪ شاعريءَ ۾ سينگار جي صنف وڏي اهميت رکي ٿي، ڇاڪاڻ ته محبوب جي حسن و جمال، خط و خال جا باڪمال ۽ بي مثال جو بيان اهڙي ته سهڻي نازڪ ۽ نفيس نموني ڪيل آهي، جو شاعرن ۽ سگهڙن جي بلند خيالي ۽ ذهني ذوق جو پورو پورو پتو پوي ٿو.[816]

سينگار جا بيت جيڪي سنڌ جي شاعرن ۾ سگهڙن ڳايا آهن، سي دراصل هندي بيتن جو تتبع آهن، پوءِ جڏهن بيت عام ٿي ويا، تڏهن شاعرن پنهنجي ماحول جي جهري نظر سان ڏسي سهڻيون سهڻيون تشبيهون تلاش ڪري پنهنجي بيتن ۾ آنديون آهن.[817]

سينگار جي شاعريءَ ۾ محبوب جي حسن ۽ سينگار جو اڪثر ذڪر ڪيو ويچي ٿو جنهن ۾ سگهڙ يا شاعر ان جي حسن جون خوبيون مختلف رنگن ۽ لفظن ۾ پيش ڪري ٿو.

سبيءَ جو خطو به هن صنف کان خالي نه آهي، جتي جي سگهڙن هن صنف تي ڪجهه ڪم ڪيو آهي. هت فراڪي ۽ جغدالي محاورن جو هڪ هڪ سينگار پيش ڪجي ٿو جنهن جو مطالعو ڪرڻ سان محاورن تي خطي جي ٻولين جو اثر نظر اچي ٿو.

سيد چيزل شاهه جو سينگار:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| تنهنجي | سهڻي | | صنم | سينگار، |
| مون | کي | | مستان | ڪيو، |
| ترڪش | جو | | تکو | تيغ، |
| لنگهي | سيني | ۾ | پار | پيو...... |
| منهن | مهتاب | تي | سهڻي | صورت، |

---

[816] سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1986ع، ص 129 ۽ پڻ ڏسو سندس ”سنڌ جو سينگار“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1956ع، ص 9.

[817] سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1986ع، ص 129 ۽ پڻ ڏسو سندس ”سنڌ جو سينگار“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1956ع، ص 9.

سوين حوران سڪن پيون زيارت،
ڪيئي ملڪ مشتاق،
درسن ديدار ڪيو.........
قرب ڪمال تي رخ نوراني،
سر لولاڪ چٽ شهاني،
اهڙي صورت اظهار،
جوڙي جنسار ڪيو...........
”چيزل“ دم دم دود دکن ٿا،
سور سوين سر تي اچن ٿا،
ڪسي ٿي قربان،
ورهه ويران ڪيو..........[818]

جغدالي محاوري جي هن سينگار ۾ ”تير“ بدران ”تيغ“ بلوچي زبان جو لفظ استعمال ڪيل آهي. پهرئين بند ۾ ”حورون“ بدران ”حوران“ استعمال ڪيل آهي. آخري بند ۾ ”دونهون“ بدران ”دود“ بروهي زبان جو لفظ ڪم آندل آهي.

هدايت الله ترڪ:

هدايت الله 7 اپريل 1956ع تي محمد هاشم ترڪ پناڻ جي گهر منڊي تعلقي لهڙي ضلعي ڪڇي ۾ ڄائو. 1973ع ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين ۽ ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ڊادر ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. سنڌي شاعريءَ سان گڏ ڳائيندو به آهي. بروهي، بلوچي ۽ سرائيڪيءَ ۾ به شاعري ڪري ٿو. سندس شاعري فراڪي محاوري ۾ چيل آهي.

سينگار:

مست ڪري وئين پيار ڏيئي وئين،
ڪيڙي ڪيئي گفتار او يار،
پيار تنجي ۾ قابو ٿيو آن،
ڪيڙا ڪيئي سينگار او يار.[819]

سندس سينگار جي مٿين ٻن بندن کي پڙهڻ سان سندس فراڪي جهيلار ۽ لهجي جو پتو پوي ٿو. ويهن لفظن جي مٿين ٻن بندن ۾ اٽڪل ست لفظ فراڪي محاوري جا چيل آهن.

---

[818] فتح چند ڪارڙا، ”بحرالعميق“، چيزل شاهه جو رسالو فتح ڪلاٽ هائوس، جيڪب آباد، 1987ع، ص 175.
[819] فنڪار عمر شاد بروهيءَ کان ورتل.

پهرئين بند جي ٻي سٽ ۾ ”ڪهڙي“ بدران ”ڪيڙي“ ۽ ”ڳُيئہ“ بدران ”ڳيئي“ جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. ”ڪهڙي“ جي ”هہ“ حذف ڪري سرائيڪي وانگر ”ي“ استعمال ڪيل آهي.

ٻئي بند جي پهرين سٽ ۾ ”تنهنجي“ بدران ”تنجي“ ۽ ”آهيان“ بدران ”آن“ جا لفظ ڪم آندل آهن. جڏهن تہ ٻي سٽ ۾ ”ڪهڙا“ بدران ”ڪيڙا“ ۽ ساڳيو ”ڪيُئہ“ بدران ”ڪيئي“ جا لفظ استعمال ڪيل آهن.

# ببليوگرافي

سنڌي ڪتاب:


1. آڏواڻي، ڀيرومل، ”قديم سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1972ع.
2. آڏواڻي، ڀيرومل، ”سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1972ع.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1979ع.
4. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1977ع.
5. آڏواڻي، ڀيرومل، ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1985ع.
6. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”ادبي اوسر“، سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد، 1963ع.
7. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1974ع.
8. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر ”سنڌي صورتخطي“، سنڌي زبان پبليڪيشن، 1969ع.
9. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ”سنڌي صوتيات“، ادبيات پبليڪيشن، حيدرآباد، 1967ع.
10. آڏواڻي، ڪيولرام سلامتراءِ، ”گل شڪر“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1956ع.
11. اياز قادري، ڊاڪٽر ”سنڌي غزل جي اوسر“، پاڪوبيو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1984ع.
12. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ٻيلاين جا ٻول“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1973ع.
13. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سسئي پنهون“، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1976ع.
14. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1980ع.
15. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”لطيف سالگره“ مخزن (مرتب)، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1979ع.
16. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”جامع سنڌي لغات“، حصو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1960ع.
17. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر ”سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو“، مهراڻ جون موجون، پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي، 1964ع.
18. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”مداحون ۽ مناجاتون“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1959ع.
19. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”لوڪ گيت“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع.
20. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”ڳيچ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1963ع.
21. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي لوڪ ڪهاڻيون“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1960ع.
22. ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1978ع.
23. ٻوهيو الهداد، ڊاڪٽر، ”ادب جا فڪري محرڪ“، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، 1984ع.

24. پٺ، الهرکيو "سمات"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1984ع.
25. تاج صحرائي، "جيڪب آباد جي شناخت ڇتيرڻ جا ڏڻا"، مقالو حقيقت جو هار، مخزن سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1987ع.
26. تاج صحرائي، "شڪارپور هڪ تهذيب جو مرڪز"، مقالو شڪارپور، ماضي ۽ حال جشن شڪارپور، شڪارپور پبليڪيشن، شڪارپور، 1981ع.
27. ٽالپور، محمد جمن ڊاڪٽر، "سنڌ جا اسلامي درسگاهه"، هجره ڪاميٽي.
28. جتوئي، علي نواز حاجن خان، "علم السان سنڌي زبان"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1983ع.
29. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌيون"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1970ع.
30. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، مرتب "مقالا"، بين الاقوامي ادبي ڪانفرنس، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1988ع.
31. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي شاعريءَ تي فارسيءَ جو اثر"، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1980ع.
32. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر مرتب، "ڪينجهر"، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 1987ع.
33. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، سرهه ڪتاب گهر، حيدرآباد، 1973ع.
34. جوڻيجو محمد عالم، بيوس، تعارف "قدرت جون سائنسي ڪاريگريون"، بزم مولائي شيدائي، محمد پور اوڏو ضلعو جيڪب آباد، 1981ع.
35. جويو محمد ابراهيم، "الوحيد سنڌ آزاد نمبر"، اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد، ڇاپو ٻيو 1979ع.
36. جمالي، عبدالرزاق، مقالو "جيڪب آباد ۾ فن موسيقيءَ جي ارتقا"، حقيقت جو هار مخزن، سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1987ع.
37. جهمٽ مل ڀاوناڻي، پروفيسر "ڍولا مارو"، هندستان ساهتيه مالا، بمبئي، 1954ع.
38. چنڊ، محمد عمر، "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراڊايون"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1985ع.
39. جيٽلي، مرليڌر ڊاڪٽر، "پهاڪا چوڻيون ۽ محاورا"، ماهوار پيغام ڪراچي، جولاءِ آگسٽ، 1988ع.
40. چانڊيو مجيد، "بنگهاهي جهيڙو"، روزانه هلال ڪراچي، 6 نومبر 1983ع.
41. حڪيم، فتح محمد سيوهاڻي، "آفتاب ادب"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1974ع.
42. ڇبلاڻي، ايس بي، ڊاڪٽر، "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ترجمو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1958ع.
43. رحيم داد، مولائي شيدائي، "تاريخ تمدن سنڌ"، سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، 1959ع.
44. رحيم داد، مولائي شيدائي، "جنت السنڌ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع.
45. رحيم داد، مولائي شيدائي، "بلوچستان جي مختصر تاريخ"، بلوچ سيريز سکر، 1941ع.
46. رحيم داد، مولائي شيدائي، "تاريخ خاصخيلي"، حڪيم نورمحمد خاصخيلي، حيدرآباد، 1941ع.
47. رائيچند هريجن، "تاريخ ريگستان"، ڀاڱو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1977ع.

48. رامچند, ايس, ڪتري, ”شري هنگلاج جي ياترا“, اڇي قبر رامپارٽ روڊ, ڪراچي, 74_1973ع.
49. راشدي, علي محمد, ”اهي ڏينهن اهي شينهن“, جلد ٻيو سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1980ع.
50. رچرڊ برٽن, ”سنڌوماٿريءَ ۾ رهندڙ قومون“, ترجمو: سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1959ع.
51. سڏايو غلام نبي, ڊاڪٽر, ”جيڪب آباد قديم ۽ جديد“, مخزن سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد, 1984ع.
52. سڏايو غلام نبي, ڊاڪٽر, مقالو مخزن, ”حقيقت جو هار“, جيڪب آباد جي تاريخ تي هڪ نظر, سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد, 1987ع
53. سڏايو غلام نبي, ڊاڪٽر, ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“, ڪانياواڙ اسٽور, لاڙڪاڻو 1979ع.
54. سڏايو غلام نبي, ڊاڪٽر ”شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري“, پي. ايڇ. ڊي ٿيسز سنڌ يونيورسٽي, ڄام شورو 1988ع.
55. سيد جي. ايم, ”جنب گذاريم جن سين“, جلد ٻيو حيدرآباد, 1967ع.
56. سمون, الهه بچايو يارمحمد, ”سير ڪوهستان“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, ڇاپو پنجون, 1971ع.
57. سومرو عبدالخالق راز ڊاڪٽر, ”شڪارپور ماضي ۽ حال“, جشن شڪارپور پبليڪيشن ڪاميٽي, شڪارپور, 1984ع.
58. سيد جي ايم, ”سنڌي ڪلچر“, نئين سنڌ پبليڪيشن, ڪراچي, ڇاپو ٻيو 1974ع.
59. سراج ميمڻ, ”سنڌي ٻولي“, عظيم پبليڪيشن, حيدرآباد, 1964ع.
60. سيپيو محمد صالح, ”ڪلام محمود فقير ڪٽياڻ“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1959ع.
61. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر, ”تحقيق لغات سنڌي“, فردوس پرنٽنگ پريس, حيدرآباد, 1955ع.
62. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر, ”پهاڪن جي پاڙ“, پاڪستان پرنٽنگ پريس, لاڙڪاڻو ڇاپو ٻيو 1969ع.
63. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر ”وينجهار“, شاهه محمد عباسي, لاڙڪاڻو 1960ع.
64. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر, ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“, انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي, ڄام شورو 1986ع.
65. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر, ”ڏهس نامو“, اسلم پبليڪيشن, لاڙڪاڻو 1971ع.
66. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر, ”سنڌ جو سينگار“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1956ع.
67. سنديلو عبدالڪريم, ڊاڪٽر, ”اصطلاحن جي اصليت“, اسلم پبليڪيشن, نزد پاور هائوس, لاڙڪاڻو 1983ع.
68. شاهواڻي, محمد ابراهيم, ”شاهه جو رسالو“, آر. ايڇ احمد ائنڊ برادرز, حيدرآباد, 61_1960ع.
69. شيخ, واحد بخش, ”سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1986ع.
70. شيخ, محمد سومار, ”ڪچين جا قول“, ”سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, 1977ع.
71. صديقي, محمد ادريس, ”سنڌو ماٿر جي سڀيتا“, سنڌي ادبي بورڊ, حيدرآباد, ترجمو 1979ع.
72. صديقي, نذير احمد, پروفيسر, مقالو ”شڪارپور جو مختصر اقتصادي جائزو“, ”شڪارپور ماضي ۽ حال“, جشن شڪارپور پبليڪيشن

ڪاميٽي، شڪارپور، 1984ع.

73. علي ڪوفي، ”چچنامو“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1953ع.

74. عرساڻي، شمس الدين، ڊاڪٽر، ”سنڌي ادب جو تهذيبي ۽ تاريخي عمل جي روشنيءَ ۾ جائزو“، مقالو سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس، 1988ع.

75. عباسي، تنوير، ڊاڪٽر، ”نانڪ يوسف جو ڪلام“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1983ع.

76. علي شير قانع ٺٽوي، ”تحفتہ الڪرام“، مترجم مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1957ع.

77. مهر، غلام رسول، ”تاريخ سنڌ“، ڪلهوڙا دور، حصو ڇهون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ترجمو 1964ع.

78. غلام مصطفيٰ مشتاق، ”لاڙڪاڻي ضلعي جا زنده شاعر“ مقالو ”لاڙڪاڻو ساھ سيباڻو“، ميونسپل امپلائيز يونين، لاڙڪاڻو 1984ع.

79. فقير غلام سرور پهلوان فقير جو ڪلام ”دعوت العشق رند واهي“، جيڪب آباد، 1983ع.

80. فتح چند ڪارڙا، چيزل شاھ جو ڪلام، ”بحرالعميق“، فتح ڪلاٿ هائوس، جيڪب آباد، 1987ع.

81. قريشي، حامد علي خانائي، ڊاڪٽر، ”ڪلهوڙا دور جا نامور سپھ سالار“، سنڌ بهار، سنڌ اسٽيڊيز، حيدرآباد، 1983ع.

82. قريشي، عبدالرزاق، ”مشاهير جيڪب آباد“، شاهين بوڪ ڊيپو جيڪب آباد، 1973ع.

83. قاضي، علي اڪبر درازي، ”دولھ درازي“، سچل ڪوآپريٽو اڪيڊمي، خيرپور.

84. قاسمي، غلام مصطفيٰ، مهاڳ: ”لاڙجي لغات“، از: جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1975ع.

85. ڪريم بخش خالد، ”محمد صلعم“، هجره ڪاميٽي پبليڪيشن، ڪراچي، 1987ع.

86. گولو احمد خان مولوي، ”گلزار ڪاپاري“، مولوي قادربخش گولي جو رسالو سجاده نشين عاشق آباد، تعلقو جهٽ پٽ، بلوچستان.

87. گنگارام سمراٽ، ”سنڌو سويئر“، سهجپور بوگا، احمد آباد، ڀارت، 1979ع.

88. بدوي، لطف الله، ”تذڪره لطيفي“، جلد اول، آر. ايچ احمد برادرز، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1963ع.

89. بدوي، لطف الله، ”تذڪره لطيفي“، جلد ٻيو آر. ايچ احمد اينڊ برادرز، حيدرآباد، 57_1956ع.

90. بيگ، مرزا قليچ، ”احوال شاھ عبداللطيف ڀٽائي“، ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز حيدرآباد، 1972ع.

91. بيگ، مرزا قليچ، ”قديم سنڌ ان جا شهر ۽ ماڻهو“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1981ع.

92. مير محمد معصوم بکري، ”تاريخ معصومي“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1985ع.

93. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، ”سنڌي نثر جي تاريخ“، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1977ع.

94. مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ ”ياد رفتگان“، هالا نوان، 1953ع.

95. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، ”حقيقت جو هار“، مقالو سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1987ع.

96. بيگ، مرزا قليچ، ”سنڌي وياڪرڻ“، ڀاڱو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع.

97. بيگ، مرزا قليچ، ”سنڌي وياڪرڻ“، ڀاڱو ٻيو سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1971ع.
98. نظاماڻي، نورمحمد مولوي، ”تاريخ سنڌ“، ڀاڱو پهريون، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي.
99. ٺٽرمل لوڪومل، ”رڪيل شاهه جو رسالو“، ”بحرالعشق“، ڇاپو ٽيون، ٽيڪنيڪل پرنٽرز ڪراچي، 1933ع.
100. نظاماڻي، الهه بخش، ”سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ“، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1971ع.
101. هينري پاٽنجر، ترجمو ”سنڌ بلوچستان جو سير ۽ سفر“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1976ع.
102. نمڪين، يوسف ميرڪ، ”تاريخ مظهرشاهجهاني“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1979ع.

سنڌي رسالا ۽ اخبارون

1. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو موجوده مقام ان جو مستقبل ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ تجويزون“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 4_1984ع.
2. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، ”ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1_1986ع.
3. الانا، غلام علي ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻوليءَ جو مزاج“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 2_1979ع.
4. اوڏ، جيئل، ”اوڏ قوم، تاريخي پسمنظر ۽ رسم رواج“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 2_1_1982ع.
5. احمد خان مدهوش، ”ڪاڇو ڪيئن آهي“، ماهوار پيغام ڪراچي، آڪٽوبر_ نومبر 1986ع.
6. انصاري، الهجڙيو ”ٽالپرن جي ڏينهن ۾ سنڌ جو واپار“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد مارچ، 1986ع.
7. احمد علي شاهه، ”مولوي قادربخش گولو“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، آڪٽوبر_ نومبر 1984ع.
8. ابڙو نصرت حسين، ”ملهه ۽ ملاڪڙا“، ماهوار پيغام ڪراچي، جولاءِ_ آگسٽ 1988ع.
9. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”وضاحتي مراسلو“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 2_1959/1ع.
10. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”سنڌي ٻولي ان جو مستقبل ماضي ۽ حال“، صدارتي تقرير، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ڏهه سالا نمبر، 65_1955ع.
11. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”رسالي لاءِ جامع مستند متن لاءِ صورتخطي“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1986/4ع.
12. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ”شاهه جي بيتن ۽ واين ۾ وزن ۽ قافين جا معيار“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1986/3ع.
13. بروهي، داد محمد خادم، ”سنڌي صورتخطي ۽ ان جو لساني جائزو“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، جولاءِ 1984ع.
14. بروهي، داد محمد خادم، ”سنڌي ٻولي ۽ ان جا محاورا“، ماهوار پيغام ڪراچي، فيبروري 1988ع.
15. بروهي، داد محمد خادم ”سبي خطي جي فراڪي لهجي جو لساني جائزو“، مون گراف ايم اي سنڌي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1984ع.
16. بروهي، داد محمد خادم ”سبيءَ جي سنڌي ۽ سندس اهميت“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1981/3ع.
17. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر، ”ٻولي ۽ آواز“، ٽه ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد 1972/1ع.

18. پٺاڻ، رشيد، ”اروڙجا آديسي“، ماهوار پيغام، ڪراچي، نومبر 1981ع.
19. پٺاڻ، ممتاز ڊاڪٽر، ”سنڌ جي عظمت“، ماهوار نئين زندگي، ڪراچي، فيبروري 1971ع.
20. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، ”ڀاڪا چوڻيون ۽ محاورا“، ماهوار پيغام، ڪراچي، جولاءِ- آگسٽ 1988ع.
21. ج. ع. منگهاڻي، ”سنڌي الف ب جو سوال“، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، ميگزين ڊسمبر 1982ع.
22. جمعه، تيجاڻي، قلندر نمبر، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، 1975ع.
23. حافظ ارشد انيڙ ”عهد رسالت ۾ سنڌ جو ڏيهي واپار“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، نومبر- ڊسمبر 1983ع.
24. چنه، محبوب علي، پروفيسر، ”سنڌ جا قديم تختگاهه“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، جون- جولاءِ، 1970ع.
25. درمحمد ڪمال، ”سنڌ ۾ ملهه جي سرپرستي“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، ڊسمبر 1980ع.
26. سراج ميمڻ، ”سنڌي ٻوليءَ بابت ليڪچر“، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، ميگزين سيپٽمبر 1983ع.
27. شعبان بخت، ”شمس الدين بلبل“، ماهوار پيغام ڪراچي، آڪٽوبر- نومبر 1984ع.
28. شيخ، غلام حسين، ”استاد اميد علي خان“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، ڊسمبر 1981ع.
29. شيخ، امير بخش، ”صوفي چيزل شاهه جي شاعريءَ جو مطالعو“، ايم. اي سنڌي مونوگراف، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور، سال 1989ع.
30. رحيمداد، مولائي شيدائي، ”شاهه جا گندرا“، ته ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1962/3ع.
31. عطا محمد حامي، ڊاڪٽر، ”خيرپور جا ڪهيري“، ماهوار پيغام، ڪراچي، ڊسمبر، 1980ع.
32. بروهي، علي احمد، ”سنڌ سنڌي ۽ سنڌالاجي“، روزانه هلال پاڪستان، 29 ڊسمبر 1987ع.
33. طاهرزاده، ولي محمد، ”مرڻي ۽ پرڻي جون رسمون“، ته ماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1967/2ع.
34. ڪريم بخش خالد، ”سکر سونهارو“، ماهوار پيغام، ڪراچي، فيبروري- مارچ 1982ع.
35. بگٽي، قربان علي، ”مير چاڪر خان رند“، ماهوار نئين زندگي، حيدرآباد، مارچ 1982ع.
36. لاشاري، رشيد احمد، ”سرائيڪي زبان“، ماهوار پيغام، ڪراچي، نومبر، 1971ع.
37. ميمڻ، بشير احمد، ”رشيد احمد لاشاري“، روزانه عبرت، اپريل 1987ع.
38. ميمڻ، عبدالغفور سنڌي ڊاڪٽر، ”نثري ادب“، ماهوار پيغام، ڪراچي، نومبر- ڊسمبر 1988ع.

انگريزي ڪتاب رسالا ۽ اخبارون

1. ”بلوچستان ٿُروُ دي ايجز“ (گزيٽيئر)، 1901ع.
2. وي اي سمٿ، اَرلي هسٽري آف انڊيا، آڪسفورڊ، 1914ع.
3. احمد يارخان بلوچ، ”انسائيڊ بلوچستان“، آٽن آٽوباءِ گرافي، رايل بوڪ ڪمپني، ڪراچي، 1975ع.
4. پِٿاوالا، ”دي رِوَر انڊَس“، بيسَن ڪراچي، 1936ع.

5. ”امپريئل گزيٽيئر آف انڊيا“، بلوچستان سيريز، اورنٽيئل پبلشرز، لاهور، 1976ع.
6. سر جان مارشل، ”موهن جو دڙو اينڊس سولائيزيشن“، لنڊن، واليوم 3_1931/1ع.
7. اي. جي. ايڇ مشڪي، ”فردر ايگزيڪيوئيشنز ايٽ موهن جو دڙو“، دهلي، 1938ع.
8. هارگيُوز ايڇ، ”ايگزيڪيوئيشنز اِن بلوچستان“، ايم اي ايس آءِ 35 دهلي، 1927ع.
9. اسٽيسن، سر اي، ”ائن اِنٽروڊڪشن ٽُوئر اِن وزيرستان ائنڊ بلوچستان“، ايم اي ايس آءِ 37، دهلي، 1929ع.
10. ايس جوليئن، ”هوئِن ٽُسانگ“ پيرس، 1957/1ع.
11. ”انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا“، واليوم 7، انسائيڪلوپيڊيا برٽينڪيا، لميٽيڊ لنڊن، 1960ع.
12. هيگ ايم. آر ”انڊس ڊيلٽا ڪَنٽري“، ڪيگان پائول، لنڊن، 1894ع.
13. ريپسن، اي. جي، ”دِي ڪئمبريج هسٽري آف انڊيا“، چاند اينڊ ڪو فائونڊيشن، دهلي، 1950ع.
14. ”ڊسٽرڪٽ سينس رپورٽ مڪران اينڊ خاران“، بامبي، 1907ع.
15. جي ٽاڊ، دي ائينلس ائنڊ ائينٽيڪئٽِيز آف راجستان، ڪلڪتا، 1894ع.
16. ايم. ايل ڊيمز ”پاپولر پوئٽري آف بلوچ“، ”دي ٽرٽي پيرس وار“ لنڊن، 1907ع.
17. اي ڊبليو هيوجس، ”بلوچستان“، لنڊن، 1977ع.
18. قليچ بيگ فريدون بيگ، ”هسٽري آف سنڌ“، دي چچنامہ ڪراچي، واليوم_2، 1900ع.
19. ڊسٽرڪٽ سينس رپورٽ آف مڪران ڊسٽرڪٽ، 1961ع.
20. هولڊچ، ”دي جتس آف انڊيا“، اي هستاريڪل نيريٽو لنڊن، 1910ع.
21. سجرڊ ويسٽ پال هيلبش، ”دي جت آف پاڪستان“، ڊنڪر، ائنڊ هيمبلاٽ برلن، 1964ع.
22. ايڇ. ٽي سورلي، ”شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ“ همفري ملفورڊ، لنڊن، 1940ع.
23. سدا رنگاني، ايڇ آءِ، ”پرشن پوئٽس آف سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1966ع.
24. جي ايبٽ، ”سنڌ اي انٽروڊڪشن آف دي وَيلي سُومراز“، ڪراچي، 1907ع.
25. گِشڪوري عطامحمد، ”سيوي“، ميگزين ڊگري ڪاليج، سبي، 1975/76ع.
26. سينسس رپورٽ آف پاڪستان، 1961ع پاپوليشن باءِ مڌرٽنگ واليوم_16_4.
27. ”ڊسٽرڪٽ سينس رپورٽ آف سبي“، 1961ع.
28. خان ايف، اي رپورٽ آف دي ڊپارٽمينٽ آف آرڪيالاجي، دي ڊيلي ڊان ڪراچي، پاڪستان ڊي ايڊيشن، 23 مارچ 1959ع.
29. ايڇ. ٽي. ليمبرڪ، ”سنڌ جنرل انٽروڊڪشن“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1964ع.
30. ايڊجر، ايڇ اسٽر ٽوينٽ، ”ائن انٽروڊڪشن ٽو لنگوسٽڪ سائنس“، نيو هيونيبل يونيورسٽي پيرس، 1947ع.
31. ”بي بلاغ ائينڊ ٽريگر اَئن آئوٽ لائين آف لنگوسٽڪ اينلائيسز“، لنگوسٽڪ سوسائٽي آف آمريڪا، 1942ع.

32. رولف لنٽن، ”دي ٽري آف ڪلچر“، (فرسٽ ايڊيشن) نيويارڪ الفريڊ اي نوف 1955ع.
33. نيلسن، فرينسس ڊبليو ”انگلش لينگيوئيج“، ائن انٽروڊڪشن ائنڊ بئيڪ گرائونڊ آف رائيٽنگ، 1965ع.
34. ”انسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا“، انسائيڪلوبرٽينيڪا ڪارپوريشن، لنڊن (چيپٽر آن لينگيوئيج)، 1961ع.
35. وليم لابرو ”دي سوشل سيٽنگ آف لينگيوئسٽڪ چينج“، سوشيو لنگيوئيسٽڪ پيٽرنس فلاڊيفيا، 1972ع.
36. اوٽو جيسپرسن، ”مئين ڪائينڊ نيشن اينڊ انڊويوڊيئل فرام اي لينگيوئيسٽڪ پوائنٽ آف وِيو“، انڊيانا يونيورسٽي پريس، بِلومنگٽن، 1946ع.
37. ايف. ڊي. ساسر، ”ڪورس اِن جيوئل لنگيوئيسٽڪس“، انگلش ٽرين پيٽراون لميٽيڊ لنڊن، 1940ع.
38. ايچ آر. رابنس، ”جنرل لنگيوئيسٽڪس“، لانگ مئنس، لنڊن، 1964ع.
39. سيميئن، پوٽر، ”لينگيوئيج ان دي ماڊرن ورلڊ“ هيزل واٽسن لميٽيڊ، 1960ع.
40. رُٿ نودا ائينڊ اينشن، ”لينگيوئيج“ هارڪورٽ پريس، نيويارڪ، 1957ع.
41. الفريڊڪوهن ”دي اسٽڊي آف سوسائٽي“، سوشل سائنس ٽيوسٽاڪ پبليڪيشن، لنڊن، 1966ع.
42. سپر ايڊورڊ ”لينگيوئيج“ هارڪورٽ پريس، لنڊن، 1961ع.
43. بلوُم فيلڊ، ”لينگيوئيج“ جارج ايلن ائينڊ انوِن لنڊن، 1961ع.
44. شِپلي جي. ٽي. ايڊيٽر، ”دي ڊڪشنري آف ورلڊ لٽريري ٽرمس“، جارج ايلن ائينڊ انون لنڊن، 1955ع.
45. اوگن، پيئرسل سمٿ، ”وردس ائينڊ ايڊيم“، ڪنسٽيبل، ائنڊڪو لميٽيڊ، لنڊن، 1928ع.
46. جوسف. آرڪيلر، ”لنگيوسٽڪ ٿيوري ائنڊ دي اسٽيڊي آف انگلش“، برگرس پبليڪيشن ڪمپني، 1963ع.
47. مِڪ، ڊيوڊ ڪرسٽل، ”واٽ از لنگوسٽڪ“، ايڊورڊ ارنالڊ، باٿ، 1964ع.
48. رابرٽ، اي هيل، ”انٽروڊڪٽري لنگوسٽڪ“ چلٽن، بوڪ فلاڊيفيا، نيويارڪ، 1964ع.
49. جونزڊي، ”ائن آئوٽ دئين آف انگلش فونيٽڪس“، ڊبليو هيفر ائنڊ سنز لميٽيڊ، 1960ع.
50. هاڪيٽ، سي ايف، ”اي ڪورس اِن ماڊرن لنگوسٽڪ“، ميڪملن ائينڊڪو نيويارڪ، 1940ع.
51. هيري، فليڪچر اسڪاٽ، ”لنگيوئيج ائنڊ اِٽس گروٿ“، اسڪاٽ فوريمئن ائنڊڪو شڪاگو، 1921ع.
52. جونز ڊي، ”آئِن انگلش پرونائوسنگ ڊڪشنري“، ڊينٽ لنڊن، 1956ع.
53. ٽرمف اي، ”دي گرامر آف سنڌي لنگيوئيج“، ايف اي بروڪلينس ليپزگ، 1972ع.
54. گريئرسن، جي آر اي ايس ويچرنجل جي، الٿينڊ چي ”گراميٽڪ“ واليوم-1، 1904ع.
55. ڊينس بري، ”دي براهوئي لينگيوئيج“، ڪلڪتا، 1909ع.
56. مير، احمد يار خان، ”انسائيڊ بلوچستان“، رايل بوڪ ايجنسي، ڪراچي، 1975ع.
57. گريئرسن، جي اي، ”لنگوسٽڪ سروي آف انڊيا“، ڪلڪتا، واليوم-1، 1927ع.

58. ويلبر فورس ايچ بيل، "دي هسٽري آف ڪاٺياواڙ"، وليم هينيمين لنڊن، 1966ع.
59. ٿڌاڻي، ٽي ايس، "دي لوهاڻاز"، آرٽيڪل سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، ڪراچي، 3 جنوري 1948ع.
60. ورڊ سي، "دي فونيٽڪس آف انگلش"، ڊبليو هيفر ائنڊ سنز ڪيمبريج، انگلينڊ، 1962ع.

اردو ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون

1. انور رومان، پروفيسر، مترجم: "بلوچستان ڪي قبائل"، گزيٽيئر، جلد اول، بينظير انٽرپرائيزز، ڪوئيٽا، 87-1986ع.
2. اعجاز الحق قدوسي، "تاريخ سنڌ"، جلد ٻيو مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1974ع.
3. انعام الحق ڪوثر، ڊاڪٽر، "تذڪره صوفيائي بلوچستان"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1976ع.
4. انعام الحق ڪوثر، "نبي ڪريم صلعم ڪا ذڪر مبارڪ بلوچستان ۾"، اسلام پبليڪيشن، لاهور، 1983ع
5. ابو حنيفه احمد بن دائود الدينوري، "اخبار الوطن"، اردو ترجمو مرزا محمد منور ايم اي مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، بار اول، 1966ع.
6. آفاق صديقي، "گوهر لطيف"، سنڌ اطلاعات محڪمو ڪراچي، 1956ع.
7. ابوالجلال ندوي، مولانا، "قديم سنڌي مهرون"، ماهوار سائنس ڊائيجسٽ، ڪراچي، مارچ 1985ع.
8. اصطخري، "المسالڪ والمسالڪ"، اردو ترجمو "هندوستان عربون ڪي نظر ۾"، جلد اول، اعظم ڳڙهه دارالمصنفين، 1960ع.
9. بروهي، داد محمد خادم، "جيڪب آباد ڪي قديم تاريخي عمارات و نوادرات" مخزن جيڪب آباد قديم ۽ جديد سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو، جيڪب آباد، 1984ع.
10. بشير احمد وارثي، "تذڪره مگسي معه تاريخ"، مدير اعليٰ رهبر سنڌ، رتوديرو 1957ع.
11. براهوئي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، "براهوئي نامه"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1978ع.
12. براهوئي، عبدالرحمان، ڊاڪٽر، "براهوئي زبان و ادب ڪي مختصر تاريخ"، مرڪزي اردو بورڊ، لاهور، 1982ع.
13. بشير احمد بهار، "مير جعفر خان جمالي"، سيد گل مخزن ڊگري ڪاليج، اوستہ محمد، بلوچستان، 86-1985ع.
14. چوڌري محمد سليم، "معاشرتي علوم"، جماعت چارم بلوچستان، ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڪوئيٽا، 82-1981ع.
15. چانڊيو غوث بخش، "سبي ڪي آثار قديمه"، مخزن "سيوي"، ڊگري ڪاليج، سبي، بلوچستان، 76-1975ع.
16. ڊينس برِي، ڊاڪٽر، براهوئي رسوم، مترجم ڪامل القادري نِسا ٽريڊرس ڪوئيٽا، 1984ع.
17. ڏاهري، عصمت، "رشيد لاشاري"، مخزن پيغام محبت، سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1988ع.
18. سڏايو غلام مرتضيٰ، "آزادي صحافت ڪي چند علمبردار"، جيڪب آباد ۽ وقت جون ويرون مخزن، سنڌ هارس ائنڊ ڪيٽل شو جيڪب آباد، 1985ع.
19. سيد فياض محمود، "تاريخ ادبيات مسلمانان پاڪ و هند"، جلد تيرهون، پنجاب يونيورسٽي لاهور، 1971ع.
20. سلطان محمد صابر، "ثقافت اور ادب وادي بولان ۾"، بزم ثقافت، ڪوئيٽا، 1977ع.

21. عبدالرحمان غور، ”صوفي رڪيل شاهہ“، ماهوار نمبر معلم، ڪوئيٽا، 1957ع.
22. عبدالغفور درشن، ”لاهوت لامڪان“، لوڪ ورثہ اسلام آباد، 1985ع.
23. غوث بخش فراقي، ”جستجوءِ قلندر“، شهباز روڊ، سيوهڻ، 1974ع.
24. ڪامل القادري، مترجم، ”بلوچ قبائل“، ايم لانگ ورٿ ڊيمز نِسا ٽريڊرز، ڪوئيٽا، 1983ع.
25. رحيمداد، مولائي شيدائي، ”تاريخ قلات“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1983ع.
26. شرف الدين اصلاحي، ڊاڪٽر، ”اردو اور سنڌي ڪي لساني روابط“، نيشنل بوڪ فائونڊيشن، لاهور، 1976ع.
27. عبدالمنان، مولانا، ”قصص الانبياءَ“، فريد پبليڪيشن، ڪراچي، سال ؟
28. عبدالحق مولوي ڊاڪٽر، ”اردو صرف و نحو“، اردو اڪيڊمي، ڪراچي، ڇاپو ٻيو جولاءِ 1969ع.
29. گل خان نصير، ”بلوچستان ڪي ڪهاني شاعرون ڪي زباني“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1976ع.
30. گل خان نصير، ”تاريخ بلوچستان“، اقبال استيشنري مارٽ، ڪوئيٽا، 1953ع.
31. لالا هيتورام، ”تاريخ بلوچستان“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1973ع.
32. ملڪ محمد سعيد، ”بلوچستان ما قبل تاريخ“، بلوچي اڪيڊمي، ڪوئيٽا، 1971ع.
33. ندوي ابوظفر، ”تاريخ گجرات“، ندوته المصنفين، دهلي، 1958ع.
34. يوري گنگو فسڪي، ”پاڪستان ڪي قوميتين“، ترجمو مرزا اشفاق احمد خان، دارالاشاعت، ماسڪو، 1974ع.

رسالا ۽ اخبارون

35. جمناداس اختر، ”قديم سنڌ اور اسڪي روابط“، روزانہ جنگ، ڪراچي، مڊويڪ ميگزين، آگسٽ 1987ع.
36. چوڌري عبدالستار ”يہ بلوچستان هي“، بلوچستان نمبر، هفتہ روزه صحافت لاهور، فيبروري- مارچ 1978ع.
37. خليل محمد حسن شاهہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ماهنامہ پيغام، ڪراچي، جون 1982ع.
38. سعيدالدين طارق، ”سبي تاريخ ڪي آئيني ۾“، مخزن سيوي ڊگري ڪاليج، سبي، 84-1983ع.
39. عثمان حسن، ”مهرڳڙهہ پاڪستان آثار قديمہ نيا باب“، ماهوار زينہ ڪوئيٽا، جنوري- فيبروري، 1989ع.
40. عبدالرحمان غور، ”جهان مَين بيٺا هون“، ماهوار بلوچي دنيا، ملتان، ڊسمبر 1980ع.
41. عبدالرزاق لاسي، ”تاريخ ڪراچي“، ماهوار بلوچي دنيا، ملتان، ڊسمبر 1980ع.
42. عبدالعزيز فاروق، ”واديِ بولان ۾ سات هزار سال ق. م ڪي آثار ڪي دريافت“، هفتہ روزه ايلم مستونگ، بلوچستان، نواب غوث بخش رئيساڻي شهيد ايڊيشن، 26 ڊسمبر 1987ع
43. عليزئي محمد يعقوب، ”بلوچستان ۾ سنڌي زبان و ادب“، هفتہ روزه ايلم مستونگ، بلوچستان، 3 آڪٽوبر 1987ع
44. مير چاڪر خان رند، ”ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ“، ماهوار بلوچي دنيا، ملتان، فيبروري 1981ع.
45. نذير احمد شاهہ، ”سبي تاريخ ڪي آئيني ۾“، ماهوار زينہ ڪوئيٽا، جنوري- فيبروري 1989ع.

بلوچي ڪتاب ۽ رسالا

46. عبدالخالق بلوچ، ”سيوي ۽ ميڙهہ“، ماهوار اولس، ڪوئيٽا، آگسٽ 1988ع.
47. حماداللہ بگٽي ”پهلوان فقير“، ماهوار اولس، ڪوئيٽا، آگسٽ 1988ع.
48. عزيز اللہ عزيز بروهي، ”شاهہ ڀٽائي ۽ بلوچاني مهرءَ حب“، ماهوار اولس، ڪوئيٽا، جون- جولاءِ 1985ع.
49. زبيراڻي پيرمحمد، ”بولان نامہ“ بلوچي اڪيڊمي ڪوئيٽا، 1967ع.
50. ميرگل خان نصير، ”چي شاهہ لطيف بلوچي ات“، ماهوار اولس، ڪوئيٽا، نومبر- ڊسمبر 1984ع.

فارسي ڪتاب:

1. خداداد خان، ”لب تاريخ سنڌ“، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1959ع.
2. سيد محمد بن سيد جلال ٺٽوي، ”ترخان نامہ“، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع.

براهوئي ڪتاب ۽ رسالا وغيره

1. مهر دل پروانہ، ”براهوئي زبان نا لوڪ ادب“، هفتروزه ايلم مستونگ، بلوچستان، 3 فيبروري 1989ع

سرائيڪي ڪتاب:

1. بشير احمد ظامي، ”عهد هاءِ قديم ۾ زبان دي ارتقا“، مرڪزي سرائيڪي ادب تي زبان، ملتان، 1970ع.
2. عبدالمجيد عتيق فڪري، ”العتيق العتيق“، سرائيڪي ادبي مجلس، ملتان، 1971ع.

پنجابي رسالا:

1. سعيد ڪريم، ”املاتي پنجابي قائده“، نمبر ماهوار ’لهران‘، لاهور، سيپٽمبر- آڪٽوبر 1987ع.
2. ميان محمد سعيد، ”سوڪي پنجابي لپي“، ماهوار لهران، لهور، اپريل 1989ع.